# تذڪره مشاهير سنڌ

## (جلد ٽيون)

مولانا دين محمد وفائي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# تذڪره مشاهير سنڌ

(جلد ٽيون)

تاليف

**مولانا دين محمد وفائي**

**سنڌي ادبي بورڊ**

جام شورو، سنڌ

2021ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون سال 1986ع

ڇاپو ڇهون مارچ 2021ع

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: ٽي سؤ رپيا

(Price. Rs: 300_00)

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022_2633679, Fax: 022_9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

---

هيءُ ڪتاب سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شوري ۾ مئنيجر خضر خان وگهڻي ڇپيو ۽ سيد سڪندر علي شاھ، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ ڌرتي آڳاٽي دؤر کان ئي علم و ادب جو مرڪز رهندي پئي اچي ۽ هِن ڌرتيءَ تي ڪيترن ئي ناليوارن عالمن، محدثن، مفسرن، مؤرخن ۽ شاعرن جنم وٺي علم ۽ ادب کي جوت بخشي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي جهولي کي سائو ڪري امر بڻايو آهي. سنڌ جي اهڙين مانائتين هَستين جي سوانح حيات ۽ سندن ڪرامتن ۽ علمي ادبي خدمتن جو مفصل احوال سنڌ جي معروف عالم مولانا دين محمد وفائي ڪتاب ”تذڪره مشاهير سنڌ“ ۾ قلمبند ڪيو، جيڪو ٽن جلدن تي مشتمل آهي ۽ هيءُ ان جو ٽيون جلد اوهان جي هٿن ۾ آهي، جنهن ۾ سنڌ جي هڪ سؤ اوڻونجاهه اوليائن، عالمن ۽ شاعرن جو احوال لکيل آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي اِها شروع کان ئي ڪوشش رهي آهي تہ، سنڌ جي تاريخ سان گڏوگڏ سنڌ جي ڏاهن، عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي احوال تي مشتمل تحقيقي ڪتاب اداري طرفان شايع ڪرائي منظرعام تي آڻجن. هن ڪتاب جي اهميت کي

مدنظر رکندي، بورڊ طرفان ان جو پهريون ڇاپو سال 1985ع ۾ شايع ڪيو ويو، جنهن پڙهندڙن وٽ سٺي مڃتا ماڻي.

موجوده وقت ۾ بورڊ جي مانواري چيئرمين عزتمآب مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' صاحب جن جي خاص دلچسپيءَ تحت اداري طرفان نون ڪتابن جي اشاعت سان گڏوگڏ پڙهندڙن طرفان گهر ٿيندڙ ريپرنٽ ڪتاب به شايع ٿي رهيا آهن. پاڻ علمي ۽ ادبي گهراڻي سان وابسته هئڻ سبب، بورڊ طرفان نوان ۽ ريپرنٽ ڪتاب شايع ڪري منظرعام تي آڻڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشان آهن.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان هِن ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ" (جلد ٽيون) جو ٻيو ڇاپو آءٌ بورڊ جي مانواري چيئرمين جناب مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' صاحب جن جي رهنمائيءَ ۾ بورڊ طرفان شايع ڪري خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان.

اميد آهي ته، اسان جي اداري جي هيءَ ڪاوش پڙهندڙن وٽ مڃتا ماڻيندي.

10- شعبان المعظم 1442هه — سيد سڪندر علي شاهه
25- مارچ 2021ع — سيڪريٽري

# فهرست


| نمبر | اسماءُ الرجال | صفحو |
|---|---|---|
| | (الف) | |
| 1. | اسماعيل (مخدوم ) پريان لويءُ | 15 |
| 2. | ابوالحسن (شيخ) ڪبير سنڌي مدني | 19 |
| 3. | ابوالعباس دائودي | 42 |
| 4. | ابن الاعرابي سنڌي | 43 |
| 5. | اُليو (شيخ) ٺٽوي | 52 |
| 6. | آجر (درويش) ٺٽوي | 64 |
| 7. | اسماعيل (شاهہ) صوفي ٺٽوي | 82 |
| 8. | آدم (مخدوم) نقشبندي | 96 |
| 9. | اشرف (مخدوم) ٺٽوي | 100 |
| 10. | ابو طالب (حاجي) آگهمي | 123 |
| 11. | الياس (درويش) لواري | 127 |
| 12. | ابراهيم(مخدوم) نقشبندي لاهري | 145 |
| 13. | ابوبڪر(ميان) لاهري ٺٽوي | 146 |
| 14. | ابراهيم خليل (مخدوم) پٽي هالائي | 178 |
| 15. | ابراهيم ديبلي | 229 |
| 16. | احمد ديبلي | 229 |
| 17. | احمد منصوري | 230 |
| 18. | ابراهيم (حافظ) ٺٽوي | 254 |
| 19. | ابوالخير (مخدوم) ٺٽوي | 255 |

( ب )

20. بزرگ (مير) بکري ........................ 70

( پ )

21. پريو (شيخ) ڪوهه گنجي ........................ 23
22. پير محمد(مولانا) هالائي ........................ 144

( ٿ )

23. ٿارو (آخوند) بديڻي ........................ 291

( ج )

24. جلال(سيد) ........................ 51
25. جلال (ملا) ٺٽوي ........................ 159
26. جان محمد(درويش) چورنگائي ........................ 249
27. جلال الدين (قاضي) سنڌي ........................ 274
28. جلال (شيخ) حجام سنڌي ........................ 275
29. جهان (مخدوم) سنڌي ........................ 275
30. جلال محمد(مخدوم) ڪڪرالوي ........................ 152

( ح )

31. حماد (شيخ) جماليساموئي ........................ 26
32. حبيب الله سنڌي نوشهرائي ........................ 42
33. حسين شاهه(سيد) شيرازي ٺٽوي ........................ 47
34. حسين (شيخ) صفائي ٺٽوي ........................ 53
35. حيدر ڪلوج پاٽائي ........................ 60
36. حسين (شيخ) سنڌي سيوستاني ........................ 226
37. حبيب (سيد) متعلوي ........................ 255
38. حافظ عبدالله درازائي ........................ 265

39. حيدر حقاني (سيد) بڪري ........................ 286

( ڏ )

40. ڏتو (قاضي) سيوستاني ........................ 44

( ر )

41. راڄو (درويش) رائڏٺي ........................ 24
42. رڪن الدين (مخدوم) ٺٽوي ........................ 45
43. رحمت الله (شيخ) ٺٽوي ........................ 78
44. رشيدالدين (پير) صاحب العلم الثالث ........................ 194
45. ربيع بن صبيح (محدث) سنڌي ........................ 228

( س )

46. سلطان علي خان ٽالپر حيدرآبادي ........................ 75
47. سرفراز ٺٽوي ........................ 90
48. سڌاتوريو (شيخ) لواري ........................ 129
49. سچيڏنو (فقير) درازائي ........................ 203

( ش )

50. شعيب (شيخ) ڪڇي ........................ 126
51. شاھ حسن (مرزا) ارغون ........................ 169
52. شفيع محمد (قاضي) پاٽائي ........................ 180
53. شڪرالله (قاضي) شيرازي ٺٽوي ........................ 221

( ص )

54. صدرالدين (مخدوم) فراش ........................ 35
55. صادق (مولوي محمد) ٺٽوي ........................ 86
56. صادق (مخدوم محمد) ٺٽوي ........................ 86
57. صادق (ميان محمد) ٺٽوي ........................ 89

58. صدرالدين (سيد) بکري ........................ 227
59. صابر (درويش) ولهاري ........................ 236

(ض)

60. ضياءُ الدين (سيد) ٺٽوي ........................ 62
61. ضياءُ الدين (مخدوم) ٺٽوي ........................ 95

(ع)

62. عيسيٰ (شيخ) ساموئي ........................ 25
63. عثمان (شاهه) فراش ........................ 33
64. عبدالرحيم (قاضي) شڪارپوري ........................ 38
65. عبدالنبي (قاضي) شڪارپوري ........................ 39
66. عبدالرحمان (ميرڪ) ٺٽوي ........................ 46
67. علي ثاني (سيد) ٺٽوي ........................ 54
68. عبدالرحيم (ميون ) ڪوٽ عالمو ........................ 59
69. عزت الله (شيخ) ٺٽوي ........................ 77
70. عبدالعلي سنڌي ........................ 81
71. عبداللطيف شاهه صوفي ٺٽوي ........................ 83
72. عبداللطيف (حاجي ) لواري ........................ 104
73. عبدالسلام (مولانا) جوڻ ........................ 105
74. عبداللطيف (شيخ) لواري ........................ 122
75. عيسيٰ (درويش) دستي لواري ........................ 128
76. عبدالرحيم (فقير) گرهوڙي ........................ 131
77. عظيم الدين (سيد) ٺٽوي ........................ 146
78. عبدالباقي متعلوي ........................ 152
79. عبدالسبحان (شيخ) ٺٽوي ........................ 156

80. عطاءُ الله (مولوي) فيروزشاهي........................ 174
81. عطا محمد (مرزا) شڪارپوري........................ 186
82. علي گوهر (پير سيد) راشدي........................ 191
83. عبدالله(مخدوم) فيروز شاهي........................ 198
84. عبدالمجيد فيروزشاهي........................ 199
85. عزيزالله (مولوي) متعلوي........................ 214
86. عمر بن عبدالعزيز هباري منصوري........................ 231
87. عبدالله بن عمر هباري منصوري........................ 232
88. عمر بن عبدالله هباري منصوري........................ 234
89. عبدالحق (خواجه) درازائي........................ 257
90. عبدالله (ميان) روحاني حڪيم لاڙائي........................ 261
91. عبداللطيف شاھ (سيد) پٽائي........................ 266
92. عثمان (قاضي) سنڌي........................ 275
93. عيسيٰ (شيخ) سنڌي برهانپوري........................ 276
94. عبدالستار (شيخ) برهانپوري سنڌي........................ 285
95. عبدالرحمان (مخدوم) ٺٽوي........................ 289
96. عبداللطيف (مخدوم) ٺٽوي........................ 290

( غ )

97. غلام علي مداح ٺٽوي........................ 166
98. غلام شاھ (ميان) پيرزادو لاڙائي........................ 252

( ف )

99. فقير الله (حاجي) علوي شڪارپوري........................ 90

( ق )

100. قادر بخش (مولوي) بيدل روهڙي........................ 208

101. قطب علي شاهه(سيد) حيدرآبادي ............................ 267

( گ )

102. گل محمد (خواجه) لواري ............................ 112

( ل )

103. لطف علي (سيد) ٺٽوي ............................ 80

( م )

104. محمد صديق (مولوي) نورنگ پوٽو ............................ 36
105. محمود (قاضي) علامه ٺٽوي ............................ 41
106. محمود (مخدوم) فخرپوٽو ڪاهاني ............................ 43
107. ميران (مخدوم) ٺٽوي ............................ 45
108. منصور(سيد) بن سيد حسين ٺٽوي ............................ 51
109. محمد صالح (مرزا) ٺٽوي ............................ 65
110. محمد ڪريم (آقا) اصفهاني ٺٽوي ............................ 66
111. محمد مير عدل (سيد) بکري ............................ 67
112. محمد حيات (شيخ) سنڌي ............................ 72
113. محمد محفوظ (شيخ) ٺٽوي ............................ 78
114. مسعود (شاهه) ولهاري ٺٽوي ............................ 84
115. محمد ميان (شيخ) بکري ............................ 85
116. محمد (شيخ ابوالمساڪين) ٺٽوي ............................ 101
117. محمد زمان اول(خواجه) لواري ............................ 106
118. محمد زمان ثاني (خواجه) لواري ............................ 115
119. محمد صالح (شيخ) ڳهڙائي ............................ 125
120. محمد علي (مجذوب) عمرڪوٽي ............................ 141
121. محمد مجذوب بياباني ............................ 142

122. مومن (درويش) حيدرآبادي........................ 143
123. محمود (مجذوب) هالائي........................ 143
124. محمد زمان (سيد) رضوي نصرپوري........................ 151
125. محمد روشن ٺٽوي........................ 153
126. محمد حسين شوقي ٺٽوي........................ 154
127. محمد مقيم شاعر ٺٽوي........................ 155
128. محمد شفيع (مير) رضوي ٺٽوي........................ 157
129. مسعود (شيخ) سنڌي........................ 160
130. محمد حسين (قاضي) ٺٽوي........................ 160
131. محمد محسن شاعر ٺٽوي........................ 162
132. محمد علي طالب بکري........................ 200
133. محمد (سيد) مڪي بکري........................ 215
134. محمد يعقوب خان (سيد) رضوي روهڙي........................ 218
135. محمد بزرگ (سيد) ٺٽوي........................ 220
136. محمد عابد (شيخ) سنڌي مدني........................ 223
137. محمد بن ابي الشوارب منصوري........................ 230
138. محمد امين (مخدوم) ڏاسوڙي........................ 235
139. محمد حسن (خواجه) لواري رحه ........................ 241
140. محمد مقيم (مخدوم) پيلائي........................ 245
141. محمد (ميان) حافظ فاروقي درازائي........................ 256
142. محمد سعيد (خواجه) لواري........................ 270
143. موسيٰ (ملا) سنڌي........................ 275

( ن )

144. نظام الدين (ڄام) سمو........................ 29

145. نوح (شيخ) بکري........................................ 151
146. نظام (سيد) بکري........................................ 217
147. ناگي شاه(سيد) لاڙائي........................................ 238

(ھ)

148. هاشم (مير) رضوي نصرپوري........................................ 153

(ي)

149. يعقوب (مخدوم) پلڇ........................................ 22

متن

# تذكره مشاهير سنڌ

(جلد ٽيون)

# 295- مخدوم اسماعيل پريان لوءِ

ولي، ڪامل، عالم، عامل، فاضل جليل مخدوم اسماعيل قوم جوڻيجو سنڌ ۾ نقشبندي طريقہ جو امام ٿي گذريو آهي، تصوف ۽ عرفان سان گڏ هو بزرگ ظاهري علمن جو بہ وڏو عالم هو سميشہ ظاهري علم جي درس جو سلسلو جاري رکندو ايندو هو. هو خوشخط بہ هڪ ٿي هو معقول ۽ منقول جا سمورا درسي ڪتاب پنهنجي قلم سان لکي پنهنجي ڪتب خانہ ۾ جمع ڪيا هئائين. مريدن کي فيض تلقين ڏيڻ ۽ درس پڙهائڻ سان گڏ روزانہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪتاب جي هڪ يا ٻہ جزءِ لکندو رهندو هو ڪن جو چوڻ آهي تہ پاڻ ڏينهن جو آرام ڪندو هو تہ سندس قلم خودبخود لکندو رهندو هو. والله اعلم..... مخدوم صاحب جي مرشدن جو سلسلو هيٺين ريت آيل آهي. مخدوم صاحب مريد آهي مخدوم جمال الله سنڌي پريان لوئي جوهو حافظ ايوب سنڌي جو. او شيخ محمد سعد لاهوري (وفات 1152) جو. او شيخ سيد آدم بنوري جو (وفات 1153) او شيخ احمد سرهندي امام رباني مجدد الف ثاني (وفات 1034) جو رحمة الله عليهم.

مخدوم محمد اسماعيل پنهنجي زماني ۾ ڪمالات ۽ ڪشف جي لحاظ سان ملڪتا زمانو هو سندس ڪرامتون ايتريون آهن جن جو شمار ڪري نٿو سگهجي. هت ڪجھ ٿوريون ڪتاب "آئينہ جهان نما" مان نقل ڪجن ٿيون.

(1) هڪ ماهيڙي عورت ڏڌ وڪڻ لاءِ پريان لوءِ ڏانهن آئي ٿي تہ جهنگ ۾ واٽ ڀلجي ويس، اتفاقاً اتان مخدوم صاحب اچي لنگهيو مائي چيس تہ سائين پريان لوءِ جو تہ ڏس ڏيو. مخدوم صاحب دل ۾ چيو تہ محبوب جي ڳوٺ جو ڏس پڇي رهي آهي، تنهن تي مائي کي سڏي فرمايائين تہ اکيون ڪٽي پورا مائي اکيون پوري جو پوءِ کٽي کولي تہ مدينہ منوره سندس سامهون هو. مائي کي چيائين تہ اجهو هي پريين جو شهر آهي. ماهيڙي مائي بي خبر هئي، ڏاڍي حيران ٿي چوڻ لڳي تہ مون کي جنهن ڳوٺ ۾ ويڻو آهي سو هي تہ اهو ڪونہ آهي. پوءِ مخدوم صاحب فرمايس تہ اکيون بند ڪري

پوءِ ڪول! مائي حڪم جي تعميل ڪئي تہ پوءِ سچ پچ پاڻ ڪي پريان لوءِ جي ٻاهران ڏنائين.

(2) هڪ شخص لوئي (ڪٿي) رنڱائڻ لاءِ پريان لوءِ جي هڪ اسماعيل نالي ڪتيءَ ڏانهن آيو ٿي تہ رستي ۾ مخدوم صاحب پنهنجي مسجد جي در وٽ مليس. هو ماڻهو ناواقف هو تنهن پڇيو تہ اسماعيل ڪتي ڪٿي رهندو آهي جنهن ڪان مون کي ڪٿو رڱائڻو آهي. مخدوم صاحب فرمايو تہ هڪ اسماعيل تہ آءُ بہ آهيان، اچ تہ تنهنجي ڪٿي کي مان ٿي رنڱي ڏيان. پوءِ هن شخص تي ايڏو توجهہ وڌائون جو ڪجهہ وقت بي هوش ٿيو پيو ۽ سندس دل ذڪر الاهي سان زنده ٿي پئي ۽ رنڱجي لال ٿي ويو. هوش ۾ اچڻ کان پوءِ مخدوم صاحب جي پيرن تي ڪري پيو تہ هي مون تي ايڏو احسان ٿيو آهي جو هزارن سالن ۾ بہ ڪنهن تي ڪونہ ٿيو هوندو. مخدوم صاحب فرمايو تہ بابا! اسان تہ ان ريت رنڱيندا آهيون. ان کان پوءِ اسماعيل ڪتي کي گهرائي کيس لوئي بہ رنڱائي ڏنائون.

(3) هڪ شخص ڪنهن ولايت مان پارس پٿر (اڪسير) سندس خدمت ۾ کڻي آيو جنهن جي خاصيت هيءَ تہ لوهہ يا ٽامي کي لڳائجي تہ سون ٿي پري. مگر مخدوم صاحب اهو پٿر وٺي کڻي کوهہ ۾ اڇلايو هن ماڻهو کي پنهنجي ڪئي ڪمائي جي ڪٽ ٿي وڃڻ تي افسوس بہ ٿيو ۽ حيران بہ ٿيو. مخدوم صاحب کوهہ کي گيڙو ڏياريو تہ لوٽين ۾ ڪيترائي پارس پٿر اچڻ لڳا ۽ هن ماڻهوءَ کي چيائون تہ جيڪو تنهنجو هجي سو سڃاڻي ڪڍ! فقيرن کي اڪسير يا پارس پٿر جي ڪابہ گهرج يا لالچ نہ ٿيندي آهي.

(4) پير سيد موسيٰ شاهہ گهوٽڪي واري جي خدمت ۾ هڪ شخص دهلي مان فيض وٺڻ لاءِ آيو جو ڏاڍو مفلس ۽ تمام گنهگار هو. پير موسيٰ شاهہ جيلاني فرمايس تہ تون اڳ ۾ محنت ڪري دل کي صاف ڪر ۽ پاڻ ۾ فيض حاصل ڪرڻ جو استعداد پيدا ڪر تہ پوءِ توکي فائدو پهچايو وڃي. جنهن تي هو شخص نااميد ٿي گهوٽڪي مان ڪهي حضرت مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آيو. سيد موسيٰ شاهہ جو بہ سمورو قصو ٻڌايائين ۽ پنهنجي حالت جو بہ بيان ڪيائين. مخدوم صاحب هن تي ايڏو توجهہ

فرمايو جو هڪ طرف سندس سينو کلي پيو ۽ ٻي طرف کان ايڏي رجوعات ٿيس جو وڏو دولتمند بڻجي پيو. واپسي وقت مخدوم صاحب فرمايس تہ جڏهن گهوٽڪي مان سيد صاحب وٽان لنگهيين تہ چئجانس تہ مهمان کو ٽانئو پاڻ سان کڻي ڪونہ ايندو آهي پر سڀ انتظام ميزبان کي ڪرڻو پوندو آهي.

(5) هڪ شخص جي نياڻي ڪي ڌاڙيل پٺاڻ سنڌ مان زوري کڻي ويا هئا. افغانستان ۾ هن کي پنهنجي پانهي ڪري وڃي رکيو هئائون. هن جو والد مخدوم صاحب جي خدمت ۾ اچي ملتجي ٿيو ڪنهن بہ طريقي تي منهنجي ڇوڪري واپس گهرائي ڏيو. گهڻين زارين ۽ منتن کان پوءِ مخدوم هٿ ڊگهو ڪيو ٿوري دير کان پوءِ ڏٺو ويو تہ اها ڇوڪري مجلس ۾ موجود هئي، هٿن کي اٽو لڳو پيو هئس. بيان ڪيائين تہ آئون هڪ امير پٺاڻ جي گهر ۾ ڪنيزڪ هيس، هاڻي اٽو ويٺي ڳوهيم جو هڪ اوچتو جهٽڪو آيو ۽ پاڻ کي هت ڏسان ٿي.

(6) قاضي عبدالمطلب ڳوٺ قاضي ڪهنگ (تعلقہ ميهڙ) جي مخدوم صاحب کان سوال ڪيو تہ مغرب جي نماز کان پوءِ شفق جي حد ڪيتري آهي يعني شفق جي معين ڳاڙهاڻ آهي يا ان کان پوءِ جيڪا هلڪي سفيدي پيدا ٿيندي آهي. مخدوم صاحب فرمايو تہ ان جو جواب رات حضور رسول ڪريم ﷺ جي دربار مان پڇي پوءِ ڏيندس. آخر رات جو جواب هي ملين تہ "هي الحمرة" يعني شفق ڳاڙهاڻ آهي.

(7) مخدوم صاحب جي حويلي ۾ هڪ نينگري ڪم ڪار ڪندي هئي، جڏهن وڏي ٿي تڏهن هن کي سندس عزيزن شادي ڪرائي ڏني، ڪجهہ وقت کان پوءِ مخدوم صاحب هن ڇوڪري کي مبارڪ ڏيڻ ۽ ڏسڻ لاءِ سندس ساهري گهر لنگهي آيو ڇوڪري مخدوم صاحب جو ٻڌي مڙس کي وٺي گهر جي در تي اچي مخدوم صاحب سان ملي پوءِ ڪيس پنهنجو مڙس ڏيکاريندي چيائين تہ سائين اجهو منهنجو تہ هي مڙس آهي، اوهان جو مڙس ڪٿي آهي. مخدوم صاحب تي انهن الفاظن جو ڏاڍو اثر ٿيو. زال مڙس ٻنهي تي اهڙو توجهہ وڌائون جو حضور ﷺ جن جو هنن کي حضور ٿيو پوءِ فرمايائين تہ اجهو منهنجو تہ اهو مڙس آهي.

مخدوم صاحب کي نرينو اولاد ڪونہ هو. فقط نياڻي هئس، جا مخدوم احمدي عباسي کهڙن واري جي فرزند محمد عاقل سان شادي ڪرائي ڏني هئائين. ان مان ضياء الدين نالي هڪ فرزند پيدا ٿيو مگر اهو جواني جي زماني ۾ وفات فرمائي ويو. هي بيبي صاحبہ مستجاب الدعوات عابده زاهده هئي ۽ هڪ ڪروڙ صلوات شريف پڙهي هئائين.

مخدوم محمد اسماعيل 8 ربيع الاول ڇنڇر ڏينهن 1174هہ ۾ دنيا مان وفات فرمائي ۽ پريان لوءِ ۾ ٿي دفن ڪيو ويو. ڪنهن شاعر سندس قطعہ تاريخ هيٺين ريت لکيو آهي.

چون زينجا رخت بست آن باز جبروت
تهی کرد آشيانه قيد ناسوت
چون رفت آن رهنما فرياد برخواست
ز زرات جهان از ماه تا هوت
کدا می باز اسماعيل مخدوم
که ميلش بود کلی سو ها هوت
وقوع رحلت آن قطب عالم
غريو افگند در سکان ملکوت
بهشتم از ربيع الاول او رفت
به شنبه چون که باز آمد ز خانوت
ز تاريخش بمن هاتف چنين گفت
مقامی روح پاکش جاء لاهوت

1174هہ

# 296 - شيخ ابوالحسن ڪبير سنڌي مدني

سندس نالو آهي ابوالحسن محمد بن عبدالهادي، ٺٽوي سنڌي. شروعات ۾ ٺٽي جي دارالعلم والعمل ۾ ان وقت علمن جي تحصيل ڪري ان کان پوءِ مديني شريف ڏانهن هجرت ڪيائين ۽ باقي ڄمار اُتي ئي علم

حديث جي خدمت ۽ درس تدريس ۾ ختم ڪيائين. مديني شريف جا علماء فضلاءِ سندس شاگردي ڪئي، پنهنجي لاءِ عزت ۽ شرف جو ڪارڻ سمجهندا هئا. مشرق، مغرب جي هزارين فاضلن ڪانئس حديث جون سندون حاصل ڪيون ۽ وقت جو هڪ وڏو زاهد، اهل الله تارڪ دنيا درويش محدث هو. هو اگرچه حنفي مذهب جو عالم هو مگر سندس تحقيق موجب جيڪو به حنفي مذهب جو مسئلو حديث جي خلاف هوندو ته هو ان کي ڇڏي، حديث شريف تي عمل ڪندو هو.

سندس معاصرن مان مديني شريف ۾ شيخ ابوالطيب محمد بن عبدالقادر سنڌي، حنفي مذهب جو هڪ وڏو عالم مديني شريف ۾ رهندو هو. هنن بزرگن جا ڪيترن مسئلن ۾ ڏاڍا اختلاف رهندا هئا. جن مان ڪن جو ذڪر شيخ محمد عابد سنڌي تراجم مشائخ ۾ ڪيو آهي.

لکي ٿو شيخ ابوالحسن رحه حديث تي عمل ڪندو هو ان ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن به مذهب ڏانهن لاڙو ئي نه هوندو هئس. هو نماز ۾ رڪوع ڪان اڳ ۽ رڪوع ڪان پوءِ هٿ مٿي کڻندو هو ۽ نماز ۾ ٻئي هٿ سيني تي ٻڌندو هو. شيخ ابوالطيب سنڌي حنفي مذهب جو پيرو، سندس همعصر هو. هي بزرگ وري پنهنجي مذهب تان هڪ تر به پوئتي نه هٽندو هو. ٻنهي جا پاڻ ۾ بحث مباحثا رهندا هئا. جڏهن شيخ ابوالحسن کيس دليل ڏيندو هو ته شيخ ابوالطيب جوابن ڪان عاجز رهجي ويندو هو، اهو جهيڙو ٻنهي صاحبن جي وچ ۾ هلندو آيو ٿي ته ترڪي جي سلطان وٽان قسطنطنيه مان مدينه منوره ۾ هڪ حنفي عالم قاضي مقرر ٿي آيو جنهن وٽ شيخ ابوالطيب وڃي دانهن ڏني ته شيخ ابوالحسن سنڌي اوهان جي مذهب ۽ اوهان جي امام ڪان ڪن مسئلن ۾ مخالف آهي. جنهن تي قاضي صاحب شيخ ابوالحسن کي گهرائي ڪانئس پڇا ڳاڇا ڪئي. قاضي صاحب کي ملاقات ڪان پوءِ معلوم ٿيو ته شيخ سنڌي ته هر هڪ علم ۾ امام آهي ۽ مدينه جا سمورا ماڻهو سندس شاگرد آهن، جنهن ڪان پوءِ قاضي کي دعا پنڻ ۽ معافي گهرڻ ڪان سواءِ ٻي ڪابه مجال ڪانه رهي. هوڏانهن شيخ ابوالطيب سو پنهنجي ارادي تي مضبوط رهيو پوءِ جيڪو به سال بسال مدينه منوره ۾

حنفي قاضي ايندو هو تہ ان وٽ شيخ ابوالحسن جي اختلاف جي شڪايت ڪندو رهندو هو مگر هر هڪ شيخ جي ملاقات کان پوءِ سندس معتقد ٿي رهندو هو. آخر هڪ سال هڪ اهڙو قاضي آيو جو حنفي مذهب ۾ ڏاڍو معتصب هو جنهن وٽ پڻ شيخ ابوالطيب شڪايت ڪئي، قاضي شيخ ابوالحسن کي پاڻ وٽ گهرائي حڪم ڪيو تہ هٿ دُن هيٺان ٻڌ ۽ رڪوع ۾ هٿ مٿي نہ کڻندو ڪر. شيخ چيس تہ هرگز ائين نہ ڪندس. قاضي حڪم ڪيو تہ هن کي وڃي اهڙي اونداهي ڪوٺيءَ ۾ قيد ڪيو جتي پنهجا عضوا بہ نہ ڏسي سگهي ۽ اُتي ئي هنگي مُتي. شيخ ابوالحسن برابر 6 ڏينهن انهيءَ ڪاري بندي خانہ ۾ پيو هو. مدينہ جا رهاڪو شيخ کي منتون ڪندا ۽ سمجهائيندا رهيا تہ هو قاضي جو ڪٺي چيو مڃي ٻاهر نڪري اچي پر شيخ جو هڪ ئي جواب هو تہ جا شيءِ مون وٽ صحيح نہ آهي تنهن تي ڪڏهن بہ عمل نہ ڪندس ۽ جا شيءِ مون وٽ حضور جن جي حڪمن مان ثابت ٿيل آهي تنهن کي ڪڏهن بہ ڪونہ ڇڏيندس ۽ ان تي قسم ڪٺي ويٺو. مدينہ وارا آخر قاضي وٽ ميڙ وٺي ويا، قاضي بہ ضد مان قسم کنيو تہ جيڪڏهن شيخ کي سيني تي هٿ ٻڌودو ڏٺم تہ ڪيس قيد ڏانهن موٽائي اماڻيندس. مدينہ وارن شيخ کي سمجهايو تہ هاڻي هيئن ڪر جو بدن تي چادر ويڙهي ان جي اندران نماز ۾ هٿ ٻڌندو رهہ تہ جيئن قاضي جي هٿن جي ڊول تي نظر نہ پوي ۽ قسم نہ پڇيس ۽ تون بہ پلي سيني تي چادر اندران هٿ ٻڌي نماز پڙهندو رهہ تہ تنهنجو بہ قسم بہ نہ ٽٽي. شيخ اها صلاح قبول ڪئي ۽ ان تي عمل ڪندو رهيو. مگر اجا ٿورو ئي عرصو گذريو هو تہ شيخ مسجد نبوي ۾ نماز پڙهي رهيو هو تہ ڪنهن ماڻهو اچي چيو تہ قاضي اوچتو مري ويو شيخ اهي لفظ ٻڌي نماز ۾ ئي چادر اڇلائي ڇڏي.

(تراجم "مشائخ محمد عابد سنڌي" قلمي)

شيخ ابوالحسن درس تدريس کان سواءِ حديث جي ڪتابن تي ڏاڍا عمده حاشيہ لکيا آهن جن مان حديث جي ڇهن ڪتابن جا حاشيہ تہ مصر ۾ ڇپيا بہ آهن.

(1) حاشيہ سنڌي عليٰ صحيح بخاري، هن حاشيہ بابت ڪشف الظنون جي مصنف لکيو آهي تہ بي حد مفيد ۽ معنيٰ خيز آهي. (2) حاشيہ صحيح مسلم، (3) حاشيہ سنن ترمذي، (4) فتح الودود حاشيہ سنن ابو دائود، (5) حاشيہ سنن ابن ماجہ، (6) حاشيہ سنن نسائي، (7) حاشيہ مسند امام احمد بن حنبل، (8) حاشيہ فتح القدير فقہ، (9) الفتوحات النبوتہ، (10) منهل الهذات في معدل الصلوات، (11) تحفة المحبين شرح اربعين، (12) ابناء الانباء في حيات الانبياءِ (13) رسالہ قرائت خلف الامام، (14) النظر شرح شرح نخبة الفكر وغيره.

شيخ ابوالحسن تمام وڏي ڄمار کي پهچي، شيخ محمد حيات سنڌي کي پنهنجو جاءِ نشين بڻائي، 1138هہ ۾ هن دارفاني مان لاڏاڻو فرمائي ويو ۽ جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو. رحمة الله عليہ رحمة واسعة.

## 297- مخدوم يعقوب پاڇم

عارف ڪامل، ڪرامتن جو مالڪ سيتارن جي پرڳڻي ۾ رهندو هو (هن وقت اهو علائقي ٽنڊه ڊويزن سان سڏيو وڃي ٿو.) هو وڏو سخي ۽ هزارن ڪرامتن جو صاحب آهي جن مان قدري هيٺ ڏجن ٿيون.

(1) هڪ سواليءَ ڪانئس ڪجهہ اچي گهريو، مخدوم صاحب چيس تہ منهنجو ٻانهو جهنگ ۾ مينهون چاري رهيو آهي ۽ ڪانئس هڪ مينهن وٺي وڃي پنهنجي ڪم جي پورت ڪر. مخدوم صاحب جي ٻيلي کي جڏهن مينهن خيرات ۾ ڏيڻ جو پيغام پهتو تڏهن هن ٻلي مينهن جا 3 ڪاسا کير جا ڏيندي هئي سا سوالي کي ڪاهي ڏني. مخدوم اها ڳالهہ ٻڌي ٻانهي کي چيو تہ جنهن صورت ۾ تو چونڊ ٻلي مينهن خدا جي راهہ ۾ ڏني آهي تہ آءٌ توکي ان جي عيوض آجو ڪريان ٿو مخدوم صاحب جي گهرواري جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي تڏهن مخدوم کي چيائين تہ توهان ٻانهي سان جڏهن ايڏي نيڪي ڪئي آهي تڏهن آءٌ بہ توکي اُهي سڀ حق معاف ڪريان ٿي جيڪي زوجيت (زال مڙس) جا شرعي طرح اوهان سان لاڳو آهن.

(2) هڪ دفعي مخدوم صاحب فقيرن جي جماعت سان منگڻ جي ڪيتي ۾ آيل هو جماعت لاءِ ڪاڌو تيار ڪرڻو هو پر اُتي نہ ديڳڙو يا ڪنو هيو ئي ڪونہ! جنهن تي ڏاڍو لاچار ٿيا. آخر هڪ وڏو ٺڪر ٺڪر هٿ آين جنهن ۾ تورو سوراخ بہ هو مخدوم صاحب جي حڪم سان ان کي اهڙو پاسيرو ڪري چاڙهيائون، جيئن هن مان پاڻي نہ هارجي، جڏهن پاڻي ٽهڪڻ لڳو تڏهن فرمايائين تہ ماڻهو گهٽا آهن، سئون ڪري رڪوس ۾ گهٽوئي ڪاڌو تيار ڪرڻو آهي. الله جي قدرت سان ايترو طعام ان ۾ پچي تيار ٿيو جو سيئي ڪائي آسودا ٿيا. ان کان پوءِ مخدوم صاحب فرمايو تہ هر هڪ ماڻهو ان ٺڪر کي پوري زور سان ڪوڏر جو ڌڪ هڻندو وڃي، ائين ڪيو ويو مگر ايڏو مضبوط هو جو ڪٿان بہ ڀڃي نہ سگهيو.

(3) روايت آهي تہ هڪ هندو پنهنجين نياڻين جي شادي ڪرائڻ لاءِ هڪ خرار سارين جو قرض وٺي ڏاند تي ڪنيو آيو ٿي. پتڻ ٽپڻ وقت اوچتو سندس ڏاند وڃي درياهہ ۾ ڪريو. هندو ڏاڍو غمناڪ ٿيو. مخدوم اها ماجرا ڏسي هندو کي دلاسو ڏيندي چيو تہ درياهہ ۾ ڪٽي ٽبي هڻ، اندر جيڪو ماڻهو نظر اچي، تنهن کي منهنجا سلام ڏئي ڏاند ان سميت گهريس. هندو بہ دل جهلي ڪٽي ٽبي هنئي، تہ سندس پير وڃي سڪ تي ڪُتا. اڳتي وڌي تہ هڪ نيڪ مرد ويٺو آهي، تنهن سان سمورو احوال بيان ڪيائين. جنهن تي ڏاند سندس حوالي ڪيو ويو. اجا ڏاند جي رسي کان ڇڪيائين تہ پاڻ کي درياهہ جي ڀي پر ويٺو ڏٺائين. ان کان پوءِ هميشہ لاءِ اهو هندو مخدوم صاحب جو خادم ٿي رهيو.

مخدوم يعقوب مرزا شاهہ حسن ارغون جي (وفات 902) جو همعصر ۽ هم زمان آهي. يعني تہ نائين صدي اوليائن مان آهي. (تحفہ)

# 298- شيخ پريو ڪوهہ گنجي

شيخ پريو اصل ويرداس نالي هڪ مشهور مجذوب ۽ موحد ۽ حال قال وارو سالڪ هو اصل برهمڻ هو مگر پوءِ ذات پات جي ٻنڌڻن کان جدا ٿي برپٽ ۽ جهنگل ۽ جبل ۾ جانورن سان وروهون ڪندو وتندو هو. ماڻهن

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪان ائين ڇرڪندو هو جيئن ڪانءُ ڪمان ڪان ڀڄي. گهڻي وقت ڪان پوءِ ڪوهہ گنجہ (گنجي ٽڪري) تي اچي رهيو ماٺهو بہ هوريان هوريان سندس زيارت لاءِ اچڻ لڳا ۽ ڪجهہ ماڻهن سان بہ ٿورو انس ٿيڻ لڳس. ڪشف جي ذريعي ماڻهن جا دلي مطلب يا ارادا ڪين ٻڌائيندو هو.

حديقة الاولياء جو مؤلف سيد عبدالقادر ٺٽوي لکي ٿو تہ آءُ سندس خدمت ۾ ويو هئس. ان وقت ڪي سنڌي ۾ ڏوهيڙا ويٺي چيائين. دل ۾ آيو تہ الائي سندس جوڙيل يا ٻئي ڪنهن جا. اجا يترو خيال آيو تہ پاڻ فرمايائين تہ اهي بيت فقير اسحاق لوهار جا آهن. بيون بہ چار ڳالهيون دل ۾ آندم جن جا بروقت جواب ڏيندو ويو.

هڪ ماڻهو سندس ڏسڻ لاءِ ويو مگر ڏاڍو بکايل هو. ڪيس چيائين تہ ٿوهر جي جهتن ۾ ديڳڙو رکيو اٿئي اهو کڻي چلهي تي چاڙهہ ۽ منجهس پٿرن جون بہ چار ملبون کڻي وجهہ. هن حڪم جي تعميل ڪئي تہ ايتري ۾ جهنگ مان هڪ سوا هرڻي اچي اتي حاضر ٿي، جنهن مان کير ڏهي ورتائون. ديڳڙي مان عمدو پلاءُ ڪڍي کير سان ڪائي بکايل ماڻهو پنهنجو پيٽ ڀريو.

هن بزرگ جي وفات 903 ۾ ٿي ۽ گنجي ٽڪري تي دفن ٿيل آهي.

(تحفہ — حديقہ)

# 299- درويش راجو رائدڻي

هڪ مجذوب مطلق واصل بحق درويش، هميشہ مٿي پيرين اگهاڙو سير ڪندو رهندو هو. هڪ جاءِ تي ڪڏهن بہ قرار ڪري ڪونہ ويٺو. سندس زبان تي جو ڪجهہ بہ جاري ٿيندو هو سو ڪپيندڙ ترار وانگي ڪم ڏيندو هو. هن ڪي جڏهن ڪوبہ معاملو درپيش ايندو هو تہ اُتي بيهي سنڌي ڏوهڙو بلند آواز ۽ خوش الحان سان چوندو هو. پوءِ انهيءَ ڏوهڙي ۾ هو سڀ ڪجهہ چوندو هو ۽ جيڪي چوندو هو سو ٿي پوندو هو. چون ٿا تہ هڪ دفعي ڪڇ ڀڄ جي پرڳڻي ۾ مينهين جي واڙي تي پهتو ٿورو کير چڪو گهريائين، اُتي مڙس ماڻهو ڪونہ هئا. زالون بي ادبي سان سامهون ٿيون ۽ درويش کي ڪجهہ بہ نہ ڏنائون، درويش ڪاوڙجي نعره هڻي اتان روانو ٿي

ويو. مالڪ چيو ته ڏسن ته مينهون پنهنجن ڦرن سميت گم! گهڻي وقت کان پوءِ وري درويش اچي اُتان لانگهائو ٿيو. زالن سچائي ورتو اچي پيرن تي ڪريون ۽ مڙسن کي ٻڌايائون ته هي اهو ساڳيو فقير آهي جنهن جي اسان بي ادبي ڪئي هئي، فقير کان معافي ورتي وئي، جنهن کان پوءِ فرمايائين ته وڃي وٿاڻ ۾ ڏسو ته ميهون آهن؟ ڏسن ته برابر سمورو مال ساڳي حال تي موجود آهي. ڌنارن کان پڇيو ويو ته ايترا ڏينهن ڪٿي هئا، چيائون ته اسان روزانه هميشه جي دستور موجب مينهون صبح جو چوڙي ويا هئاسين ۽ وري اڄ ئي شام جو واپس آيا آهيون. ڏينهن وري ڪٿي گذريا آهن. درويش راڄي جي وفات سن 997 هجري ۾ ٿي ۽ پنهنجي ڳوٺ رائدن ۾ دفن ڪيو ويو.

(تحفة الڪرام)

# 300- شيخ عيسيٰ ساموئي

هن بزرگ کي تاريخ وارا عيسيٰ لنگوٽي به سڏيندا آهن. چاڪاڻ جو هميشه قلندرانه وضع ۾ فقط هڪ لنگوٽي ۾ گذاريندو هو. ڄام سمن جي گادي واري هنڌ ساموئي ۾ گذاريندو هو. سندس معاصرن مان سيد احمد بن سيد محمد ميران ۽ شيخ حماد جمالي ۽ قاضي نعمت الله علامه عباسي آهن. هڪ دفعي قاضي نعمت الله عباسي ۽ سيد احمد سندس صحبت ۾ ويٺل هئا، قاضي وقت جو وڏو عالم ۽ ملڪ جو مفتي هو تنهن سيد احمد جي ڪابه پرواهه ڪانه ڪئي ٿي ۽ شيخ عيسيٰ سيد صاحب جي بي حد تعظيم تڪريم ڪئي ٿي. جڏهن سيد صاحب موڪلائي روانو ٿيڻ لڳو تڏهن به شيخ بي حد عزت ڏيڻ کان پوءِ کانئس موڪلايو. قاضي کانئس پڇيو ته آخر هيڏي تعظيم ڪرڻ جو مطلب ڇا آهي، شيخ عيسيٰ فرمايو ته مون کي ڪشف سان معلوم ٿيو آهي ته هن سيد مان هڪ قطب زماني جو تولد ٿيندو. ان جو احترام ڪري رهيو آهيان. آخر شيخ جي اشاري ڪرڻ تي قاضي صاحب پنهنجي نياڻي جو نڪاح سيد احمد سان ڪرايو جتان چار فرزند پيدا ٿيا. جڏهن پويون فرزند سيد حسين تولد ٿيو تڏهن چون ٿا ته اڪيون ئي نه ٿي کوليائين، آخر شيخ عيسيٰ کي وٽ آيا جنهن جي اچڻ سان

اڪيون ڪولي ڏسڻ لڳو. شيخ فرمايو ته هي اهو بزرگ آهي جنهن جي ڏسڻ جو مون کي انتظار هو. هاڻي وڌيڪ دنيا ۾ رهڻ جو ضرور ڪونه آهي، ان کان پوءِ شيخ عيسيٰ ٽئين ڏينهن وفات فرمائي ويو. اهو واقعو 831هه ۾ ٿي گذريو. معارف الانوار ۾ شيخ عيسيٰ جي تاريخ من اتي الله بقلب سليم جي فقره مان ڪڍي آهي.

شيخ ڪڏهن ڪڏهن نظم ۾ به ڪجهه چوندو هو جيئن ته شيخ حماد جمالي جي هڪ مشهور رباعي جي جواب ۾ فرمايو اٿس:

قيد باشد حكيم در ره دوست

دو گزک بوريا و پوستکی

گر تو آزاده بس ست ترا

دلکی پر ز درد دوستکی

شيخ عيسيٰ ڄام فتح خان بن ڄام سڪندر سمہ جي زماني وفات ڪئي.

فائده – مير قانع "تحفة الڪرام" ۾ شيخ عيسيٰ لنگوٽي ساموئي کي شيخ عيسيٰ سنڌي برهان پوري ڪري لکيو آهي، حالانڪه شيخ عيسيٰ برهان پوري پاڻ جو رهاڪو اڪبر اعظم ۽ جهانگير جو هم عصر ۽ وقت جو وڏو ولي محدث هو جنهن جي وفات سال 1031هه ۾ ٿي آهي، پر شيخ عيسيٰ لنگوٽي 831 ۾ وفات ڪئي آهي. ٻنهي جي وچ ۾ ٻن سون سالن جو فرق آهي، شايد هم نام هجڻ ڪري مير قانع تي اهو اشتباه ٿيو آهي.

## 301- شيخ حماد جمالي ساموئي

شيخ حماد ولد شيخ رشيد الدين جمالي، قدرت الواصلين شيخ جمال درويش اُچي جو ڏهٽو. اهو شيخ جمال اُچي حال ۽ قال جو صاحب سيد مخدوم جلال الدين جهانيان جهان گشت (متوفي- ) جو مريد هو. شيخ حماد سمن جي شهر ساموئي ۾ مڪلي هيٺان رهندو هو. هميشه پنهنجي حجري جي اندر رهندو هو. جتان پير به ٻاهر نه ڪيندو هو. سندس طالب ۽

معتقد، حجري جي ٻاهران فيض پرائيندا ۽ گفتگو ڪندا هئا. هو هڪ وڏو عالم بہ هو جنهن ڪري باطني فيض حاصل ڪرڻ وارن کان سواءِ ظاهري علم جا طالب بہ کانئس فيض پرائيندا هئا.

سمن ڄامن جي حڪومت جو زمانو هو جنهن ڪري حاڪم گهراڻي جا سمورا فرد سندس معتقد ۽ با ادب دعا طلب رهندا هئا.

هي بزرگ مٽي پيرين اگهاڙو رهندو هو. اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ فقط هڪ نمد ٽڪرو ڪم آيل هئس ۽ بس. سمهڻ ۽ ويهڻ لاءِ هڪ ڇنل تڏي ٽڪڙو بستري جو ڪم ڏيندو هو. پنهنجي حالت جو بيان هيٺين رباعي ۾ ڪيو اٿس:

دو گزک بوریا دو پوستکی

دلکی پر ز درد دوستکی

این قدر بس بود جمالی را

عاشق رند لا ابالی را

حديقة الاولياء ۾ لکي ٿو تہ ڄام جوڻي جي زماني ۾ ڄام تماچي ۽ سندس فرزند ڄام صلاح الدين ٻئي حڪومت ۾ ڄام جوڻي سان مشترڪ هئا. اهي ٻئي پيءُ ۽ پٽ شيخ حماد جا بي حد معتقد هئا. هوڏانهن ڄام جوڻي کي هميشہ خطرو هوندو هو تہ شيخ جي دعا سان هي ٻئي ڄڻا ضرور مون کي هن ملڪ کان دست بردار ڪرائي پاڻ والي ٿيندا. انهيءَ ڊپ کان ٻنهي کي گرفتار ڪرائي، دهلي ڏانهن روانو ڪرائي ڇڏيائين.

ڄام تماچي جي والده، انهي حادثي کانپوءِ روزانو شيخ حماد جي خدمت ۾ پهچي پنهنجي فرزندن جي رهائي لاءِ التجائون ڪندي هئي. هڪ ڏينهن شيخ حماد جو هن ٻڍڙي سمياڻي ڏانهن توجہ ڇڪجي ويو کانئس پٽ ۽ پوٽي بابت پڇا ڳاڇا ڪيائين. مائي روئندي پنهنجو سمورو حال عرض ڪندي، هنن جي ڇوٽڪاري جي استدعا ڪئي.

احوال ٻڌڻ کان پوءِ شيخ حماد تي هڪ عجيب حالت طاري ٿي وئي. ڪي سنڌي ڏوهيڙا بلند آواز سان چيائين. جن ۾ تماچي جي ملڻ جو شوق ظاهر ڪيل هو ۽ سنڌ جي حڪومت هنن جي سپرد ٿيڻ جو اشارو هو.

الله تعاليٰ جي قدرت سان، انهي ساڳي رات دهلي ۾ پيءُ ۽ پٽ تي بنديخانو کلي ويو. هڪ شخص شيخ حماد جي شڪل جهڙو سندن رستي جو سونهون ٿي اڳيان ٿيو ۽ هي ٻئي گهوڙن تي سوار ٿي، سنڌ ڏانهن روانا ٿيا.

سرڪاري ماڻهن کي جڏهن هنن جي ڀڄڻ جو پتو پيو تہ پوئتان ڊوڙيا مگر ڪجهہ بہ حاصل ڪونہ ٿين. آخر ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين جي سفر کان پوءِ جڏهن هالن جي لڳ ڪيبرن جي ڳوٺ وٽ پهتا، تڏهن هڪ ڏڻ مان ٻڪري خريد ڪرڻ لاءِ ڏنار کي چيائون، اهو ڏنار مخدوم نوح ڪيبرائي هو. جنهن هنن کي ٻڌايو تہ سنڌ جو والي چام تماچي آهي. تماچي حيران ٿي چيس تہ سنڌ جو حاڪم تہ جوڻو آهي. ڏنار (مخدوم نوح) چيو تہ اها ڳالهہ بہ ٺيڪ آهي، مگر اڄ ٽن ڏينهن کان ولي غيب مان منادي ٻڌي رهيو آهيان تہ سنڌ جي حڪومت تماچي کي ملي آهي. هوڏانهن هنن جي بنديخاني مان ڇٽڻ جي مدت بہ اهي 3 ڏينهن هئا جو الله تعاليٰ جي قدرت سان ايترو پنڌ ڪري سنڌ ۾ اچي پهتا هئا. چام جوڻي کي جڏهن پتو پيو تہ شيخ حماد منهنجن مخالفن جي حق ۾ دعا گهري آهي، تہ هڪدم پريشان ٿي شيخ جي خدمت ۾ پهتو عرض ڪيائين تہ اوهان فقير آهيو. اوهان جو ملڪي معاملن ۾ ڇا وڃي؟ جنهن تي شيخ حماد ڏاڍو غصي ۾ اچي فرمائڻ لڳو تہ هن زمين جو وارث اڄ آهيان.

جنهن کي وٺي تنهن کي ڏياريون. ان کان پوءِ ستت ئي چام تماچي شيخ حماد جي خدمت ۾ پهتو. شيخ پنهنجي لنگوٽي، مان ڪجهہ ڌاڳا ڪڍي، ڪيس ڏنا تہ هڪ لڪڙي تي جهنڊي وانگي ٻڌي، ميدان ۾ اچي. هو اچا جهنڊو کڻي روانو ٿيو الله تعاليٰ جي حڪم سان اڇي ماڻهن جو انبوهہ سندس چؤطرف گڏ ٿيو. جڏهن جوڻي کي اها سڌ پئي تڏهن هو بہ فوج گڏ ڪري ميدان ۾ آيو مگر جوڻي جي فوج، چام تماچي جي، جهنڊي ڏسڻ سان بگڙجي وڃي تماچي جو طرف ورتو. جنهن کان پوءِ چام جوڻو شڪست کائي ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو. ملڪ دولت تماچي ۽ صلاح الدين جي حوالي ٿيو.

فائدو - حديقة الاولياء جو مصنف سيد عبدالقادر ٺٽوي ترخان گهراڻي جي مرزا جاني بيگ جي زماني جو آهي، جنهن اهو سمورو واقعي

لکيو آهي، مگر تاريخ معصومي ۽ فرشتہ ۾ ٻئي ڪنهن بہ تاريخ ۾ مٿيون واقعو درج ٿيل نہ آهي تہ ڪو ڄام جوڻي تماچي ۽ سندس پٽ صلاح الدين کي گرفتار ڪرائي دهلي موڪليو هو. بلڪ تاريخ فيروزشاهي مان معلوم ٿئي ٿو تہ جنهن ڄام کي سلطان فيروز تغلق دهلي وٺي ويو هو سو ڄام خيرالدين هو بلڪ معصومي ڄام سمن جي متعلق جو ڪجهہ لکيو آهي سو تاريخي تحقيق موجب سراسر غلط آهي.

بهرحال ڄام تماچي حڪومت حاصل ڪرڻ کان پوءِ هڪ وڏي رقم آڻي شيخ حماد جي خدمت ۾ نذراني طور پيش ڪندي عرض ڪيو تہ جڏهن تہ آءٌ اوهان جي دعا سان هن درجي کي پهتو آهيان تہ هاڻي نذرانو قبول ڪندي دعا ڪريو تہ منهنجي اولاد هن ملڪ ۾ هميشہ زمين جي مالڪ رهندي اچي. شيخ فرمايو تہ هنن رپين مان خانقاه جي لڳو لڳ مسجد جي تعمير ڪئي وڃي ۽ سنڌ جو پرڳڻو پنهنجي اولاد کي وراهي ڏي تہ آئنده انهن جي هٿن ۾ رهندو ايندو. انهيءَ مسجد جو نالو شيخ حماد مسجد مڪلي رکيو ڄا پوئين زمانہ تائين موجود رهندي آئي ۽ سنڌ ۾سمن جي حڪومت اگرچہ ختم ٿي وئي مگر "در تمام سندھ تا کچ الی یومنا اَکثر زمین تحت ملکیت قوم سمه ست مانده" (تحفة الكرام و مقالات)

شيخ جو مقبرو ڪوه مڪلي تي ڄامن جي قبن لڳ آهي. ڪنهن بہ ڪتاب ۾ سندس سن وفات موجود نہ آهي، مگر سندس همعصر بزرگن جي لحاظ موجب هو هجري نائين صدي جي رجالن مان آهي. والله اعلم باالصواب.

# 302- ڄام نظام الدين سمو

سنڌ جي ديندار ۽ علم دوست عادل فاضل بادشاهن مان ڄام نظام الدين سمو هڪ بلڪل نيڪو ڪار نامور بادشاهہ ٿي گذريو آهي. ڄام سنجر سمہ جي وفات کان پوءِ 25 ربيع الاول 866هہ سمورن صالحن ۽ عالمن ۽ رعيت جي اتفاق سان تخت تي ويٺو ۽ سنڌ جو بلڪل مستقل بادشاهہ ٿي حڪمراني ڪرڻ لڳو.

فلاسفر ۽ عالم علامہ جلال الدين دواني (متوفي ـ) شيراز مان هجرت ڪري ڄام نظام الدين وٽ اچي رهڻ جي خواهش ڏيکاري. پهريان هن صاحب پنهنجن ٻن شاگردن علامہ مير شمس الدين ۽ مير معين الدني کي ٺٽي موڪليو تہ ڄام کان سنڌ ۾ اچڻ جو مشورو ڪن. جنهن تي ڄام نظام الدين خوشي جو اظهار ڪندي شيراز کان ٺٽي تائين علامہ جلال الدين دواني جي اچڻ لاءِ منزلون مقرر ڪيون ۽ هر هڪ منزل تي ڪاڏو خوراڪ ۽ سواري جو جدا جدا انتظام رکيو ويو. سفر خرچ لاءِ بہ تمام گهڻا رپيا سندس شاگردن معرفت روانا ڪيا ويا. مگر افسوس قاصد اڃا شيراز ۾ پهتا ئي ڪونہ تہ علامہ جلال الدين سنڌ جي سفر کان اڳ آخرت جو سفر ڪري چڪو هو. مير شمس الدين ۽ مير معين الدين کي ڄام نظام الدين جي صحبت مان ڏاڍو لطف حاصل ٿيل هو جنهن ڪري هو شيراز کي ڇڏي موٽي اچي ٺٽہ ۾ رهيا ۽ اتي ئي وفات ڪيائون.

ڄام نظام الدين کي اسلامي جهاد جو ڏاڍو شوق رهندو هو سي ڪنهن هفتي ۾ هڪ دفعي گهوڙن جي ڪُرهہ ۾ ويجي. گهوڙن جي پيشاني تي هٿ گهمائي چوندو هو تہ اي نيڪ بختو! آءٌ نٿو گهران تہ غزا يا جهاد کان سواءِ اوهان جي پٺيءَ تي سوار ٿيان. ڇو تہ منهنجي چؤطرف تہ اسلامي حاڪم آهن. دعا ڪريو تہ شرعي سبب کان سواءِ ڪابہ وک ٻاهر نہ رکان ۽ نہ وري پيو ڪو ڏاريو هٿ اچي، متان ان ڪري بيگناهہ مسلمانن جو رت هاريو وڃي ۽ الله تعاليٰ وٽ شرمندو ٿيان.

ان هوندي بہ سندس سلطنت جي پوئين زماني ۾ شاهہ بيگ ارغون جون فوجون قنڌهار مان سنڌ تي ڪاهي آيون. اڪڙي چانڊڪي ۽ سڏوچن کي ڦريائون لٽيائون. ڄام صاحب پٺاڻن ۽ مغلن جي مقابلي لاءِ هڪ وڏو ڪٽڪ چاڙهي روانو ڪيو. ٻنهي فوجن جو جلوگير نالي هڪ جاءِ تي سخت مقابلو ٿيو. انهيءَ جنگ ۾ شاهہ بيگ ارغون جو ڀاءُ ابو محمد مرزا قتل ٿي ويو. مغلن شڪست کاڌي ۽ قنڌهار موٽي هليا ويا. جنهن کان پوءِ هن نيڪ بادشاهہ جي زماني ۾ وري سنڌ جو نالو ئي نہ ڪنيائون.

ڄام نظام الدين وڏي علم ۽ صلاحيت هرنديءَ ڪڏهن ڪڏهن شعر بہ چوندو هو. جيئن تہ پنهنجي نفس کي خطاب ڪندي فرمائي ٿو تہ:

ای آنکه ترا نظام الدين خوانند
تو مفتخری مرا چنين می خوانند
گر در ره دين ز تو خطائی افتد
شک نيست که کافر لعين می خوانند

ڄام نظام الدين جي همعصر بادشاهن مان سلطان حسين لنگاهہ ملتان جو حاڪم هو پنهي جي وچ ۾ ڏاڍي محبت ۽ مودت جو طريقو هو. هميشہ هڪ ٻئي ڏانهن سوکڙيون پاکڙيون موڪليندا رهندا هئا. ڄام نظام الدين 48 سال حڪومت ڪري 914هہ (1508ع) ۾ هن دنيا فاني مان وفات فرمائي ۽ کيس مڪلي تي دفن ڪيو ويو.

(معصومي – مقالات شعراء – تحف)

هڪ سال کان پوءِ مقبره تي سندس فرزند ڄام فيروز گنبذ ٺهرايو جنهن تي سنگ سرخ جو هيٺيون ڪتبو لکيل آهي.

قدبنى هذه القبة الرفيعة و المرقد المنيعه السطان الاعظم العدل الاقدم ناصرالحق و الدنيا و الدين ابوالفتح فيروز شاهه على لمرقد ابيه السطان نظام الدين بن السطان صدرالدين شاه، بن السطان ركن الدين المدفون فيها فى تاريخ سنة خمس عشر و تسعمائة.

يعني تہ هن بلند قبي ۽ عزت واري مقبري کي بادشاهہ وڏي عادل ۽ اڳوان سچ ۽ دين دنيا جي مددگار ابوالفتح فيروز شاهہ پنهنجي والد سلطان نظام الدين جي مقبري تي اڏايو جو پٽ آهي سلطان صدرالدين شاهہ ولد سلطان رڪن الدين، جو هن ۾ دفن ٿيل آهي. سال 915هہ ۾ هي قبو اڏايو

ڄام فيروز جي تخت نشيني کان ڄام نظام الدين وارو قائم ڪيل انتظام سلطنت جو بگڙجي پيو. گهرو جهيڙا ۽ لڙايون ۽ اختلاف بہ ٿيڻ لڳا، جنهن کان پوءِ مرزا شاهہ بيگ ارغون کي سنڌ تي چڙهائي جو موقعو ملي

ويو. چام گهراڻو ختم ٿيو ۽ ارغون خاندان جو سنڌ ۾ راڄ قائم ٿيو جنهن جو مختصر تفصيل مرزا شاهه بيگ ارغون جي احوال ۾ آيل آهي

# 303- شاهه عثمان فراش

مخدوم شاهه عثمان ولد محمد صديق مڪي. هن بزرگ جو والد شيخ محمد صديق مڪي مان هجرت ڪري سنڌ ۾ پهتو ۽ سياحت ڪندي بکر قلعي جي ٻاهران جتوئي قوم جي هڪ ڳوٺ ۾ پهتو. چون ٿا ته ڳوٺ جي مهانڊي نالي باگڙ خان جتوئي کي خواب ۾ اڳ ئي هن بزرگ جي آمد جي بشارت حاصل ٿي هئي ۽ جڏهن صديق مڪي اُتي پهتو ته باگڙ خان کيس سچائي ڏاڍي عزت ۽ احترام سان هن کي پاڻ وٽ رهايو. انهيءَ واهڻ جو نالو به باگڙجي رکيو ويو.

هن بزرگ اُتي رهي جتوئن جي معرفت شادي ڪئي، جنهن مان کيس به پٽ ڄاوا (1) شيخ حسن (2) مخدوم عثمان. هي پويون بزرگ 25 ربيع الاول سن 590هه ۾ تولد ٿيو ۽ پنهنجي والد جي تربيت ۾ رهيو.

مخدوم عثمان جڏهن سمجهه جي ڄمار کي پهتو تڏهن هڪ رات خواب ۾ ارشاد ٿيس ته مخدوم شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني جي خدمت ۾ پهچي پنهنجي امانت حاصل ڪر ۽ مولا جي طلب کي لڳي وڃ! جو هو بزرگ به تنهنجي انتظار ۾ آهي. مخدوم عثمان خواب مان بيدار ٿي، سواءِ ڪنهن سمر ڪٽڻ جي ملتان جي راهه ورتي. جڏهن شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني جي خدمت ۾ پهتو تڏهن نهايت شوق سان مرشد پنهنجي مريد سان ياڪر پائي مليو. بروقت ئي کيس تلقين ڏئي سهروردي طريقي ۾ مريد ڪيائينس.

مخدوم عثمان پنهنجي استاذ وٽ باطني علم سان گڏ ظاهري علم به پرائيندو رهيو. جئين ته تفسير، حديث، فقه، تصوف وغيره علومن جو وڏو عالم ٿيو. توحيد تجريد جي رازن ۽ رمزن مان به خوب پرايائين. برابر 8 سال مرشد ڪامل ۽ استاذ مڪمل جي خدمت ۾ رهي ظاهري ۽ باطني فيض مان مالامال ٿيو. مرشد جو پنهنجي مريد رشيد تي ايڏو راض هو جو طالب علمي

جي زماني ۾ ڪيس پنهنجو مصلو حوالي ڪري ڇڏيو هئائين. رات جو تهجد نماز لاءِ ڪيس اچي اٿاريندو هو ۽ صبح تائين گڏجي مراقبي ۽ ذڪر فڪر ۾ مشغول رهندا هئا. آخر انن سالن جي هم صحبتي کان پوءِ مخدوم عثمان کي سندس مرشد سگهوري "خرقہ خلافت" ڏيڪائي سنڌ ۾ ديني خدمت لاءِ روانو ڪيو.

جڏهن ملتان کان ٻاهر نڪرڻ جو ارادو ڪري روانو ٿيو تڏهن رستي ۾ حضرت بهاؤالدين زڪريا ملتاني، سندس مرشد جو فرزند مخدوم صدرالدين عارف ۽ ان جو فرزند ڪامل مخدوم رڪن الدين ابوالفتح ڪيس گڏيا. رڪن الدين ڏسي فرمايو تہ عثمان تنهنجي ٻاتي امانت اجا مون وٽ آهي، اها بہ وٺندو وڃ! پوءِ پنهنجي لب دهن مبارڪ مان ڪڍي شاهہ عثمان جي وات ۾ وڌائين.

شاهہ عثمان جو چوڻ آهي، انهيءَ لب جي چوسڻ کان پوءِ فرش کان عرش تائين تجلي الاهي جو سمورو راز کلندو رهيو.

آخر ملتان مان ڪهي اچي، پنهنجي اباڻي ڳوٺ باگڙجي پهتو جتي سوين سنڌي مسلمان اچي سندس ارادت ۽ اعتقاد ۾ داخل ٿيا ۽ روزانو سندس وعظ نصيحت ۽ هدايت مان فيض پرائڻ لڳا. مگر ڪجهہ وقت کان پوءِ جوٽيجا ۽ ٽيٻا قوم جي استدعا تي باگڙجي مان نقل مڪاني ڪري، انهيءَ تر ۾ فراشن جي ڳوٺ ۾ اچي رهيا ۽ آخر دم تائين اتي ئي رهي، ارشاد ۽ رشد جو سلسلو جاري رکندا آيا.

هن صاحب جون ڪيتريون ڪرامتون مشهور آهن. تانجو ماڻهو سندس مماتي واري حالت ۾ بہ سندس ڪرامتن جا قائل آهن.

چون ٿا تہ هڪ دفعي خانپور ڏانهن پنهنجي جماعت سميت ڪنهن مريد جي دعوت تي وڃي رهيو هو تہ رستي ۾ ٻہ هندو عورتون جي حُسن ۽ سونهن ۾ لاثاني هيون، شاهہ عثمان جي آڏو اچي لنگهيون. پاڻ ڏسي فرمايائون تہ سبحان الله هي تہ قدرت جي باغ جا ڪهڙا نہ سهڻا گل آهن! عورتن جي ڪنن تي درويش جو جڏهن اهو آواز پهتو تڏهن هڪدم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي پيون.

ٻي دفعي جو واقعو آهي تہ هڪ شخص اچي عرض ڪيو تہ منهنجي زال اولاد کان محروم آهي. دعا ڪريو تہ پٽ ڄمي ۽ اڪين کان بہ سڄي ٿئي. شاهہ عثمان اُنهي سوالي کي پاڻي تي پڙهي دم ڪري ڏنو جنهن مان هن شخص ڪجهہ پنهنجي زال کي پياريو ۽ ڪجهہ مان اڪين تي ڇنڊا هنيائين. الله تعاليٰ جي قدرت سان هو مائي اڪين کان سڄي ٿي پئي ۽ کيس هڪ حمل سان بہ جاڙا پٽ ڄاوا!!

شاهہ عثمان ڏاڍو سخي ۽ دريا دل درويش هوندو هو. خاص طرح رجب جو سمورو مهينو عام خلق کي تمام وڏي انداز ۾ کاڌو کارائيندو ۽ 27 رجب تي هڪ وڏي دعوت ڪندو هو جنهن ۾ جدا جدا نمونن جا طعام تيار ٿيندا هئا.

ايترين خوبين وارو هي خدا تعاليٰ جو ٻانهو رجب سن 663هہ ۾ 73 سالن جي ڄمار ۾ هن دنيا فاني مان وفات ڪري ويو. فراشن جي ڳوٺ ۾ ئي دفن ڪيو ويو. (رسالہ سوانح حيات شاهہ عثمان قلمي)

هن وقت اهو ڳوٺ تعلقي سکر ۾ آهي.

شاهہ عثمان جي اولاد تمام گهڻي انداز ۾ موجود آهي. جن کي پيرزادو ڪوٺيو ويندو آهي.

سرڪاري لکپڙهہ ۾ انهيءَ ديهہ جو نالو بہ شاهہ عثمان ديهہ آهي، جتي هندو يا مسلمان زميندار تماڪ جي پوک ادب ڪري بلڪل نہ پوکيندا آهن ۽ شاهہ عثمان جي اولاد مان پوءِ ڪٽي ڪهڙو بہ اڻ پڙهيل هجي تہ بہ هرگز تماڪ ڪونہ ڇڪيندا آهن.

## 304- مخدوم صدرالدين فراش

مخدوم صدرالدين ولد شاهہ عثمان فراشي – سلسلہ نسب ابولهب سان ملي ٿو. سندس ولادت شعبان 630هہ ۾ ٿي.، پنهنجي والد بزرگ شاهہ عثمان جي وفات کان پوءِ سندس جاءِ تي سجاده نشين ٿي رشد ارشاد ۽ خلق جي هدايت ۾ مشغول رهيو. هو ظاهري علمن جو بہ تمام وڏو عالم هو ۽ باطني

علوم جو وڏو فياض هو. ڪشف ڪرامت جو مالڪ هو. سوين سنڌي سندس فيض صحبت مان بهره ياب ٿيندا رهيا.

هن صاحب جي ڪرامتن مان هڪ واقعو آهي تہ پاڻ هڪ دفعي ڪنهن پير جي وڻ هيٺان ويٺا هئا تہ مٿان هڪ عورت پير تي چڙهي هن کي ڏوٽي رهي هئي. مخدوم صدرالدين مٿي ڏسي فرمايو تہ تون تہ مردن وانگي پير ڏوٽي رهي آهين. تنهنڪري تون مرد آهين. عورت اهي لفظ ٻڌي انڪار ڪندي چيو تہ نہ سائين مان زال آهيان. مخدوم صاحب فرمايو تہ نہ! تون مرد آهين. عورت پير تان لٿي تہ هو برابر مرد ٿي پئي. ولي خدا جي زبان مان نڪتل لفظ نہ گٿو. هن بزرگ جون پيون بہ ڪيتريون ڪرامتون آهن. جيڪي عام ماڻهن وٽ مشهور آهن.

ماه شوال 683هہ ۾ هن دنيا مان رحلت فرمايائين ۽ پنهنجي والد جي مقبري ۾ دفن ڪيو ويو.

(رسالہ سوانح حيات شاهہ عثمان فراشي، قلمي)

# 305- مولوي محمد صديق نورنگ پوٽو

محمد ولد مخدوم عبدالرحمان سنڌي سنڌ جي علمي ۽ صوفي خاندان مخدوم نورنگ جي اولاد مان هڪ مشهور عالم ۽ صوفي بزرگ هو. رواجي علمن جي سنڌ ۾ تحصيل ڪري، ان کان پوءِ بمبئي ۾ وڃي رهيو جتي هن خاندان جا ڪانياواڙي مريد بہ آهن. هي بزرگ پاڻ قادريہ طريقي پير سيد شهيدالدين عليہ الرحمة جهنڊي واري جو مريد هو. بمبئي ۾ علم جي اشاعت ۽ خصوصاً جهونن سنڌي ڪتابن جي ڇاپڻ لاءِ هڪ ڇاپخانو مطبع حسيني نالي قائم ڪيائين ۽ انهيءَ ڇاپخاني ۾ قرآن شريف جو سنڌي ترجمو ڪري، ان تي مفصل حاشيہ لکي 1295هہ ۾ پهرين ڇاپرايائين. اهو ترجمو قاضي عزيزالله متعلوي جي طرز تي تمام ٿورو ڦيرڦار تحت لفظ جهوني سنڌي ۾ آهي. ترجمو ايڏو مقبول پيو جو سندس حياتي ۾ وري دوباره 1312هہ ۾ سہ باره 1317۾ ڇپجي ظاهر ٿيو. هر هڪ دفعي هندستان جي علمائن ترجمہ لاءِ تقريظون ۽ تعريفون لکيون آهن جن مان

مصنف جي علمي عزت ۽ قابليت ۽ عام علماء جو ساڻس اعتقاد جو پتو پوي ٿو. حضرت استاذي حاجي حسن الله پاٽائي فرمائيندا هئا ته پاڻ جڏهن پهرين دفعي حرمين جي سفر تي بمبئي جي رستي کان 1293هه ۾ ويجي رهيا هئا تڏهن مولوي صديق انهي ترجمي جو ڪم ڪري رهيو هو ۽ حاجي صاحب تي ڏاڍي زور آنداٿين ته بمبئي ۾ رهي، ساڻس ان ڪم ۾ مدد ڪري، مگر پاڻ انڪار ڪيائون. چو ته سنڌ ۾ حاجي صاحب جي درس تدريس جو ڪم وڏي پئماني تي چالو هو. 1317هجري ۾ پوئين دفعي سندس حياتي ۾ جيڪو ترجمو شائع ٿيو ان تي مرزا منيرالدين نظامي جبلپوري جيڪا تقريظي نظم لکي آهي، سا هيٺ ڏجي ٿي ته يادگار طور قائم رهي.

ز مطلعش شده طالع چو ماه برکت خير
شده فروغ زهی صبح و شام سندھ
ز جود همت و فيض محمد صديق
پر است از می عيش و سرور جام سندھ
چو ديد حضرة ممدوح از نگاه کرم
ز قصد چرخ برين شد بلند بام سندھ
تمام سنده ز فضل و کمال خالی بود
نبود هيچ کس مطلع از نام سندھ
زهمتيکه ممدوح با خدا بخشيد
نمود بذل توجه سوئی نظام سندھ
ز خرج درهم و دينار کرد قرآن چاپ
بلند گشت ز فيض اش بدهر نام سندھ
برای مصرعه تاريخ او نظامی گفت
کلام پاک مترجم بحرف عام سندھ
1317

مولوي صديق نورنگ پوٽي، اٽڪل سال 1319 ڌاري هن دنيا مان وفات ڪري دارجاوداني ڏانهن لاڏاڻو فرمايو ۽ بمبئي ۾ ئي دفن ڪيو ويو.

## 306- قاضي عبدالرحيم شڪارپوري

سنڌ جو شمالي علائقو دهلي کان ڇڄي جڏهن قنڌهار جي ماتحت ٿيو انهيءَ زماني ۾ شاهه زمان بادشاهه ولد احمد شاهه ابدالي طرفان قاضي عبدالرحيم لودين شڪارپور جو قاضي صدرالصدور ۽ امين مقرر ٿي آيو. هو هڪ وڏي علم ۽ فضيلت جو مالڪ هو. انصاف ۽ عدالت سان شمالي سنڌ کي مالا مال ڪري ڇڏيو. شاهه زمان پاران سندن تقرري بابت. جيڪو پروانو صادر ٿيو ان جو اختصار هيٺئين ريت آهي:

آنکه بنا بر ظهور امانت و دیانت و حق شناسی سیادت پناه و فضیلت آگاه ملا عبدالرحیم لودین در اینوله برتبه امینی و محکمه الکار شکارپور سرفراز و ممتاز فرمودیم چنانچه باید و شاید از فضل و دانش او سزد و آید بلوا زم امر مزبور و مراسم شغل مذکور پرداخته همه اوقاف در محکمه شرعیه آنجا حاضر بوده در اجر الی المودات شرعی و مسئله تسعیر نرخ نامه وغیره، که در اتفاق افتد لازمه سعی نموده از قرار احکام کتاب و شریعت رسالت پناهی در انعقاد امورات قیام داشته باشند الخ 21 – شوال 1208هه

قاضي صاحب جي اخراجات لاءِ سرڪار پاران تنخواه مقرر ڪانه هئي، پر شڪارپور ۽ سندس ماتحت ڳوٺن تي سالاني اوڳڙ رکيل هئي، جا هندن مسلمانن کان سرڪار پاران وصول ڪري قاضي صاحب کي پهچائي ويندي هئي، جا ڪل رقم 333 آهي. اُن مان 70 روپيا شڪارپور جي هندن ۽ 70 رپيا مسلمانن کان ورتي ويندي هئي. قنڌهار پاران شڪارپور جي حاڪم سردار محمد خان مهر سان ان بابت به هڪ قبالو آهي، جنهن ۾ قاضي صاحب جي اخراجات لاءِ تجويز ڪيل آهي. اُن وقت شهر جو مکي

نٿومل هندو هو جنهن جا پڻ انهي اقرارنامي تي دستخط آهن. اهو قبالو 14 رمضان 1210هه ۾ تحرير ڪيو ويو آهي.

قاضي عبدالرحيم صاحب محڪمه شرعيه پاران جيڪي فرائض مقرر ڪيل هئا، تن ۾ مقدمن جو نبيرو ۽ هندن کان شرعي جزيو وٺڻ، اناج جا اگهه مقرر ڪرڻ، پنهنجن ڪارندن پاران تور ماپ جي نگراني ڪرڻ ۽ ٻيا ڪم هئا. جنهن ۾ شڪارپور جو شهر ۽ سندس گردنواحي امروٽ، باگڙجي ۽ سکر، لکي ۽ ٻيا شهر اچي وڃن ٿا. جن جو تفصيل هڪ قبالي ۾ ڏيکاريل آهي. سرڪار پاران سالانه امداد ڪانسواءِ قاضي صاحب کي گوسڙجي ۽ مرزا پور، امروٽ جون جاگيرون به سرڪار پاران امداد ٿيل هيون. اِهي سندس اولاد ۾ آخر تائين رهنديون آيون. مگر انگريزن جي راڄ ڪانپوءِ، سندن پيش نه ڪرڻ سبب، اهي ضبط ٿي ويون.

قاضي عبدالرحيم پنهنجي فيصلن جو هڪ مجموعه فتاوي جي صورت ۾ ڇڏي 9 شعبان 1245هه ۾ وفات فرمائي ويو ۽ شڪارپور ۾ دفن ٿيو. (ڪاغذات ڪتبخانه قاضي بهادر شاهه)

# 307- قاضي عبدالنبي شڪارپوري

عبدالنبي ولد سيد قاضي عبدالرحيم لودين. هن بزرگ جي ولادت شڪارپور سنڌ ۾ ٿي ۽ پنهنجي والد وٽ رواجي علومن جي تحصيل ڪري، وڏي ڪماليت ۽ فضيلت جو مالڪ ٿيو ۽ والد جي وفات کان پوءِ شهر شڪارپور ۽ سندس گرد نواح جو قاضي مقرر ٿيو ۽ بادشاهه محمود ولد شاهه زمان ابدالي قنڌهاري سندس مقرري جو پروانو موڪليو ۽ ان کان پوءِ شاهه شجاع الملڪ به سندس مقرري بحال رکي، مگر ان وچ ۾ افغانستان ۽ سنڌ جي بادشاهتن ۾ انگريزن جي اچڻ ڪري وڏو تفرقو پئجي ويو هو ۽ شجاع الملڪ قنڌهار جي تخت تان تڙجي ويو ۽ سنڌ مان مير رستم جي طاقت کي ختم ڪيو ويو. اهو سڀ ڪجهه قاضي عبدالنبي جي سامهون ٿيندو رهيو مگر ان هوندي به قاضي صاحب پنهننجي عهدي تي بحال رهيو. ڇاڪاڻ جو شروع ۾ انگريزن جي اهائي پاليسي هئي جو ملڪي معاملات

ڪي اصلي حالت تي هلائيندي، هوريان هوريان اُن ۾ ڦيرڦار ڪندا آيا. شڪارپور کي جڏهن ضلعو مقرر ڪيو ويو ۽ اُتي، لفٽيننٽ ڊگسن ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿي آيو تڏهن قاضي صاحب کي هڪ خط لکيو ويو جنهن جو اختصار هيٺين ريت آهي:

بنام فضليت پناه، شرافت دستگاه قاضی عبدالنبی مسرور باشند آنکه تمامی کاغذات بیع نامهائی و گروی نامهائی از معرفت مختیارکار شکارپور نزد شما خواهد رسید. باید که همگی کاغذات مذکوره در دفتر خود نگاه داشته باشند و بموجب دستور لوا زمانه حق بگیرند که حضور انور کاغذات صدر بایشان سپرد نموده است. درین باب قد غن رانند – 10 اپریل 1852ع.

انگريزن سنڌ تي 1843ع ۾ قبضو ڪيو. ان کان 9 سال پوءِ به اسلامي حڪومت وارن قاضين کي دستاويزن تي دستخط ڪرڻ ۽ مهر هڻڻ جا اختيارات هئا. ڪاغذ شروع ۾ اگرچه ڊپٽي ڪليڪٽر وٽ ويندا هئا، مگر تيستائين هو ڪارگر نه آهن، جيستائين قاضي عبدالنبي مهراڻو لوازمو حاصل ڪري متن دستخط نه ٿو ڪري.

قاضي عبدالنبي هڪ وڏو ديندار بزرگ هو. شهر ۾ سندس وقت ۾ نماز جي سخت پاٻندي هئي. ڪوبه مسلمان نماز نه پڙهندو هو ته ان کي تعذير ڏنو ويندو هو ۽ سندس شرعي فيصلي کي سڀ ڪو ماٺهو خوشي سان قبول ڪندو هو. شڪارپور ۾ هڪ مشهور پهاڪو هرندو هو ته "قاضي نبو شهر جو ابو."

هي صاحب فقه ۽ منطق جو وڏو عالم هو. بعض منطقي ڪتابن تي سندس حواشي به آهن. جن مان سندس علمي جلاليت جو قدر ڪري سگهجي ٿو.

هي بزرگ 15 صفر سن 1250هه ۾ هن دنيا جي ڏنڌن کان منهن موڙي، آخرت واري آرام ڏيندڙ حويلي ۾ وڃي آسودو ٿيو ۽ پنهنجي والد جي پهلو ۾ دفن ڪيو ويو.

# 308- قاضي محمود علام ٺٽوي

وقت جو وڏو عالم فاضل، عباسي خاندان جو چمڪندڙ فرد قاضي محمود علامہ مرزا عيسيٰ ۽ مرزا احمد باقي ترخان (922 کان 973هہ) جو همعصر ۽ مفتي هو. علمي فضيلت ۾ هڪ بي نظير فاضل ۽ قاضي نعمت الله ثاني علامہ عباسي جي سوٽاڻ مان هو. علم ۽ فضيلت هن خاندان ۾ موروثي آيل هئي. علامہ محمود ڪجهہ وقت ٺٽي ۾ پنهنجي خاندان مان علم حاصل ڪيو. ان کان پوءِ مولانا عبدالخالق گيلاني جو علامہ عبدالله يزدي منطقي جو برک شاگرد هو ان وٽ تحصيل ڪيائين. مولانا گيلاني قندهار مان بکر اچي مير معصوم وٽ رهيو. اتي درس ڏيندو رهيو. ان کان پوءِ ٺٽي ۾ اچي ميرڪ جي مڪان ۾ مقيم ٿيو ٺٽي جي وڏن وڏن فاضلن ڪانئن درس ورتو جن مان هڪ قاضي محمود بہ آهي.

مير معصوم قاضي صاحب جي تعريف ۾ لکي ٿو تہ:

”تعريف قاضي مذڪور محتاج بيان نيست، چہ بايد ڪرد ڪہ فضل مراتب دانش ايشان از تعريف و توصيف مستغني است“

(معصومي)

قاضي محمود جا ڪيترائي ڪتاب لکيل آهن جن مان تذڪرة الاولياء جن ۾ اڪثر سنڌ جي ولين جو ذڪر آهي. حاشيہ متين (نحو) حاشيہ زبده منطق ۽ ٻين درسي ڪتابن تي حاشيہ ۽ شرح آهن. (تحفة الڪرام)

مرزا عيسيٰ جي فوج جو قاضي ٿي گهڻوئي وقت ڪم ڪندو رهيو ۽ درس تدريس ۽ تصنيف جو بہ شغل جاري رکندو ايندو هو.

اگرچہ هو بزرگ پنهنجي علمي بلندي سبب شعر شاعري کان گهڻو بلند هو مگر ان هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن شاعري ڏانهن بہ توجہ فرمايو اٿس.

پيش لطف ايزدی تحصيل حاصل سعی ما است

امی را چوکند از علم خود صاحب کتاب

اگرچہ سندس تاريخ وفات جو تعين معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، مگر سندس معاصرن جي حالات مان ظاهر آهي تہ هو ڏهين صدي هجري جي رجالن مان آهي.

## 309- حبيب الله سنڌي نوشهرائي

موحد عالم فاضل حبيب الله سنڌي اصل تعلقہ نوشهري فيروز جي ڳوٺ ڪاهي جو رهاڪو سنڌ جي متياري شهر ۾ علم جي تحصيل ڪرڻ ڪان پوءِ مديني شريف هجرت ڪري وڃي مقيم ٿيو. اتي جي علماءِ ڪرام ڪان حديث جون سندون حاصل ڪيائين ۽ پڪو موحد ۽ بدعات جي بيخ ڪن ٿي رهيو. سندس ننڍو ڀاءُ قاضي عثمان محمد شاهہ بہ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ مديني شريف ۾ پنهنجي ڀاءُ سان اچي مليو جنهن پڻ محدثانہ ۽ موحدانہ رنگ سندس صحبت ۾ اختيار ڪري، ان ڪان پوءِ سنڌ ۾ واپس اچي رهيو. جنهن جو جدا ذڪر ڏنل آهي.

مرحوم حبيب الله مديني شريف ۾ ٿي وڏي ڄمار ڪي رسي وفات فرمائي. سندس وفات جو واقعو 16 رمضان المبارڪ سن 1238هہ ۾ ٿي گذريو. جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو. مدينہ منوره ۾ شيخ حبيب سنڌي جي نالي سان مشهور هو لاولد فوت ٿيو. سندس ڀاءُ قاضي عثمان جي اولاد مان سنڌ جو نامور حڪيم شمس الدين حيدرآباد ۾ ڪماليت جو مالڪ طبيب آهي.

## 310- ابوالعباس دائودي

ظاهري مذهب جو وڏو عالم فاضل، محدث ہجري جي ٽئي صدي بني عباس جي زماني ۾ منصوره سنڌ جو قاضي هو.

ظاهري مذهب ۾ هن جا تمام گهڻا ڪتاب لکيل آهن. سندس تذڪره ياقوت حمدي ۽ ٻين تاريخ جي ڪتابن ۾ آيل آهن. (البرهان دهلي)

# 311- ابن لاعرابي سنڌي

ابن الاعرابي بن زياد سنڌي هي اصل سنڌي غلام زادو آهي، جو ٻئي صدي هجري ۾ عباسين جي زماني ۾ سندس والد بصري ۾ رهيو. هو عربي لغت جو تمام وڏو عالم هو. وٽس هزارن ماڻهن عربي لغت سکي.

پروفيسر احمد امين مصري لکي ٿو تہ:

"كان ابن الاعربى علماء من العلامه اللغة و الادب و الشعر"

(ضحي الاسلام)

يعني تہ ابن الاعرابي لغت، ادب ۽ شعر جو هڪ وڏو جهنڊو هو، هن عربي لغت ۽ ادب ۾ ڪيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا ۽ وٽس تمام گهڻن ماڻهن شاگردي جو شرف حاصل ڪيو. جن مان ثقلب لغوي ۽ ابن السڪيت مشهور آهن. سندس تصنيفات مان ڪتاب فى السماء البئر و صفاتها، ڪتاب فى اسماء الخيل و انسا بها، ڪتاب الانواع وغيره.

(ضحي الاسلام)

# 312- مخدوم محمود فخرپوٽو ڪاهاني

ڏهين صدي جي زبردست عالمن مان مرزا شاهہ حسن ارغون جو معاصر هو. هو سنڌ مان طلب علم لاءِ هجرت ڪري، هرات خراسان ۾ شيخ الاسلام علامہ احمد تفتازاني جي صحبت ۾ وڃي رهيو ۽ اُتي علومن مان بهره ور ٿيو.

شيخ الاسلام جي شهيد ٿيڻ ڪانپوءِ هو وري سنڌ ۾ واپس اچي پنهنجي ڳوٺ ڪاهان ۾ رهيو.

مير معصوم لکي ٿو تہ:

"عالم ربانى بوده انتشار علوم در ديار سند از و شد و صاحب علم ظاهر و باطن بوده"

ظاهري علم سان باطني علم جي ڪماليت ۾ هرات مان ڪري موٽيو هو. رستي ۾ ايندي، هن ڪيترين ڪرامتون ظاهر ٿينديون رهيون. چون ٿا ته هن جي حضرت خضر عليه السلام (روحانيت) سان ملاقات ٿيندي رهندي هئي، تنهنڪري جيڪو به طالب علم وٽس پڙهيو، سو ارجمندي جي درجي تي پهتو. سنڌ ۾ هن جي وجود ڪري علم پکڙيو. سندس وڏن مشهور شاگردن مان قاضي ڏتو سيوستاني آهي. جو مرزا شاه حسن ارغون جو استاذ ۽ وڏو عالم هو. (معصومي)

# 313 - قاضي ڏتو سيوستاني

قاضي ڏتو ولد مخدوم شرف الدين ولد شيخ محمود سيوستاني، مولانا محمود هڪ وڏو عالم ۽ متقي فاضل نامدار روزگار ٿي گذريو هو. اهڙي طرح سندس فرزند شرف الدين مخدوم راهو جي لقب سان هڪ وڏو نامور بزرگ هو. سندس فرزند قاضي ڏتو سنڌ جو مرزا شاه حسن پاران قاضي القضات مقرر ٿيو هو. هن ڪيترن ئي فاضلن جي صحبت مان فيض پرايو.

ابتدائي علوم پنهنجي والد کان حاصل ڪري، ان کان پوءِ علامه عبدالعزيز ابهري ۽ مخدوم محمود فخرپوٽي کان علوم حاصل ڪيائين. حديث جو علم مخدوم بلال وٽ حاصل ڪيائين. هو فارسي عربي زبانن کان سواءِ ترڪي زبان جو وڏو ماهر هو. سندس والد مخدوم راهو هڪ وڏو صاحب حال ۽ قال هو. سندس وفات بعد، هن جي وصيت موجب سهروردي طريقي ۾ مخدوم بلال سان بيعت ڪئي هئائين. هن بزرگ اُنهيءَ زماني ۾ جڏهن ڪتاب بلڪل ناياب هوندا هئا. قرآن جا تفسير مطالعي مان ڪڍيا هئا. ڪن جو چوڻ آهي ته اجان به زياده تفسير سندس نظر مان گذريل هئا. هن جو حافظو ايڏو زبردست هو جو صفحن جا صفحا، ڪنهن به ڪتاب جا ياد پڙهندو ويندو هو.

مرزا شاه حسن ارغون سندس علميت تي عاشق هو جنهن ڪري وٽس ڪيترو وقت پڙهندو رهيو ۽ کيس پاڻ کان گهڻو ڪري جدا ئي نه

ڪندو هو. مرزا فرمائيندو هو تہ علامہ عمر جارالله زمحشري جيڏو وڏو عالم آهي. مرزا صاحب قاضي ڏتي جون تقريرون پنهنجي دسخط سان لکندو ويندو هو. مير محمد معصوم لکي ٿو تہ مان بہ علامہ قاضي صاحب جي خدمت مان درس ورتو آهي. مرزا شاهہ حسن ايڏو وڏو ادب ڪندو هو جو ڪيس استاذ يا مخدوم سان نہ سڏيندو هو ۽ ڏتي جي بجاءِ عثمان نالو رکيو هئائينس.

هو علم جفر ۾ بہ مشڪل علمن جو بہ وڏو عالم هو. سندس وفات جي مقرر تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي، پر سندس معاصرين مان معلوم ڪري سگهجي ٿو تہ هو ڏهين صدي جي وڏن عالمن مان ٿي گذريو آهي.

(معصومي، تحفة الڪرام)

## 314- مخدوم رڪن الدين ٺٽوي

مخدوم رڪن الدين مشهور مخدوم، سندس نسب جو سلسلو سيدنا ابوبڪر صديق سان وڃي ملي ٿو. هو هڪ وڏو عالم فاضل، عابد، زاهد جناب مخدوم بلال جي خليفن مان آهي. هميشہ عبادت، اطاعت ۽ وظيفن ۾ رهندو هو. تقوي ۽ طريقت جا طالبو هدايت جي راهہ جا پانڌيئڙا سندس مضبوط ارادتمندي ۾ ٻڌل هوندا هئا ۽ سندس سلوڪ تي سندس پروسو رهندو هو.

هو حديث جي علم جو وڏو عالم ۽ زماني جو يگانو فاضل هو. سندس طبع شريف جي نتيجن مان حديث جو ڪتاب شرح اربعين ۽ فقہ ۾ شرح ڪيداني ۽ ٻيا بہ ڪيترا رسالا مشهور آهن.

جنهن زماني ۾ همايون بادشاهہ سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيو هو تنهن زماني ۾ هن بزرگ وفات ڪئي. اهو سال 949 هجري هو. ٺٽي جي ڪوهہ مڪلي تي دفن ڪيو ويو. (معصومي)

## 315- مخدوم ميران ٺٽوي

مخدوم ميران ولد مولانا يعقوب، معقول ۽ منقول جي علمن جو جامع ۽ مرزا شاهہ حسن ارغون حاڪم سنڌ جو استاذ هو. هن درس مان تمام

# 317- سيد حسين شاهه مراد شيرازي ٺٽوي

وقت جو ولي ڪامل، عالم عامل، سيد حسين بن سيد احمد بن سيد محمد شيرازي ٺٽوي سندس ڏاڏو سيد محمد شيراز مان هجرت ڪري سنڌ ۾ وارد ٿيو. شجره نسب هن بزرگ جو هيٺين ريت آهي.

سيد حسين بن سيد احمد بن سيد محمد شيرازي بن سيد محمود (متوفي 694) بن سيد ابو سعيد ابراهيم مڪي ( متوفي 645) بن سيد قاسم مڪي (متوفي 620) بن سيد هارون ( متوفي 532) بن سيد عقيل (متوفي 512) بن سيد اسماعيل (متوفي 439) بن سيد علي (390) بن سيد جعفر ثاني (متوفي 271) بن امام حسن عسڪري بن امام نقي بن امام محمد تقي بن امام علي رضا بن امام موسيٰ ڪاظم بن امام جعفر صادق بن امام محمد باقر بن امام علي زين العابدين بن امام سيدنا حسين بن سيد علي ابن ابي طالب رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين.

سيد حسين صبح سج اڀرڻ ويل ٺٽي ۾ 12 ربيع الاول 831 هجري ۾ ڄام فتح خان سمه جي ايام حڪومت ۾ تولد ٿيو. قرة اعين جي فقره مان سندس ولادت جو سال حاصل ٿئي ٿو. جڏهن چئن سالن جي ڄمار کي پهتو تڏهن سندس والد مدرسه ۾ تعليم لاءِ ويهاريو مگر پهرين ڏينهن بسم الله ۽ الحمد لله جي پڙهڻ کان پوءِ وڌيڪ علمن حاصل ڪرڻ جي ضرورت ڪانه رهيس. هن مادرزاده عالم ۽ ولي تي سڀ ڪجهه ڪليل هو. ڏهن سالن جي ڄمار ۾ جامع مسجد ٺٽي جي ممبر تي قرآن ۽ حديث شريف مان وعظ فرمايائين، جنهن جو عام تي ڏاڍو اثر پيو. سيد حسين جي ولادت کان اڳ ۾ شيخ عيسيٰ ساموئي ۽ ٻين ڪيترن ڪاملن پيشنگويون ڪيون هيون. انهي پيشنگوئي جي بنياد تي ٺٽي جي مشهور عالم قاضي نعمت الله عباسي پنهنجي نياڻي سيد احمد کي پرڻائي ڏني هئي. سيد حسين اگرچه پويون فرزند هو مگر ڪشف ڪرامت ۽ علمي صلاحيت سبب هوئي سڀ ۾ وڌيڪ نامور ۽ عام ماڻهو جو مرجع بڻيو. سندس مجلس ۾ هميشه تفسير ۽ حديث جو ذڪر اذڪار رهندو هو. سنت جو ايڏو تابع هو جو حضور جن جي پيروي ۾ محلي واري مسجد ۾ هڪ صفو ٺهرايائين جتي هڪ الله جي

نقل آهي تہ سندن محلي واري مسجد سان لڳو لڳ هندن جو هڪ مندر يعني بت خانہ هو نماز جي وقت تي هندو پوڄاري گهنڊ گهڙيال وڄائيندا هئا، جنهنڪري نماز ۾ خلل پيدا ٿيندو هو جماعت جي مقتين سيد صاحب سان ان جي شڪايت ڪئي. پاڻ حڪم ڪيائون تہ انهيءَ جاءِ تان مندر بند ڪرايو وڃي. هيڏي سيد صاحب جو اهو حڪم نڪتو هوڏانهن وري ڄام نظام الدين کي مندر جي عبادت خانہ ۾ دست اندازي جي دانهن. ڄام صاحب پنهنجي خزانچي ديوان لڪسير ۽ پنهنجي پاٽيچي ۽ نائي ڄام مارڪ کي موڪليو تہ سيد صاحب کان وڃي تحقيقات ڪريو تہ ڇا ٿيو آهي ۽ جڏهن هي ٽئي صاحب خدمت ۾ حاضر ٿيا تڏهن ڄام مارڪ تي تہ ايترو اثر ٿيو جو هڪ نظر سان دنيا جي اسبابن کي ترڪ ڪري تارڪ دنيا ۽ صاحب دل بڻجي ويو. لڪسير خزانچي عرض ڪيو تہ هن مندر جي بدلي جاءِ ڏيو تہ اتي مندر اڏايو وڃي ۽ منهنجي پٽ کي دعا ڪريو تہ قيامت تائين سندس نالي قائم رهي. سيد صاحب اهي ٽئي ڳالهيون تيئن ڪيون. مندر لاءِ جدا زمين ڏني وئي ۽ لڪسير خزانچي جي پٽ مولي کي ناموري لاءِ دعا ڪئي وئي جو اڄ تائين مولي ٽڪيءَ جو محلہ نگر ۾ مشهور آهي.

ڄام مارڪ هڪ ڏينهن هڪ وڻ هيٺان ويٺو هو اتي ڏٺائين تہ سون جي نهر وهي رهي آهي، اٿيو جو تہ ان تي مٽي هارڻ لڳو. سيد صاحب کي جڏهن اها سڌ پئي تڏهن مارڪ جي بجاءِ سندس نالو الپو يعني بي طمع رکيائين. جو اڄ تائين انهيءَ نالي سان مشهور آهي. هڪ ڏينهن سيد صاحب مسجد صفہ ۾ دنيا جي فنائيت تي واعظ فرمائيندو رهيو:

فمن كان يرجوا لقاء ربه فليعمل عملاً صالحاً.

يعني جنهن کي الله جي ديدار جي اميد آهي تہ اهو ضرور نيڪ عمل ڪري ۽ الله جي بندگي ۾ ٻئي ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪري. ان آيت شريف جو تفسيل ڪري رهيا هئا تہ انهي ڏينهن تي تورو بخار ۽ مٿي جو سور ٿين، جو اهو ڏگهو ٿيندو رهيو. آخر پهرين ربيع الاول سن 893هہ ۾ سومر ڏينهن ظهر جي وقت هن دنيا فاني مان لاڏاڻو فرمائي، هميشہ واري

جهان ڏانهن سڌارجي ويا. ساجداً مخلصاًالله مان سندس وفات جو سال نڪري ٿو.

سندن وفات کان پوءِ ڪنهن ڪامل شخص ڪشف جي مالڪ خواب ڏٺو تہ رسول الله ﷺ مسجد ۾ ويٺا آهن. جتي سيد شيخ عبدالقادر جيلاني ۽ سيد حسين شاهہ مراد موجود هئا. پاڻ فرمايائون تہ هي منهنجي اولاد مان ڏاڍا چڱا ماڻهو آهن جو منهنجي سنت تي قائم رهندا آهن. مگر سيد حسين هر هڪ قول ۽ فعل ۾ منهنجي تابعداري ۾ سڀ کان وڌيڪ رهيو آهي.

سيد صاحب وفات کان پوءِ پنهنجي پوئتان 3 فرزند ڇڏيا. (1) سيد منصور (2) سيد نعمت الله (3) سيد حماد. سندن پٺيان سيد منصور گادي تي ويٺو ۽ سندس جنازه نماز بہ انهيءَ فرزندپڙهائي. سندس جنازي سان ايڏو انبوهہ خلق جو اچي شريڪ ٿيو جو ڪيترا هندو اها حالت ڏسي، اسلام جي دائري ۾ داخل ٿي ويا.

هن وقت انهيءَ شيرازي خاندان جا سادات ٺٽي ۾ موجود آهن. مگر هو عام طرح سنڌي سيدن وانگي شيعي مذهب ڏانهن لاڙو رکندڙ آهن. هوڏانهن هنن جا وڏا بزرگ مضبوط رنگ ۾ اهل سنت جماعت جا پيرو هئا. جيئن جو سيد شاهہ مراد جي مفلوظات ۾ آهي، جو پاڻ عقيدي بابت فرمائين ٿا: ياران او ﷺ بزرگواران امت اند. چهار يار با صفائی وی فاضل ترين از ديگران – بعد از ايشان عشره مبشره، بعد ازان اهل بدر، بعد ازيشان اهل اُحد وغيره. خليفہ اول ابوبكر صديق، بعد وي عمر، بعد وي عثمان، بعد از وي علي مرتضيٰ رح. (معارف الانوار)

هن جو محي الدين ابن عربي ۽ ٻين صوفين وانگر هي بہ عقيدو هو تہ الله تعاليٰ ڪافر کي بہ معاف ڪري سگهي ٿو جيئن تہ سندس مقولو آهي تہ:

"پروردگار تعاليٰ كفر را به بندگان به بخشد"

(معارف الانوار از محمد صالح بن زكريا ٺٽوي)

## 318- سيد جلال شيرازي ٺٽوي

عابد زاهد فاضل سيد جلال بن سيد علي بن سيد احمد شيرازي ٺٽوي سيد محمد حسين شاهه مراد قطب وقت جو پائيٽو. جڏهن سندس تولد ٿيو تہ سيد علي پنهنجي پاءُ سيد حسين وٽ هي ڳپور کڻي حاضر ٿيو. سيد صاحب دعا فرمائي تہ هي نينگرو وڏو نامور ٿيندو ۽ اُن جي اولاد وري ڪاٺونس بہ وڏي نالي واري ٿيندي.

سيد جلال شروع جواني جو زمانو ديني علوم ۾ خرچ ڪيو. تفسير ۽ حديث ۾ وڏي مهارت پيدا ڪيائين. اڳتي هلي زهد ۽ رياضت ۾ ايڏو ڪمال حاصل ڪيائين، جو تارڪ دنيا ٿي، فقط ياد خدا ۾ لڳو رهيو. سندس اولاد مان سيد علي شيرازي ثاني، ايڏو نامور ٿيو جو سمورو ملڪ هن جي فيض ۽ ظاهري ۽ باطني سخا سان معمور ۽ پرپور ٿي ريو.

سيد جلال 66 سالن جي ڄمار کي پهچي سال 903هہ ۾ هن دارفاني مان رحلت فرمائي، دارجاوداني ۾ وڃي آراميو. فقره "جعلنا للمتقين اماما" مان سندس تاريخ جو سال حاصل ٿئي ٿو.

(معارف الانوار)

## 319- سيد منصور بن سيد حسين ٺٽوي

سيد منصور بن قطب الوقت سيد حسين شاهہ مراد شيرازي ٺٽوي پنهنجي والد بزرگ جي وفات کانپوءِ سندس جنازه نماز ادا ڪرائڻ کان پوءِ، جماعت جي اتفاق سان سجاده نشين ٿيو. هو وڏو عالم عامل ۽ ولي ڪامل هو. هر هفتي جامع مسجد ٺٽي ۾ قرآن شريف جو شروع کان وٺي ترجمو ۽ تفسير بيان ڪندي، آخر وڃي والناس تائين پهچائيندو هو ۽ ان ۾ ڪيترو بہ وقت خرچ ٿئي، ان کان پوءِ وري مُنڍ کان قرآن جو ترجمو جماعت کي شروع ڪرائيندو هو. گهڻو ڪري صائم الدهر ۽ چادر جي جهنڊ ۾ رهندو هو. نماز جو ايڏو پاءِ بند هو جو ڪڏهن بہ جماعت کانسواءِ نماز نہ ڇڏيائين. پنهنجي والد جي نقش قدم تي بيحد مضبوط رهيو. سنڌ جي عادل بادشاهہ ڄام نظام الدين جڏهن سن 914هہ ۾ وفات فرمائي تہ سندس نماز جنازه بہ

سيد منصور کان ادا ڪرائي وئي. جو وقت جو وڏو متقي ۽ پرهيزگار هو. 80 ورهين جي ڄمار ڪري رسي 15 رجب المرجب سن 968هه ۾ هن جهان مان برقعو مٽائي، هميشه واري وطن ڏانهن راهي ٿيو. پنهنجي والد بزرگوار جي مقبري جي لڳ دفن ڪيو ويو.

"عند مليڪ مقتدر" مان سندس وفات جو سال ملي ٿو.

(معارف الانوار)

## 320- شيخ اليونٿوي

سندس اصلي نالو ڄام مرگهه (مرگهه بمعنيٰ هرڻ) سنڌ جي عادل بادشاهه ڄام نظام الدين خان سمه جو نائي ۽ پاڻيهجو هڪ وڏو امير. سيد حسين شيرازي جي فيض يافتن مان آهي. نقل آهي ته سيد صاحب جي مسجد لڳ هندن جو مندر هو جنهن جي گهنڊن گهڙيالن وڄڻ سبب نمازين جي هڪ خيالي ۾ خلل پوندو هو. سيد صاحب انهيءَ مندر کي اتان ڪڍائڻ جو حڪم ڪيو. جنهن تي هندن ڄام نظام الدين عرف ننده جي دربار ۾ دانهن ڏني. اصل معاملي جي تحقيقات لاءِ ڄام صاحب ماڻهن کي سيد صاحب ڏانهن روانو ڪيو تن ۾ ڄام مارڪ به هو. خدمت ۾ پهچڻ کان پوءِ هڪ ئي توجهه سان تارڪ الدنيا بنجي هميشه لاءِ سيد صاحب جي خدمت ۾ رهجي ويو. چون ٿا ته هڪ دفعي پيشاب ڪندي، پنهنجي اڳيان سون جي راهي وهندي ڏٺائين، جنهن تي مٽي ۽ پٿر وجهي هن کي پورڻ لڳو. جڏهن سندس مرشد کي اها سڌ پئي، تڏهن ڪيس اُليو جو لقب ڏنائون. يعني الويو. لوڀ کان سواءِ بي طمع. ان کان پوءِ اچ تائين انهيءَ لقب سان مشهور آهي.

سندس مقولو آهي ته هڪ دفعي قبرن وارن کان پڇيم ته اوهين ڪڏهن ٿا اُٿو؟

جواب ڏنائون جڏهن تون اسان وٽ ايندين. فقط تنهنجو انتظار ڪريون ٿا.

هڪ دفعي حضور ﷺ جو خواب ۾ ديدار ٿيس. فرمايائونس تون اسان کي پيارو آهين. عرض ڪيائين، سائين ڪهڙن لڇڻن ڪري؟ فرمان ٿيس ته تو منهنجي سنت جي تابعداري ڪئي آهي، بزرگن جو ادب ڪندو

آهين، اهل بيتؑ سان محبت رکندو آهين، تنهن ڪري توکي اهو درجو مليو آهي.

هڪ دفعي سيدنا عليؓ کي خواب ۾ عرض ڪيائين تہ مون کي نصيحت ڪريو.

فرمايائينس تہ دولت مندن جي درويشن سان مهرباني ۽ شفقت ڏاڍي سهڻي آهي، جنهن ڪري بنا لالچ، ثواب خاطر ڪندا رهن. پر درويشن کي اميرن کان الله ڪارڻ بيپرواهہ رهڻ اُن کان بہ ڀلو آهي.

هي امير درويش ابدال 63 سالن جي ڄمار کي پهچي، پنهنجي مرشد جي حياتي ۾ هن دنيا فاني مان پهرين ذي الحج سن 885هہ ۾ رحلت فرمائي ويو. سندس مقبرو هن وقت ٺٽي جي ٻاهرئين ناڪي جي لڳ آهي. سندس مرشد ۽ ان جو جاءِ نشين اولاد هميشہ هن درويش جي مقبري تي وقت بہ وقت ختمو چوڻ لاءِ ايندا هئا. ڪان خالصا الله مان سندس وفات جو سال حاصل ٿئي ٿو. 885 (معاف الانوار)

## 321- شيخ حسين صفائي ٺٽوي

عارف ڪامل تارڪ دنيا، شيخ حسين ٺٽوي، سيد حسين شاهہ مراد جي خادمن ۽ خليفن مان آهي. اصل ۾ هن جي والده سيد صاحب جي جاءِ تي ڪم ڪار ڪندي هئي ۽ هي ننڍڙو ماءُ جي پوئتان هوندو هو. هڪ دفعي سندس ماتا سيد صاحب کي عرض ڪيو تہ منهنجي پٽ کي پنهنجي ڪوزي مان پاڻي ڏيڪ پياريو ۽ دعا ڪريوس تہ صالحن مان ٿئي.

پاڻ پاڻي چرون پياري دعا فرمايائونس، پوءِ تہ جو ڪجهہ ٿيڻ وارو هو تنهن راهہ تي هلڻ لڳو. سموري ڄمار سيد صاحب جي نماز ۽ وضو لاءِ ڪوزو ۽ مصلو سنڀاليندو هو جڏهن مصلو پراڻو ٿيندو هو تہ اُن جون ٽوپيون ٺاهي پائيندو هو. سيد صاحب سان ايڏي معيت رهيس جو هڪ دفعي فرمايائونس تہ حسين فقير هن جهان ۽ ٻئي جهان ۾ اسان سان گڏ هوندو.

هڪ دفعي احمد آباد جو هڪ درويش ڪيس پارس پٿر يا اڪسير آڻي ڏنو تہ هن مان گذر سفر ڪندو رهي، مگر پوءِ جڏهن 12 مهينن بعد ساڳيو درويش، ٺٽي موٽي آيو تہ حسين فقير اهو پٿر آڻي ڪيس واپس ڏنو ۽

چيو تہ مون کي الله ۽ سندس رسول ڪافي آهن. هنن شين جي ڪا ضرورت ڪانہ آهي. هي پنهنجي امانت واپس ورائي وٺي وڃو.

هو ايڏو لاطمع ڪامل هو جو هڪ دفعي مرزا شاهہ حسين ارغون سنڌ جو حاڪم بہ سندس ملاقات لاءِ لنگهي آيو ۽ فائدو پرائي واپس ويو. هن ڪامل درويش سن 931هہ ۾ پنهنجي مرشد جني وفات کان گهڻو پوءِ وفات ڪئي. "هو خير وابقيٰ" مان سندس سال وفات نڪري ٿو.

(معارف الانوار)

# 322- سيد علي ثاني ٺٽوي

حافظ حاجي عامل ڪالم سخي متقي سيد علي بن سيد جلال بن سيد علي بن سيد احمد ٺٽوي شيرازي، سيد حسين شاهہ مراد جو پائيٽو. پنهنجي چاچي ولي ڪامل سيد حسين جي حياتي ۾ تولد ٿيو. جڏهن سندس والد پنهنجي پاءُ سيد صاحب کان ٻارڙي لاءِ دعا گهرائي تہ سنڌي زبان ۾ فرمايائين تہ "او پائي ڏئيس وڏي ڄمار" يعني تہ منهجا پاءُ الله تعاليٰ کيس وڏي حياتي بخشيندو. ننڍي ۾ ئي شروع علم حاصل ڪيائين ۽ خانداني ورد وظيفا پنهنجي چاچي ۽ والد کان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ٺٽي جي مشهور مجذوب فقير آجي جو معتقد ٿي رهيو جنهن وٽان گهڻو ڪجهہ فيض حاصل ڪيائين. فقير آجي جي وفات کان پوءِ مخدوم نوح عليہ الرحمت جو معتقد ۽ مريد ٿي رهيو. هن ڪيترائي دفعا حج جو سفر ڪيو ۽ حرمين شريفين ۾ عرب عجم جا ڪيترائي ماڻهو سندس مريد ۽ معتقد ٿيا. هن وٽان حج جي سفر ۾ ايتريون گهڻيون ڪرامتون ظاهر ٿينديون رهيون، جنهن جو شمار ڪري نہ ٿو سگهجي.

معارف الانوار ۾ لکي ٿو تہ:

کراماتی که از سید علی ثانی بظهور پیوسته اند اگر بیان آن کرده شود مجموعه علاحده کرده شود.

هو تمام بيحد صاحب سخاوت جو هو. جيڪي بہ وٽس ايندو هو سو سڀ لٽائي ڇڏيندو هو. مڪلي تي هڪ عاليشان گنبذ اڏايائين، جنهن

جي تاريخ فقره "بحر ڪرم بحر ڪرم" مان نڪري ٿي. هڪ مسجد بـ
940
بينظير پنهنجي خرچ سان اڏايائين.

ترخان گهراڻي جي راڄ جو زمانو هو. مرزا محمد صالح ولد مرزا عيسيٰ خان ترخان پنهنجي نياڻي سيد علي جي فرزند سيد جلال ثاني جي نڪاح ۾ ڏني هئي، جنهن ڪري شاهي خاندان سان سندس رشتيداري وارو تعلق پڻ هو. مرزا محمد باقي جهڙو بيدرد خوني بادشاهہ سندس ڏاڍو معتقد ۽ محتاج رهندو هو. مڪلي جي پهاڙي تي شيخ پرڪي مجذوب جو بيديني جا ڪم شروع ڪيا هئا ۽ ڪيس استدراج يا ڪرامتن ڪري ايڏي طاقت پيدا ٿيل هئي جو خود مرزا محمد باقي حيران رهجي ويو. ان جي مصيبت کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ پڻ مرزا صاحب سيد علي شيرازي ڏانهن رجوع ڪيو هو جنهن جو بيان شيخ پرڪي جي ذڪر ۾ آيل آهي.

سيد صاحب مخدوم نوح کي گهرائڻ لاءِ جيڪو خط لکيو ان ۾ پنهنجي متعلق هيٺيان الفاظ لکيا هئائين.

هي خط آهي پاران، "سيد علی شيرازی حافظ القرآن، حاجی حرمين شريفين، عالم عامل متقی. صاحب المروة والحيات منبع الجود و الکرم و السخا، احسن الخلق، اهل الرشد و الارشاد و الورع و السداد اصلح الله شانه و عز برهانه.

سيد صاحب کان پڇيو ويو تہ پنهنجي واڪاڻ پاڻ لکڻ تہ شرعاً ناجائز آهي اوهان هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ فرمايائين تہ عملن جو بدلو نيت تي آهي "انما الاعمال بالنيات" هن عبارت لکڻ مان منهنجي هي نيت آهي تہ جڏهن مخدوم صاحب هي لفظ پاڻ پڙهي يا ٻڌي ۽ زبان سان اوچاري تہ الله تعاليٰ ضرور اهي قبول ڪندو ۽ آءُ سچ پچ انهن لفظن جي ڪامل زبان کان نڪرڻ بعد حقدار ٿي پوندس. مخدوم صاحب جڏهن ٺٽي جي ٻاهران ٻيڙي ۾ پهتو تہ نماز ظهر جي ادا ڪرڻ لاءِ ٻيڙي کان ٻاهر نڪتو تڏهن سندن هٿ هڪ وڻ جي جهت سان وڃي ڇهيو. پاڻ فرمايائون تہ اسان جي مسجد ۾ تہ

وڻ ۽ جهنڊون ڪونہ آهن هي ڇا آهي. جواب ۾ عرض ڪيو ويو تہ اوهان سيدن جي سردار ۽ برڪتن جي چشمہ ڪامل ولي سيدعلي شيرازي جو سخي – رضي عالم متقي، حاجي ۽ مشاهدي جو مالڪ آهي، ان جي دعوت تي ٿٽي ڏانهن اچي رهيا آهيو ۽ دريا جي ڪناري، جو جهنگل ۽ جهاڙيون آهن.

جڏهن ٺٽي پهتا تڏهن سيد علي سندس حلقہ ارادت ۾ آيو ۽ پرڪي ڪي ٺٽي ڪان دفع ڪرايو ويو.

(دليل الذاڪرين – تحفہ – معارف الانوار)

شيخ رضائي سنڌي مثنوي سسئي پنهونءَ ۾ لکيو آهي تہ علي شيرازي لس بيلي ڏانهن سسئي جي قبر ڏسڻ ۽ ڪشف جي رنگ ۾ سندن حالات جاچڻ لاءِ سفر ڪيو هو جتي هن ڪي بنهي زال مڙس يا عاشق معشوق سان روحاني ملاقات ٿي، رضائي شاعران ملاقات جو تفصيل بہ آندو آهي.

سيد علي عربي جو هڪ وڏو عالم هو هن حرمين جي مريدن لاءِ عربي زبان ۾ هڪ رسالہ آداب المريدين لکيو آهي. جنهن جو سال تصنيف 954 هجري آهي.

مير معصوم لکي ٿو تہ: سيد مان علي علم ۽ هنر ۽ سخاوت ۾ ڪمال جو مالڪ هو. هر سال ربيع الاول جي شروع ۾ 12 ڏينهن تمام گهڻا ڪاڏا ۽ طعام تيار ڪرائي فقيرن ۽ درويشن کي کارائيندو هو ۽ سيد المرسلين صلي الله عليہ وسلم جي روح جي خوشنودي لاءِ ائين ڪندو هو. مڪلي جي مزارن تي سماع جون مجلسون ڪرائيندو هو. سندس هي حالت هئي جو قاضين ۽ مفتين ۽ ڪوتوال جي منع هوندي بہ سماع ڪان نہ رڪبو هو.

مير معصوم سنڌ وارن جي سماع جي ڪيفيت هن ريت لکي آهي تہ ڪجهہ ماڻهو پاڻ ۾ گڏ ٿي سنڌي زبان ۾ بلند آواز سان سر ملائي ڏوهڙا چوندا آهن، جنهن کي سماع چوندا آهن. سماع هلندي ڪن کي خاص حالت پيدا ٿي ويندي آهي، جنهن ڪان پوءِ گهوڙي وانگي ميدان ڪندا آهن ۽ مست ٿي پوندا آهن، پوءِ هڪ ٻئي جي چيلهہ ۾ هٿ وجهي مضبوط جهلي بيهندا آهن ۽ نچندا

آهن ۽ سندن واتن مان آواز بلند ٿيندو رهندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن 2 سو يا 3 سو ماڻهو بہ گڏجي سماع ڪندا آهن، جنهن ڪري هڪ عجيب قسم جو آواز ميل يا ٻن تي پهچندو رهندو آهي. (معصومي)

سيد علي شيرازي ايترين ڪماليتن هوندي ڪڏهن ڪڏهن فارسي يا سنڌي زبان ۾ شعر بہ فرمائيندو هو. مير قانع سيدمحمد منعم ٺٽوي کان نقل آندو آهي. هن فرمايو تہ هڪ دفعي سيد عبدالڪريم بلڙي واري پنهنجي استاذ مخدوم نوح هالائي ڏانهن سنڌي ۾ بہ ڏوهڙا ڳجهارت طور روانا ڪيا هئا تہ ان جي معنيٰ سمجهائي موڪلي، جڏهن اهي بيت سيد علي جي نظر آيا تڏهن ٻنهي ڏوهڙن جي هيٺين هڪ فارسي شعر ۾ معنيٰ ادا ڪري، ٻنهي ڏرين جي خاطر ڪيائين. اهو شعر هي آهي:

جان بجانان ده وگر نه از تو بستاند اجل
خود تو منصف باش ای دل این فکر یا آن مگو

پڇاڙي جمار ۾ هڪ دفعو وري حرمين شريفين جي زيارت جو ارادو ڪيائين، مگر سندس مريدن ۽ جماعت سخت انڪار ڪيو. انهيءَ اجتماع ۾ پاڻ هيٺيان ڏهيڙا پڙهيائين.

سرتيون سانگ سکن جو مون کي رويو رهائين
آءٌ تي هلان هوت هوئي واريون وهارين
ورتيون ورن سين ويئيون گهر گهارين
تپندا ٿيون ڪارين، ڪانہ هلي تي ڪيچ ڏي

اهي ڏوهيڙا چئي پاڻ بہ وجد ۾ آيو ۽ انبوه تي بہ سماع جي حالت طاهري ٿي وئي. پوءِ تہ روج راڙو هو. ان مجلس کان پوءِ پاڻ ستت ئي ٿورا بيمار ٿي پيا ۽ 90 ورهين جي جمار ۾ هن دنيا فاني مان رحلت ڪري آخرت ڏانهن آراميل سفر اختيار ڪيائون. (معارف الانوار)

معارف الانوار ۾ سندس وفات جي تاريخ جو فقره ماتم حاتم الجودي
992

لکيو آهي. مير محمد معصوم معصومي ۾ فات الحاتم بجوده آندو آهي.
971

جامع اوراق سيد مرحوم جي تصنيف ٿيل ڪتاب آداب المريدين جي پڇاڙي ۾ هيٺيون فقره ڏنو فاتح الحاتم بجوده هن مان معارف الانوار واري

979

تاريخ گهٽي حد تائين غير صحيح آهي، باقي مير معصوم ۽ آداب المريدين وارن فقرن جي حساب ۾ 7 سالن جو فرق ٿئي ٿو جنهن مان وري بہ معنيٰ جي لحاظ کان مير معصوم وارو ڏنل فقره صحيح نظر اچي ٿو. مير قانع تحفة الڪرام ۾ سيد صاحب جي وفات بابت لکي ٿو تہ "در سال نهصد و هفتاد و يک (971) در گشته" ان مان پڻ معصومي جي تائيد ٿئي ٿي.*

محمد صالح ٺٽوي سيد صاحب جي مرثيہ ۾ لکي ٿو تہ:

آن ولی کشور ولایت برهان ممالک هدایت
صاحبدل عارف محقق بیدار دل ولی مطلق
سید علی آن بفضل ممتاز سر دفتر سیدان شیراز
گلدسته بوستان طه فرخ ثمره زنخل زهری
کشاف دقائق معانی داناء حقائق نهانی
مرادت جمال اسم اعظم بیناء رموز هر دو عالم
میداد همه بتازگی روء هرگز نفگند چین برابروء
احوال صفا زهر دیاری حلان وفا زهر کفاری
هفتا دو یک سنین نهصد بگذشت ز هجرت محمد
کو رفت زین سراء فانی بربست بملک جاودانی
آسوده بخوشترین مزاری مانند بهشت مرغزاری

—الخ (معارف الانوار)

---

* اهو مخدوم عبدالرحيم هڪوٽ عالمي واري جي جهوني ڪتبخاني ۾ قلمي نظر مان گذريو جو تازو اڙي تعلقو ميرپوربٺوري جي سفر ۾ 17 - ڊسمبر 1947ع جي اتي ويجهو ٽيو هو (وفائي)

# 323- ميون عبدالرحيم ڪوٽ عالمو

ميون عبدالرحيم بن دين محمد عباسي ساڪن ڪوٽ عالمو (ڪوٽ عالمو هن وقت ضلع ڪراچي جي ميرپور بٺوري تعلقي ۾ آهي. چون ٿا تہ اهو ڳوٺ هميشہ دريا ٻوڙيندو رهيو آهي ۽ هاڻوڪو ڳوٺ پنجون دفعو ٻڌو آهي).

مئين عبدالرحيم جا وڏا فقير ۽ ڪجهہ علم وارا هئا. هي بزرگ ئي پهريون فرد آهي جو انهيءَ خاندان ۾ وڏي علم ۽ ڪماليت جو مالڪ ٿيو. ميون پنهنجي دستخط لکيو پنهنجي ولادت جو سال هيٺين ريت:

"ولادت فقير 1238 تخمينا" هو شروع ۾ حاجي محمد هاشم چانگائي وٽ ابتدائي ڪتاب پڙهيو ان کان پوءِ متيارين ۾ مخدوم حاجي عبدالڪريم مهاجر متعلوي جي مدرسي ۾ شريڪ ٿيو. انهيءَ زماني ۾ ميون عبدالرحيم سومرو (ڪتي) نئوي مخدوم مهاجر جي مدرسي مان فارغ ٿي نئي ڏانهن اچي رهيو هو استاذ صاحب مئين عبدالرحيم عباسي جي ٻانهن پنهنجي هن ٻئي عبدالرحيم عالم فاضل جي حوالي ڪندي ارشاد ڪندي فرمايو تہ هن شاگرد کي پوري سنڀال سان پڙهائجو. نئي ۾ رهي هن بزرگ سمورا ڪتاب ختم ڪيا ۽ فتويٰ نويسي ۽ تحريرات جو ڪم بہ سکيو. ان کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ڪوٽ عالمي ۾ اچي مدرسو قائم ڪيائين. نئي ۾ رهڻ وارن ڏينهن ۾ هن صاحب خواجہ حاجي عبدالباقي مجددي بن خواجہ صفي الله مجددي حدودي واري بزرگ سان نقشبندي طريقي ۾ بيعت پڻ ڪئي. هو ڏاڍو صاحب تقويٰ جو ۽ گهڻو پرهيزگار انسان هو. ماڻهن جي وٽس تمام گهڻي رجوعات هئي پر ڪنهن کان ڪڏهن بہ سوال نہ ڪيائين. ڪشف القبور جي ڪيفيت مٿس طاري هئي جنهن ڪري هو مماتي وارن سان وروهون بہ ڪندو هو. شرعي نموني ۾ عام ماڻهن جا فيصلا وٽس ايندا هئا. هن ٽالپرن جو زمانو پنهنجي جواني جي وقت ۾ ڏٺو ۽ ٽالپرن جو عهد حڪومت ختم ٿيندي بہ اکين سان ڏٺائين. سندس بياض ۾ سندس دستخط هي لفظ لکيل نظر آيا. اختتام حڪومت ٽالپر ماه محرم 1259 يعني تہ ٽالپرن جي حڪومت ختم ٿيڻ وقت مئين عبدالرحيم جي عمر 21 سالن

ڪي پهتل هئي. سنڌي لکپڙهہ جو رواج بہ ان وقت ڄالو ٿي رهيو هو. پاڻ بہ ڪي خط سنڌي زبان جهوني سنڌي صورت خطي ۾ لکيا اٿس جي نظر مان گذريا آهن.

هو صاحب مطالع جو ڏاڍو شوقين هو جنهن ڪري تمام وڏو ڪتب خانو جمع ڪيو هئائين. قلمي ڪتابن جي ذخيري ڪان سواءِ سندس پوئين زماني تائين جيڪي ڪتاب بمبئي يا مصر ۾ ڇپندا رهيا سي وٽس موجود ٿيندا رهيا. هن وقت تائين ڪنهن حد تائين سندس ڪتب خانو موجود آهي. هو بيحد خوشخط ۽ صاف نويس آهي. بعض تحريرن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو حنفي مذهب هوندي بہ واهڻن ۾ جمع پڙهڻ جو قائل آهي. آخر ظهر کي غير ضروري سمجهي ٿو. يعني تہ واهڻن ۾ جمع ڪان ڪيترن حنفي عالمن جي فتويٰ آهي. ظهر جون چار رڪعتون فرض بہ پڙهڻ گهرجن. مگر ميون عبدالرحيم ان جو قائل ڪونہ هو. مگر ان لاءِ هي شرط وجهي، ان لاءِ قاضي اجازت ڏئي. جيئن تہ هڪ تحرير جي آخر ۾ لکي ٿو تہ:

"پس بنا براين فتوی اگر در کوهستان جمع و عيد باذن قاضی ادا کرده شود جائز است"

ايترين خوبين وارو بزرگ 10 شوال المڪرم 1202 ۾ هن دنيا فاني جي مطالعي ڪان چشم بند ڪري وڃي ملاءِ اعليٰ جي مطالع ۾ مشغول ٿيو.

## 324- حيدر ڪلوچ پاٽائي

حيدر ڪلوچ هڪ مشهور شاعر آهي. "ديوان" جو مالڪ آهي. هو سنڌ ۾ اچي رهيو. سندس دفن جي جاءِ پاٽ آهي. سندس هڪ غزل جو هيٺيون مطلع آهي:

دلا مجنون صفت خود را خلاص از قيد عالم کن
ره صحرای محنت گير ورد در وادئی غم کن

(معصومي)

مرزا اصام صفوي طهراني لکي ٿو تہ:

حيدر ڪليجہ پڻ هراتي آهي. پهرين زماني ۾ ڪليچہ يعني منڊيين پچائڻ جو ڪم ڪندو هو ان ڪان پوءِ شاعري ڏانهن لاڙو ڪيائين. مگر هو اڻ پڙهيل هو. تنهنڪري گهڻو ڪري پنهنجي شعر کي بہ پورو نہ سمجهي سگهندو هو. سندس شعر ڏهن هزارن بيتن کي وڃي پهچن ٿا. قصيدا، غزل وغيره گهڻائي چيا اٿس. سندس غزل ٻين شعرن کان گهڻو بهتر آهي. هو هڪ فقير تن ماڻهو ۽ درويش صفت ماڻهو هو. ڪڏهن ڪڏهن واپار جي سانگي سنڌ ڏانهن هليو ايندو هو. ان مان وقت گذاريندو هو. ڪنهن ۾ طمع نہ رکندو هو. (تحفہ سامي)

ڪلوچ، ڪليچہ، ڪليچ، انهن ٽنهي لقبن سان مشهور آهي، مگر حقيقت ۾ اهو لفظ ڪلوچ آهي، تذڪره آفتاب عالمتاب لکي ٿو تہ هي جو ڪن مصنفن حيدر جي نالي سان ڪليچہ جي لفظ ڳنڍجڻ سبب سندس ڌنڌو ڪليچہ پزي (منڊيين پچائڻ) جو لکيو آهي تہ هو هرات ۾ پهريان اهو ڌنڌو ڪندو هو سا هڪ بچڙي غلطي آهي. حقيقت ۾ سندس تولد جي جاءِ ڪلوچ نالي هڪ ڳوٺ آهي جو طارم جي آس پاس خراسان ۾ آهي، حيدر وڏو ٿي پوءِ اچي هرات ۾ رهيو. هو شاهہ اسماعيل ۽ شاهہ طهماسب صفوي جي زماني جو شاعر آهي. هو پوري طرح لکي پڙهي ڪونہ ڄاڻندو هو پر ڏاڍو نڪتہ سنج ۽ موزون ڪلام چوندڙ ۽ عروض جي بحرن جو واقف هو. هرات ۾ هن مرزا شاهہ حسن بيگ حاڪم سنڌ جي فياضي جي مشهوري ٻڌي، تمام گهڻو شوق سان سندس دربار ۾ اچي حاضر ٿيو ۽ مرزا جي احسان واري خونچہ کان گهڻائي ذرڙا چونڊيائي، مگر جنهن صورت ۾ هو اڻ پڙهيل شاعر ۽ اميرن يا بادشاهن جي آداب صحبت کان غير واقف هو. هوڏانهن مرزا شاهہ حسن جي مجلس ڏاڍي ادب ۽ ڪمال تهذيب سان سينگاريل هئي! ان ۾ حيدر ڪلوچ پورو پئجي نہ سگهيو ۽ مرزا جي نظر مان ڪري پيو. آخرڪار سيوهڻ جي حدن ۾ ويهن ڪوهن تي هڪ ڳوٺ (پاٽ) ۾ اچي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. هڪ دفعي ڪن خوش طبع ماڻهن ڪائونس پڇيو تہ جو ڪجهہ چوين ٿو سو سمجهندو بہ آهين، جواب ۾ هي شعر پڙهيائين:

چنان طوطی صفت حیران آن آئینه‌ٔ رویم
که میگویم سخن اما نمی دانم چه میگویم

(يديضا و تذڪره روزروشن)

مير معصوم سندس غزل جو جيڪو مطلع پيش ڪيو آهي، تحفہ سامي ۾ هيٺين ريت مڪمل آيل آهي:

دل مجنون صفت خود را خلاص از قید عالم کن
ره صحرای محنت گیر ره در وادئی غم کن
بهر کس دوستی کردم شد آخر دشمن. جانم
بخود گرنیستی دشمن بمردم دوستی کم کن
بدرد داغ تنهائی وفا از کس مجو ایدل
نه اظهار جرا حتهائی خود نسے یاد مرهم کن
منال از سستی عهد بتان سنگدل حیدر
اساس عقل برهم زن بنائی عشق محکم کن

يدبيضا ۾ آفتاب عالمتاب ۾ حيدر جي اقامت ۽ موت سيوهڻ کان ويهه ڪوهه پري هڪ ڳوٺ ۾ لکيو اٿن، مگر ڳوٺ جو نالو ڏيکاريل نہ آهي.

معصومي ۾ لکي ٿو تہ "در موضع پاتره (پاٽ) بمسافت بیست گروهی سرکار سیوستان فوت کرده همانجا آسوده" تحفة الڪرام ۽ مقالات الشعراء ۾ بہ حيدر ڪلوج جو رهڻ ۽ وفات پاٽ ۾ آيل آهي.

وفات جي تاريخ جو يقين اگرچہ معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، مگر مرزا شاهہ حسن ارغون جي معاصرت مان ظاهر آهي تہ هو ڏهين صدي جي شاعرن مان آهي.

## 325- سيد ضياءالدين ٺٽوي

سيد ضياء الدين تخلص ضياء ولد سيد مير عزت الله شڪر اللهي. هي بزرگ ٺٽي جي مشهور ۽ فاضل سيد مير علي شبر قانع جو سڳو ۽ ننڍي ۾

ننڍو ڀاءُ هو. تحفة الڪرام ۾ مير قانع پنهنجن ڀائرن جي بيان ۾ پاڻ کي 4 نمبر ۽ ضياء الدين کي 6 نمبر شمار ڪيو آهي، ڀائنجي ائين ٿو ته مير قانع جي هن دنيا فاني جي حياتي کان قناعت گزين ٿيڻ کان پوءِ هن صاحب شعر شاعري ڏانهن توجهه ڪيو آهي، جنهن ڪري ئي حضرت قانع ڪٿي به سندس شاعري جي حيثيت جو تذڪرو ڪونه آندو آهي.

سيد ضياء الدين فارسي ۽ اردو جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس هڪ فارسي غزليات جو مڪمل ديوان مگر غير مرتب موجود آهي، اهڙي طرح هندي يا انهيءَ زماني جي اردو زبان ۾ هن غزليات جو هڪ ديوان به مرتب ڪيو. "هير رانجها" جي عشقيه قصي کي مثنوي جي صورت ۾ تيار ڪيو. "فتح نامہ ٽالپران" به سندس نظم ۾ موجود آهي. سيد ضياء جي ڪلام مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي ٽالپر حاڪمن مان هو مير ٺاري خان ميرپورخاص واري حاڪم جو درباري شاعر هو ۽ قصہ هير رانجهو جو سندس نالي منسوب ڪيو اٿس.

اردو ديوان جي ديباچہ ۾ فرمائي ٿو ته:

"فقير اضعف العباد ضياء الدين المتخلص بضيا ولد سيد عزت الله شيرازى ساكن بلده ٺٽہ از ديوان غزليات در زبان فارسى و قصائد و مناقب بسيار كه هنوز او را ترتيب ديوان نداده و يک مثنوى عشقيه رانجها هير تصنيف كرده در حضور گذر رانيده بود باالفعل ديوان بزبان هندى تصنيف نموده"

سندس ڪلام جو نمونو هيٺين طرح آهي:

---

هي جڳهه خالي ڇڏيل آهي

---

سيد ضياء الدين جي وفات 13 ذي القعد 1229 هجري ۾ ٿي. پنهنجي خانداني مقبري ۾ مڪلي ۾ دفن ڪيو ويو.

# 326- درويش آچر ٽٽوي

هي ٽٽي ۾ پوڳڙي هو يعني پڳڙن پچڻ جو ڪم ڪندو هو. عام ماڻهن کي سندس ڪماليت جو پورو پتو ڪونه هو مگر سيد علي ثاني شيرازي سندس خدمت ۾ پوري اعتقاد سان ايندو هو. هڪ ڏينهن فقير آچر پنهنجي دڪان تي ننڊ ۾ آراميو هو ۽ سيد علي ثاني سندس پيرن جي آهستي آهستي مالش ڪندو رهيو تي ته ايتري ۾ ٽٽي جو هڪ مجذوب درويش حليم اچي اتان لنگهيو. اها حالت ڏسي چوڻ لڳو ته هت هو نمونو ۽ هت وري هي روش! درويش آچر اهي لفظ ٻڌي ننڊ مان جاڳي جواب ڏنو ته اُهي گهٽائي آهن ۽ هو ٽورا آهن هي وري ٽورن ۾ به ٽورڙا آهن. درويش حليم ان جو ڪوبه جواب نه ڏيندي روانو ٿي ويو. سيد صاحب درويش آچر کان پڇيو ته اها ڪهڙي گفتگو هئي، مون کي ته ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو. درويش جواب ڏنو ته حليم جو اشارو هو ته پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ ايڏو ادب ڪرين ٿو جنهن جي ڪا حد ڪانه آهي، هوڏهن هت وري پيغمبر جي اولاد کان خدمت وٺي رهيو آهين؟ جواب ۾ چيم ته هڪڙا آهن جو ٻين کان پنهنجي لاءِ وڏيڪ نفع گهرندا آهن ۽ گهٽائي آهن ۽ ٻيا فقير آهن جو پاڻ کان وڏيڪ ٻين کي نفع پهچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ اُهي تمام ٽورڙا آهن. ٽيان وري آهن جو ٻين جي نفع لاءِ پنهنجو نقصان به ڪندا آهن اهي وري ٽورن ۾ به ٽورا آهن.

شهر جي وڏن ماڻهن جو اولاد هن درويش جو معتقد ٿيندي هن وٽ اچڻ وڃڻ لڳو جنهن ڪري هو اها ڳالهه سهي نه ٿي سگهيا ۽ آچر درويش کي شهر مان نيڪالي ڏياري وٺي جنهن ڪري هو ٽٽي مان روانو ٿي احمد آباد طرف روانو ٿيو. سيد علي بي قرار ٿي پيرو ڪٽي درويش جي پوئتان روانو ٿي ويو. ان وقت وٽس پهتو جڏهن درويش جا پويان پساهه هئا. جو ڪجهه وٽس هو اهو سڀ ڪجهه سيد صاحب کي ڏئي پوءِ وفات ڪري ويو. سيد علي اگرچه پوئين ڄمار حضرت مخدوم نوح جو مريد ٿي رهيو آهي مگر پهرئين وقت ۾ جو ڪجهه به ڪيس نصيب ٿيو سو درويش آچر وٽان هو.

سندس سال وفات معلوم نہ ٿي سگھيو آهي، مگر حالات مان پڌرو هو تہ هو ٻارهين صدي هجري جي رجالن مان آهي.

## 327- مرزا محمد صالح ٺٽوي

اصل اميراڻي سورت ۾ ڄائو ۽ ٺٽي ۾ پليو پڙهيو وڏو ٿيو. مرزا عبدالوهاب ٺٽوي جو قريبي رشتہ دار هو جنهن ڪري اميراڻي ناٺ سان رهندو هو. آقا محمد ڪريم اصفهاني ٺٽوي جي وفات کان پوءِ ٺٽي جو امين الملڪ ۽ رعيت پاران سرڪار ۾ وڪيل مقرر ٿيو. اهو عهدو ڪجهہ وقت نادر شاهہ جي زماني ۾ ڪجهہ وقت ان کانپوءِ ماڻيندو رهيو. ماڻهو هنجي خوش خلقي کان ڏاڍا خوش هوندا هئا. گفتگوءَ جو سنجيدو ۽ مؤدب ۽ وڏي اخلاق جو مالڪ هو. نقاشي ۽ خوشخطي جي فن ۾ وڏو ماهر ۽ ڏاڍو برجستہ خيال شاعر هو. شعر ۾ واثق تخلص هئس. فرمائي ٿو:

نگر در موج دار از باد هرگز آب آئينه
کجا حرف سبک از جابر درويش ضميری را

---

عجب مدار که مارا بچاه انداز د
درين زمانه شود يوسف برادر ما

---

از بهارے خاکساری سرفرازی گل کند
از زمين يک قد آدم رسته ديده ام دانه را

---

پامال حادثات شود بی هنر مدام
خالی چوهست نسے شکر بوريا شود

---

اگر طفل سرشکم تقریر خواهد شد
بروزی دعوی عشقت گریبان گیر خواهد شد

---

امید رجعتم کرد از وطن بیرون ندانستم
که گرد راه غربت خاک دامنگیر خواهد شد

هو بزرگ شاعر مير قائم ٺٽوي جو همر عصر هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ شاعري تي تبادلہ خيالات ٿيندا هون.

سندس وفات 1179 هجري ۾ ٿي آهي. (تحفہ - مقالات)

## 328- آقا محمد ڪريم اصفهاني ٺٽوي

سلطان فرخ سير جي زماني ۾ امير محمد رضي خان حاڪم ٺٽي سان 1137 ۾ دهلي مان ٺٽي پهتو. وڏي عزت سان سرڪاري عهدي تي ممتاز رهندو آيو. جڏهن نادر شاهہ ايراني ملڪ تي قابض ٿيو تڏهن امين الملڪ ۽ وڪيل رعايا جي عهدي تي پهتو. ننڍا وڏا سندس سخا ۽ مروت ڪان ڏاڍا خوش هوندا هئا. سندس مجلس ۾ هميشہ شاعرن جو ٽولو رهندو هو. هر هڪ جي سندس قدر آهر خدمت ۽ پرداخت ڪرڻ فرمائيندو هو. هو پورو لکيل پڙهيل ڪونہ هو مگر ان هوندي بہ پنهنجي طبعي ذهانت ڪري عمدو شعر چوندو هو ڪڏهن ڪڏهن موتي پوئي ڇڏيندو هو. شعر ۾ عاشق تخلص ڪندو هو.

ٺٽي جي مشهور شاعر محمد محسن ٺيري سندس استاذ ۽ مصاحب هو. محسن جو مشهور ڪتاب محڪ الڪمال بہ آقا محمد ڪريم جي تحريڪ سان جمع ٿيل آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ آقا ڪريم عاشق جا بہ ڪيترا غزل درج ٿيل آهن. فرمائي ٿو:

نمی دانم چه در سر دارد آشوب محفلها
صف مژگان سپاهی میزند برغارت دلها

اگر از کاکل مشکین او تاری بدست اُفتد
بَسامان پریشانی توان حل کرد مُشکلها

❋❋❋

باهمه آهن دلی چون برمزارم بگزری
سنگ مقناطیس گرد د خاک دامنگیر ما
پیکر ما سوخت از هجر تو اے لیلا صفت
میشود مجنون مصور گر کشد تصریر ما

سنڌس ڪن غزلن جا جواب مير قانع لکيا آهن، جن جو تفصيل پنهنجي شاهڪار مقالات الشعراء ۾ موجود آهي.

آقا محمد ڪريم ننڍي ۾ 1155 ۾ وفات ڪئي. رحمت الله عليڪ جي فقره مان سنڌس سال وفات حاصل ٿئي ٿو. (مقالات) 1155

# 329- سيد محمد مير عدل بکري

اصل امروهہ جو رهاڪو. عهد اڪبري جو هڪ وڏو عالم فاضل، متقي، متشرع بهادر سيد محمد بن سيد منتخب بن سيد بدهہ بن سيد منتخب بن سيد راجي بن سيد عزيز الله بن سيد شرف الدين حسن شاهہ ولايت. سيد شرف الدين جو سلسلئہ نسب امام علي نقي رضہ سان وڃي ملي ٿو. هو سهروردي طريقي جو خليفو هو. سلطان فيروز شاهہ تغلق جي زماني ( 752_793هہ) ۾ پنهنجي والد سان ملتان مان هجرت ڪري امروهہ ۾ وڃي رهيو جتي سنڌس اولاد تمام گهڻي انداز آباد ٿيندي وئي. سيد محمد مير عدل پهريان پنهنجي وطن مختلف مدرسن ۾ معقول ۽ منقول جي تحصيل ڪري ان کان پوءِ امروهہ ۾ برابر 20 سالن تائين درس تدريس جو شغل جاري رکيو. ملا عبدالقادر بدايوني اڪبري دربار جو هيرو مصنف منتخب التواريخ بہ سيد محمد جي شاگردن ۽ دوستن مان هو.

سيد صاحب جي علمي شهرت ڪيس جلدي اڪبري دربار ۾ پهچايو. 966هه ڌاري بيرم خان جي معرفت جلال الدين محمد اڪبر جي دربار ۾ پهچڻ کان پوءِ سندس علميت جو اهڙو سڪو ڄمي ويو جو خود بادشاهه سندس ادب ۽ لحاظ ڪرڻ لڳو. سندس تقويٰ ۽ انصاف پسندي سبب سرڪار ۾ هن کي مير عدل جو عهدو ڏنو ويو. انهيءَ عهدي جو مطلب آهي ته ڪڏهن به قاضي جو حڪم اختلاف واري حالت ۾ تيستائين جاري نه ٿي سگهي ٿو جيستائين مير عدل ان جي اجازت نه ڏي. ملا عبدالقادر لکي ٿو:

درين منصب جليل طريق عدالت و انصاف و صدق امانت ملوک داشتی چنانچه قاضی قضات هم بجهة ملاحظه صلابت عمری اوزار خيانت و خباثت باز مانده بود تا زمانيکه او را بدربار بوجهه هيچ مبتدعی و ملحدی را قدرت رخته انداختن در اين اسلام نبود بعد از و نام مير عدلی برسانيد مرقع مجازی و عاريتی گشت. (منتخب التواريخ)

اهوئي زمانو جو قدامت پسند علمائن کان تنگ اچي علامه ابوالفضل ۽ فيضي جي ڪوشش سان بادشاهه جي دربار ۾ مذهبي وسعت جي تحريڪ هلي رهي هئي. تنگ گير عالمن کي دور دراز ملڪن ڏانهن وڏن وڏن عهدن تي موڪليو ويو ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ سيد محمد مير عدل کي سنڌ جي صوبي بکر جي گورنري واري معزز عهدي لاءِ بادشاهي دربار مان مقرري جو پروانو صادر ٿيو.

جنهن صورت ۾ سيد محمد مير عدل شرعي ڳالهين ۾ سخت گير هو ۽ هڪ وقت دربار اڪبري ۾ حاجي ابراهيم سرهندي، محمد شاهه سرخ ۽ زعفراني رنگ واري ڪپڙي پائڻ بابت ڪنهن حديث جي حوالي سان فتويٰ لکي آيو جنهن جي سيد محمد سخت مخالفت ڪئي. حاجي ابراهيم کي بدبخت، ملعون جهڙا لفظ چئي ڪيس مارڻ لاءِ اٿيو مگر حاجي ابراهيم شاهي مجلس مان ڀڄي جند ڇڏائي. اهي ئي اسباب هئا جنهن ڪري

ضرورت هئي تہ اهڙي سخت ماڻهوءَ کي دربار کان دور بکر جهڙي سرحدي علائقي ۾ مقرر ڪيو وڃي. از انسواءِ بادشاهہ کي سيد صاحب جي علم فضل ۽ تقوي سان گڏ سندس بهادريءَ تي بہ پورو ڀروسو هو. هو ايڏو وڏو بهادر عالم هو جنهن بابت تاريخ ۾ آهي تہ:

مرزا سيد محمد مير عدل از سادات هندوستان در ڪمال فضيلت و شجاعت اختصاص داشت. (ماثر جهانگيري)

پهريان اگرچہ "نہ صدي" جو عهدو هئس مگر بکر جي گورنري کان پوءِ هڪ هزاري جو عهدو عطا ٿيس ۽ بادشاهہ ڪيس هڪ ترار ۽ خلعت ۽ شاهي گهوڙو عطا ڪيو. آگره مان پنهنجي فرزند ابوالفضل سميت 75 سالن جي ڄمار ۾ روانو ٿي اچي بکر ۾ پهتو. سيد مير معصوم بکري جو ان وقت بکر ۾ موجود هو سو ان بابت لکي ٿو تہ:

سيد محمد هڪ عالم سيد هو بکر علائقي جي امامن جي صدارت بہ سندس ئي حوالي ٿي تہ هر هڪ لاءِ سندس لياقت آهر وظيفو مقرر ڪري. جڏهن 11 رمضان 983هہ بکر ۾ پهتو تڏهن مخدومن ۽ معزز ماڻهن کي تمام عزت سان پيش آيو. 50 هزار جريب سيدن، عالمن ۽ مشائخن جي گذران لاءِ سندن لياقت آهر مقرر ڪيائين. بکر جا مخدوم سندس زماني ۾ ڏاڍا آرام سان رهيا ٿي. (معصومي)

انهيءَ زماني ۾ بکر پرڳڻي جي سيوي واري حصي ۾ ڪن ماڻهن بغاوت ڪئي تہ سيد محمد پنهنجي فرزند ابوالفضل کي مقابلي لاءِ چاڙهي، موڪليو جنهن صاحب بروهي ۽ بلوچن کي شڪست ڏئي سيوي کي فتح ڪري ورتو. مير سيد صفائي شيخ الاسلام بکر جي قلعہ سيوي جي فتح جي تاريخ هيٺئين مصرعي مان ڪڍي آهي:

فتح سيوی شد باولاد نبی

984

ان ڪانپوءِ گاگڙي تعلقہ ۾ منگڻيجن جي قوم بغاوت ڪئي ۽ ڍِل ڏيڻ کان نٽائڻ ۽ گسائڻ لڳا. سيد مير محمد مير عدل اوڏانهن بہ فوج چاڙهي موڪلي، مگر مگڻيجن هڪ ڪوٽ ۾ پناهہ ورتي سيد صاحب جي ماڻهن تي

تيرن جو مينهن وسائي، هنن مان گهڻائي شهيد ڪري ڇڏيا. پوءِ هنن ڇا ڪيو جو سيني کي سواءِ ڪنهن فرق جي هڪ کوهه ۾ اڇلائي زمين برابر ڪري ڇڏيائون.

آخر لاچار ٿي سيد صاحب پنهنجي فرزند ابوالفضل کي سيوي مان گهرائي ورتو. جنهن مڱٽيجن کي مطيع ڪري پوءِ بکر ۾ اچي پنهنجي والد سان مليو. (معصومي)

جڏهن سيد صاحب آگري مان بکر ڏانهن روانو ٿي رهيو هو تڏهن ملا عبدالقادر سنڌس موڪلائڻ لاءِ ڪجهه پنڌ تائين ساڻس ٻاهر آيل هو اُتي ملا عبدالقادر پنهنجي محسن ۽ مربي حسين خان شڪريه جي وفات جو احوال بيان ڪندي سيد صاحب اڳيان، هن جا اوصاف ۽ اخلاق بيان ڪري رهيو هو ۽ سيد صاحب زار زار روئي رهيو هو. جنهن مان معلوم ٿي رهيو هو ته ڪيس بکر مان وري زنده واپس اچڻ جي اُميد ڪانه هئي، آخر اسي ورهين جو ٻڍو ڪيترو جئي ڪيترو جيئندو!!

بکر جي گورنري جي عهدي تي خدمت ڪندي پورا ٻه سال گذريا هئا ته طبع ۾ ڪجهه تڪليف پيدا ٿي، جنهن ڪري سير ڇوڙاياائين. جنهن مان حد کان زياده رت وهيو ۽ ضعف غالب پوندو ويو. اها سير موت جو بهانو بڻجي آئي. 8 شعبان 985هه ۾ هي علم ۽ فضيلت جو آفتاب بکر ۾ غروب ٿي ۽ قلعي جي اندر سنڌس خاڪي جسم کي، خاڪ جي حوالي ڪيو ويو. ""سيد فاضل" "الله باالفضل" جي فقرن مان تاريخون ملن ٿيون.

(تاريخ امروهه جلد 2 از مولوي محمود احمد عباسي)

معصومي مان معلوم ٿئي ٿو ته سيد صاحب جي وفات کان پوءِ سنڌس فرزند ابوالفضل کي "گورنر بکر" جو عهدو سپرد ڪيو ويو.

## 330- مير بزرگ بکري

مير بزرگ ولد مير معصوم بکري، سنڌس والد بزرگ جي وفات کان پوءِ سلطان نورالدين جهانگير جي مقربن مان ٿيو. جنهن زماني ۾ سلطان خسرو ولد جلال الدين محمد اڪبر جهانگير پنهنجي پاءُ سان بغاوت ڪئي

هئي. ان زماني ۾ مير بزرگ کي شهر جي ڪوتوال هٿيارٻندي جي حالت ۾ گرفتار ڪيو ۽ مٿس چغلي لڳائي وئي ته هي سلطان خسرو جو ساٿي آهي، مگر مير بزرگ ان کان انڪار ڪيو جنهن تي بادشاهه پڇيس ته رات جي وقت هٿيارٻند ٿي نڪرڻ جو ڪهڙو مطلب هو؟ عرض ڪيائين ته مون کي پنهنجي والد جي وصيت آهي ته چوڪي واري رات جو ضرور هٿيار ٻڌي هلندو ڪر. اُن تي چوڪي نويس به شاهدي ڏني ته برابر اڄ رات مير بزرگ جي چوڪي جو وارو هو. جنهن ڪري بادشاهه جي عتاب کان بچي ويو.

بادشاهه هن لحاظ سان ته شاهي خاندان ۾ پرورش ورتي هئائين ۽ سندس والد جي سموري املاڪ کيس بخشي ڇڏي هئي. ڪيترو وقت قنڌهار ۾ بخشيگيري (سرڪاري ملازمن جي تخنواهه ڏيڻ واري عهدي تي قائم رهيو. سندس والد مير معصوم دولت بيشمار ڇڏي ويو هو. ان کي نهايت بيدردي سان خرچ ڪندو رهيو ٿي. ايڏو مغرور ٿي ويو جو ڪنهن جي اڳيان به نوڙت سان پيش نه ٿي آيو. قنڌهار ۾ جيڪي به صوبيدار آيا ٿي، تنهن مان ڪنهن سان به نڀي نه هلندو هو. نوڪرن کي معقول پگهار ڏيندو هو ۽ نهايت اميرانه ۽ پاڪيزه نموني ۾ رهندو هو. نظم توڙي نثر ۾ ڪماليت جو مالڪ هو. خوشخط به هڪ ئي هو. مگر اڳتي هلي طبيعت تي غرور وڌيڪ سوار ٿيندو ويس، جنهن ڪري ظالم ٿي پيو. آخر بادشاهه کيس قنڌهار مان پاڻ وٽ گهرائي ورتو ۽ دکن ڏانهن ڪنهن عهدي تي موڪلي ڏنائينس. اُتي به گهٽوئي وقت گذاريائين، مگر فضول خرچي سبب سرڪار پاران جيڪا پگهار مقرر ٿيل هئي، تنهن مان گذران جي پورت ڪانه پئجي سگهيس، تنهنڪري سرڪاري نوڪري ڇڏي، پنهنجي وطن بکر ڏانهن موٽي اچي رهيو ۽ پنهنجي والد جي زمين ۽ باغات تي قناعت ڪري ويهي رهيو. سن 1044هه ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو. (ماثر الامراء)

مقالات الشعراء ۾ لکي ٿو ته:

”مير بزرگ ولد مير معصوم نامي بکري، طبع و فڪر رسا داشته بزرگي حسب و نسب“ (نسخه قلمي)

سندس شعر جو نمونو هيٺئين ريت ڏنو اٿس:

دوش سودائی سر زلف کسے کرد گذر
سحر از هر سر موحلقه بپایم پیچید

ان شعر کان سواءِ مير بزرگ جا ٻہ قطعہ تاريخ بہ آهن، جي پنهنجي والد بزرگ جي مناري تي، والد جي وفات کانپوءِ جڏهن منارو تڪميل کي پهتو آهي، تڏهن لکيا اٿس:

(1)

بدر فلک علی محمد معصوم
کزوی زمانه صیت نیکو نامی است
افراشت چنین بناءِ عالی
افراخته سر به چرخ مینا فانی است
تاریخ بناءِ او ملائک از عرش
گفتند جهان نما مناره نامی است

(2)

میر معصوم آن رفیع القدر
که از و کار دین به آئینه ست
کرد طرح منار تاگویند
کین پئی یدگار دیرینه ست
پیر چرخ از براءِ تاریخش
ساق عرش برین گفت این است
1026

انهيءَ قطعات جي هيٺان لکيل آهي:
قائله مير بزرگ بن سيادت پناهہ مير محمد معصوم

# 331- شيخ محمد حيات سنڌي

محمد حيات ولد ملا ڦولاريو قوم چاچڙ عادلپور (لڳ گهوٽڪي) ۾ پيدا ٿيو. سنڌ ۾ ڪجهہ علم حاصل ڪري، ان کان پوءِ مدينہ شريف ۾ وڃي

طلب علم لاءِ مقيم ٿيو. وقت جي وڏي محدث عالم شيخ ابوالحسن محمد بن محمد صادق ٺٽوي معروف بہ ابوالحسن ڪبير جي خدمت ۾ حديث جي تڪميل ڪيائين ۽ آئنده هلي عرب و عجم جي استاذ ۽ ڳواڻ هجڻ جي عزت حاصل ڪيائين.

چون ٿا تہ طالب علمي جي شروع ۾ ذهن سندس ڪند هو. جنهن جي شڪايت پنهنجي استاذ سان ڪيائين، جنهن صاحب پنهنجي ٽوپي لاهي سندس مٿي ۾ پاتي، جنهن ڪانپوءِ هن جي ذهانت ۽ حافظو ايڏو ڪليو جو ڪجھ بہ پڙهيائين ٿي، سو ياد رهيس ٿي. آخر شيخ الحرم ابوالحسن ڪبير جي وفات ڪان پوءِ سندس جاءِ تي مسجد نبوي ۾ درس ۽ وعظ جي مسند تي ويٺو جنهن ۾ هزارين ماڻهو شريڪ ٿيندا هئا. سندس مدرسہ فيض مان عرب، هندوستان، مراڪش، شام، مصر جي سون بزرگ محدثن بهره فيض حاصل ڪيو جن مان ڪن جا اسماء گرامي هيٺ ڏجن ٿا:

شيخ احمد بن عبدالرحمان شامي، شيخ محمد سعيد صغير، شيخ عبدالقادر خليل ڪدڪ مڪي، سيد عبدالقادر بن احمد، سيد غلام علي آزاد بلگرامي، شيخ محمد فاخر محدث الہ آبادي، شيخ غلام حسين معروف بہ ابوالحسن صغير ٺٽوي مدني، محدث خيرالدين سورتي وغيره.

سندس شاگرد شيخ فاخر الہ آبادي پنهنجي استاذ شيخ محمد حيات جي تعريف ۾ هڪ قصيدو لکيو آهي، جنهن ۾ فرمائي ٿو:

باد بر روءِ صفحه دوران
محفل آراءِ حلقه انسان
شيخ الاسلام عصر علامه
در فنون حديث فهامه
موشگاف دقائق ايمان
رازدان حقائق ايمان
رسته از حبس رتبه تقليد
بسته بر اجتهاد راهِ مزيد

درس فرماءِ مسجد نبوی
بطریق رشیق مصطفوی
آن محمد حیات بخت بلند
بحدیث نبی قوی پیوند
متع الله زمرت الدعیان
بافاداتھ الی الازمان
سرمن خاکپائی او بادا
جان من در رضاءِ او بادا

سنڌ جي وڏن عالمن مان علامہ محمد معين ٺٽوي ۽ مخدوم محمد هاشم سندس هم عصر آهن. علامہ معين جي بعض رسالن تي سندس رد آهن ۽ مخدوم محمد هاشم سان سندس بعض مسائل تي مسلسل تحريري مناظرا رهيا ۽ ڏرين جا ان باري ۾ رسالا موجود آهن.

شيخ محمد حيات شخصي تقليد جو قائل نہ هو هن جو حديث تي عمل ڪرڻ تي زور هوندو هو ۽ ان باري ۾ سندس هڪ مستقل رسالو بہ آهي. سندس تصنيفات مان هيٺيان ڪتاب مشهور آهن: (1) شرح حلية الانوار (حضور رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي حليہ مبارڪ جي بيان ۾) (2) تحفة الانام في العمل بحديث عليہ الصلواة و السلام (3) الايقاف علي سبب الاختلاف (4) شرح ترغيب و ترتيب اللمحدث المنذري (5) رد بدعات تعزيہ (علامہ معين ٺٽوي کي جواب) (6) شرح اربعين نووي (7) تحرير الاجارة علي العبارة (8) النهي عن عشق المردان والنسوان (عشق مجازي جي ترديد) انهيءَ رسالي ۾ لکي ٿو:

تلک لعمر الله الفتنة الکبریٰ و البلیة العظمیٰ و القت الحرب بین الشق و التوحید و دعت الیٰ موالات کل شیطان مرید الیٰ قوله و انما حکی الله تعالیٰ – العشق عن الکفرة قوم لوط و امرات عزیز و کانت مشرکة و الفتنة بشق الصورتنا فی ان یکون دین العبد کله الله الخ –

حاصل مطلب هن عبارت جو هي آهي تہ "الله جو قسم تہ صورتن جو عشق هڪ وڏو فتنو ۽ وڏي بلا آهي.... عشق ۽ الله تعاليٰ جي هيڪڙائي واري مسئلي ۾ جنگ جوٺيل آهي، عشق شيطاني سرڪش جي دوستي ڏانهن داعي آهي. الله تعاليٰ قوم لوط جي ڪافرن ۽ عزيز مصر جي مشرڪياڻي زال جي عشق جو بيان آندو آهي. عشق جي گرفتار جو سمورو دين الله تعاليٰ لاءِ ڪڏهن بہ نہ ٿي سگهي ٿو. بلڪ جيترو ڪنهن بہ انسان جو هن جي دل ۾ عشق وڌيڪ هوندو ايترو سندس دين گهٽيل رهندو. بلڪ ڪڏهن تہ ڪن عاشقن وٽ دين جي هڪ ذرڙي بہ ڪانہ رهندي آهي. ظاهري صورتن جو عاشق قرآن شريف جي حڪم جي مخالفت ڪندڙ آهي. جو ارشاد آهي تہ "مومنن کي چئو تہ هو پنهنجيون اکيون هيٺ ڪري هلن." عشق جون گرفتار اکيون هيٺ ڪرڻ تہ ڇا بلڪ ناجائز نظربازي مان لذت حاصل ڪري ٿو. دل جو معشوق جي محبت ۾ ڦاٿو رهڻ هڪ قسم جو شرڪ آهي. جيئن تہ صحيح حديث ۾ آهي تہ دينار ۽ درهم جو ٻانهو يا عاشق ڏاڍو بڇڙو آهي. (الخ) هي مسلسل مضمون محدثانہ رنگ ۾ ڏکهو هليو ويو آهي. (9) درحجة الجلية نواب صديق حسن خان شيخ محمد حيات کي وقت جي مجددن مان لکيو آهي. سندس ڪن رسالن هٿ اچڻ تي خوشي جو اظهار ڪندي لکي ٿو تہ:

بعض رسائل شيخ محمد حيات فقير از مکه مکرمه آورده لله الحمد الله

ايڏي فضل ۽ ڪمال واري بزرگ اربع ڏينهن 26 صفر سن 1163هہ مدينہ منوره ۾ وفات ڪئي، جنت البقيع ۾ هميشہ لاءِ وڃي آراميو.
(لبة المرجان — تحاف البنلاء)

# 332- سلطان علي خان ٽالپر حيدرآبادي

سلطان علي بن سعيد خان ٽالپر بلوچ، حڪيم، فلسفي، فلڪي، نجومي، عربي، فارسي جو وڏو عالم نقشبندي طريقي جو صوفي هو.

سندس تصنيفات مان ”زيچ سلطانعلي خاني“ جو هڪ نسخو قلمي موجود آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو هندي ساشتري جو به عالم هو. سندس زيچ سنڌ ديس جي لحاظ کي سامهون رکي لکي وئي آهي، ڇاڪاڻ جو قديم زماني ۾ جيڪي به زيچون يا تقويمون لکيون ويون آهن تن ۾ سنڌ جي ولايت جو گهٽ لحاظ رکيل آهي، تنهنڪري سنڌ کان ٻاهر وارين زيچن جي بجاءِ هن هندستان جي هندو فلاسفرن ۽ حڪمين جي آسماني حساب کي سامهون رکي هڪ مڪمل زيچ تيار ڪئي آهي. لکي ٿو ته:

چون در عمل زيچات قديم مثل زيچ يزد جردی و زيچ مامونی و زيچ ملکی و زيچ سمرقندی ای الغ بيگی تفاوت در تقاويم خصوص در کسوف و خسوف از مرور دهور يا از اختلافات عرض اقاليم در ملک سند بنظر رسيد و تصحيح آن بغير ازارصاد جديد متعز رايد و حساب اهل هند چه در تقاويم و چه در کسوفات و خسوفات در اين ديار بی تفاوت و بر قرار چرا که اين ملک تعلق به هند دارد زيچات اهل هند مثل زيچ مهاديو و زيچ برمن — و زيچ جند راز کی، و زيچ قرن قيصری و زيچ تت منجری که بزبان شاستر اند از حکيمی ماهر که از کاشی باارادہ سير در انيجا رسيده در معدود اليام بجدوجهد مالا کلام بمطالع آورده زيچ نو بزبان فارسی موافق زيچ مهاديوی که عمل آن بموجب هفتده هزار پانصد سال بحال خواهد ماندا ملا نموده شد“

هن مان ظاهر آهي ته سندس تقويم يا زيچ جو بنياد سنسڪرت جي مهاڏيوي زيچ تي رکيل آهي، اها زبان ۾ اکر اله آباد جي هڪ پنڊت کان حاصل ڪيائين جو سنڌ ۾ سياحت لاءِ آيو ۽ سلطان علي خان وٽ اچي مهمان ٿي رهيو.

ٽالپرن جي حڪومت جو سنڌ ۾ سج غروب ٿي رهيو هو جنهن کري عالمن ۽ حڪيمن جي بيقدري جي شڪايت ڪئي اٿس ۽ خصوصا

زماني جي حاڪمن جي بي پرواهي بابت گهڻو ڪجهه لکيو اٿس. هن پنهنجي مرشد خواجه محمد زمان نقشبندي لواري جي تمام ڏکهي واکاڻ ڪئي آهي. آخر ۾ عارف جامي جي هڪ قطعه کي تعريف ڪندي لکي ٿو:

مکه که يثرب بطحا زدند، نوبت آخر به بخارا زدند، هر چه به آن شاه بخارا رسيد، باز ذکربه لواری رسيد – زيچ رمضان 1219هه ۾ لکي اٿس جنهن مان معلوم ڪري سگهجي ٿو ته هو تيرهين صدي جي رجالن مان آهي.

## 333- شيخ عزت الله ٺٽوي

عزت الله هڪ فاضل عالم، عاقل زمانه جو بزرگ هو. سنڌس تدبير ۽ مشوري هميشه بي خطا ۽ ڏاڍو سنجيده هوندو هو. ولادت 1108هه ۾ ٿي. جيئن ته هڪ شاعر سنڌس ولادت جي تاريخ جو سال هيٺين فقري مان ڪڍيو آهي: ”عزت الله مدام باعزت“ ٿيو به ائين جو هميشه پنهنجي عقلمندي ۽ عمده راءِ جي سبب ٺٽي ۽ ٻين ملڪن جي اميرن وٽ هميشه عزت سان رهندو آيو. گهڻو ڪري ٺٽي جي حاڪمن پاران بادشاهن يا گورنرن جي درٻارين ۾ وڪالت جي خدمت کي سهڻي نموني ۾ سرانجام ڏيندو رهندو هو. بعض وقتن سنڌو سنئون ڪن حاڪمن جي بجاءِ نائب طور به ملڪراني جون مهمون سرانجام ڏيندو رهيو. آخر هو ٺٽي ۾ هڪ دفعي سورت بندر وڃي پهتو جتي صفدر خان سورت جي حاڪم ڪيس پنهنجي سنگت لاءِ منتخب ڪيو. عزت الله اتي رهي اهڙا ڏکيا سياسي ڪم پنهنجي تدبير سان حل ڪيا جو وڏا وڏا عقلمند حيران رهجي ويا. آخر 58 سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي وطن ٺٽي ۾ وفات لڌائين. آقا محمد صالح واثق هيٺين فقري مان سنڌس سال وفات ڪڍيو آهي.

”بعزت رفته“
1164

(مقالات)

# 334- شيخ رحمت الله ٺٽوي

رحمت الله ولد شيخ عزت الله شاعر فاضل، عالم عاقل، پنهنجي والد جي جاءِ تي ٺٽي جي نوابن جو وڪيل ٿيندو رهيو. فارسي جي نثر ۾ زبردست انشاءِ پرداز ۽ نظم جو بيحد سنجيده شاعر هو. مير علي شير قانع (متوفي 1203) لکي ٿو ته هو منهنجو همعصر ۽ گهاٽو دوست آهي. مقالات شعراء (سنڌ جي فارسي گو شاعرن جي تاريخ) سندس ترغيب يا خواهش ڏيکارڻ تي لکيو ويو. هو گفتگو ڪندي ڪيترا مصرع موزون ڪندو ويندو هو. هن جي تقرير گويا انشاءِ پردازي جو نمونو هوندو هو ۽ سندس نظم به بين ڪان گهٽ نه هوندي هئي مگر شاعري جي وادي ۾ سياحت جو گهٽ توجه رهندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن ڪو بيت يا غزل موزون ڪندو هو ۽ مون ڪان سرشار تخلص قبول ڪيو هئائين. مرزائي ۽ عياشي مٿس ختم هئي. هڪ دفعي نهايت عشرت جي حالت ۾ هيٺيان شعر سواءِ ڪنهن ويچار ۽ فڪر جي موزون ڪري ورتا هئائين:

آتش صهبا اگر هست آبرو درکار نيست
هر چه بادا باد مارا خاک بر سر ريختن
آتش شوق ترا گرچه کباب ست از جگر
خوش بود از دل طپيد نها نمک انگيختن

(مقالات)

اگرچه سندن وفات جو سال معلوم نه ٿيو آهي، مير علي شير جي همعصر هجڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته هو ٻارهين صدي جي رجالن مان آهي.

# 335- شيخ محمد محفوظ ٺٽوي

محمد محفوظ سرخوش تخلص ولد شيخ محمد مريد قانگو محمد مريد اصل سيوهڻ جو رهاڪو نو مسلم راءِ زادو آهي، سلطان عالمگير جي زماني ۾ خان گوئي جي عهدي تي قائم رهي ٺٽي ۾ ئي وفات ڪيائين.

مير قانع سرخوش جي وصف ۾ لکي ٿو:

جامع فنون كمال و بلاغت، سراپا شخص استعداد و متانت روح مجسم معنئ انسانی، انسان عین نكته دانی در تارگی خیال مشهور در تارگی مقال محشور"

بيحد خوش خلق ۽ سراپا تواضع، هر هڪ ماڻهو سان پوءِ اهو ننڍو هجي يا وڏو نهايت نيڪي سان پيش ايندو هو. ٺٽي جي شاعرن ۾ سندس وجود وڏي غنيمت هو.

ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي وٽ ڪيس وڏو مرتبو ۽ مان حاصل هو ۽ مقربن مان هجڻ ڪري ڪيس سرڪار سفارت يا وڪالت سان پرديس ۾ ويڃڻو پوندو هو. هڪ دفعي ميان صاحب جي وڪالت سان ڪابل ۾ سردار جهان خان افغان وٽ مهمان هو ۽ ڪابل ۾ سرڪاري قلعہ تعمير ٿي چڪو آهي، جنهن جي اختتام جي تاريخ هيٺئين فقري مان ڪييائين:

"اين حصن طلسم احمد شاهہ"

1168

سيوهڻ جو هڪ سيد سگورو وفات فرمائي ويو. ان جي وفات جي تاريخ هيٺئين صلوات شريف مان ڪڍي اٿس:

اللهم صل سيدنا و حبيبنا محمد و علئ آله وبارڪ وسلم

1149

هو مير قانع ۽ غلام علي مداح جو معاصر هو. مير قانع لکي ٿو تہ "فقير را بخدمتش ارتباطي حاصل و اكثر در مشاعرت شامل" شروع ۾ فدائي تخلص ڪندو هو. ان کان پوءِ سرخوش تخلص ڪيائين. سندس ڪلام جو نمونو هي آهي.

صلح کردم ببوسه دهنش
چه کنم وقت تنگ می باشد

ٻارهين صدي جي شاعرن ۾ شمار ٿيل آهي. (مقالات و تحفہ)

# 336- سيد لطف علي ٺٽوي

سيد حاجي لطف علي شڪر اللهي ٺٽوي مير علي شير قانع جي خاندان مان فارسي عربي زبانن جو فاضل ۽ هڪ اهل قلم بزرگ هو. سنڌ ۾ انگريزي سلطنت جي شروعات ۾ جن جن علم وارن ڪان انگريزن پنهنجي حڪومت مضبوط بنائڻ ۾ ڪم ورتو تن مان هي صاحب به هو. ڪراچي جي ڪليڪٽر ميجر هنري پريڊي صاحب سان تمام گهاٽا لاڳاپا هئس. انهيءَ زماني ۾ تنخواهون تمام گهٽ ملنديون هيون. تنهن وقت سيد صاحب جي تنخواه به سؤ پنج رپيا مقرر ٿيل هئي. سال 1272هه مطابق 1856ع ميجر پريڊي جي سفارش سان سيد صاحب جي اسلامي ملڪن جي سياحت لاءِ 12 مهينا موڪل سنڌ جي ڪمشنر مسٽر فريئر صاحب منظور ڪئي ۽ ان سان گڏ عربي، فارسي ۽ انگريزي زبانن ۾ ڪيس سفارش نامو يا پاسپورٽ به ڪمشنر جي دستخط سان ڏنا ويا ته جيئن عراق ۽ عرب جي سياحت واري زماني ۾ ڪيس ڪابه تڪليف نه رسي. سيد صاحب ڪراچي مان روانو ٿي خليج فارس جي بندرگاهن تان ٿيندو بصره، بغداد، نجف، ڪربلا مان ٿيندو يمن جي بندرگاهن جي سياحت ڪندو اچي حجاز مقدس ۾ پهتو. ان ڪان پوءِ جڏهن ڪراچي ۾ وارد ٿيو تڏهن انهيءَ سفر ۾ سياحت جي روزنامچي کي مسٽر فريئر جي حڪم موجب فارسي زبان ۾ ”تحفة الباصرين“ جي نالي سان جمع ڪيائين. جو سرڪاري خرچ سان ڇاپجي پڌرو ٿيو. سمورو سفرنامو سياسي رنگ ۾ لکيل آهي. هر هنڌ انگريزي حڪومت جي واکاڻ ۽ ترڪي يا اسلامي سلطنت جي بدانتظامي جون دانهون ڪيل آهن. ڪتاب جي آخر ۾ لکيل آهي:

پس از سلک فرخ براء ثواب
دهد شرح تاليف سال کتاب
بگفتنا يکی هاتف اين چنين
بتاريخ گو ”تحفة الباصرين“
1272

شاهه صاحب جو سفر 7 ربيع الثاني سن 1272هه جي شروع ٿيو ۽ واپسي 5 مهينن کان پوءِ ٿي، تنهنڪري ڪتاب جي تصنيف ۾ هڪ سال گهٽ لڳي ٿو. جنهن ڪري لکيو اٿس ته:

"درر اين ضمن احوال هر روزه از روز روانگی تابه يوم ورود به هر جا و هر مکان و هر منزل پيش خود که بيادگيری درج نمودم چون الحال بسلام کيميا نظام جناب کمشنر صاحب بهادر معظم اليه (فريئر صاحب) و کلکٹر صاحب بهادر مشاراليه (بريدي صاحب) رسيدم. موافق امر والا و حکم معلیٰ صاحب مدوح صدر همان تمامتر کيفيت را بطريق نسخه بصارت سليس که بفهم هر کس بر سد موسوم به "تحف الباصرين" که از حسن اتفاق و يمن اعراق سال حج و زيارات در نامش الحاق يافته و سال ورود بعون الله الاحد الودود بزيادتی يکسال صورت می بندد بطور تعميه درست کرده پيشکش محفل نسيف و مجلس لطيف آن قدردان سخن پرسان اين فن سا ختم"

هن عبارت جي پوئين ٽڪري مان ظاهر آهي ته سال تصنيف سن 1273 آهي جو تعميه جي رنگ ۾ حاصل ڪري سگهجي ٿو.

سيد صاحب جي وفات جو سال معلوم نه ٿي سگهيو آهي، مگر سندس ڪتاب مان ظاهر آهي ته هو 13 صدي جي رجالن مان آهي.

## 337- عبدالعلي سنڌي

ملا عبدالعلي سنڌي شاهجهان جي زماني ۾ پاٽ ۾ رهندو هو ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين. فارسي جو عمدو شاعر هو. آخر عمر ۾ دنيا جي گفتگوءِ کان خاموشي اختيار ڪري "من سکت سلم" يعني ته "جنهن ماٺ ڪئي سو بچيو" ساڪت تخلص رکيائين ۽ آخر وقت تائين ماٺ ۾ رهي دنيا جي آفتن کان مامون رهجي ويو. پنهنجي حال تي هڪ مثنوي لکي اٿس، جنهن ۾ لکي ٿو ته:

دل از اشغال دنیا تا کشیدم
می اخلاص حق هردم چشیدم
به بستم لب ز گفت و گوئی هرزه
بسر معنی حق یافتم ره
بقدر فهم گر طالب کند جو
مشامش باید از اسرار حق جو

(مقالات)

شاهہ جهان جي زماني ۾ هجڻ ڪري هو ٻارهين صدي جي شاعرن مان معلوم ٿئي ٿو.

## 338- شاهہ اسماعيل صوفي ٺٽوي

اصل نالو اسد الله معروف بہ شاهہ اسماعيل صوفي ولد شاهہ نعمت الله ولد شاهہ محمد يوسف ولد شاهہ محمد يعقوب ولد شيخ شاهہ ابوالقاسم هروي

ابوالقاسم جي نسب جو سلسلو شيخ عبدالله انصاري( ) هروي سان ملي ٿو. هي بزرگ پهريائين هرات مان ٺٽي ۾ اچي مقيم ٿيو ۽ اتي ئي اهل عيال وارو ٿي گذاري ويو. سندس هر هڪ بزرگ صاحب تقويٰ ۽ ڪماليت جو ٿي گذريو جن مان شاهہ اسماعيل وقت جو هڪ وڏو بزرگ ۽ ڪرامتن ۽ وڏي ڪمالات جو مالڪ هو. هندستان مان شاهہ عاشق الله نالي هڪ وحدة الوجود مذهب رکندڙ صوفي ٺٽي ۾ وارد ٿيو ان کان فيض تصوف جو حاصل ڪري خلافت جو خرقہ ڏڪيائين ۽ شاهہ عنايت الله صوفي جهوڪ واري سان دوستي ۽ اخلاص جا گهاٽا تعلقات هئس.

مير قانعؒ فرمائي ٿو تہ:

”در تته باين نزديکی همچو صاحب کمالی برنخواسته و زبان قاصر هر قدر که وصف کمالش بيان نمايد هنوز قاصر ست و خوار قاتش ابهر“

يعني تہ نئي ۾ هن ويجهڙائي ۾ ايڏي ڪماليت جو بزرگ ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيو. جيتري بہ سندس ڪماليت جي واکاڻ ڪجي تہ زبان قاصر رهجي ويجي ٿي. سندس ڪرامتون بلڪل پڌري پٽ پڌريون آهن. شاهہ اسماعيل صوفي گهڻو ڪري مثنوي شريف جو درس ڏيندو هو. هڪ ڏينهن درس ڏيندي اوچتوئي سندس حالت متغير ٿي وئي ۽ سندس سموري بدن تي چهبڪ جي ڌڪن جا اثر ظاهر ٿيڻ لڳا. هڪدم وڏي چادر گهرائي بدن تي ڪري اوڍيائين. آخر معلوم ٿيو تہ نئي جي ڪوٽوالي ۾ ڪنهن ڏوهاري کي ڦٽڪن جي سزا ملي رهي هئي، جنهن جو اثر شاهہ صاحب جي بدن تي ظاهر ٿي رهيو هو.

شاهہ اسماعيل صوفي عام ماڻهن جو خدا ڪارڻ علاج بہ ڪندو هو بعض حالتن مرڻ جي ويجهو ماڻهوءَ لاءِ دوا وٺڻ لاءِ ايندا هئس تہ علاج اهڙو ڏسيندو هو جو حڪيم تہ ڇا ڪو ڄٽ بہ اها دوا نہ ڏسي مگر سندس زبان جي اثر ڪري بيمار چڱا ڀلا ٿي پوندا هئا.

مثنوي شريف جي درس وقت هڪ خاص ڪيفيت پيدا ٿيندي هئي، ماڻهو ان مان لطف ۽ لذت حاصل ڪندا هئا. هميشہ ذڪر جي شغل سان غرق رهندو هو. جنهن کي بہ سندس خدمت نصيب ٿي تہ گويا وڏي سعادت نصيب ٿي. سندس خاص مريدن مان شاهہ عبداللطيف صوفي ۽ شاهہ محمد مسعود ولهاري آهن. شاهہ اسماعيل ڪڏهن ڪڏهن صوفيانہ انداز ۾ شعر بہ چوندو هو. سندس شعر جو نمونو هي آهي:

دوست گرچه جمله مغز و پوست ما است

در برون هر چيز بينم دوست ما است

ٻارهين صدي جي وچ ڌاري وفات فرمايائين. سال بسال سندس مزار تي عام ماڻهن جو وڏو ميلو لڳندو آهي. دنيا مان لاولد فوت ٿي ويو.

(تحفہ – مقالات)

## 339- شاهہ عبداللطيف صوفي نئوي

وحدت الوجود جو قائل ۽ تصوف ۾ هڪ وڏي جماعت جو مرشد شاهہ اسماعيل صوفي نئوي جو دوست ۽ مريد هڪ بي نفس بزرگ هو.

مشهوري ڪان پڇنڊڙ ۽ وڏين ڪرامتن جو مالڪ. علامہ محمد معين ٺٽوي جي دوستن مان هو. هڪ دفعي مخدوم محمد معين سندس ملاقات لاءِ آيو. موسيقي يا راڳ بابت گفتگو ڇڙي هلي. صوفي عبداللطيف مخدوم عرض ڪيو تہ راڳ جي علم ۾ مون کي بہ ڪافي دخل آهي. ان کان پوءِ اهڙي خوش انداز ۾ ڳاياائين جو حاضرين حيران رهجي ويا. هڪ عجيب ڪيفيت ماڻهن جي دلين تي ڇانئجي وئي. هن جون ڪرامتون حد کان زياده آهن. جنهن صورت ۾ مشهوري ڪرائڻ کان دڄندو هو تنهنڪري ڪرامتن لڪائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن فارسي ۾ شعر بہ چوندو هو.

هيٺيان شعر سندس ڪلام مان آهن:

آئينه دل چون صاف باشد
بر عکس همه معاف باشد
يعنی چو بد و شدی تو لاحق
چيزی نبود در و نت بجز حق
پس هر چه کسی ز تو نباشد
تو رفته بغير او نباشد

(مقالات و تحفہ)

هن شعر مان سندس صوفيانہ مسلڪ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هو ڪهڙي خيالات جو هو. وفات جو سال معلوم نہ ٿي سگهيو مگر سندس معاصرين جي مدنظر تي هو ٻارهين صدي جي صوفيائي ڪرام مان آهي.

## 340- شاهہ مسعود ولهاري صوفي

شاهہ محمد مسعود ولهاري شاهہ اسماعيل صوفي ٺٽوي جي وڏن خليفن ۽ فيض يافتہ بزرگن مان هو. شروع ۾ هن ظاهري علمن جو درس حاصل ڪيو ۽ وقت جي وڏي عالم مخدوم محمد قائم ٺٽوي وٽ سمورن علمن جي تحصيل ڪيائين ۽ علم ۾ وڏي شهرت حاصل ٿيس. ان کان پوءِ

تصوف ۾ باطني ريت خدا شناسي جو جذبو پيدا ٿيس. پنهنجي مرشد جي صحبت ۾ مثنوي مولانا روم جو مطالعو شروع ڪري پوري ڪماليت تي ان کي پهچايائين. جڏهن شاهه اسماعيل صوفي سندس مرشد جي وفات ويجهي آئي تڏهن کيس ارشاد ڪيائين ته سلوڪ جي باقي منزل کي شاهه جهان آباد (دهلي) جي مشهور صوفي غلام محمد جي خدمت ۾ رهي تڪميل پهچائي. حڪم جي تعميل ڪندي شاهه جهان آباد پهچي شاهه غلام محمد صوفي (شاهه عنايت الله جهوڪ واري جي مرشد) جي خدمت ۾ پهچي، باقي رهيل مدعا کي رسي پوءِ وري ٺٽي ۾ واپس اچي رهيو. مير قانع لکي ٿو ته:

اڪنون همچو بجناب در سلسله صوفيه ڪسي در تته نيست درس مثنوي خوب ميدهد"

سوين ماڻهن سندس درس ٻڌڻ ڪانْ پوءِ بيهودگين کان توبه تائب ٿي هڪ طرف ٿي رهن ٿا. (تحفة الڪرام)

مير علي شير قانع جي معاصرت کي هي صوفي ٻارهين صدي جي پاڪ باطن بزرگن مان ٿي گذريو آهي. (تحفه وغيره)

## 341- ميان شيخ محمد بکري

ميان شيخ محمد اگرچه ٺٽي ۾ رهي ڪماليت حاصل ڪئي مگر سندس اصل وڏا بکر جي ڀرارڙي جا هئا. جن مان سندس ڏاڏو ساڳي نالي حاجي حافظ محمد نالي ٺٽي ۾ وڃي رهيو. سندس اولاد مان مٿيون شيخ محمد علم لاءِ ملڪ جي سياحت ڪندو ۽ علومحاصل ڪندو رهيو ۽ ڪيترن ئي علمن ۾ مهارت ۽ ڪماليت حاصل ڪري ٺٽي ۾ واپس آيو. خاص طرح علم تشريح، طبابت، حڪمت ۾ بقراط ثاني هو. اڪين جي بيمارين ۾ خصوصيت سان ڪمال حاصل هئس. علم طب ۾ خاص طرح اکين جي بيمارين جي تشخيص ۽ تداوي ۾ هڪ وڏو ڪتاب جوڙي تيار ڪيائين، جنهن تي سالن جا سال محنت ڪندو رهيو مگر اهو ڪتاب اڃا

پورو ٿي نہ ٿيو هو تہ سن 1174هہ ۾ هن دنيا جي مطالعي کان اکيون بند ڪري راهہ رباني وٺي رمندو رهيو!! (تحفہ)

## 342- مولوي محمد صادق ٺٽوي

محمد صادق ولد ميان محمد سعيد واعظ ولد مخدوم عنايت الله جو اهو بزرگ حال قال جو مالڪ هو. اگرچہ اکين کان نابينا هو مگر ان هوندي بہ هميشہ خلق کي علمي فائدو پهچائيندو رهيو ۽ سندس مجلس وعظ ڏاڍي اثرائتي هئي. سندس فرزند محمد سعيد بہ فقيري ۽ فضيلت سان سينگاريل هو. مولوي محمد صادق مخدوم عنايت الله جو پوٽو جنهن جو ذڪر ٿي رهيو آهي، وقت جو وڏو عالم ۽ معقولات ۾ بينظير فاضل هو. علامہ مخدوم محمد معين جي شاگردي سبب هن کي منطق ۽ فلسفي ۾ وڏو دستگاهہ پيدا ٿيل هو. سوين شاگرد سندس مدرسي مان فيض ياب ٿيا جن مان مخدوم نعمت الله ٺٽوي هڪ مشهور بزرگ آهي. خواجہ محمد زمان بزرگ لواري وارو بہ سندس شاگردن مان آهي. مولوي محمدصادق سيد عبداللطيف ڀٽائي جو خاص مريد هو. ٺٽي جو ناظم شيخ شڪرالله ۽ شيخ الاسلام ميرک محمد احسن هن بزرگ جي ڏاڍي عزت ۽ احترام ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن شعر بہ چوندو هو. شاهہ عبدالڪريم بلڙي واري جو ان زماني ۾ نئين سر گنبذ ٺهايو ويو تہ مولوي محمد صادق هيٺين ريت تاريخ چئي:

چه درگه کريمست مجلائی حق.

باوجود فقر آشنائي جي شهرت کان دور رهي سموري زندگي بي تڪلفي سان گذاريندو رهيو ۽ پيري مريدي کان پري ڀڄندو رهيو. ٻارهين صدي جي علماء ڪرام مان آهي.

## 343- مخدوم محمد صادق ٺٽوي

محمد صادق ولد ميان عبدالجميل ولد مخدوم احمد علي قمري احمد علي ٺٽي جي مشهور ولي ڪامل مخدوم آدم نقشبندي جو ياءُ هو ۽ ڪيس خوش الحاني سبب قمري جو لقب ڏيندا هئا. سندس فرزند عبدالجميل ٺٽي جي مشهور فاضل مخدوم ضياءَ الدين جو داماد هو جنهن

مان مخدوم محمد صادق پيدا ٿيو. محمد صادق علمي خاندان سبب نوجواني ۾ ئي سمورن علمن جي تحصيل ڪئي. ان ڪان پوءِ حرمين شريف جو سفر ڪري حديث جي سند حاصل ڪري ٺٽي ۾ اچي رهيو. ڪن معتقدن جي ڪشش ۽ ڪوشش سان جهونا ڳڙهه وڃي رهيو جتي سندس تمام گهڻي عزت ۽ احترام ٿيندو رهيو. هڪ دفعي ٺٽي ۾ واپس اچي جڏهن دوباره جهونا ڳڙهه ڏانهن ڪڇ پيچ رياست مان لنگهي وڃي رهيو هو ته "نري" جي ڳوٺ ۾ اڌاري حياتي ڪي ٻارهين صدي جي پوئين اڌ ۾ حقيقي مالڪ جي حوالي ڪيائين ۽ اُتي ئي دفن ٿيو. (تحفة الڪرام)

مير قانع مقالات ۾ لکي ٿو ته زبان جو اهڙو چترو صاف گو هوندو جو گفتگو ڪندي نثر کي نظم ۾ ادا ڪندو ويندو هو. سندس طبيعت جي ذڪاءَ تي فخر ڪرڻ گهرجي.

هڪ دفعي علامه فيضي جي هيٺين غزل تي گفتگو ٿي رهي هئي جو انهيءَ غزل جو هر هڪ مصرع چئن بحرن ۾ تقطيع ڪري سگهجي ٿو.

اى خم ابروء تو تيغ جفا
حلقه گيسوى تو دام بلا
خنجر پهلوى تو تيغ اجل
غمزه بدخوى تو تير قضا
بسته بازوئى تو ترک ختن
کشته آهو تو شير خطا
در رخ نيکوى تو نور ازل
در لب جادوى تو سر فدا
تافته بازوئى تو دست هوس
دوخته هر سوئى تو چشم هوا
خستئه هندوى تو فيضى زار
تشنئه دارو ئى تو بهر دوا.

انهيءَ غزل جي عروضي صنعت موجب هيٺين بحرن تي تقطيع ڪري سگهجي ٿي. (1) رجز مطوي مفتعلن مفتعلن فاعلن (2) خفيف فاعلاتن مفاعلن فعلن (3) رمل سالم — فاعلاتن فاعلاتن فاعلن (4) رمل مجنون، فاعلاتن فعلاتن فعلن.

جڏهن مخدوم محمد صادق اهو غزل ٻڌو سواءِ ڪنهن ويچار غور و فڪر جي هڪدم هيٺيان شعر علي البديهہ نظم ڪيائين:

نزهت مينوء تو رشک ارم
جلوه مه روئی تو فضل خدا
يافته نيروی تو قدر قدر
تافته بازو تو دست قضا
صادق در جوی تو شام و سحر
داشته در کوئی تو چشم رجا

هن شعرن کي تقطيع ڪيو ويندو تہ ساڳا چار بحر حاصل ٿيندا. مير قانع لکي ٿو تہ انهي مجلس ۾ آئُون بہ هئس جو سندس ادني شاگرد آهيان، مون بہ سندن فيض صحبت جي برڪت ڪري هيٺيون غزل ساڳي زمين ۾ چيو:

ای خم ابروء تو قبله نما
گيسوی هندوی تو مشک خطا
از لب عيسیٰ تو مزده حيات
طلعت نيکوی تو بد رسما
بسته جادوء تو سحريری
کشته بازوء تو شير وغا
شد فدا الجوی تو نخل مراد
پرتوی مه روئی تو نور خدا

خسته هندوی تو قلب حزین
قانع داروی تو صبح و مسا

(مقالات)

سندس معاصرين ۽ حالات مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو ٻارهين صدي جي رجالن مان آهي.

## 344- ميان محمد صادق نقشبندي ٺٽوي

میان محمد صادق نقشبندی جامع فنون کمال ظاهری و باطنی بوده و مرید قطب وقت شاهه عبداللطیف بٹائی المعروف بتارک الدنیا بزرگ سید عبدالکریم صاحب موضع بلری می باشد. (مقالات)

يعني تہ محمد صادق نقشبندي ظاهري ۽ باطني ڪمالات جو جامع ۽ شاهہ ڀٽائي جو مريد هو.

مخدوم محمد اشرف نقشبندي ولد مخدوم آدو معرف بہ مخدوم آدو ٺٽوي جو ناٺي هو. انهيءَ ميان محمد صادق نقشبندي جو فرزند ميان غلام حسين معروف شيخ ابوالحسن صغير مدني محدث مدينہ شريف ۾ وڃي رهيو جتي عرب و عجم کي علم حديث سان فيض ياب ڪيائين جنهن جو ذڪر علاحده اچي رهيو آهي. ميان محمد صادق ڪڏهن ڪڏهن صوفيانہ انداز ۾ شعر شاعري ڏانهن بہ توجہ ڪندو هو. سندس شعر آهي:

نیست در آئینه کثرة را وجود
از صفائی دل شود حاصل شهود

سيد حبيب الله حضرت شاهہ ڀٽائي جي والد جي وفات جو سال تاريخ هيٺين حديث مان استباط ڪيو هئائين.

الموت جسر يوصل الحبيب للقاء حبيب

1144 (تحفہ و مقالات)

سندس سال وفات مقرر طرح معلوم نہ ٿي سگهيو. 12 صدي هجري جي رجالن مان آهي. سندس مقبرو حضرت مخدوم آدو نقشبندي جي پيراندي ڪان آهي.

## 345- شيخ محمد سرفراز ٺٽوي

شيخ سرفراز ولد مرزا شاد ڪام هڪ نو مسلم نوجوان سرڪاري ملازم اميرانه زندگي جو مالڪ هو. اصل ۾ ٺٽي جي راءِ گهراڻي، ديوان دولت رام جي اولاد مان هو جنهن ڪري اسلام کان اڳ به هو عزت جا مالڪ هئا ۽ اسلام کان پوءِ ساڳي سرفرازي ۽ عزت سان رهيا. نوجواني جي زماني ۾ ڪنهن ماهه وش تي عشق ٿي ويس، جنهن ڪري حال کان بي حال ٿيڻ جي پيو. مطلوب جي ڪشش ۽ محبوب جي جذبي جنهن حال مان بي حال ڪيس ته ان جي تاريخ "غلبه مطلوب" جي فقري مان حاصل ڪيائين.
1124

سندس والده وفات ڪري وئي، ته قرآن شريف جي آيت شريفه "وادخلي جنتي" مان سال رحلت جو حاصل ڪيائين. مير قانع لکي ٿو ته:
1114

"بر اهل فن پوشيده نخواهد بود که تاريخ قراني بصفت تاثيث چنين از نادر الوقوعات است بلکه معدوم الوجود"

يعني ته تاريخ گوئي جي فن وارن تي مخفي نه هوندو ته مؤنث جي صفت سان هن جهڙي قرآني تاريخ يعني وادخلي جنتي بلڪل نادر بلڪ ناياب آهي.

آخر زماني ۾ هن بزرگ قرآن شريف حفظ ڪيو ۽ بيت الله شريف جي حج جو شرف حاصل ڪيو. 1169هه ۾ هن دارفاني مان لاڏاڻو ڪري هميشه لاءِ حقيقي مطلوب سان وڃي مليو. (مقالات)

## 346- حاجي فقيرالله علوي

عارف بالله حاجي فقيرالله بن عبدالرحمان علوي، حنفي جلال الدين شڪارپوري

سندن سلسله نسب امام محمد بن حنفية حضرت علي جي فرزند سان وڃي ملي ٿو جنهن ڪري هو پاڻ کي حنفي لکندو آهي. ولادت جلال آباد (افغانستان جي هڪ ڳوٺ رتاس) ۾ ٿيس. نوجواني جي زماني ۾ 1150هه ڌاري هجرت ڪري هميشه لاءِ اچي شڪارپور ۾ مقيم ٿيو.

هو بزرگ نقشبندي طريقي ۾ شيخ حاجي محمد سعيد لاهوري (متوفي 1166) جو مريد هو. وٽانئس خرقہ خلافت ڏڪي عام ماڻهن کان انهيءَ طريقي ۾ بيعت وٺندو هو. ان کانسواءِ خواجہ محمد مسعود پشاوري کان اجازت ۽ خلافت حاصل ڪيل هئس.

شڪارپور ۾ هڪ وڏو عربي مدرسو قائم ڪيائين جتي ظاهري علمن سان گڏ باطني يا روحاني علومن ۽ معارف جو بہ درس ڏيندو هو. جنهن ڪري هزارين ماڻهو چؤطرف کان سندس خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لڳا. سندس ولايت ۽ ڪرامت جو دور دور غلغلو پهچڻ لڳو.

حاجي فقير الله صاحب کي شيخ محمد مسعود پشاوري کان سواءِ حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي کان بہ چئني طريقن ۾ مريد ڪرڻ جي اجازت حاصل هئي. ازانسواءِ حديث ۽ ٻين علومن جون سندون بہ حضرت مخدوم صاحب کان حاصل ڪيون هئائين، جن جو تفصيل سندس هڪ وڏي مڪتوب ۾ بيان ٿيل آهي. ازانسواءِ قطب الارشاد ۾ بہ ان جو ذڪر آندو اٿس.

حاجي صاحب کي حج جي سفر جو هميشہ شوق رهندو هو. جيتوڻيڪ ان زماني ۾ حج هڪ وڏو ڪٺن ۽ مصيبت جهڙو ڏکيو سفر هوندو هو مگر ان هوندي بہ هن صاحب ايراني نار ۽ عربي سمنڊ جي رستي 7 دفعا حج پڙهيو ۽ هر دفعي علمي ۽ عملي فائدا پرائي موٽندو رهيو.

اگرچہ هن بزرگ حديث فقہ ۽ ٻين علمن جي مسلسل سند يا اجازت مخدوم محمد هاشم کان حاصل ڪئي هئي، مگر جڏهن هو مڪہ شريف ۾ پهتو تڏهن اُتي مخدوم صاحب جو استاد شيخ سيد عبدالقادر مالڪي زنده هو جنهن کان پڻ دوباره سند حاصل ڪري وڌيڪ اطمينان حاصل ڪيائين.

احمد شاه ابدالي جڏهن سنڌ مان لنگهيو دهلي تي ڪاهيون ويو تي تڏهن سنڌ جي بزرگن جي خدمت ۾ هو حاضر ٿيو تن مان حاجي فقير الله جي خدمت ۾ بہ پهتو. ان کان پوءِ احمد شاهہ ۽ سندس فرزند تيمور شاهہ جو ساڻس خط و ڪتابت جو راه رسم بہ رهندو آيو. قلات جي امير مير نصير

خان ۽ ڪلهوڙن مان سرفراز ولد ميان غلام شاهه صاحب سنڌن معتقدن مان هئا. هو حنفي مذهب جو پڪو تابعدار هو مگر ان هوندي به حديث جي اتباع ڪري ڪن مسئلن ۾ هن جو جدا مسلڪ هو. ازانسواءِ نقشبندي طريقي ۾ جوالتحيات ۾ اشهد آگر کڻڻ منع آهي. هو صاحب پنهنجي مرشدن جي روش جي خلاف حديث جي تابعداري ۾ اُن جي نه فقط جواز جو قائل هو پر ان بابت هڪ رسالو به لکيل آهي.

حاجي فقير الله هڪ وڏو صوفي ۽ شيخ محدي الدين ابن عربي جي ڪتابن جو عاشق هو. جن ۾ همه اوست جو مسئلو پوري صفائي سان بيان ٿيل آهي ۽ علامه محمد معين ٺٽوي جو گهاٽو دوست به هو. پر ان هوندي به جڏهن جهوڪ جي درويش شاهه عنايت الله صوفي همه اوست جو نعرو بلند ڪيو تڏهن سڀ کان پهريائين جيڪو سنڌس دشمن ٿي بيٺو سو حاجي فقير الله علوي هو. جيئن ته هڪ خط ۾ ٺٽي جي حاڪم معظم خان جو صوفي صاحب جي بيديني ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي "همه اوست" جي فلسفي کي گمراهي ۽ الحاد سڏيو آهي.

هڪ دفعي حج تان موٽندي جڏهن ايراني نار جي مسقط بندر تي پهتو ۽ کيس صوفي عنايت الله جي شهادت جو واقعو معلوم ٿيو. تڏهن تمام گهڻي خوشي جو اظهار ڪيائين. جنهن جو ذڪر سنڌس هڪ مڪتوب ۾ آيل آهي.

حاجي صاحب علم نجوم ۽ عمل عمليات جو به تمام وڏو ماهر هو. "علم نجوم" سنڌس هڪ رساله نظر مان گذريو آهي، جنهن ۾ سن هجري جي فلڪي تغيرات بابت 3 جدولون ڏيڪاريل آهن جن ۾ (1) ۾ مسلمانن منجمن جو قول نقل ڪيل آهي. (2) ۾ برهمڻ جو. (3) حاجي فقير الله علوي جوان تي لکيل آهي.

"رساله در علوم نجوم که دران سه قول بجداول سنه هجری آورده شد، که یکی ازان ها قول افضل العلماء تاج الاتقیا حاجی فقیر الله علوی است"

هن جو علميات ۾ ايڏو درڪ، جو جيئن هو نقشو پريندو يا ڪا عزيمت رٽيندو هو تيئن ٽي پوندو هو.

ان ڪري ڪن ماڻهن جو گمان آهي ته هو صوفي يا عارف نه هو پر شعبده بازيءَ عامل هو جيئن خواجه محمد حسن مجدديؒ (متوفي 1366هه) پنهنجي رسالہ تذڪرة العلماء ۾ لکي ٿو ته:

مخدوم محمد ابراهيم ٺٽوي جي زماني ۾ جو مرشد آهي حاجي احمد خان نظاماڻي جو ملڪ ۾ غلغلو بلند ٿيو ته شڪارپور جي شهر ۾ هڪ شخص ڪرامتن جو مالڪ پيدا ٿيو آهي جنهن جو نالو حاجي فقير الله آهي. جنهن تي حضرت مخدوم صاحب پنهنجي خليفي حاجي احمد خان کي چيو ته شڪارپور پهچي انهيءَ شخص جي احوال تي توجه ڪري باطني طريقي سان معلوم ڪري اچي مون کي ٻڌاءِ. جيڪڏهن سچ پچ استقامت وارو عارف بالله آهي ته آءٌ پنهنجي سر هلي سندس زيارت جو شرف حاصل ڪندس. حاجي احمد خان نظاماڻي پنهنجي مرشد جي ارشاد موجب منزلون ڪندو اچي شڪارپور پهتو. حاجي فقير الله جي جاءِ پڇائي اُتي لنگهي آيو. ڏسي ته خلق جو انبوهه ۽ غلغلو ان کان تمام گهڻو وڏيڪ آهي جيڪو ٻڌو هئائين. چپ چاپ ۾ مجلس جي ڪنڊ ۾ ويهي مراقبي ۾ مشغول ٿي ويو. جيترو به سندس حالت ڏانهن توجهه ڪيائين انڌيري کان سواءِ ڪجهه به معلوم نه ٿيس. حيرت ۾ رهجي وري متوجهه ٿيو وري ساڳئي تاريڪي ڏسڻ ۾ آيس. آخر ٽئين دفعي به ساڳي ريت ڪجهه نه ڏٺائين. پوءِ ته نااُميد ٿي پنهنجي مرشد کي خط لکيائين ته حڪم موجب شڪارپوري جي حالت ڏانهن توجه ڪيم، مگر انڌيري کان سواءِ ڪجهه به نظر نه آيو... نيٺ معلوم ٿين ته انهيءَ ماڻهو کي جفر جي علم ۾ ڏاڍي مهارت هئي جو نيرنگيون ڏيکاري ماڻهن کي مطيع بنائي رهيو هو.

جناب خواجه محمد حسن جان مٿئين نقل بابت لکيو آهي ته "از بزرگان خود باستماع فقير رسيده است" يعني ته هي واقعو پنهنجن بزرگن کان مون کي ٻڌڻ ۾ آيو آهي.

هوڏانهن حقيقت هي آهي تہ حاجي فقيرالله جو زمانو مخدوم محمد ابراهيم جي ڏاڏي محمد هاشم ٺٽوي جو زمانو هو. بلڪ جنهن زماني ۾ مخدوم ابراهيم جي ٻچپڻ جو زمانو هوندو تنهن زماني ۾ حاجي فقيرالله علوي جي وفات ٿي آهي، تنهنڪري متيئن واقعي جي تاريخي لحاظ سان هرگز تصديق ڪانہ ٿي سگهي ٿي. والله اعلم.

حاجي فقير علوي کي ڪتابن جو بي حد شوق هو. سندس ڪتبخاني ۾ عرب عجم جا هزارين ڪتاب گڏ ڪيل هئا. ٺٽي ۽ احمد آباد جي ڪاتبن کان ڪتاب لڪارائي قيمتون ڏئي گهرائي وٺندو هو. هو عربي فارسي جو عمدو شاعر بہ هو. سندس ڪلام جو نمونو هٿ نہ اچي سگهيو آهي. مگر جو نظر مان گذريو آهي، تنهن مان سندس قادر ڪلامي ۽ پختہ گوئي جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

عربي ۾ سندس هڪ قصيدو آهي جو مدينہ منوره ۾ حضور عليہ الصوات والسلام جي روضي اطهر جي سامهون پڙهيو هئائين، جتان بشارتون حاصل ٿيون اٿس.

سندس تصنيفات مان هيٺيان ڪتاب يادگار رهجي ويا آهن:

(1) قطب الارشاد (2) طريق الارث (3) جواهر الاوراد (4) تڪميل المومنين والاولاد (5) فتوحات غيبيہ شرح عقائد صوفيہ (6) فتح الجميل في مدراج التڪميل (7) براهين النجات من مصائب الدنيا والعرصات (8) منتخب الاصول (9) وثيقتہ الاڪابر (10) قصيده مبروه (11) مڪتوبات (12) رسالہ در علم نجوم.

حاجي صاحب 3 صفر 1195هہ شڪارپور ۾ وفات فرمائي پوئتان 14 فرزند عالم ۽ فاضل حڪيم ڇڏي ويو.

قطعه تاريخ

از ميان محمد عالم شڪارپوري

بود آن حاجی فقیرالله با برکت و فور

در درج معرفت میمون لقا محسن امور

از شهر صفر مظفر بود تاريخ سيم
کرد از دنيا به جنت روز يکشنبه مرور
سال تاريخ وصالش رايا به جستم از خرد
گفت در گوش دلم صاحبدلی اهل حضور
1195هـ

## ايضاً

**از سيد حڪيم محمد وفا لکنوي**

ولی غوث خدا حاجی فقيرالله
شد بخلد مربع نشين الی الابد
"وفا" مه و شب و تاريخ وقت سال وصال
بگو سيم صفر و نصف ليلة الاحد
1195

اهو ڪتبو حاجي صاحب جي گنبذ جي اندرين حصي تي ثبت ٿيل آهي.

# 347- مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي

مخدوم ضياءُ الدين ولد مخدوم ابراهيم ولد مخدوم هارون ولد مخدوم عمائب ولد مخدوم الياس سندس نسب عراق جي مشهور صوفي عالم شيخ شهاب الدين سهروردي صديقي (وفات 632) سان وڃي ملي ٿو. مخدوم ضياءُ الدين جا وڏا ورياهہ تعلقي جوڻ ۾ رهندا هئا. جتان مخدوم الياس جو پوٽو مخدوم هارون لڏي اچي ٺٽي ۾ ويٺو. اُتي ڪيس فرزند ابراهيم پيدا ٿيو جو هڪ وڏو عالم ۽ صوفي صالح هو. ابراهيم کي سن 1091هہ ۾ ضياءُ الدين تولد ٿيو.

مخدوم ضياءُ الدين ٺٽي جي وڏي عالم مخدوم عنايت الله کان علوم حاصل ڪيا ۽ انهيءَ ساڳي بزرگ وٽان علامہ محمد معين ٺٽوي بہ ظاهري علمن جو فيض پرايو هو ۽ آخر ڄمار مخدوم محمد هاشم بہ وٽانس

پڙهيو هو. ايڏي وڏي عالم جو شاگرد مخدوم ضياءُ الدين هڪ وڏو نامور فاضل پيدا ٿيو جنهن علمي تحصيل ڪان پوءِ پنهنجو جدا مدرسو قائم ڪيو جنهن مان پڻ سوين ماڻهو فيض ياب ٿيا. جن مان مخدوم نعمت الله ولد عبدالجليل سندس ڏهٽو ۽ مخدوم محمد هاشم ۽ ميان محمد ولد مخدوم احمد ٺٽوي آهن.

مخدوم ضياءُ الدين عام ماڻهن جي سهوليت لاءِ نماز روزن ۽ زڪوات حج جا مسئلا سنڌي ڏوهڙن ۾ هڪ ڪتابي صورت ۾ لکيا. جنهن کي مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي سڏيو وڃي ٿو.

مخدوم ضياءُ الدين جو اهو رسالو بمبئي ۾ ڇپيو به هو مگر هن وقت ناياب ٿي ويو آهي. ٿوري علم وارن لاءِ مخدوم ابوالحسن جي سنڌي ڪان فقهي ابتدائي مسئلن سکڻ لاءِ ڏاڍو ڪارآمد آهي.

مخدوم ضياءُ الدين 80 سالن جي ڄمار کي پهچي سن 1171هه ۾ هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪري، دارجاوداني ۾ وڃي آراميو. سندس اولاد مان ميان يار محمد ڪمال تقويٰ ۽ فضيلت وارو ٿي گذريو آهي. ان ڪان پوءِ سندس پوٽو مخدوم غلام محمد به تحفة الڪرام جي مصنف مير قانع جي حياتي تائين زنده موجود هو ۽ پنهنجي ڏاڏي بزرگ جي ياد کي تازو رکندو آيو ٿي. هن وقت پتو ڪونه آهي ته ان خاندان مان به ڪو آهي الائي نه. والله اعلم باالصواب. (تحفه وغيره)

# 348- مخدوم آدم نقشبندي ٺٽوي

ٺٽي جو وڏو ولي ۽ نقشبندي طريقي کي سنڌ ۾ رواج ڏيندڙ مخدوم آدم ولد عبدالاحد ولد عبدالرحمان ولد عبدالباقي ولد محمد ولد احمد ولد آدم ولد عبدالهادي صديقي يمني مالڪي. ڪتاب مرغوب الاحباب جي مصنف جو چوڻ آهي ته سندن سلسلهٴ نسب وڃي سيدنا صديق اڪبر سان ملي ٿو. سندن وڏا يمن جا رهاڪو هئا. سندن وڏو ڏاڏا عبدالباري سن 417هه ۾ ڪاٺياواڙ ۾ پهتو. انهي زماني ۾ سلطان محمود غزنوي قدس سره جون ڪاٺياواڙ تي ڪاهون هيون. عبدالباري جو ننڍو ڀاءُ عبدالخالق سلطان غزنوي سان ملي وڏو مرتبو ۽ مان حاصل ڪيو. ان جو فرزند عبدالهادي اول

ڪانياواڙ مان ڪڇ پيچ ۾ پهتو. ان ڪان پوءِ سنڌن خاندان مان ڪي بزرگ ٺٽي ۾ پهتا، جن مان يارهين جي آخر ٻارهين صدي جي اوائل ۾ مخدوم آدم هڪ وڏو عالم ۽ بزرگ ٺٽي ۾ اٿيو. هن بزرگ جي بيعت جناب خواجہ عروة الوثقيٰ محمد معصوم ولد نصرت امام رباني مجدد الف ثاني سان ٿيل آهي، جو حضرت اورنگزيب عالمگير جو مرشد ۽ وقت جي وڏن ڪامل مرشدن مان ٿي گذريو آهي.

خواجہ عروت الوثقيٰ سان شروعات ملاقات جو ڪارڻ هن ريت ٿيو ته خواجہ صاحب هي پاڻ تي مقرر ڪري ڇڏيو هو ته سلطان عالمگير ڪان وقت جي عالمن ۽ فاضلن جي گذران لاءِ روزينہ مقرر ڪرائيندو رهندو هو ۽ ان ڪم لاءِ وقت بہ وقت دهلي جو سفر ڪندو رهندو هو. مخدوم آدم بہ انهيءَ ارادي سان خواجہ صاحب جي خدمت ۾ وڃي سرهند شريف پهتو. خواجہ صاحب مخدوم جي علميت ۽ بلند استعداد کي پنهنجي فراست سان مشاهدو فرمائي کيس ارشاد ڪيائون تہ اوهان اسان جي نينگرن کي تعليم ڏيندا رهو تہ اوهان جي اهل عيال جي گذران جو اسان پاڻيهي بندوبست ڪنداسين. خواجہ صاحب جو ان مان اصل مقصد هي هو تہ مخدوم صاحب کي پاڻ وٽ رهائي کيس نقشبندي احمديہ طريقي جي تلقين ۽ تعليم ڪئي وڃي. مخدوم آدم جو ظاهري علم جو هڪ وڏو عالم هو تنهنجو باطني طريقہ تصوف ڏانهن ڪجهہ بہ توجہ نہ هو. آخر ڪجهہ مدت ڪان پوءِ ارادت جو معاملو استوار ٿيندو ويو ۽ سلوڪ جو سبق وٺي ذڪر فڪر ۾ لڳي ويا ۽ خواجہ صاحب جي توجهات جو مٿس ايڏو اثر پوندو رهيو جو ماسواءَ الله ڪان منقطع ٿي حقيقت جي جذبي ۾ بلڪل جذب ٿي رهيو. برابر 7 سال پنهنجي مرشد ڪامل جي خدمت ۾ رهي پوري استغراق سان سلوڪ جون منزلون طئي ڪندو رهيو. چون ٿا تہ انهي وچ ۾ جيڪڏهن سندس وطن ٺٽي مان عزيزن جو ڪو خط ايندو هو تہ ان کي بہ سواءِ کولڻ جي ائين رکي ڇڏيندا هئا، هن ڪري تہ متان ڪا اهڙي ڳالهہ لکيل هجي، جنهن ڪري حقيقت واري ڪيفيت ۾ ڪو تفرقو پيدا ڪري ڇڏي.

جڏهن ڪماليت جي درجي تي قائم ٿيو تڏهن حضرت خواجہ عروت الوثقيٰ کي خلافت جي خلعت ڏڪائي، وطن جي واپسي جي اجازت ڏني تہ ٺٽي ۾ خانقاه قائم ڪري وڃي نقشبندي طريقي کي رواج ڏياري. مخدوم صاحب عرض ڪيو تہ سنڌ ديس ۾ اڳ ۾ ئي تمام گهڻا مشائخ ۽ اولياء آهن، انهن هوندي مون ڏانهن ڪير رجوع ڪندو؟ خواجہ صاحب فرمايو پلي سموري سنڌ ولين سان پرپور هجي مگر اسان جي طريقي جي نسبت ٻين کان تمام اعليٰ آهي.

مخدوم صاحب جڏهن وطن ۾ واپس آيا، تڏهن چئني پاسن کان ماڻهن جا وٿن ميڙا ٿيڻ لڳا، بلڪ وقت جا مشائخ بہ وٿن اچڻ لڳا. انهيءَ زماني جا علماء بہ سندن خدمت مان فائدو حاصل ڪرڻ لڳا. هي پهريون بزرگ آهي جنهن سنڌ ۾ امام رباني جي طريقي نقشبندي کي رواج ڏياريو.

شيخ ابوالقاسم ٺٽوي جو وقت جو وڏو بزرگ ۽ يگانہ روزگار صوفي هو سو مخدوم آدم جي فيض يافتن مان آهي. شيخ ابراهيم لوهرائي، سيد فتح محمد، شيخ انيس ۽ مخدوم صابر ولهاري ۽ ٻيا وڏا وڏا اولياء مخدوم آدم جي فيض مان بهره ور ٿيل آهن. (مرغوب الاحباب)

مير قانع ٺٽوي لکي ٿو تہ مخدوم آدم نقشبندي جي زماني ۾ ٻيو مخدوم آدم بہ هو. انهيءَ زماني ۾ مخدوم آدم ٻئي جي علميت ۽ پيري جو غلغلو تمام گهڻو بلند ٿيل هو. تنهنڪري مخدوم آدم نقشبندي پنهنجي نفس مارڻ لاءِ ماڻهن کي حڪم ڪيو تہ مون کي "آدو" سڏيندا ڪريو چاڪاڻ جو هڪ شهر ۾ بہ آدم ساڳي زماني ۾ ڪيئن ٺهي سگهن ٿا. ان کان ڪيترن بزرگن فيض حاصل ڪيا. نقشبندي سلسلي ۾ وڏي ڪماليت جو صاحب هو. سندس مقام ڏاڍا بلند آهن. چون ٿا تہ هڪ ملا آخوند يوسف نالي جو مخدوم صحب جي محلہ واري مسجد ۾ پيش امام هو سو هميشہ مخدوم صاحب جي تشريف آوري کان اڳ ۾ تڪبير نہ چوندو هو. هڪ ڏينهن اهڙو واقعو ٿيو جو ميان ابوبڪر ولد مخدوم آدم ديگر جو شهر جو صدر هو نماز لاءِ مسجد ۾ آيو تہ جماعت اڳ ۾ ئي چڪي هئي. جنهن تي ابوبڪر کي ڏاڍي خار آئي ۽ ملا کي چيائين تہ تون اسان کي ڇڻ ماڻهو ئي نہ

ٿو سمجهين؟ جو اڳ نماز پڙهائي ڇڏين ٿو. هن ڪان پوءِ توکي مسجد جي امامت کان معزول ڪجي ٿو (ڇو ته اهو ڪم صدر جي حوالي هوندو هو) ملا يوسف پريشان ٿي، مخدوم صاحب وٽ پهتو. زار زار روئي مٿيون احوال بيان ڪيائين. مخدوم صاحب فرمايس ته پئو ناهي، تون هاڻي وڃي پنهنجي گهر جي بالاخاني ۾ قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول ٿي. صدر صاحب پاڻيهي تو وٽ لنگهي ايندو. تيستائين هن جي ڳالهه قبول نه ڪج جيستائين پنهنجو ڪم پوري طرح نه ڪيڊي وٺين. ٿيو ڇا جو اوچتو اچي ميان ابوبڪر صدر کي پيٽ ۾ سور پيو. سمجهي ورتائين ته ملا يوسف جي ناراضگي جو نتيجو آهي. ان لاءِ ماڻهو موڪلڻ لڳو مگر جواب ندارد. آخر پاڻ کي پالڪي ۾ کڻائي ملا يوسف جي در تي آيو. ڏاڍيون دانهون ڪرڻ لڳو مگر ملا يوسف پنهنجي گهر ۾ قرآن جي تلاوت ۾ مشغول رهيو. آخر گهڻي منت زاري کان پوءِ ڇهن مهينن جي اڳواٽ پگهار به مليس ۽ خلعت به. ازانسواءِ صدر صاحب پنهنجي مهر سان پيش امامي جي نئين سند به لکي ڏني. تنهن کان پوءِ ملا يوسف، پاڻي تي قرآن شريف دم ڪري، ابوبڪر کي پياريو ته انهيءَ ويل نئو بنو ٿي پيو. (تحفة الڪرام)

مخدوم صاحب جي وفات جو سال معلوم نه ٿي سگهيو آهي، مگر قرانن مان معلوم ٿئي ٿو ته هن بزرگ ٻارهين صدي جي اوائل ۾ وفات فرمائي آهي. سندن مقبرو مڪلي ۾ عيدگاهه جي اتر کان آهي. پنهنجي حياتي ۾ فرمايو هئائون ته منهنجي قبر بهشت جي طبقات مان هڪ طبقو آهي. جناب خواجه محمد زمان لواري واري جو ارشاد آهي ته سموري مڪلي جي قبرستان ۾ مخدوم آدم جي مدفن جهڙو ٻيو ڪو متبرڪ مقام ڪونه آهي.

(مرغوب الاحباب)

جنهن هنڌ سندن ذڪر فڪر جي خانقاهه هوندي هئي، اُتي سندن وفات کان پوءِ ويندڙن کي خدا ياد ايندو هو. ڪيترا نقشبندي طريقي جا صوفي، اُتي اچي رهندا ۽ اطمينان قلب حاصل ڪندا هئا. مير نظر علي خان ٽالپر لکي ٿو ته حافظ رحيم ڏنو تليائي اسان جي حضرت خواجه بزرگ (شيخ محمد زمان لواري) وارن جو مريد هو ۽ عبادت ۽ رياضت ۾ جهڙو ٻيو

ڪوڪ جماعت ۾ ڪونہ هو. تنهن جو بيان آهي تہ جڏهن مدد خان افغان جي آمد ڪري سنڌ ۾ تفرقو ۽ اهڙو سخت قحط پيو جو جڻ اُن زماني ۾ ماڻهو هڪ ٻئي جو ماس کائي رهيا آهن. آءٌ اهڙي نازڪ وقت ۾ مخدوم ابراهيم جي خانقاهہ تي نٽي ۾ سواءِ کنهن کاڌ خوراڪ جي پورا 6 مهينا ٽڪيو پيو هئس. حيرت لڳي ٿي تہ ڪڏهن کاڌي جو خيال بہ ڪونہ آيو. اوڳرائي جو ڏاڍي ڏؤ کان ايندي آهي. سومهڻي جي وقت منهنجي معدي مان روزانو هڪ بہ اهڙي اوڳرائي ايندي هئي. ائين سمجهندو هئس تہ جڻ پيٽ ڀري کير پيتو اٿم. (مرغوب) والله اعلم باالصواب

مخدوم ابراهيم وفات کان پوءِ ٻہ فرزند ڇڏيا. مخدوم فيض الله ۽ مخدوم اشرف جن جو ذڪر آئنده اچي ٿو.

## 349- مخدوم اشرف نقشبندي ٺٽوي

مخدوم محمد اشرف ولد مخدوم آدم نقشبندي هي وڏي ڪماليت جو مالڪ هو. تحفة الڪرام ۾ مخدوم آدم جي ذڪر جي پڇاڙي ۾ لکي ٿو تہ:

”فرزندش محمد اشرف نام بود بعد واقعه مخدوم قائم مقام شد و بزرگی اتم زیست نمود“

مگر مرغوب الاحباب واري جو چوڻ آهي تہ مخدوم آدم جي وفات کان پوءِ سندس وڏو فرزند ميان فيض الله هو جنهن کي والد وفات وقت پنهنجو جاءِ نشين بڻايو هو.

اهي بزرگ ڪجهہ وقت سرهند شريف ۾ رهي فيوضات حاصل ڪيائون. خلافت نقشبنديہ جي طريقي ۾ حاصل ڪري وري پنهنجي وطن موٽي اچي خلق جي فيض رساني ۾ مشغول ٿيا. مگر پوءِ ستت ئي هڪ ٻئي جي پوٽن نوجواني جي زماني ۾ وفات ڪري ويا ۽ سندن وفات ۾ فقط هڪ سال جو فرق هو. پنهنجي والد جي پاسي ۾ ايرندي طرف کان آراميل آهن. (مرغوب الاحباب)

مخدوم محمد اشرف مان هڪ فرزند محمد نالي ٿيو ۽ هڪ نياڻي.
هن بيبي جي شادي محمد صادق نقشبندي سان ٿي، جنهن مان شيخ ابوالحسن صغير مدني محدث پيدا ٿيو. باقي مخدوم خيرالله کي نرينه اولاد ڪونه هو. هڪ معصومه اسماء نالي هئي جا پڻ سواءِ اولاد جي فوت ٿي وئي.

## 350- شيخ محمد ابوالمساڪين نئوي

شيخ محمد ولد مخدوم محمد اشرف وند مخدوم آدم نقشبندي رحہ.
سندس ولادت کان اڳ ۾ سندس ڏاڏي بزرگ پنهنجي خليفي مخدوم ابوالقاسم نقشبدي کي فرمايو هو ته منهنجي اولاد مان هڪ مرد پيدا ٿيندو جنهن جو اسم حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم جهڙو هوندو ۽ پيغمبر خدا وانگي يتيم بہ هوندو. اهو پنهنجي زماني جو قطب ٿيندو. توتي لازم آهي ته هن جي ظاهري ۽ باطني تربيت ۾ ڪوشش ڪج، ائين نہ ٿئي جو ڏارين جي دروازن تي ويٺو پويس. مخدوم محمد جي ولادت کان پوءِ سندس والد بزرگوار ستت ئي وفات فرمائي ويو. شيخ ابوالقاسم پنهنجي مرشد جي وصيت مطابق صاحبزادي کي پنهنجي تربيت ۽ پرورش ۾ ورتو. وفات جي وقت پنهنجي امانت سندس حوالي ڪيائين ۽ پنهنجي نياڻي سان شادي بہ ڪرايائينس.

ان کان پوءِ شيخ محمد جي ملاقات خواجہ محمد زڪي مجددي (متوفي 1143) ولد خواجہ محمد حنيف ولد خواجہ عبدالاحد ولد خواجہ محمد سعيد ولد حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمت الله عليهم اجمعين سان بيعت فرمايائين. حضرت خواجہ محمد زڪي زندگي ۾ بہ حج ادا فرمايا هئا. پوئين حج تي سنڌ مان سفر ڪنديہ ٺٽي ۾ اچي پهتا، جتي سون جي تعداد ۾ مخلوق اچي سندس زيارت لاءِ جمع ٿي. شيخ محمد ابوالمساڪين بہ ان انبوهہ ۾ هو. خواجہ صاحب اشارو ڪندي فرمايو تہ هي جوان ڪير آهي. مخدوم ابراهيم ولد مخدوم ابوالقاسم عرض ڪيو تہ منهنجو ياءُ آهي. خواجہ صاحب فرمايو تہ هي ڪنهن جو بہ ياءُ ڪونہ آهي ۽ نہ هن لاءِ سجاڻائڻ جي ضرورت آهي. ان کان پوءِ سڏي پنهنجي پير ۾ وهاريائونس، ڏاڍي دلداري ڏنائونس ۽ پيار ڪيائونس. وڏيڪ فرمايائونس تہ

مون کي توسان ڪم آهي. واپسي ۾ آءٌ توکي پاڻ سان ورتيو ويندس، مگر ٽيو هيئن جو واپسي ۾ خواجه محمد زڪي صاحب ڪانياواڙ (سورٺ) بندر کان اچي لٿا. اتان شيخ ابوالمساڪين کي خط لکيائون ته "الخير فيما صنع الله ما از ينجا مى رويم تو بايد كه خود را آنجا رسانى"

يعني ته جو ڪجهه الله تعاليٰ ڪيو، تنهن ۾ خير آهي. اسان هتان وڃون ٿا، توکي گهرجي ته اُتي پاڻ کي پهچاءِ!

شيخ محمد ابوالمساڪين انهيءَ خط پهچڻ کان پوءِ سرهند شريف روانو ٿي ويو مگر خواجه محمد زڪي کي ڪانياواڙ پڙودي جي مريدن هڪ سال تائين ترسائي وڌو جڏهن سرهند شريف آيا، تڏهن ابوالمساڪين جي حال تي تمام گهڻو توجه فرمايائون ۽ بيحد نوازشون ڪيائون ۽ سلسلي جي اجازت عطا ڪيائون. ان کان پوءِ کيس ارشاد ٿيو ته دهلي ۾ وڃي خواجه محمد زبير ولد خواجه ابوالعلي مجددي بن خواجه حجة الله سان ملاقات ڪريو. خواجه محمد زبير ان زماني ۾ شاهه جهان آباد ۾ نقشبندي طريقي جو رشد ارشاد جاري ڪندڙ هو ۽ شهر جا امير ڪبير ۽ شاهزادا به سندن خدمت ۾ ايندا رهندا هئا. هڪ ڏينهن شيخ ابوالمساڪين خواجه محمد زبير جي خدمت ۾ ويٺو هو ته ان وقت بادشاهه وقت جي سواري اچي خانقاهه وٽان لنگهي، ماڻهو سڀ سواري جي ڏسڻ لاءِ اٿيا. ڪي ديوارن کان بيهي ڏسڻ لڳا. خود خواجه صاحب به فرمايو ته جن دوست کي ڏسڻ جو شوق هجي، يلي وڃن. پوءِ ته سڀ درويش روانا ٿي ويا. مگر شيخ ابوالمساڪين، اُتي جو اُتي ويٺو رهيو. خواجه صاحب فرمايو ته سنڌ وارن بادشاهن جون سواريون نه ڏٺيون آهن، جيڪڏهن توکي خواهش هجي ته بيشڪ وڃي ڏس.

ابوالمساڪين جواب ڏنو ته آءٌ جنهن بادشاهه وٽ آيو آهيان، ان جي خدمت ۾ ويٺو آهيان، ٻئي ڪنهن به بادشاهه جي ڏسڻ جي آرزوئي ڪانه رکان ٿو. شيخ ابوالمساڪين جو چوڻ آهي ته فقط ان جملي چوڻ سان مون تي ايتري رحمت وسڻ لڳي، جو هوند 12 سال بندگي ڪريان ها ته به ايتري قدر باطني ڪم جي ڪشادگي حاصل نه ٿئي ها. ان کان پوءِ خواجه

محمد زبير مجددي وٽان خلافت جي خلعت ڍڪي ٺٽي ۾ آيا، جتي علماء صلحاء جو وٽن ڏاڍو مرجع ٿيو.

فتوحات بہ تمام گهڻي ٿي. دهلي جي بادشاهہ وٽان ڏهن روپين روزينو جو پروانو ٿي آيو، مگر پاڻ ان ڏانهن ڪوبہ توجہ نہ ڪيائون ۽ نہ وري سرڪاري خزاني مان روزينہ ڪنيائون، مگر ان هوندي بہ جدا جدا نمونن جا طعام پچندا هئا ۽ جماعت ڪائيندي رهندي هئي. ڪپڙا تمام عمدا ڍڪيندا هئا. هڪ دفعي اوڊيل ڪپڙا، وري نہ پهريندو هو اُهي فقيرن کي ورهايا ويندا هئا.

مخدوم محمد هاشم عليہ الرحمت سندن همر عصر هو مگر پاڻ ۾ اڻ بڻت رهندي هون. امام رباني جي مڪتوبات جو هڪ نسخو مخدوم صاحب عاريتہ گهريو مگر هميشہ لاءِ بخش ڏئي چڏياڻونس.

شيخ صاحب جي مسڪينن سان گهڻي شفقت سبب عرب مسافر کيس ابوالمساڪين سڏيندا هئا، جنهن ڪري اهو ڪنيو مٽانس هميشہ لاءِ پئجي ويو. هڪ دفعي جو واقعو جو اوچتو ئي اوچتو سفر حج جي تياري ڪرڻ لڳا. خادمن عرض ڪيو تہ ايڏي تڪڙ چو ڪري رهيا آهيو. فرمايائين تہ ميان نور محمد عباسي تي وڏي مصيبت نازل ٿيڻ واري آهي، جا ڪڏهن بہ ڪانہ ٽرندي، هو اسان جو معتقد آهي. سنڌ ۾ رهڻ واري حالت ۾ اسان ڏانهن رجوع ڪندو مگر ڪم پورو نہ ٿيندس، جنهن ڪري بدعقيدي ٿيڻ ڪري سندس بچڙي خاتمہ جو خطرو آهي، تنهنڪري سنڌ ڇڏڻ ۾ ئي ڀلائي آهي. ڏٺو ويو تہ شيخ ابوالمساڪين جي روانگي کان پوءِ نادر شاهہ اچي سنڌ تي ڪڙڪيو جنهن ڪري ملڪ هيٺ مٿي ٿي ويو.

شيخ ابوالمساڪين حج جو فرض پڙهي، اهل عيال مڪي شريف ۾ ڇڏي، وري ٺٽي واپس آيا. فقط 20 يا 22 ڏينهن هت رهي، وري مڪہ شريف موٽي ويا. فرمايائون اسان فقط شيخ محمد زمان (خواجہ ڪلان لواري وارا) لاءِ آيا آهيون، جو کيس امانت ڏيئي واپس وڃڻو آهي، جو آخر ائين ڪيائون. (مرغوب الاحباب)

مخدوم عبدالرحيم گروهڙي پنهنجي مرشد خواجہ محمد زمان لواري کان نقل آندو آهي تہ فرمايائين:

اخذت الطريقة عن الشيخ محمد وقد تحيرت فی علمه من البداية الی آلان فلا احب النهاية.

ان کان پوءِ گروهڙي صاحب لکي ٿو تہ:

شيخ محمد من اولاد المخدوم آدم التتوی. مريد الشيخ ابوالقاسم التتوی و فتنه ثم صاحب الشيخ محمد زکی السرهندی الاحمدی وقد کتب الاجازت بخطه المرشد الاجل بهاذ الصورت و بقول الشيخ محمد لماکان اخ فی الله محمد زمان سلک فی سلک الارادت و صحب مع المسکين صحبة کثيرة اخبرتھ التعليم الطريقه و شرط الاجازت الاستقامة علی الشريعة والطريقه والسلام.

(فتح الفضل للمخدوم عبدالرحيم نسخہ قلمي)

شيخ ابوالمساڪين ٺٽي مان واپس وڃي مڪہ شريف ۾ رهيو جتي نهايت فتوحات ۽ سخاوت سان گذاريائين ۽ فيض هدايت جاري رکيائين. آخر عرفات جي ڏينهن عرفہ تي هيضہ جي بيماري ۾ سن 1149ھ پنهنجي حقيقي مالڪ جي ديدار جو شرف حاصل ڪيائون. سندن مريدن ۽ متعقدن اتان جنازو کڻائي جنت المعليٰ ۾ آڻي دفن ڪيو.

رحمت الله عليه رحمة واسعة (مرغوب)

## 351- حاجي عبداللطيف لواري

ظاهري باطني علمن سان سينگاريل ۽ تقوي ۽ شريعت سان سنواريل حاجي عبداللطيف نقشبندي، شيخ طيب سهرودي، شروع ۾ سهروردي طريقي جو صوفي هو ۽ ان کانپوءِ مخدوم فيض الله ولد مخدوم آدم نقشبندي ٺٽوي کان نقشبندي طريقي ۾ بيعت ڪيائين، مخدوم خواجہ ابوالقاسم نقشبندي ٺٽوي سان بيحد محبت هئس ۽ ان جون بہ ساڻس بي شمار مهربانيون هيون. سندس توجهہ سان وڏيڪ ڪماليت جي درجي کي پهتو.

هڪ دفعي مخدوم فيض الله جڏهن سرهند شريف وڃي رهيو هو ۽ سڀ جماعتي ساٿس گڏجي شهر کان ٻاهر الوداع ڪرڻ لاءِ آيا. تڏهن مخدوم صاحب، حاجي عبداللطيف کي فرمايو تہ تون واپس وڃي خانقاهہ جي انتظام ۽ ڪم ڪار کي سنڀال، باقي تنهنجي لاءِ سرهند ۾ مرشدن وٽ عرض ڪندس. ان لاءِ دلجاءِ ڪر. حاجي صاحب واپس اچي خانقاهہ ۾ ويٺو. جڏهن مخدوم صاحب موٽي آيو. تڏهن فرمايائين تہ خواجہ صاحب سرهندي جي خدمت ۾ تولاءِ عرض ڪيم. پاڻ فرمايائون تہ سندس حالت صحيح آهي. آءٌ بہ وڏيڪ توجهہ سان ڪيس ترقي ڏياريان ٿو جنهن جو ڪيس ئي احوال معلوم ٿيندو. هي بہ فرمايائين تہ هن کي هڪ فرزند پيدا ٿيندو جو هن طريقي جي سمورين ڪماليتن جو مظهر ٿيندو.

از انسواءِ خواجہ مخدوم ابوالقاسم نقشبندي بہ حاجي عبداللطيف کي هڪ مجلس ۾ اهڙي بشارت ڏني هئي تہ توکي هڪ فرزند پيدا ٿيندو هزارين ماڻهو سندس دروازي تي فيض حاصل ڪرڻ لاءِ رجوع ٿيندا. بشارت واري مجلس ۾ مولانا عبدالسلام جوڻ جو ويٺل موجود هو. تنهن پنهنجي نياڻي حاجي عبداللطيف سان منسوب ڪري نڪاح ۾ ڏني تہ اهو ڪامل شخص منهنجي نياڻي مان تولد ٿئي. آخر حاجي صاحب کي ان بيبي مان خواجہ محمد زمان بزرگ لواري وارو پيدا ٿيو جنهن جا عرب عجم ۾ مريد ۽ معتقد ٿيا.

شيخ حاجي عبداللطيف صاحب 1149هہ ۾ هن دارفاني مان رحلت ڪري دارجاوداني ۾ وڃي آراميو. (مرغوب الاحباب)

## 352- مولانا عبدالسلام جوڻ

مولانا عبدالسلام خواجہ محمد زمان بزرگ لواري واري جو ناُلو هڪ وڏو ڪامل ولي ۽ ابدالن مان ليکيو وڃي ٿو. خواجہ ابوالقاسم نقشبندي جي مريدن مان شيخ شريف محمد بن محمد قديم کان نقل آهي تہ مولانا عبدالسلام صبح جي نماز پيچ ۾ پڙهندو هو. پوءِ مانجهاندو اچي لواري ۾ ڪندو هو. ٿوري آرام ڪرڻ کان پوءِ ظهر بديڻ ۾ تہ عصر جوڻ ۾ وڃي پڙهندو هو جتي سندس گهر هو. وري مغرب لواري ۾ تہ عشا پيچ ۾ ادا

ڪندو هو. ايڏي وڏي منزل ۾ طي الارض جو صاحب هو. شيخ علاؤ الدين سمناني فرمائي ٿو تہ:

شاهدنا منهم كرامات عيانية من طی الارض و العبور علی الماء بلاجسر و لا سفينة با قل من ساعة زمانية و من الاختفا عن اعين الناس و قال كذالک كثير من الاولياء فی اوصاف البدلاء

(مرغوب الاحباب)

يعني تہ اسان انهن جون ڪيتريون ڪرامتون ڏٺيون آهن. جيئن تہ زمين جي سفر ڪي ويڙهي وٺڻ ۾ پاڻي تان پل ۾ ٻيڙي ڪان سواءِ هڪ لمحي ۾ لنگهي پار پوڻ ۾ ماڻهن جي اکين آڏو گم ٿي وڃڻ. ڪيترن ولين ابدالن جي وصفن ۾ ائين ئي بيان ڪيو آهي.

مولانا عبدالسلام يارهين صدي جي آخر ۾ 12 جي اوائل وارن سنڌي اوليائن مان آهي.

# 353- خواجہ محمد زمان ڪلان بزرگ لواري

خواجہ محمد زمان ولد خواجہ عبداللطيف سهروردي، وقت جو وڏو عارف ۽ ولي ڪامل ۽ صاحب فيض و عرفان ٿي گذريو آهي. سندس ولادت کان اڳ ۾ ئي ڪيترن عارفن ۽ مجذوبن، خواجہ عبداللطيف کي هڪ باڪمال فرزند جي ولادت جون بشارتون ڏنيون هيون، جن جو تفصيل فردوس العارفين ۽ ڪشيف الڪامن وغيره ڪتابن ۾ آيل آهي. سندس ولادت باسعادت 21 رمضان سن 1225هہ ۾ لواري جي شهر ۾ ٿي انہ من عبادنا المخلصين مان سال ولادت ملي ٿو. سندس ولادت کان پوءِ ڪن 1125هہ

بزرگن، سندس والد کي هن فرزند جي سنڀال ۾ خيال رکڻ جو تاڪيد ڪيو ۽ ٻڌايو تہ هي وڏو صاحب ڪمال ٿيندو. ابتدائي علوم اتي ئي حاصل ڪري ان کان پوءِ ٺٽي جي دارالعلم ڏانهن سفر ڪيائين، جتي مولوي محمد صادق نقشبندي جي مدرسہ ۾ داخل ٿي علم حاصل ڪندو رهيو. انهيءَ زماني ۾ ٺٽي ۾ خواجہ محمد ابوالمساڪين ولد خواجہ محمد اشرف جي تصوف ۾

فيض جو ٻه شهر ۾ شهرو ٿيل هو. هڪ دفعي خواجه محمد زمان جي خواجه ابوالمساڪين سان راهه ويندي چهار چشمي تي وئي. جتي هن نوجوان جي طبعي استعداد کي تاڙي ورتائون ۽ کيس خانقاه تي وٺي آيا. اُن کان پوءِ ٻه ڪيترا دفعا خواجه محمد زمان کي خانقاه ۾ گهرائيندا رهيا ۽ طريقت ۾ داخل ٿيڻ جو ڏس ڏيندا رهيا. آخر جڏهن پويان درسي ڪتاب جئن ته توضيح تلويح پڙهي پورا ٿيا، تڏهن نقشبندي طريقي ۾ خواجه محمد ابوالمساڪين جي صحبت ۾ داخل ٿيا. پهريان گهاٽي صحبت پورا ڇهه مهينا رهي، جنهن ۾ جو ڪجهه حاصل ٿيڻو هون، سو حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ کيس اجازت نامو لکي ڏنائون. جنهن جو احوال خواجه ابوالمساڪين جي تذڪري ۾ ڪري آيا آهيون.

مريد ڪرڻ جي اجازت واري ڏينهن، سندن مرشد پنهنجي دستار مبارڪ لاهي سندس سر تي رکي ۽ جُتي ناهي اڳيان رکيائين ۽ پنهنجي مريدن کي چيائين ته اوهان نئين سر خواجه محمد زمان جي بيعت ڪريو. ان کان پوءِ ڪجهه وقت نئي ۾ رهيا ۽ آخر اجازت وٺي نئين لواري ۾ اچي مستقيم ٿيا. اهو 1150هه جو واقعو آهي. هيٺئين آيت مان نڪري ٿو.

"ان هاذا ملڪ ڪريم" نئي ۾ رهڻ وارن ڏينهن ۾ خانقاهه جي سنڀال جو ڪم سمورو سندن حوالي هوندو هو ۽ خواجه ابوالمساڪين فقط جمعه نماز لاءِ ٻاهر نڪرندو هو. اهو ساڳيو زمانو مخدوم علامه محمد هاشم جي علمي زور جو به هو جنهن ڪري خواجه ابوالمساڪين ۽ سندس خليفه خواجه محمد زمان ۽ مخدوم صاحب جي پاڻ ۾ اڻ بڻت رهندي ايندي هئي، جنهن جو تفصيل مرغوب الاحباب ۾ ڏيکاريل آهي. لواري ۾ انهيءَ هنڌ اچي رهيا، جتي هاڻي سندن مقبرو آهي. روزانه سوين ماڻهو ڏانهس رجوع ٿيڻ لڳا ۽ سندس فيض رساني جي شهرت پري پري پهچندي رهي ۽ ماڻهو خداشناسي جي سبقن حاصل ڪرڻ لاءِ سبقت ڪرڻ لڳا. هڪ دفعي سيد عبداللطيف شاهه ڀٽائي سفر ڪندي، سندن خدمت ۾ اچي پهتو. خادم کي چيو ويو ته خواجه صاحب کي اطلاع ڪري ته سيد جي ساڻس ملاقات ٿئي. خواجه صاحب فرمايو ته شاهه صاحب کي چئو ته ٿورو ترسي ته آءٌ پاڻ سندن

استقبال لاءِ اچان ٿو. شاهه صاحب خادم کان پڇيو ته ڪهڙو ڪم ڪيائون پئي؟ خادم چيو ته خاموش ويٺا هئا. شاهه صاحب فرمايو ته انهيءَ شغل مان واندو ٿي ڪٿي ٿو اسان ڏانهن اچي، اُٺ ته پاڻ هلي ملونس. شاهه صاحب خواجه صاحب جي سامهون اچي فرمايو ته:

سامي سفر هليا ڪو پروڙي پنڌ
جني هيئاهان ڪنڌ، آءُ نه جيئندس اُن ريءَ.

خواجه صاحب جواب ۾ فرمايو ته:

ڪين آهين، ڪين ٿيون وڃي ڪين ڪماءِ
لاڳاپا لوڪ جا "لا" سين سڀ لهراءِ
سامي پوءِ سلنداءِ، ڳالهه پريان جي ڳجهه جي.

شاهه صاحب ورندي ڏني:

قلم وهو ڪانه، سرتيون ڪنهن سياڳ لئي
انگ اڳي ٿي لکيو اُت نه پهچي پانهن
ڪنهن کي ڏيان ڏانهن، پرين مان سين هيئن ڪيو!

خواجه صاحب وراڻيو ڏنو:

ويهه وڃي وٽ تن، قلم جنين جي هٿ ۾
ميٽيون انگ اڳيون واري پيو لکن
پنو سو پاڙهن، جنهن مان پسڻ ٿئي پرين کي.

ان کان پوءِ شاهه صاحب پڇيو ته فنا کان پوءِ ڇا آهي؟ ان بابت ڪو پتو آهي.

پاڻ فرمايائون ته "فنا کان اڳ ۾ ڇا آهي؟"

شاهه صاحب اهو جواب ٻڌي خاموش رهجي ارادو ڏيکاريائين ته بيعت ڪري، مگر خواجه صاحب فرمايو ته اسان نقشبندي طريقي وارن وٽ راڳ گانو حرام آهي، سواءِ ڪن خاص حالت جي. شاهه صاحب فرمايو ته مون سموري ڄمار سرود سماع ۾ صرف ڪئي آهي، هينئر ان جو ڇڏڻ مون لاءِ محال آهي. پوءِ هڪ ٻئي سان ڪجهه وقت رهاڻ ڪري شاهه صاحب روانو ٿيڻ لڳو. خواجه صاحب موڪلائڻ لاءِ هڪ اجرڪ پاڪر شاهه صاحب

ڪي ڏني. چون ٿا ته شاهه صاحب انهيءَ اجرڪ کي سانديڪي رکيو ۽ وصيت ڪئي هئائين ته ان جو ڪيس ڪفن ڏنو وڃي، مگر پوءِ اها اجرڪ سندس جنازي تي وڌي ويئي ۽ ان کان پوءِ لاهي سندن مقبري کي ڍڪائي وئي. شاهه صاحب جڏهن به خواجه صاحب کي ياد ڪندو هو ته هي بيت پڙهندو هو:

سي مون ڏٺا ماءُ، جن ڏٺو پرين کي
تنهين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي

خواجه صاحب جو دستور العمل هوندو هو ته صبح جي نماز پڙهڻ کان اڳ وڏي ويل اچي حجري ۾ ويهندا هئا ۽ اُتي ڪي فقير به ساڻن مراقبي ۾ مشغول رهندا هئا. ان کان پوءِ صبح جي نماز پڙهي جڏهن سج اڀرندو هو ته ٻاهر اچي عام مجلس ڪندا هئا. ناشتي کانپوءِ ٻن پهرن تائين اُتي ئي ويٺا هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ٻن پهرن جو حويلي ۾ وڃي آرام به ڪندا هئا، پر پيشين جي نماز وري جماعت سان ادا ڪندا هئا ۽ سومهڻي جي نماز تائين ٻاهر جماعت سان ويٺا هوندا هئا.

سندن رهڻي عام جماعت سان برابر هوندي هئي. ان ۾ ڪو فرق ڪونه آندائون. وڏائي يا عام جماعت کان جدا ٿي رهڻ هتي ڳالهه ئي ڪانه هئي. هر وقت ذڪر اذڪار ۽ قلب ڏي متوجه ٿيڻ جو ارشاد ڪندا رهندا هئا. فرمائيندا هئا ته هي پاڪ مڪان آهي، تنهنڪري هت ذڪر خدا کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهه ڪرڻ گناهه عظيم آهي.

تصوف ۽ تصوف وارن جون ڳالهيون به سندس مجلس ۾ هلنديون هيون. پاڻ قرآن شريف جي آيتن يا حديث يا مثنوي مولانا روم جي ڪن شعرن يا خواجه حافظ شيرازي جي ڪلام تي روشني به وجهندا هئا ۽ سندن ملفوظات ڪي مريد جمع ڪندا رهندا هئا، جن ۾ معرفت ۽ طريقت جا نهايت فلسفيانه نقط جمع ٿيل آهن، جن کي شيخ عبدالرحيم گروهڙي ۽ فقير ابراهيم سوڍو جدا جدا ڪتابن ۾ جمع ڪيو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن خواجه جي زبان مان سنڌي ڏوهيڙا جاري ٿي ويندا هئا، جن ۾ معرفت ۽ طريقت جا اسرار بيان ڪيل آهن. اهي ڪل 85 بيت آهن، جن جو فقير عبدالرحيم گروهڙي عربي زبان ۾ شرح ڪيو آهي.

خواجہ صاحب جن وٽ معرفت جي رستي ۾ هندو مسلمان فرق ڪونہ هوندو هو. هڪ دفعي ڪو هندو فقير وٽن لنگهي آيو. اسم ذاتي جي تلقين ورتائين. پاڻ ڪيس فرمايائون تہ تون ظاهر ۾ بيشڪ هندو ڌرم تي قائم رهندو اچ، پر باطن الله سان ڳنڍيو پيو هجيئي. ڏنل امانت ڪي حفاظت سان سانديندو اچج. ان تي حافظ پنهور جو سنڌن خليفو هو تنهن عرض ڪيو تہ قبلا هي ڪهڙي مسلماني آهي. پاڻ فرمايائون تہ ميان توکي مسلماني جي ڪهڙي سڌ!!

خواجہ صاحب جي زماني ۾ سنڌ تي ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي جي حڪومت هئي، ميان غلام شاهہ ۾ پيري ۽ ميري ٻہ ڳالهيون هيون، مگر خواجہ صاحب جون ڳالهيون ېڏي پرپٽ سنڌن معتقد ٿي پيو هو. ڪيترا دفعا خواجہ صاحب سان ملاقات لاءِ پيغام موڪليائين مگر درويش انڪار ڪندي فرمايو تہ اسان فقيرن ڪي ايڏهن اچڻ جي تڪليف ڪان معافي ڏيو.

ميان صاحب هڪ دفعي پنهنجي وزير ديوان خانچند هٿان خواجہ صاحب ڏانهن لواري جاگير جو پروانو موڪليو مگر پاڻ قبول نہ ڪيائون. ميان غلام شاهہ ڪان پوءِ سنڌس فرزند ميان سرفراز گادي تي ويٺو تہ اُهو تہ مرڳوئي پاڻ ڪي خواجہ صاحب جو مريد سڏائڻ لڳو. ان بہ جاگير جا پروانا موڪليا، مگر قبول نہ پيا.

خواجہ صاحب جي عادت هوندي هئي تہ پاڻ وٽ ڪجھ بہ جمع ڪري ڪونہ رکندا هئا. جيڪي بہ روزانو ايندو هو سو جماعت تي خرچ ڪري ڇڏيندا هئا. تانجو وفات واري ڏينهن بہ سڀ ڪان پهريان جماعت ڪي کارائي پيئاري، سار سنڀال لهي ان ڪان پوءِ اکيون ٻوٽيائون ۽ پنهنجي حقيقي مالڪ جي درگاهہ ۾ وڃي حاضر ٿيا.

آخر ڄمار ۾ شادي ڪئي هئائون، جنهن مان هڪ فرزند خواجہ گل محمد پيدا ٿيو ۽ هو اڃا ڏهن سالن جو مس ٿيو تہ خواجہ صاحب ڪي ڪنگھہ ۽ تڏ جي بيماري ٿي پئي، ان جو علاج بہ ڪرائيندا رهيا مگر فرمايائون تہ هاڻي وصال جو وقت پهچي ويو آهي.

آخر 4 ذوالقعد سن 1188هه ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويا.
آية شريف رضي لہ قولا مان سندس حال ۽ قال موافق سال تاريخ ملي ٿو.

## قطعہ تاريخ از مير نظر علي خان ٽالپر

سر اقطاب دوران کز کمالش
بدوران کس نبوده از همالش
چون پيغمبر بتصديق يقين دان
بنام و نسبت و خلق و خصالش
نه دنيا دار باقی هنر هرگز
بجز حق هيچ نامدار خيالش
بوفق وحی و آثار پيغمبر
بياران بود تنبيهه و مالش
زمانه چون شمار اندر رسانيد
بعمر مصطفیؐ شصت و سه سالش
خطاب ارجعی بشنيد از حق
ازان شد زين جهان در دل ملالش
بوقت چاشت، چهارم ماهه ذی قعد
ازين دار فنا شد انتقالش
ندائی خلوت با ما حق آمد
چو می بنوشت. تاريخ وصالش
علی کو خاک بوس درگهه اوست
نظر باشد کند روزی بحالش

(مرغوب الاحباب و فردوس العارفين)

# 354- خواجہ گل محمد لواري

حضرت خواجہ گل محمد ولد خواجہ محمد زمان بزرگ لواري وقت جي وڏن ڪامل بزرگن مان ٿي گذريو آهي. سندس ولادت 1178ھ ۾ ٿي. آيت شريف "اولائڪ تحروا رشدا" مان سال تاريخ حاصل ٿئي ٿو.

ننڍپڻ ۾ سندن والد بزرگ تعليم لاءِ ويهارو مگر ظاهري علم ڏانهن ڪو شوق ڪونہ ٽين ٿي. جنهن ڪري سندن والد کي گهڻو فڪر ٿي پيو. حضور رسول ڪريم ﷺ خواب ۾ ڪيس بشارت ڏني تہ تنهنجو فرزند اسان جو متعلم آهي، ان جو ڪوبہ فڪر نہ ڪر. ان ڪان پوءِ خواجہ محمد زمان بزرگ کي اطمينان آيو. لواري ۾ هڪ فقير مست رهندو هو. هو خواجہ گل محمد جي پوٽٿان پيو ڦرندو هو ۽ هڪ هڪ اکر ڪري قرآن شريف جو اچاريندو ۽ خواجہ صاحب کي سيکاريندو هو. ان ريت هو صاحب قرآن شريف پڙهي ويو ۽ ان ڪان پوءِ وڏيڪ علمن ڏانهن بہ توجهہ ڪيائين. والد بزرگ جي وفات ڪان پوءِ مولانا شرف الدين شهدادپوري وٽان عربي جا ڪيترا ڪتاب پڙهيا. ان ڪان نقل آهي تہ هڪ دفعي ڪافيہ جو سبق وٺي رهيو هو تہ هڪ مشڪل عبارت جي حل ڪرڻ لاءِ ڪافيہ جي شرح موافق تقرير ڪيم، مگر پاڻ ان تي ڪوبہ توجهہ نہ ڪيائون. مون کي دل ۾ ڳڻتي ٿي تہ منهنجي محنت ٿي اڪارت وئي، جو پاڻ تقرير کي پوري طرح ٻڌائون ئي ڪونہ!

پاڻ اها ڳالهہ ٻڌي، اها مون واري سموري تقرير ڪري ٻڌايائون. پاڻ جو توجهہ نہ ڪندا هئا، سو فقط هن ڪري جو سمورو وقت باطني ذڪر ۾ مشغول هوندا هئا تہ ڪا ڳالهہ سمجهندا ئي نہ هئا.

خواجہ گل محمد اڃا 11 سالن جو مس هو تہ سندن والد بزرگ خواجہ محمد زمان بزرگ لواري وفات فرمائي. ان ڪان پوءِ فقيرن جو رايو هو تہ هي يتيم ٻار آهي، ان تي ڪهڙو بار وجهجي. هر هڪ فقير پنهنجي روءِ سوءِ هليو وڃي.

مگر فقير عبدالرحيم گروهڙي فرمايو تہ گادي قائم رکي ويندي. الله تعاليٰ فقيرن کي رزق ڏيندو رهندو. آخر ٽئين ڏينهن سڀ ڪان پهريان فقير

عبدالرحيم گروهڙي خواجہ گل محمد جي بيعت ڪئي، ان کان پوءِ ٻين فقيرن بہ هٿ وڌايو ۽ بيعت ڪئي. حڪيم سيد محمد وفا لکوي جو هڪ وڏو عالم ۽ فلڪي نجومي هو ان کان نقل آهي تہ مون کي علمي مسئلہ ۾ اشڪال پيدا ٿيندو هو تہ خواجہ صاحب سواءِ ڪنهن غور ڪرڻ جي، ان جو حل ڪري ڏيندا هئا.

هڪ ڏينهن سندس خدمت ۾ علم نجوم جو بحث ڇڙيو هو. اڳ ڪڏهن بہ وٽن اهڙو بحث ڪونہ ٿيو هو ۽ مون کي ان علم ۾ وڏي وست رس ۽ مهارت هئي. ڏٺم تہ پاڻ زيچ جا قاعدا ۽ اصطلاحات جا نڪتا اهڙا بيان ڪرڻ لڳا جو منهنجي معلومات کان بلڪل بعيد هئا.

قاضي احمد دمائي جو وقت جو وڏو فاضل، سندن والد جو خليفو هو ان جو چوڻ آهي تہ اسان سندن اڳيان ايڏي علم ۽ فضيلت هوندي بہ طفل مڪتب سوهندا هئاسين. خواجہ عبدالصمد گهڻو وقت حويلي کان ٻاهر فقيرن جي مجلسن ۾ ويٺو هوندو هو فقط ٻن پهرن جو ٿوري وقت لاءِ اندر ويندو هو ۽ وري جلدي موٽي ايندو هو. جيڪڏهن ڪي نيڪ ٻيبيون مريدياڻيون حويلي ۾ زيارت لاءِ اينديون هيون تہ اُنهن جي زيارت ڪرائڻ لاءِ هڪ رڪعت پڙهڻ جيترو ٽائيم مس اندر ويندا هئا، مگر سموري زندگي ۾ پنهنجن ٻيبين کان سواءِ ڪنهن بہ ڌارين عورت سان گفتگو ڪانہ ڪئي هئائون. سندن خوش خلقي ۽ خنده روئي جي اهڙي عادت هوندي هئي، جو ٻڍي سان عزت سان ۽ ٻارن سان شفقت سان پيش ايندا هئا. پنهنجن فقيرن مريدن جي ڏاڍي دلجوئي ڪندا هئا، مگر گهڻو وقت خاموش ٿي ياد خدا ۾ لڳا رهندا هئا.

ڪنهن بہ ماڻهو جو سڪڻو نالو تعظيم کان سواءِ نہ وٺندا هئا. جهڙو بہ ڪاڌو ملندو هون، سو کائيندا هئا. اُن ۾ عيب يا وڏ ڪانہ ڪڍندا هئا. سندن ڪرامات بابت مرغوب الاحباب وارو لکي ٿو تہ:

”کرامات ایشان نه باندازہ ست که احصار توان کرد“

يعني تہ سندن ڪرامتون ايتريقدر آهن جو ڳڻي نہ ٿيون سگهجن. سندن والد بزرگ فرمائيندو هو تہ هي فرزند قطب ۽ قلندر ٿيندو.

شيخ عبدالرحيم گروهڙي فرمايو آهي تہ فرضن جو پاءِ بند قلندر خواجہ گل محمد جهڙو ۽ سخي ملا مون جهڙو ڪوبہ ڪونہ ٽيو هوندو.

قلندر جي معنيٰ صوفين جي اصطلاح ۾ آهي "دنيا جو تارڪ" رسمن جو دشمن ظاهر خراب، باطن آباد، فقط فرضن جو پاءِ بند، ماڻهن جي گلا يا تعريف کان بلند. جواني جو زمانو هون، دنيا کان تعلقات ٽٽي چڪا هئا، دنيا مان بيزاري جون ڳالهيون ڪندا رهندا هئا. هڪ دفعي فرمايائون تہ 18 سالن جي ڄمار تائين هي دنيا وڻندي هئي. پوءِ ٽيهن سالن جي ڄمار ۾ پهچڻ کان پوءِ هئي جهان هڪ جهڙا نظر اچڻ لڳا، مگر هاڻي آخرت جو اشتياق، هن دنيا کان وڌيڪ دل ۾ پيدا ٿيل آهي.

آخر پاڻ مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ 27 ربيع الآخر 1218هہ چاليهن ورهين جي ڄمار ۾ هن دنيا فاني کان موڪلائي پنهنجي والد بزرگ جي پهلو ۾ وڃي آراميا. آيت شريف "قضيٰ الله امرا" مان سال وفات ملي ٿو.

قطعہ تاريخ از نظر علي خان ٽالپر

آن مبارک مقدم و فرخ لقا فرخنده فال
خوش بقد و قامت موزون با حسن و جمال
روءِ او فرقان و سوره نور مسطور اندرو
کلکِ دست حق نوشته باهزاران اشخال
جلوه او دیدها را شادمانی ابد
نکته شیرنیش دلهارا حیات لازوال
از ره صورت درین دارالعمل ضرب المثل
از ره معنیٰ دران دار الجزا عالی مثال
صحبت او بود اکسیر سعادت بیگمان
ای خوشا کویافت از خان لقارا او نوال
با چنان قرب و کمال و با چنان طبع کریم
چونہ بسر بگذشت او را چارمه بر چهل سال

شد فزون شوقش بدان ملک بقا زين خاکدان
حق بگوش دل رسايندش حال شوقی و تعال
بيست هفتم مه ربيع الاآخرين وقت عشا
کرد زين عالم بسوئی حضرت قدس ارتحال
چونکه تاريخ وصالش از دل جستم بگفت
مجلس او شد بساط قرب جانان در کمال

هي قصيده تمام طولاني آهي، فقط چند شعرن تي اڪتفا ڪئي وئي آهي. تفصيل مرغوب الاحباب ۾ ڏسڻ گهرجي.

# 355- خواجہ محمد زمان ثاني لواري

حضرت خواجہ محمد زمان ولد خواجہ گل محمد ولد خواجہ محمد زمان بزرگ لواري شريف. هن بزرگ جي ولادت رمضان شريف سن 1199هہ ۾ ٿي اهي. آيت شريف "اولياء الله لاخوف عليهم ولاهم يحزنون"مان سال 1199هہ تاريخ حاصل ٿئي ٿو.[1]

هن بزرگ جي ولادت باسعادت جي سنڌن جد امجد پنهنجي حياتي ۾ پيشنگوئي فرمائي ويو هو. هي بزرگ صورت ۽ سيرت ۾ بلڪل پنهنجي همر نامر ڏاڏي جي مشابهہ هو.

ننڍپڻ ۾ هن ۾ بزرگي ۽ سعادت ۽ ولايت جا آثار پيدا ٿيل هئا. سنڌن والد بزرگ خواجہ گل محمد جو ارشاد آهي تہ هن فرزند جهڙو ڪتي تو بيو ڪو پيدا ٿئي.

---

[1] کلمه اولياء اگر بهمزه نويسند سنين کامله خواهد برآمد وبی همزه سال ناقص درشمار می رسد وهمزه رابعضی فقط ياءِ ضروری می شمارند و همی ست باطل. چرا که همزه بسر خود حرفی نيست بموجب عامل خواهی واوگاهی الف وگاهی ياء می شود. بس موجب اين عدد الف يا واو يا ياء شمرده خواهد شد. گاهی حسب الوقت محذوف می کنند مگر در جائيکه بدل هاء شود چو "خانه خدا" هاءِ در شمار اند و نه همزه (مرغوب الاحباب)

سندس والد بزرگ جي خليفه حڪيم سيد مير نور علي لڪوي کان روايت آهي ته خواجه محمد زمان ثاني شروع ڄمار ۾ اويسي هئا ۽ پنهنجي جد امجد جي روحانيت کان فيض حاصل ڪيو هئائون. ان کان پوءِ پنهنجي والد کان ظاهري تلقين ورتائون ۽ بلوغت کان اڳ ۾ ئي ان کان ڪئين ڪرامتون ظاهر ٿيڻ لڳيون.

حڪيم سيد مير نور علي لڪوي فرمائي ٿو ته. ڪائون پڇيو ويو ته ڪن ولين کان نقل ڪندا آهن ته هو اڪ چنبي ۾ هڪ هنڌان غائب ٿي، ٻي هنڌ وچي ظهورو ڪندا آهن، اهو ڇا آهي؟

فرمايائين ته هو بزرگ هن جاءِ ته ڪلمه "لا" جي نفي ڪندي پاڻ کي غائب ڪري، ٻي جاءِ تي ان جو اثبات ڪندا آهن، جتي سندن ظهورو ٿيندو آهي.

سجاده نشين جي زماني کي اڃا هڪ سال مس گذريو هوءِ ٽالپرن جي حڪومت جو زمانو هو ته سال 1219ھ ۾ قنڌهار جو بادشاه شجاع الملڪ سنڌ تي ڪاهي آيو. ماٺهن ۾ افغانن جي فوج جي ڏپ سبب اچي ڀاڄڙ پئي. خواجه محمد زمان ثاني کي به مشورو ڏنو ويو ته اوهان به درگاه ڇڏي في الحال ڪجھه وقت ٻاهر هلي رهو. سندن ٻاهرنڪرڻ کان پوءِ پٺاڻن جي فوج سمورو مال اسباب شهر جو لٽيو. تانجو سندن ڏاڏي جي روضي تي جيڪي قنديلون ۽ بلوري جهاڙون لڳل هيون، سي به لاهي کڻي ويا. ان کان پوءِ ٺهراءُ ٿيو ته آئنده حفاظت لاءِ شهر جي ٻاهران ڪوٽ ڪڍايو وڃي، جنهن تي پاڻ اهو ڪم شروع ڪرايو. اگرچه ان وقت موجودات ڪانه هئي، پر توڪل تي ڪم شروع ڪيو ويو. آخر ٽن سالن ۾ هزارن روپين جي خرچ ڪرڻ کان پوءِ ڪوٽ تيار ٿي ويو.

اُن زماني ۾ انگريزن جا پير به آهسته آهسته ڄمندا ويا ٿي، ڪڇ واري رستي مان سندن سنڌ ۾ آمد و رفت شروع هئي، جنهن ڪري ڪن حاسدن حيدرآباد جي وڏي حاڪم مير غلام علي خان ٽالپر کي اشارو ڪيو ته لواري وارو ڪوٽ خطرناڪ آهي، اهو ڍهرائڻ گهرجي. ان جو هڪ هي به سبب هو ته خواجه محمد زمان ثاني پنهنجي فرزندزادي جي شادي رياست ڀُڄ جي هڪ هندو رئيس جي گهران ڪرائي هئي، خطرو هو ته متان ڪڇ ڀڄ

مان انگريزن جي سنڌ تي ڪاهه ٿئي ۽ انهيءَ قلعي کي پناهه گاهه بڻايو وڃي، جنهن ڪري مير غلام علي خان حاڪم سنڌ، خواجه صاحب کي ان بابت خط لکيو هو ته اهو قلعو نه اڏايو وڃي. خواجه صاحب ان جي جواب ۾ جيڪو خط لکيو هو سو بعينه هي آهي:

”خطی که درباب موقوفی دیوار خشتی فرستاده بودند بوضوح انجامید دعا خواهی این طرف سابق برضمیر معلوم درحال نیز دست اندازی فقراء این کار محض خیر و خوبی این طرف انگاشته اماچون بگفته برخی بدگویان رشته آشنائی که فیما بین بود خودبخود گسته و در ممانعت این کار سعی بلیغ داشته، خیریت، بار خاطر فقیر برخداست، والله غالب علیٰ امره“

مير صاحب تي هن خط جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو آخر قلعه کي ماڻهو موڪلي ڍهرايو ويو. خواجه صاحب انهيءَ واقعي ڪري ڏاڍو دل تنگ ۽ غمگين ٿيو. فرمايائين انگريزن اچڻ جي جيڪا تهمت اسان فقيرن تي هڻي ويئي آهي، ان لاءِ خدا جو خوف نه ٿو ٿئين. هوڏانهن اهي انگريز خودبخود ٽالپرن جي گهرن مان اچي ظاهر ٿيندا.

نقل آهي ته حيدرآباد ۾ مير غلام علي جي دربار هلي رهي هئي ته اوچتو هڪ مجذوب مست پيدا ٿيو جنهن نعرو هڻي مير صاحب کي چيو ته هي ڇا ڪيو اٿئي، جو هڪ درويش جي پٽ کي ڪيرايو اٿئي. مير صاحب چيو ته ائين تقدير هئي. مجذوب چيو ته سڀاڻي تنهنجي اولاد کي به ڪيرايو ويندو پوءِ اها به تقدير هوندي؟

خواجه محمد زمان ثاني ٻه دفعا حج جو سفر ڪرڻ فرمايو. پهريون سال 1228هه ۾ جنهن جو سال تاريخ آيت شريف ”و اذڪر سم ربه“ مان نڪري ٿو.
1228هه

انهيءَ سفر جي شروعات هڏئي (ڪڇ) جي بندر تان ڪيائون. سنڌ جا امير ۽ زميندار ۽ ٻيا مريد هڪ سو کن سفر ۾ ساٿي هئا. اتان روانا ٿي يمن جي ”مخا“ بندر تي وڃي لٿا، جتي هزارين ماڻهو سندن زيارت لاءِ

اچي جمع ٿيا هئا، عرب عجم جو استاذ محدث فقيہ وڏو عالم شيخ محمد عابد سنڌي مدني پڻ بندر تي سندن استقبال لاءِ پهتو هو جو اُن زماني ۾ "مخا" بندر تي مقيم هو.

علامہ محمد عابد مدني کان نقل آهي تہ پاڻ جڏهن بندر تي لٿا تڏهن سوين ماڻهو هٿ ملائڻ لاءِ اڳتي وڌڻ لڳا. مون کي جڏهن وارو آيو تڏهن پاڪر پائي مليا ۽ هٿ وٺي منهنجي ئي جاءِ ڏانهن روانا ٿيا. جڻ تہ اڳ ۾ ئي ڪا دوستي هئي. ٿورو اڳتي وڌيا تہ هڪ درويش چيو تہ سائين رهڻ جي جاءِ هيڏانهن ٻي طرف آهي. پاڻ فرمايائون تہ شيخ محمد عابد جي جاءِ تي هلڻو آهي، جو اهو ورتيون وڃي ٿو. پوءِ جڏهن منهنجي جاءِ ۾ آيا تہ ڏٺائون تہ جاءِ فراخ ۽ عاليشان هئي، ڏاڍا خوش ٿيا. برابر ٽي ڏينهن اُتي ٽڪيا. پوءِ پنهنجي اصلي رهڻ هنڌ وڃي مقيم ٿيا. جو شهر کان ٻاهران تنبن جو بندوبست ڪيو ويو هو. سندن انهيءَ پهرين ملاقات ۾ منهنجي دل ڇڪي ورتائون. جنهن کان پوءِ طريقہ نقشبنديہ جي تلقين ورتم ۽ پاڻ عصر کان وٺي مغرب تائين مراقبي ۾ رهڻ جو حڪم ڪيائون. ٿورن ئي ڏينهن ۾ حالت درست ٿي وئي. ڪجهہ وقت پاڻ کان بہ غائب ٿي ويو هئس.

علامہ محمد عابد فرمايو تہ ظاهري علم اندرين رستي جو روڪيندڙ آهي. جڏهن هن بزرگ سان ڳنڍيس تہ درويشن جي باطني طريقي جو يقين آيو. سندن ڪرامتون بہ بيشمار ڏٺم، جن مان هڪ وڏي ڪرامت هي آهي تہ آئون ايڏي وڏي علم هوندي بہ اڳ صحيح نموني ۾ خدا کان غافل هئس، پر سندن ملاقات کان پوءِ الله تعاليٰ سان تعلق جي هڪ جدا ڪيفيت حاصل ٿي.

حافظ ملوڪ سندن خاص خادم ۽ اهل دل درويش هو. تنهن کان نقل آهي تہ پاڻ جڏهن مڪه شريف ۾ پهتا، تڏهن صفا مروه جي سعي ڪرڻ وقت خواجہ بهاء الدين نقشبندي جو هي شعر پڙهي رهيا هئا:

مفلسانه آمد در کوئی تو،
شيئا الله از جمال روءِ تو.

مديني شريف ۾ برابر 5 مهينا رهيا. عرب ۽ عجم جا سوين ماڻهو سندن معتقد بنجي، گرويده ٿي رهيا. مگر پاڻ سموري سفر ۾ هڪ طرف گوشہ نشين ۽ خاموش ٿي رهندا هئا ۽ مشهوري ۽ مشائخت کان پاسو ڪندا هئا. آخر اهو سفر 1230هہ ۾ خيريت سان پورو ڪري 12 شوال جي مڏئي بندر تي پهتا ۽ اتان خيريت سان لواري شريف ۾ تشريف فرما ٿيا.

مير نظر علي خان ٽالپر سندن تشريف جي موقعي تي هڪ ڏگهو قصيدو لکيو آهي، جنهن جي اخير ۾ سال تاريخ هيٺئين ريت لکي ٿو:

تاريخ حج اوشد تاريخ حج او

1229هہ

معنیٰ و لفظ هر دو بهم يک بيک مراد

به زين خرد چو خواست بقران جواب او

هاذا صراط ربک آمد روان به ياد

1229هہ

ٻئي دفعي صفر مهيني 1238هہ ۾ حج جي سفر لاءِ نڪتا. ان سال سندن هڪ نينگر وفات ڪري ويو. جنهن جو غم دل تي بيحد وڏي ويو هو جنهن ڪري سندن ارادو هو تہ حضور نبي صلي الله عليہ وسلم جي روضہ مطهره تي پهچي غم کي غلط ڪري. مير نظر علي خان سندن انهيءَ سفر جي تاريخ هيٺئين ريت لکي آهي:

بار ديگر وه بعزم حج شد

که دواء هم بزم حج شد

از هموم قضيهء فرزند خويش

می رهانيد از زيارت بند خويش

خوش شفاعت شاهه احمد مصطفیٰ

مر دواء هر غم دل را صفا

چون بوقت يوسفی احمد نبود

ديده يعقوب شد بيضا ڪبود.
با سر الله بهر سال او
از اتمو الحج و العمرة شنو
1238هه

انهيءَ سفر ۾ مخالف هئا ڪري، سمنڊ جون تڪليفون به ڏاڍيون پهتيون، مگر خيريت سان حج ۽ زيارت جو شرف حاصل ڪيائون.

مير محمود خان ٽالپر حيدرآبادي لکي ٿو ته انهيءَ زماني ۾ سيد احمد بريلوي، هندستان مان اسان وٽ هن ارادي سان آيو ته سک ڪافرن سان جهاد ڪجي. فرمايائين ته الله تعاليٰ ڏانهن اهڙو امر ٿيو آهيم. مير صاحب چيو ته هڪ دفعو اها ڳالهه پنهنجي مرشد خواجه محمد زمان جي خدمت ۾ بيان ڪيم. پاڻ پهريان ته خاموش رهيا. مان وري ٻيهر اها ڳالهه ڪئي. منهنجو ارادو هو ته سيد احمد جو معاملو ڪٿي وڃي بيهندو. آخر پاڻ فرمايائون ته امام مهدي کان اڳ ۾ ان ڪم لاءِ هن زماني جا مشائخ بدّل يا مامور ناهن، پر جيڪڏهن ڪو ماٿهو شيخ عبدالرحيم گروهڙي وانگي ازخود وڃي شهيد ٿئي ته اها هڪ جدا ڳالهه آهي، مير محمود خان چوي ٿو ته مان سمجهي ويس ته سيد احمد به فقير عبدالرحيم وانگي شهادت جو جام پيئندو جو آخر ائين ٿيو.

ٻئي شيخ محمد عابد مدني جي موجودگي ۾ سيد احمد جي جهاد جي گفتگو هلي. شيخ مدني فقط ملاقات ۽ زيارت لاءِ لواري ۾ آيل هو. پاڻ سيد احمد بابت فرمايائون ته جيڪڏهن سچ پچ الله تعاليٰ وٽان جهاد لاءِ مامور ٿيل آهن ته يقيناً کين فتح ۽ نصرت حاصل ٿيندي ۽ جيڪڏهن ائين ئي جهاد لاءِ اُٿيا آهن ته پوءِ ڏٺو وڃي ته ڪهڙو نتيجو نڪري ٿو چو ته بادشاهت به خدائي قدرت جي هٿ ۾ آهي. آخر سيد صاحب شهادت جي درجي کي رسي ويو.

خواجه محمد زمان ثاني کي ٻيابه چار پائر هئا، جن جي ساٽس ڏاڍي دشمني هئي ۽ کيس ڏاڍيون تڪليفون ڏنائون ۽ مير ڪرم علي خان ٽالپر

جيڪو ان وقت سنڌ جو حاڪم هو ان کان بہ ڪائونس برغلايائون. جنهن ڪري تنگ ٿي لواري مان نقل ڪري مير محمود خان حيدرآبادي جاگير ۾ اچي ڪجهہ وقت ترسيا. ان وقت فرمايائون تہ اسان لاچاري کان درگاهہ کي ڇڏيو آهي. اسان فقط "گور پرست" ڪونہ آهيون، جو اُتي چنبڙيا پيا هجون، جيڪڏهن اسان جي وڏن جي مرضي هوندي تہ موٽي ماڳ ويندا سين نہ تہ الله اسان لاءِ ڪافي آهي. آخر ڇهن مهينن کان پوءِ وري درگاهہ تي موٽي آيا. مگر پائرن جو ساڳيو ايذاءَ ۽ آزار هلندو آيو. آخر پهرين محرم 1247هہ ۾ سندن پائر 20 ماڻهو وٺي اڌ رات جو مٿن حملو ڪيائون، جنهن ۾ ڪجهہ فقير مارجي ويا، مگر ڪين ڪو ايذاءَ ڪونہ پهتو. پاڻ ان زماني ۾ وفات واري بيماري ۾ هئا. وفات کان اڳ ۾ پنهنجي غسل ڏياريندڙ لاءِ بہ وصيت ڪيائون. يعني حافظ سعد الله کان غسل ڏياريو وڃي جو سندن والدجو مجاز خليفو هو ۽ مقبرو وڏي بزرگ محمد زمان جي اپرندي پاسي کان مقرر ڪرايائون ۽ خواجہ محمد حسن پنهنجي وڏي فرزند کي جيڪو 11 سالن جو هو. ان کي گادي نشين مقرر ڪيائون ۽ 17 صفر 1247هہ جي هن دنيا فاني مان رحلت فرمايائون.

## قطعہ تاريخ از مير نظر علي خان ٽالپر

آنکه بس عالی ست نسبت او
قاصر آمد زبان ز مدحت او
جز به حق راگهی نه الفت داشت
ترک دارین بود سنت او
هم نشین خدا در این عالم
بود الحق زمان صحبت او
هشت بر چهل سال بی کم و بیش
چون در آمد شمار فرصت او
اندرین آشیانه سست بناء

تنگ آمد همای همت او
ارجعی آمدش خطاب ایزد
گشت آن سو زیاده رغبت او
هفدهم ماه صفر در آخر شام
کرد منزل به باغ جنت او
جستم از دل چو سال تاریخش
گفت هاتف "برب خلوت او"
1247هه

(مرغون الاحباب اختصارا)

## 356- شيخ عبداللطيف لواري

شيخ عبداللطيف والد خواجہ گل محمد صاحب. خواجہ محمد زمان ثاني جو ننڍو ڀاءُ ۽ خليفو هو. هڪ صاحب ڪماليت جو عابد زاهد پرهيزگار نيڪوڪار هو. پنهنجي ڀاءُ وٽان فيض ۽ تلقين حاصل ڪيائين. شروع زماني ۾ مٿس ڪو اهڙو وقت بہ گذريو جو بلڪل مغلوب الحال ٿي ويو. سخت سردي جي موسم ۾ مٿي، پيرين اگهاڙو گهمندو وتندو هو ۽ هي شعر ورد زبان هئس.

گل را چه مجال است که گوید بگلال
از بهر چه سازی و از بهر چه شکنی

هو پنهنجي ڀاءُ مرشد تي چڙ تہ عاشق هو. هڪ دفعي حج جي سفر تي روانو ٿيو. جڏهن حرمين شريفين ۾ پهتو تڏهن پنهنجي هڪ سنگتي کي چوڻ لڳو تہ اڳ تہ ڪعبہ ۽ زيارت جو شوق هو هاڻي هت پهچڻ کان پوءِ پنهنجي مرشد جي ديدار فيض آثار جو شوق غالب ٿيو آهي.

هڪ دفعي فرمايائين تہ ماڻهو هن وقت گذران جي ڳڻتي ڏانهن توجہ ڏئي رهيا آهن، پر آخرت جو خيال وڃين ٿو وسرندو ۽ روز بروز حالتون خراب ٿي رهيون آهن. وڏيڪ فرمايائين تہ سيد احمد برني لکيو آهي تہ پوئين زماني ۾ ماڻهو علم باطن کان منڪر بنجي بي نصيب ٿي ويندا.

ڪنهن ماڻهو سوال ڪيس تہ مماتي وارا ولي بہ زنده انسان کي باطني فيض پهچائي سگهن ٿا. جواب ۾ چيائين تہ مرشد لاءِ حيات هجڻ شرط آهي.

سندس عادت هئي تہ سردي جي موسم ۾ تمام گهڻيون گودڙيون، رليون ۽ ڪپڙا پاڻ وٽ جمع رکندو هو ۽ ضرورت مند فقيرن کي ورهائي ڏيندو هو.

هي بزرگ طبع جو حليم، حيادار ۽ وڏو زاهد هو. رات ڏينهن نفلن پڙهڻ ۾ مشغول رهندو هو ۽ پنهنجي لاءِ ڪجهہ دنيائي اسباب جمع ڪونہ ڪيو هئائين.

هڪ دفعي پنهنجي وڏي ياءُ ۽ مرشد کي عرض ڪيائين تہ مان خواب ۾ ڏٺو آهي تہ اسان ٻنهين مان هڪڙو هن سال وفات ڪندو. دعا گهري اٿم تہ اوهان شال زنده رهو ۽ آئون گذر ڪري وڃان. پوءِ سڄت ئي بيمار ٿي پيو. پوئين وقت جڏهن سندس ياءُ خواجہ محمد زمان ثاني سندس مٿن وٽ اچي پڇيو تہ ڇا حالت آهي؟

جواب ۾ چيائين مصرعہ:

من بجان فنا شدم چه غم ست
غرض اندر ميان سلامت اوست

ائين چئي قبلي ڏي منهن ڪري مشڪيو سندس ياءُ فرمايو تہ سڌئون ڪريوس ۽ سڌئين ڪرڻ سان ئي روح پرواز ڪري ويو. ڏينهن جو پهريون پهر 15 شعبان سن 1236هہ ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيائين.

سال آن با کمال خاکی را
گفت هاتف امين بجنت رفت
1236هہ

(مرغوب الاحباب)

# 357- حاجي ابوطالب آگهمي

هڪ وڏو ولي ڪامل درويش صاحبدل، جناب خواجہ محمد زمان بزرگ لواري جي مريدن مان آهي.

هن خواجہ صاحب جي صحبت کان اڳ ۾ پيرين پنڌ ڪري شام، روم، عرب، عجم جو سفر ڪري درويشن جون زيارتون ڪيون ۽ ڪائنن فيض ۽ فائدا پرايا.

فقير عبدالرحيم گروهڙي کائونس نقل ڪيو آهي تہ هڪ دفعي فرمايائين تہ دنيا جي دوريشن جي صحبت مان مون کي ايترو فائدو رسيو جو جڏهن مراقبو ڪندو هئس، تڏهن منهنجو وجود ايڏو وسيع ڏيکاربو هو جو ڪره ارض منهنجي اڳيان، هڪ گرانٽ جيڏي ڏيکاربي هئي. خواجہ بزرگ لواري وارن پهرين صحبت ۾ مون کي جيڪو فائدو پهتو سو هي اُهو تہ اها حالت صفا ختم ٿي وئي، ۽ مون کي وري سيڪڙات مريد وانگي تلقين ڏنائون. ان کان پوءِ جيڪا حالت مون تي گذري سا ڏاڍي اثرائتي هئي، جنهن جو بيان زبان سان ڪري نہ ٿو سگهجي.

حاجي ابوطالب تارڪ الدنيا درويش هوندو هو. زندگي ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن کي سوال ڪونہ ڪيو هئائين، سندس گهر واري "ڏڏ" ولوڙيندي هئي ۽ هي بزرگ چاڏي مٽي تي کٽي بازار ۾ وڪڻي ايندو هو ۽ ان مان گذران ڪندا هئا. ٻڪريون چاريندو ۽ ڏاس ڪتندو رهندو هو ۽ مشهوري يا پيري مريدي کان ڪوهين پري رهندو هو. اگرچہ پنهنجي مرشد بزرگ وٽان ڪيس مريدن ڪرڻ جي اجازت هئي، مگر مشهوري کان نفرت سبب سموري ڄمار ۾ فقط ٻہ مريد ڪيا هئائين. جن مان هڪ سيد محمد مدني هو جو عرب ملڪ ۾ پنهنجي وقت ۾ هڪ وڏو مشهور بزرگ ڪامل ٿي گذريو آهي.

درويش محمد صالح کهڙائي کان نقل آهي تہ هڪ دفعي شيخ ابوطالب جي گهر ۾ کائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو هو لاچار ٿي دريا تي ويو تہ مڇي ماري اچي قوت ڪري، مگر اُتي بہ شڪار ڪونہ لڳس ۽ اتان نااُميد ٿي موٽيو تہ رستي ۾ دنيا سينگارجي سندس سامهون آئي، مگر هن درويش منهن ڦيرائي ڇڏيو. وري سڄي پاسي کان آيس تہ کبي ڏانهن منهن ڪيائين. کبي ڏانهن آيس تہ سڄي طرف ڦيرايائين، جنهن کان پوءِ دنيا نااُميد ٿي وٽانئس هلي وئي.

بنده پير خرا باتم که ذرويشان را
گنج را از بی نیازی خاک برسر میکند

شيخ حامد جو سندس پير پاڻي هو ان ڪاڻونس پڇيو ته آخر توکي ڪهڙو ۽ ڪيترو فائدو پهتو آهي. چياڻينس ته ايترو گهڻو فائدو پهتو اٿم، جو ان جي بيان ڪان سينو تنگ آهي ۽ زبان ۾ بيان جي طاقت ڪانه آهي. انهن فائدن مان گهٽ ۾ گهٽ هي آهي ته مٿل ماڻهن جا احوال مون تي هر وقت ڪليا رهن ٿا.

شيخ ابو طالب اگهمي پوئين ڄمار ۾ حيدرآباد سنڌ جي ڏکڻ ۾ سيد پور جي ڳوٺ ۾ اچي رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين ۽ سندس مقبرو به اُتي آهي. (مرغوب الاحباب)

هي بزرگ 13 صدي جي بزرگن مان آهي. خواجه محمد زمان بزرگ لواري جي وفات 1188هه وقت زنده هو ۽ سندن فرزند خواجه گل محمد صاحب جي سجاده نشيني جي اختلاف وقت جن ماڻهن پهرين بيعت ڪئي، تن مان هي به هڪ بزرگ هو.

## 358- شيخ محمد صالح ڳهڙائي

وڏي همت ۽ گهڻي قوت، صاحب فراست ۽ ڪرامت وارو درويش خواجه محمد زمان بزرگ لواري جي خليفن مان آهي. هن کي پنهنجي مرشد جو ايڏو ادب رهندو هو جو ڪڏهن به لواري شريف ڏانهن پير ڊگها ڪري ڪونه سمهندو هو. هڪ دفعي سندس فرزند پڇيو ته حياتي ۾ اهو ادب ڪرڻ سولو آهي، پر وفات ڪان پوءِ ڪيئن ڪندا؟ جواب ۾ فرمايائين ته هو بيو جهان تڪليف يا ادب جو جهان نه آهي، مگر معاذ الله اتي به ادب سان رهندس. اوهان ان جو تجربو ڪري ڏسجو. يعني ته لواري ڏانهن پير ڪري دفن ڪرائجو ۽ پوءِ قبر کوٽي ڏسندا ته پير هوڏانهن هرگز نه هوندا.

ذڪر ڪندي حبس دم جي ايڏي مشق هوندي هئس جو لااله چئي برابر 8 پهر دم نه ڪڍندو هو ائن پهرن ڪان پوءِ الاالله چوندو هو.

هن بزرگ ۾ فراست هن حد تائين وڌيل هئي جو هڪ دفعي لواري شريف ڏانهن پنهنجن دوستن سان گڏجي آيو ٿي، حيدرآباد ڪان اچي لنگهيا ته اُتي پاهران ڪيترا ڇوڪرا راند ڪري رهيا هئا، درويش اتي ويهي رهيو ۽ ڇوڪرن کي چتائي ڏسڻ لڳو. هنن ۾ مير غلام علي ٽالپر (مير فتح علي

خان جو پاڻ) بہ بيٺل هو. ان ڪي ڏسي چيائين تہ هي ڇوڪرو سنڌ جو حاڪم ٿيندو مگر افسوس جو سندس عملن مان ڪجهہ بہ قبوليت جي درجي تي ڪونہ رسندو.

شيخ محمد صالح هميشہ قبلي ڏانهن منهن ڪري گوڏا پيچي ويهندو هو. جڏهن موت جي سڪرات شروع ٿيس تڏهن بہ دوزانو ويٺل هو. چيائين ٿي تہ جيڪڏهن مون کي دفن نہ ڪريو ۽ منهنجي بدن جي حفاظت ڪريو تہ آئون ائين قيامت تائين صحيح البدن رهي سگهان ٿو. سندس فرزند چيو تہ اسان ائين ڪرڻ کان لاچار آهيون ڇو تہ دنيا ۾ اوچتو حادثا ٿيندا رهن ٿا، انسان هڪ لاش کي ڪيتري وقت تائين سانڍي سگهندو. سندس فرزند جو ڇوڙ آهي تہ ائين ئي گوڏا پيچيو ويٺو هو تہ سندس روح پرواز ڪري ويو. (مرغوب الاحباب)•

## 359- شيخ شعيب ڪڇي

هي درويش بہ خواجہ محمد زمان بزرگ لواري واري جي مريدن مان آهي. خواجہ صاحب جي وفات کان پوءِ سندن فرزند خواجہ گل محمد جي صحبت ۾ رهيو. اصل سنڌي آهي مگر خواجہ گل محمد کيس رياست ڪڇ ۾ ماڻهن کي ذڪر سيکارڻ لاءِ موڪليو هو.

نقل آهي تہ درويش کي هڪ ٻڪري هوندي هئي، هڪ دفعي پاڙيوارن ڇورائي کهي کائي ڇڏي. درويش ڳوٺ جي ماڻهن کي گهرائي چيو تہ ٻڪري جنهن بہ ڇورائي هجي سو سچي ڪري. جيڪڏهن سچي نہ ڪندا تہ ضرور خوار ٿيندا. سڀني ماڻهن انڪار ڪندي چيو تہ اسان اوهان جهڙي درويش جي ٻڪري ڪيئن ڇورائي کائينداسين. فقير صاحب انهن ماڻهن تي اهڙو توجهہ وڌو جو انهن مان برابر 11 ڄڻا ٻڪري وانگي بي اختيار ٻيڪون ڪرڻ لڳا. آخر درويش کان معافي وٺندي کيس ٻڪري موٽائي ڏنائون، تڏهن فقير کين معاف ڪيو.

سندس هڪ خدمتگار ذوالحج جي 8 تاريخ عرض ڪيو تہ سڀاڻي حج جو ڏينهن آهي، ماڻهو عرفات تي وڃي گڏ ٿيندا! ان تي درويش پڇيس تہ توکي بہ حج جو شوق آهي ڇا؟ خادم چيو تہ هائو! درويش جي هڪ پراڻي

گاڏي سندس دروازي تي پيل هوندي هئي، خادم کي چيائين تہ اڄ رات انهيءَ تي سمهي پئج، اها اسان جي ٻيڙي آهي تہ اڄ رات ئي توکي عرفات تي پهچايو ويندو. نوڪر دل ۾ چيو تہ شايد درويش چرچو ڪري ٿو چو تہ مون سان ڪڏهن چرچا بہ ڪندو هو. رات جي وقت درويش وٽ ئي سمهندو هئس جڏهن پوري وقت تي آءٌ وٽس آرام ڪرڻ لڳس تہ مون کي چيائين تہ هي ڇا ڪرين ٿو توکي مان ڇا چيو آهي، وڃي گاڏي تي سمهہ! آخر وڃي گاڏيءَ تي ستس. ڇا ڏسان ٿو جڻ مڪ شريف ۾ آهيان ۽ حج جون بهاريون ۽ زيارت مدينہ جي بہ ڪئي اٿم. جڏهن صبح ٿيو ۽ درويش وٽ آيس تہ چيائين تہ ڪيئن ٿو پائين. اسان جي ٻيڙي ڪهڙي نہ تکي هلندڙ آهي!!

هن درويش 1227هجري ۾ هن دنيا جي ديدار کان منهن موڙي هميشہ واري حضور ۾ وڃي واصل ٿيو. (مرغوب الاحباب)

# 360۔ درويش الياس لواري

هي بزرگ بہ خواجہ محمد زمان ڪلان لواري واري جو مريد آهي ۽ سندس وفات کان پوءِ خواجہ گل محمد ۽ خواجہ محمد زمان ثاني سان صحبت ۾ رهيو. تمام ٻڍڙو ۽ بدن جو بلڪل نحيف هوندو هو. پڇاڙي ۾ اکين کان سڄو ٿي ويٺو هو مگر سندس ايڏي هيبت هوندي هئي جو سندس آڏو ڪوبہ ماڻهو گفتگو ڪري نہ سگهندو هو.

حڪيم سيد مير نور علي لڪوي کان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن خواجہ محمد زمان ثاني درويش کي ڏسي 3 دفعا سبحان الله فرمايائون. عرض ڪيم تہ تسبيح ڇو پڙهئي. خواجہ صاحب فرمايو تہ درويش ۾ ايڏو حوصلو تہ ڪونہ هو مگر خواجہ وڏي هن ۾ ايڏي پالوٽ ڪئي آهي جو سمنڊ بڻجي ويو آهي. ٻئي ڏينهن تي وري خواجہ ثاني کي ڏٺم تہ بالڪليہ درويش ڏانهن متوجہ ٿيل ۽ برسات وانگي مٿس فيض هاري رهيا هئا. اُتي مان 3 دفعا تسبيح پڙهي. تنهن تي خواجہ صاحب مون ڏانهن نهاريو. عرض ڪيم تہ اوهان ڪالهہ ڇا فرمايو ٿي ۽ اڄ پاڻ ڇا ڪري رهيا آهيو. پاڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ جو رضامندو ائين آهي، اسان جو ڪو وس ڪونہ آهي.

ڪرامتهاست اندر پرده غيب
نگه ڪن تا ڪرار يزند در حبيب

هن درويش 1223 هجري ۾ وفات فرمائي. سندس مقبره وه پليجا جي قبرستان جي اتر پاسي کان آهي. (مرغوب)

## 361- درويش عيسيٰ دشتي لواري

هي درويش خواجہ محمد زمان بزرگ لواري جو مريد ۽ عارف خليفو هو. اوائل زماني ۾ اُٽ چاريندو ۽ خدمت ڪندو هو. آخر هن تي ايڏو جذبو غالب ٿيو جو اُٺ ويندا رهيا ۽ هي هڪ وڻ هيٺان استغراق ۾ ويٺو رهيو. چون ٿا تہ برابر 9 مهينا هڪ وڻ هيٺان سواءِ ڪاڏي پيتي جي ويٺو هو. ايترو وقت هڪ لمحو بہ ننڊ ڪانہ ڪئي هئائين. آخر خدا جي حڪم سان انهيءَ حالت کان ٻاهر آيو. ان کان پوءِ خواجہ گل محمد صاحب ۽ شيخ عبدالرحيم گروهڙي سان ملاقاتون رهيس ۽ خواجہ محمد زمان ثاني جي صحبت ۾ گهڻو گذاريائين.

سيد مير نور علي حڪيم لکوي جو هڪ وڏو ڪامل مرد هو. تنهن کي ڏسي چيائين تہ اجا صفات ۾ قائل آهي. ذات جو معاملو گهڻو پري آهي. هو بزرگ درويش درگاهہ لواري ايندو هو تہ پنهنجن مرشد زادن کي نصيحت ڪندو هو جن جو خواجہ محمد زمان ثاني سجاده نشين سان اختلاف هو. هڪ دفعي نصيحت ڪندي فرمايائين تہ اوهان ٿا ڏسو تہ اوهان جو ڀاءُ (خواجہ محمد زمان ثاني) کي ڪيڏي نہ استقامت آهي جو ايڏين تڪليفن هوندي بہ پوري استقامت تي بيٺل آهي. الڪرامة هي الاستقامت، يعني تہ ثابت قدم رهڻ ئي ڪرامت آهي. اوهان کي گهرجي تہ هن جي اطاعت ڪريو ۽ بي فرماني کي ڇڏي سندس رضامنديءَ تي هلو مگر انهن صاحبزادن تي اثرنہ ٿيو. شيخ عيسيٰ دشتي کي ايڏي باطن جي صفائي هئي جو جيڪڏهن ڪو ڏاريو ماڻهو اندر جو کوٽو وٽن ايندو هو تہ سندن طبع تي ڏاڍو بار ٿي پوندو هو ۽ لاحول ولا قوة پڙهندا رهندا هئا.

هڪ دفعي سندس آڏو سلوڪ جو ذڪر هلي رهيو هو، ڪنهن ماڻهو پڇيس ته ٻڌين ٿو ته ڪهڙي گفتگو هلي رهي آهي، چيائين ته گفتگو سموري روح آهي ۽ خدا اجا پري ڪان ٻه پري آهي. هن سفر جي حالت ۾ 1243 ۾ وفات فرمائي ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ فقير سڏاتوري سندس لاش اتان ڪڍائي لواري ۾ آڻي دفن ڪرايو. قبر کي کوٽي ڪڍڻ وقت سندس لاش بلڪل صحيح سلامت رکيل هو. 9 مهينن ڪان پوءِ لاش ڪڍي وئي، مگر ان ۾ ڪوبه فرق ڪونه آيل هو. (مرغوب)

## 362- شيخ سڏاتوريو لواري

شيخ سڏاتوريو 13 سالن جو ٻار هو جو خواجه محمد زمان بزرگ جي صحبت ۽ خدمت ۾ آيو. ان ڪان پوءِ سندس فرزند خواجه گل محمد ۽ شيخ عبدالرحيم گرهوڙي سان ملاقاتيون رهيس. طريقت جا سبق خواجه محمد زمان ثاني ڪان سکيائين. درويش عيسيٰ دشتي جو قول آهي ته سڏاتوريو هڪ بادشاهه آهي، هن جا گناهه به الله تعاليٰ وٽ ثواب آهن. اولئڪ يبدل الله سياتهم حسنات. اهي ماڻهو جن جون برايون به الله تعاليٰ نيڪين ۾ بدلائيندو آهي. (قرآن مجيد)

هڪ دفعي خواجه صفي الله مجددي (سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيڻ وقت) سڏاتورئي کي ڏنو ۽ کيس گهرائي فرمايائين ته جيڪڏهن ٿورو وقت صحبت ۾ رهين ته توکي اجازت نامو عطا ڪيو وڃي، مگر ان تي به راضي نه ٿيو.

اوائل وقت حاجي فقير الله علوي شڪارپوري جي خدمت ۾ به پهتو هو مگر اتي به دل نه لڳس. ان ڪان پوءِ پير عبدالحي نوشهرائي وٽ حاضر ٿيو. ان بابت سندس چوڻ هو ته ڪاٺونس مان پاڻ کي گهٽو بلند ڏٺو.

فقير سڏاتورئي جو قول آهي ته آءٌ هڪ دفعو سير ڪندي وڃي جيسلمير ۾ نڪتس، اتي هندواڻي لباس ۾ هڪ فقير سان ملاقات ٿي. مون کي سڃاڻي ازخود گهرائي پنهنجي خلوت ۾ ويهاريائين. هو واڍي جو ڪم ڪندو هو. شام جي وقت مون کي اتان وٺي پنهنجي جهوپڙي ۾ آندائين. هندڪو لباس لاهي مسلمانڪا ڪپڙا پاتائين. نماز جا فرض مون سان

گڏجي ادا ڪيائين. عشا کان پوءِ ليٽي پيس مگر هو مراقبي ۾ ويٺو رهيو. تانجو صبح جي آذان ٿي. ٻنهي اٿي نماز ادا ڪئي. ان کان پوءِ هندڪا ڪپڙا ڍڪي ٻاهر آيو. مان ڪيس موڪلائڻ لڳس. مون کي چيائين ته خدا حافظ مگر پڇاڙي ۾ ڪائونس 3 سوال ڪيم، جن جا جواب هيٺين ريت ڏنائين.

آءُ ڪٿي وڃي آخر رهندس؟

جواب! لواري ۾

آءُ سيلاني مست ماڻهو آهيان، جنهن ڪري مون کي سنگ ڪير ڪونه ڏيندو"؟

جواب. فلاڻي ڏي فلاڻي تنهنجي عزيزن ۾ هڪ ڇوڪري آهي اها تنهنجي زال آهي، ان مان توکي ٽو جهڙو فرزند پيدا ٿيندو.

اوهان هندڪي لباس ۾ رهو ٿا. هاڻي جيڪڏهن وفات ڪريو ته اوهان جي جنازي کي ته هندو ساڙي ڇڏيندا؟

جواب ۾ فرمايائين ته ائين نه ٿيندو بلڪ ملائڪ منهنجي جنازي کي ڪٿي وڃي دفن ڪندا ۽ جنازه ڪنهن ڪافر جو هندڪي لباس ۾ منهنجي جاءِ تي رکيو ويندو ان کي هندو ساڙي ايندا. هن سخن جي تصديق توکي تڏهن ٿيندي جڏهن پهريون ٻه ڳالهيون سچيون ٿينديون.

فقير سڏاتوريو جو چوڻ آهي ته پهريون ٻئي ڳالهيون جيڪي منهنجي متعلق هيون سي سچيون ٿيون تنهنڪري يقين اٿم ته سندس هي پوئين ڳالهه به سچي ٿي هوندي.

فرمايائين ته انهيءَ سفر ۾ هڪ پريشان حال قلندر به ڏٺم. جنهن سان گفتگو ڪانه ٿي، مگر ڏٺم ته دل سندس فنائيت جي درجه کي رسيل هئي، سڏاتوري جي فنائيت جي هي حالت هئي جو آخر ڄمار ۾ ڪيس مثاني ۾ پٿري ٿي پئي ۽ ڏاڍي تڪليف رهندي هئس. حڪيمن پٿري ڪيڻ لاءِ به چيو مگر پوءِ پنهنجي مرشد خواجه محمد زمان سان مشوري ڪرڻ کان پوءِ علاج کي ڇڏي ڏنائين. پوءِ جڏهن درد جو دورو ٿيندو هئس ته فنا واري مقام ڏانهن توجه ڪندو هو. چوندو هو ته جڏهن آءُ ئي وچ ۾ ڪونه هوندو آهيان تڏهن درد وري ڪيئن معلوم ٿيندو.

جيسلمير جي سفر کان جڏهن موٽي اچي فقير عبدالرحيم گرهوڙي سان مليو تڏهن فقير صاحب ساڻس ڏاڍو پيار سان پيش آيو. فرمايائين ته حضور رسول ڪريم ﷺ سڏاتوري جي سفارش فرمائي ويا آهن.

سڏاتوري جو قول آهي ته مون کي ڏاڍو فڪر لڳو رهندو هو ته سفر جي حالت ۾ متان ڪافرن جي ملڪ ۾ پساهه پورا ٿي وڃن. مگر پوءِ حضرت رسول ڪريم ﷺ اسلامي ملڪ ڏيکاريو جتي منهنجو مدفن ٿيندو.

پڇاڙي ڇمار ۾ سندس حالت ۾ هڪ وڏو ڦيرو اچي ويو. ڏاڍي هيبت ۽ حشمت سان ٿي پيو اکيون تمام سرخ ٿي ويون هئس ۽ ويهي ويهي بي اختيار تمام بلند آواز سان دانهن ڪندو هو. چوندو هو ته گروهڙي فقير مون کي فرمايو ته منهنجي حالت وري توتي وارد ٿيڻ واري آهي.

هاڻي اها حالت مون سان لاڳوٽي آهي، مگر فقير صاحب نوجوان ماڻهو هوندو هو جو سهي سگهندو هو ۽ آءٌ بلڪل پيرو ٿي ويو آهيان. مون کي برداشت جي طاقت ئي ڪانه رهي آهي. آخر پنهنجي مرشد خواجه محمد زمان ثاني جي همت ۽ همراهي سان انهيءَ جذبي واري حالت کان نجات مليس.

وفات کان اڳ ۾ لواري ۾ پنهنجي دفن ٿيڻ واري جاءِ ڏيکاري ڇڏي هئائين ۽ فرمائيندو هو ته جيڪو ماڻهو به منهنجي پير ۾ دفن ڪيو ويندو آخرت ۾ ان جي حضور سرور ڪائنات جي درگاهه ۾ آءٌ سفارش ڪرائيندس. سن 1246هه ۾ هن دنيا فاني مان وفات فرمائي ويو.

(مرغوب الاحباب)

# 363- فقير عبدالرحيم گروهڙي

فقير عبدالرحيم قوم منگريه ضلع ٿرپارڪر جو رهاڪو هڪ وڏو عالم ۽ ڪامل ۽ صاحب جذب ۽ جلاليت جو هو. خواجه محمد زمان بزرگ لواري واري جي وڏن خليفن مان هڪ صوفي بزرگ هو. شروع زماني ۾ ظاهري علم جي شغل ۽ لاڳاپي ڪري طريقت ۽ تصوف جو قائل ئي نه

هوندو هو. چون ٿا ته هڪ دفعي ڪنهن فقير کي لواري ڏانهن ويندي ڏٺائين، ڇياٺينس ته پنهنجي مرشد کي منهنجي پاران چئج ته جنهن واٽ سان اسان جو پيغمبر ﷺ آسمان ڏانهن تشريف فرما ٿيو هو اها اڃا تائين کليل آهي يا فقط حضور جن لاءِ خاص هئي. درويش جڏهن لواريءَ ۾ پهتو تڏهن ڪائونس اهو نياپو وسري ويو موٽڻ وقت خواجه صاحب ازخود فرمايس ته عبدالرحيم توکي ڇا چيو هو؟ فقير ياد ڪري پوءِ عرض ڪيو خواجه فرمايو ته چئجانس ته بغداد جي خليفي بغداد ۾ دريا تي پل ٻڌرائي هئي جا اڄ تائين قائم آهي ۽ سڀ ڪو ماڻهو ان تان لنگهي رهيو آهي. ساڳي ريت معراج وقت جيڪا راهه حضور رسول ﷺ درست ڪري ويا آهن، سا ڪا بند ٿي ويندي. بادشاهه جي لنگهڻ کان پوءِ فوج وارن جو سندس پوئتان لنگهڻ به بادشاهه جو شان آهي.

جڏهن فقير عبدالرحيم اهو جواب ٻڌو تڏهن ظاهري علمن جي مناظرن ۽ مباحثن کان منهن موڙي خواجه صاحب جي خدمت ۾ اچي پهتو ۽ پهرين ملاقات ۾ خواجه صاحب ڪائونس سوره والطور جي سمجهاڻي پڇي. فقير صاحب عالمانه رنگ ۾ ڪري معنيٰ بيان ڪئي، مگر خواجه صاحب مٿس اهڙو توجه وڌو جو روحاني معنائون به حاصل ٿيڻ لڳس. جنهن کان پوءِ هو ظاهري معنائن کان منهن موڙي چڪو. سندس وفات کان پوءِ خواجه گل محمد صاحب سندن والد جي خدمت ۾ رهيو. هڪ سال کان پوءِ پنهنجي وطن ميرپورخاص، گروهر ڏانهن موٽي وڃي ياد خدا ۾ مشغول ٿيو.

فرمائيندو هو ته طريقت جي تعليم کان پوءِ مون تي هڪ ڏينهن ابوالبشر آدم عليه السلام جي پيدا ٿيڻ جي حقيقت کولي وئي. خاڪ جي مٽ کي ڳوهي تصوير ناهڻ واري ڪيفيت پڌري پٽ نظر آئي ۽ روح جو اُن ۾ پوڻ ۽ چڪ ڏيڻ جي واردات اکين سان ڏٺم. گروهڙ جي ڳوٺ ۾ رهڻ کان پوءِ دنيا کي ترڪ ڪري خلوت نشين ٿي رهيو. ٽن ٽن ڏينهن کان پوءِ به چار لقما مس ڪائيندو هو. ان سان گڏ جلاب وٺندو رهندو هو ته جيئن معدو بلڪل خالي رهي.

هڪ دفعي حاجي شهمير ٽالپر جو پيرپائي هئس، سو سندس ديدار لاءِ لنگهي آيو. ڏٺائينس ته بک ڪان هڏن جي مُٺ بڻيو پيو آهي. شهمير خان چيس ته پاڻ کي ايڏي محنت ۾ ڇو اُڇلائي ڇڏيو اٿئي؟

فقير جواب ۾ فرمايو ته قرآن شريف ۾ ارشاد آهي ته واذڪر الله في ايام معدودات يعني ته مقرر ڏينهن ۾ الله کي ياد ڪريو! جنهن ڪري پاڻ لئي ان ۾ ئي مصلحت ڏٺي اٿم. پوءِ جڏهن سندس انهيءَ خلوت جو مدو پورو ٿيو تڏهن ٻاهر نڪري غسل ڪري صفا ڪپڙا ڍڪي دهلاري کي گهرائي منادي ڏياريائين ته اڄ جيڪو به ماڻهو منهنجي بيعت ڪندو تنهن تي دوزخ جي باهه حرام ڪئي ويندي. مگر افسوس جو اهو سمورو ڏينهن ڪوبه ماڻهو سندس خدمت ۾ ڪونه پهتو. هڪ ماڻهو بخشڻ ..... وٽس آيو جو فقير جي صحبت کان اڳ ۾ هڪ مڪٽي نالي مجذوب جي خدمت ۾ رهندو هو. فقير صاحب بخشڻ تي توجهه وجهڻ لاءِ اکيون ٻوٽي هڪدم ڪري کوليون. فرمايائين ته تنهنجو ڪم ته هو مجذوب پورو ڪري ويو آهي. هاڻي توکي اسان جي فقط صحبت ڪافي آهي. فتح محمد نالي هڪ نوجوان پنهنجن عزيزن سان شهدادپور مان پاڙي جا اُٺ قطاري ميرپورخاص پهتو هو ۽ فقير صاحب به ميرپور ۾ هو ۽ سندس ڏاڍو غلغلو بلند ٿيل هو. فتح محمد پنهنجن عزيزن کي چيو ته اجازت ڏيو ته وڃي فقير کي ڏسان. هنن روڪيندي چيو ته هو مست آهي، هن جي ڏسڻ جا ضرورت ڪانه آهي، هن گهڻوئي زور پريو پر پوءِ هن نوجوان کي ڪٽي ڪوٺي ۾ بند ڪيائون. ڇپائين وٽس نڻو وڃان پر هن گهر جي سوراخ مان ڪيس ڏسڻ گهران ٿو. فقير صاحب به انهيءَ ساڳي گهر جي سوراخ ۾ اکيون پائي ويهي رهيو هو. هن نوجوان جو ڏسڻ ۽ فقير جو مٿس توجه پوڻ پوءِ حال کان بي حال ٿي ويو. پوءِ ته وٺي پڳو. مگر مڙس پهچي ويس. ڪيس ٻڌي فقير صاحب وٽ ڪٽي آيس. فقير صاحب فرمايو ته ڇڏي ڏيوس. نوجوان جي عزيزن عرض ڪيو ته ڇڏاينداسين ته هو گم ٿي ويندو. فقير فرمايو ته هاڻي مجال ئي ڪانه آهيس جو پيڇي سگهي. جيترو پيڇڻو هئس سؤ پيڇي ڍؤ ڪيائين، هاڻي سندس هڏا به هٿ هوندا. فتح محمد جو چوڻ آهي ته جڏهن فقير صاحب اهي لفظ چيا ٿي تڏهن منهنجي

دل سندس محبت ۾ ڦاسندي رهي، جنهن ڪان پوءِ دنيائي ڌنڌن کي ترڪ ڪري فقير صاحب جي خدمتِ ۾ رهجي ويو هو. اهو فتح محمد فرمائيندو هو ته مون کي الله تعاليٰ جي دائمي حضور حاصل آهي جو هڪ لمحو به ذات جو تصور مون کان غائب نه ٿو ٿئي.

رئيس ابوالحسن غازي خان ٽالپر کان نقل آهي ته فقير عبدالرحيم جون ڳالهيون ٻڌي هڪ دفعي گروهڙ ۾ لنگهي ويس. ڏٺم ته هڪ گودڙي ۾ ويڙهيو تڏي تي ستو پيو آهي ۽ ماڻهو چئني پاسن کان مراقبو ڪيو ويٺا آهن. دل ۾ چيم ته حضرت خواجه بزرگ (خواجه محمد زمان ڪلان لواري) واري جو ڪهڙو شان ڏنوسين ۽ هي وري ڪهڙي حالت ۾ آهي. قوم جي اڳواڻ کي تجمل سان رهڻ ضروري آهي. فقير صاحب هڪدم مون ڏانهن نظر ڦيرائي منهنجي دلي واردات جي جواب ۾ فرمايو:

مکن عيب درويش مدهوش مست

که غرق ست زان ميزند پاءِ دست

نقل آهي ته هڪ دفعي پنهنجن فقيرن جي ٽولي سان وڃي رهيو هو. ڪپڙا سيني جا سادا ۽ سنڌي رواج موجب ٻهراڙي جي نموني جا هئا. واٽ ۾ ڏٺائون ته ٻين ڪن فقيرن جي ٽولي به اچي رهي هئي. وڏيون ڪاريون پڳون ٻڌل هئن، هٿن ۾ تسبيحون ۽ بغل ۾ طنبورا، ڏاڍي ٺاٺ سان هئا. فقير عبدالرحيم فرمايو ته عام ماڻهو هنن کي درويش ٿا سڏين، مگر اسان هنن کي چور سمجهون ٿا، ڇو ته درويشي ڪا تسبيح ۽ تنبوري ۾ نه آهي ڇو ته دوريشي هڪ ٻيو ڪم آهي. پوءِ فرمايائين ته:

کار درويشی دلق و سجه سجاده نيست

در هوائے بربط و طنبور حق راجاده نيست

فقير صاحب جي زماني ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو زوال اچي رهيو. ميان عبدالنبي ڪلهوڙي ۽ مير بجار خان جو اختلاف ٿيندو رهيو ٿي. عبدالنبي جو خيال هو ته پنهنجي درباري ۽ خانداني مير بجار خان جي طاقت ٽوڙي ڇڏي، ان لاءِ پيو حيلا هلائيندو هو. آخر هڪ دفعي ميان

عبدالنبي پيروز پٽاڻي کي وڏي ڪٽڪ سان مير بجار خان جي مقابلي لاءِ چاڙهي موڪليو. مير بجار خان دعا طلبي لاءِ فقير عبدالرحيم وٽ لنگهي آيو. فقير چيس ته توکي ڪاميابي حاصل ٿيندي، پر ڪي شرط قبول ڪرڻا پوندا. مير صاحب چيو ته آءٌ حاضر آهيان. پوءِ جيڪي به شرط لڪائي وٺو. فقير صاحب دين جي خدمت ۽ بدعات جي بنياد ڪيڻ ۽ ڪفر جي رسمن کي ناس ڪري وغيره شرط لکائي مير صاحب کان مهر ڪرائي ورتا. انهيءَ ڪچهري ۾ هڪ ماڻهو مير صاحب کي ڪن ۾ ڪي مخفي ڳالهيون چوڻ ٿيو جنهن تي فقير صاحب فرمايو ته لشڪر اوهان جو عيال آهن، تنهنڪري انهن جي سامهون ڪابه ڳجهي ڳالهه نه ڪريو سڀ ڪجهه ظاهر چوندا رهو ته هنن کي دل ۾ نه ٿئي. مير صاحب فقير صاحب کي ٿورو پاسي ڪري عرض ڪيو ته سائين اهو اسان جو جاسوس آهي، جنهن اطلاع ڏنو آهي ته دشمن جو لشڪر پنجاهه هزار آهي ۽ سپهه سالار پيروز پٽاڻي هڪ زبردست ظالم ماڻهو آهي ۽ هوڏانهن اسان ڪل 4 هزار ماڻهو آهيون، اها ڳالهه جيڪڏهن کلي طرح ڪئي ويندي ته اسان جي فوج ۾ بد دلي پيدا ٿيندي. فقير صاحب چا ڪيو جو ڊڪي وڃي هڪ بلوچ سپاهي جي ڏاڙهي پڪڙي مير صاحب کي چيائين ته وٺ! هي پيرو ز پٽاڻي جي ڏاڙهي آهي. فقير صاحب تيستائين ڏاڙهي مان هٿ نه ڪڍيو جيستائين خود مير صاحب پنهنجي هٿ سان ان کي نه اچي پڪڙيو. هڪ لڪڙي ۾ جهنڊو ٻڌي مير صاحب جي حوالي ڪري 3 ميل کن فوج سان گڏجي ويو. ان کان پوءِ پنهنجي حجره (خلوت خاني) کي ٻهارو ڏياري باادب مراقبي ۾ ويهي رهيو. ڪجهه وقت کان پوءِ فرمايائين امامن سڳورن (سيدنا حسن رضہ ۽ سيدنا حسين رضہ) جا روح پاڪ مون کي فتح مندي جي خوشبخري ڏئي ويا آهن. آخر ستت ئي مير بجار جو قاصد فقير صاحب وٽ پهتو جنهن سوڀ جي سڌ اچي ڏني ۽ فقير صاحب جنهن بلوچ جي ڏاڙهي مان جهليو هو تنهن ئي پيروز پٽاڻي جي سسي ڪپي آڻي مير صاحب جي حوالي ڪئي. ٽالپرن جي حڪومت قائم ٿي وئي. مير فتح خان جو ننڍو پٽ مير الهيار خان (ٽنڊوالهيار جو باني) پيءُ جي جاءِ تي پڳ ڏٽي ٿيو. مير صاحب هڪ دفعو

فقير صاحب کي دعا لاءِ گهرايو. فقير صاحب ڇا ڏسي ته هو تخت تي ويٺو آهي ۽ چؤطرف خادمن جو انبوهه لڳو پيو آهي. مير الهيار خان فقير صاحب کي ڏسي سندس استقبال لاءِ اڳتي وڌي آيو. فقير صاحب سان هٿ ملائڻ شرط کيس سخت چماٽ هڻي ڪڍي جو مير صاحب جي پڳ اچي پٽ تي ڪري. نوڪر غصي ۾ اچي وچ ۾ پوڻ لڳا، مگر مير صاحب منع ڪئي. فقير وري انهن پيرن تي پوئتي موٽي روانو ٿيندي چوندو ويو ته مير صاحب جي مٿي ۾ رئيسائي جو جيڪو واءُ هئس، سو ڪڍي ڇڏيومانس ۽ هن دنيا کان آزاد ڪري ڇڏيومانس. جيڪڏهن ٻيءَ چماٽ لڳيس ها ته حق تي پهچي وڃي ها. ان کان پوءِ ڏنو ويو مير صاحب سموري ڄمار نيڪ ڪردار مجذوبن وانگي رهجي ويو. فقير عبدالرحيم گرهوڙي ايڏو وڏو عالم هو جو ننڍي کان وٺي ملتان تائين ڪوبه علم وارو ساڻس برميچي نه سگهندو هو. هو ڪنهن به امام جي تقليد جو قائل نه هو ۽ نه وري فقهه جي ڪتابن کي مڃيندو هو بلڪ ڪيترا مسئلا پنهنجي اجتهاد سان به فيصل ڪندو هو جنهن ڪري وقت جا علماء ڪائنس ڏاڍا ناراض هوندا هئا، مٿس بدعتي هجڻ جون فتوائون ڏنيون ويون ۽ کيس ڏاڍو تنگ ڪيو ويو. آخر وقت جي عالمن سان نبيري ڪرڻ لاءِ سنڌ جي دارالسطنت خداداد ۾ مناظري جي مجلس مقرر ڪئي وئي. فقير صاحب چوارائي موڪليو ته ڏرين جي امانت لاءِ ڪنهن سيد عالم کي امين مقرر ڪيو وڃي ۽ اهوئي مون سان گفتگو ڪري، باقي ٻيا علماء سندس مدد ڪندا رهن. انهيءَ زماني جي حاڪمن ۽ عالمن فقير صاحب جي انهيءَ شرط کي قبول ڪيو ۽ گهوٽڪي جي مشهور سيد جمال شاهه جيلاني کي مناظري لاءِ گفتگو ڪندڙ ۽ امين ڪري خداآباد گهرايو ويو. فقير صاحب جڏهن خدا آباد جي ٻاهران آيو تڏهن پنهنجن شاگردن ۽ طالبن کي حڪم ڪيائين ته لاتدخلون من باب واحد يعني ته قرآن شريف جي ارشاد موجب هڪ دروازي مان داخل نه ٿيو پر جدا جدا درن مان لنگهي اچو. پوءِ سمورا جدا جدا ٿي مناظري لاءِ مقرر مسجد ۾ اچي جمع ٿيا. اهو رمضان جو مهينو هو. فقير صاحب مسجد ۾ گهڙڻ شرط پاڻي گهريو! عالمن منع ڪئي ته رمضان آهي. فقير صاحب چيو ته اسان

مسافر آهيون، قرآن شريف ۾ ارشاد آهي من ڪان منڪم مريضا او علي سفر فعدة من ايام آخر – اوهان مان جيڪو بيمار هجي يا مسافر هجي، ان لاءِ روزن لاءِ ٻيا ڏينهن مقرر آهن.

فقير صاحب جي هڪ خادم پاڻي ڏنو جو پيتائون. عالمن چيو ته ڪليو ڪلايو پاڻي پيئڻ بدعت آهي. فقير صاحب سيد جلال شاهه ڏانهن خطاب ڪندي چيو ته حضور رسول الله ﷺ هڪ سفر ۾ فوج وارن کي جمع ڪرائي رمضان ۾ روزو کوليو هو اهو مخفي طرح ڪيو ويو هو يا پڌري پٽ! پوءِ به اجا بدعت آهي؟ انهيءَ مناظري ۾ حڪومت جا ماڻهو ۽ ٻيا تماشبين سون جي تعداد ۾ اچي جمع ٿيا هئا. ظهر جي نماز کان وٺي عصر جي نماز تائين مناظرو هلندو رهيو. فقير صاحب تي جيڪي علماء وقت پاران اعتراض وارد ڪيا ويا، تن جا جواب قرآن ۽ حديث شريف مان ڏيندو ويو ٿي ۽ امين کي چوندو ويو ته انصاف ڪجو جو آءٌ قرآن ۽ حديث مان جواب ڏيندو رهان ٿو ۽ ان کان پوءِ اجتماع امت ۽ مجتهدن جا قول آهن. باقي عام فقيهن ۽ عالمن جي قولن سان منهنجو واسطو ڪونه آهي، ان وچ ۾ هڪ طالب علم چيو ته مخدوم محمد هاشم ٺٽوي هيئن لکيو آهي، فقير صاحب جوش ۾ اچي مس ڪپڙي ڪٽي طالب علم کي منهن ۾ ڦهڪائيندي چيو ته محمد هاشم جا سڪايل وڻ اجا ساوا ئي ڪونه ٿيا آهن، جيڪڏهن تو وٽ قرآن ۽ حديث مان دليل نه آهي ته مجتهد جو قول آڻ. باقي بيهودي بڪواز نه ڪر! چون ٿا ته اهو طالب علم هڪ ڌڪ لڳڻ سان اعليٰ مقام کي پهچي ويو ۽ پنهنجي وقت جو مرشد ٿيو. آخر سيد جمال شاهه فيصلو ڏنو ته هي ماڻهو بدعتي ته نه آهي، پر هن وٽ قرآن جو نور آهي ۽ حديث مان دليل ڏئي ٿو ان کان پوءِ سيد جمال شاهه به بيعت ڪري فقير صاحب جي مريدن ۾ داخل ٿيو. فقير صاحب سيد صاحب کي چيو ته اوهان تمام پيرسن آهيو چڱو ته هڪدم پنهنجي ڳوٺ روانا ٿي وڃو جو اوهان جي ڄمار پوري ٿيڻ تي آهي ته جيئن پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ پهچي وڃو! شاهه صاحب گهوٽڪي جي ٻاهران پهتو ته وفات فرمائي ويو. جتان کڻي اچي پنهنجن وڏن جي قبرستان ۾ دفن ڪيائونس.

گروهڙي فقير باوجود يڪ هو نقشبندي طريقي جو هو مگر التحيات ۾ آڱر کڻڻ سنت سمجهندو هو. هوڏانهن نقشبندي طريقي وارا حضرت امام رباني تائين ان جا مخالف آهن. هو آخر ظهر جي نماز جمعي ڏينهن پڙهڻ جو قائل نه هو. هو تقليد غير ضروري سمجهندو هو.

هو مماتي وارن کان فيض حاصل ڪرڻ جو مفڪر هو. تفصيل وارا هن جا عقيدا ڏسڻا هجن ته فتح الفضل ۾ ڏسڻ گهرجن.

## شهادت جو واقعو

چون ٿا ته گروهڙ کان ٽيهه ڪوهه پنڌ تي هڪ بت خانو هو جتي هندو جوڳين وڏو اثر پيدا ڪري، ڪيتري خلق کي ڪاري گمراهه ڪرڻ لڳا. فقير صاحب کي هميشه هي ارادو رهندو هو ته ڪنهن به صورت ۾ انهيءَ بت خاني جو بنياد ڪڍيو وڃي، جنهن لاءِ تياري ڪرڻ لڳو. پنهنجي مرشد زادي مصلي ڌڻي خواجه گل محمد صاحب ڏانهن ماڻهو موڪلي هيٺيون نياپو موڪليو:

جنهن ڪن ٽوپايا ڪوڏ مان تنهن کي ڪڄاڙو
ماڻس ستاڙو پٽس نالو ڪين ڪي

نياپي ڏيندڙ فقير هي به عرض ڪيو ته فقير صاحب هي بيت چئي ڊاڍو رنو ٿي، مگر مون کي روڄ ئي نه آيو. خواجه گل محمد صاحب فرمايو ته افسوس فقير صاحب پنهنجي ڄمار جي پڇاڙي ڏني آهي.

پوءِ ته فقير صاحب جهاد في سبيل الله لاءِ ملڪ ۾ پڙهو گهمايو ته اچي ڪو الله جي واٽ ۾ سر ڏئي. سندس دوستن ۽ مريدن مان سوين ماڻهو اچي جمع ٿيا. ڪٽڪ ڪاهي روانو ٿي اچي انهي بت خاني جي پر ۾ لٿا. فقير صاحب چورائي موڪلين ته اوهان گمراهي ڇڏي سڌي واٽ تي اچو. جيڪڏهن وڙهڻ گهرو ٿا ته اجهئا سان حاضر آهيون، مگر بت پرستن سندس پيغام جي پرواهه نه ڪندي فقير صاحب ڏانهن ربين جي لالچ جو نياپو موڪلي ڏنو يعني ته ڪجهه هزار روپيا گهربا اٿئي ته وٺي واپس وڃ! فقير صاحب چورائي موڪليو ته اسان اوهان کي اسلام جي راهه ڏانهن سڏڻ آيا آهيون، اوهان وري روپيا آڇي رهيا آهيو. آخر فقير صاحب ڪي شرط

ڪين چورائي موڪلين، پر هنن قبول نہ ڪيا. پوءِ جنگ ڇڙي وئي، ڪافرن جي لشڪر کي شڪست آئي ۽ اٺي ڀڳو. مسلمان ٻت خاني ۾ ڪاهي پيا ۽ ٻتن کي ڀڃي پرزا پرزا ڪري ڇڏيائون، مگر فقير صاحب کي ٻہ ترارن ۽ نيزن جا دشمن پاران اهڙا ڌڪ لڳا جو انهيءَ گهڙي شهادت جو شربت پيتائين. درويش معروف جو پٽ لواري واري وڏي بزرگ جو خليفو هو ۽ جنهن کي فقير صاحب چيو هو تہ تون مون سان گڏ مرندين، جو بہ انهيءَ جهاد ۾ ساڳي گهڙي ۾ شهيد ٿيو.

حيرت جهڙي هي ڳالهہ آهي جو فقير صاحب جي بدن مان هڪ ڦڙو رت جو بہ ڪونہ وهي نڪتو. ترارن جا ڌڪ اندران سفيد نظر آيا ٿي. سموري جنگ جي وقت ڪوبہ گتو اکر سندن واتان ڪونہ نڪتو ۽ نہ وري ساٿس ڪو هٿيار ٿي هو. فقط اياڪ نعبدو اياڪ نستعين جو نعرو هڻندا رهيا ٿي.

آخر ميدان جنگ مان فقير صاحب جو نعش کڻائي آڻي گروهر ۾ دفن ڪيائون. مير احمد خان شهئاڻي مقبري تي قبو ٺهرايو. مقبري تي جيڪو پيجرو آهي، سو پهريان لواري بزرگ جي مرقد تي جتان لهرائي فقير صاحب جي قبر لاءِ موڪليو ويو جنهن جي تاريخ آهي:

رضوان من الله.

1213 هہ

ان کان پوءِ وري ٻيو ٺهرايو ويو جنهن جي تاريخ آهي.

رضی الله عنهم ابدا

1219هہ

فقير صاحب جون ڪرامتون ۽ مقولا بيشمار آهن، جن جو تفصيل سان ذڪر ڪتاب مرغوب الاحباب ۾ آيل آهي.

## قطعہ تاريخ وفات از مير نظر علي خان ٽالپر

گرهوری آنکه چون اوکس ندیده
بخوبی، در زمانش آفریده

هداؤ علم در ظاهر و جودش
بمنی از دو عالم دل ربوده
درین دشت هوا دیگز پرآز
رمیده از خویش باحق آرمیده
براق همنشین بالاءِ عرش از
بر از افلاک، نوری را پریده
بحسن یوسفی در مصر عرفان
غلامی را دل عاشق خریده
بکور دل ز قدح همت خویش
حجاب از غیر از چشمش دریده
چنین گویند کان بگزیده حق
چو پرچهل سال دورانش رسیده
ز دست ساقی دهر اندرین دهر
مئی تلخ شهادت در کشیده
چو تاریخ وصالش جستم از دل
جواب آمد بحق خلوت گزیده

1192

شيخ عبدالرحيم گروهڙي جا تصنيف ٿيل هيٺيان ڪتاب ڪن جاين تي دستاب ٿين ٿا.

(1) فتح الفضل جنهن ۾ خواجہ محمد زمان لواري جي ملفوظات جي شرح ڏنل آهي. زبان عربي، شرح ابيات سنڌي عربي زبان ۾، ان جو ترجمو علامہ محمد بن عمر دائودپوٽي شايع ڪرايو آهي. (2) مڪتوبات گروهڙي (3) رسالہ از مناقب خواجہ محمد زمان لواري (4) گروهڙي جي سنڌي جنهن ۾ ڪيترائي تصوف ۽ تفسير تي ننڍا ننڍا رسالا آهن.

# 364- محمد علي مجذوب عمرڪوٽي

هي درويش خواجہ محمد زمان بزرگ لواري واري جي تربيت يافتن مان آهي. ننڍي هوندي جماعت جي لنگر خاني جو پاڻي پريندو هو. هڪ ڏينهن خواجہ صاحب هن فقير کي محنت ڪندي ڏسي فرمايو تہ هن ڇوڪري جو استعداد تمام بلند آهي جو بشريت جي حالات کان گهڻو بلند ٿي رهندو. آئينده هلي هي درويش مجذوبانہ انداز ۾ زندگي گذارڻ لڳو ۽ دنيا ۽ دنيا وارن سان سمورا لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيائين. خواجہ بزرگ سندس مرشد جي وفات کان پوءِ گهڻو نظر علي خان ٽالپر مصنف مرعوب الاحباب وٽ رهڻ لڳو ۽ ڪڏهن ڪڏهن سير سياحت لاءِ بہ نڪري ويندو هو.

درويش سڏاتوري جو ڇورڻ آهي تہ مون کي محمد علي مجذوب فرمايو تہ مستي ۽ هوشياري منهنجي هٿ ۾ آهي، جڏهن گهران تہ ان حالت کي اختيار ڪري سگهان ٿو مگر مستي واري حالت ۾ وڌيڪ آسودو رهان ٿو.

هڪ دفعي گرمي جي موسم ۾ ٽن ڏينهن کان هن مجذوب ڪجهہ بہ کاڌو يا پيتو ڪونہ هو. اهڙي حالت ۾ هڪ عورت گرم مانيون ۽ گرم گوشت جو ٻوڙ ۽ سرد پاڻي سندس خدمت ۾ کڻي آئي، مگر فقير صاحب هن کان وٺي کائڻ جي ئي نہ پيو ڪري. جنهن تي هڪ دوست چيس تہ وٺي کاءِ، خدا جي نعمت آيل آهي. جنهن کان پوءِ مجذوب مائي کي چيو تہ تون ڪنهن جي پيدا ڪيل آهين؟ هن آڱر سان مٿي اشارو ڪري چيو تہ الله تعاليٰ جي آهيان. وري چيائينس امتياڻي ڪنهن جي آهين. وري بہ هن اٻوڙهيل عورت اشارو ڪري چيو تہ الله تعاليٰ جي، جنهن تي مجذوب کي ڏاڍو غصو آيو ان جي کاڌي کائڻ کان انڪار ڪندي چيائين تہ هي جڏهن رسول الله ﷺ کي نٿي سڃاڻي تڏهن هن جو کاڌو کائڻ نٿو جڳائي. مجذوب کي ڳڙ واري ماني يعني بسري ڏاڍي پسند هوندي هئي. جڏهن بہ ڪنهن ماڻهو کي پنهنجي مشڪل لاءِ فقير کان دعا گهرائڻي هوندي هئن تہ ڪيس بسري کارائي پوءِ دعا لاءِ عرض ڪندا هئا تہ ڪم ٿي پوندو هو. سندس حياتي ۾ اهڙا سوين تجربا ڪيا ويا هئا. مجذوب صاحب پڇاڙي ڄمار ۾

عمرڪوٽ وچي رهيو. هڪ ڏينهن هڪ تلاءَ جي ڪناري تي ٻوڙون پائي چٽي رهيو هو تہ هتان ٽپي هٽي لواريءَ وچي سسي ڪيندس. اهي لفظ چوندو ۽ ٻوڙندو رهيو تي تہ اوچتو پير ترڪڻ سان وچي تلاءَ ۾ ڪريو. اُتي ساهہ ڪي ساهہ جي پيدا ڪندڙ جي حوالي ڪيائين. حوض جي ڪناري تي دفن ڪيو ويو.

## 365- محمد مجذوب بياباني

هي بزرگ بہ خواجہ محمد زمان ڪلان لواري واري جي مريدن مان آهي. سندس وفات کان پوءِ گهڻو ڪري بيابانن ۽ ميدانن ۾ گذاريندو هو ۽ انسانن سان گهٽ واسطو رکندو هو. چون ٿا تہ پورا 12 سال خاموشي ۾ گذاري ڇڏيائين ۽ ان سموري عرصي ۾ هڪ ڪلمو بہ پنهنجي زبان مان نہ اوچاريائين. ان کان پوءِ ڳالهائڻ لڳو. فرمائيندو هو تہ مون کي الله تعاليٰ پاران 3 شيون عنايت ڪيون ويون آهن: (1) دنيا جي معاملات تي اطلاع (2) انسانن جي دلين جا راز ۽ سندن عاقبت (3) روحاني قوت سان ڪٿي بہ پهچي سگهان ٿو. هڪ دفعي جهنگل ۾ ويٺو هو ڪو معتقد ماڻهو هندو وٽان اکروٽ خريد ڪري سندس خدمت ۾ کڻي ويو. مجذوب فرمايو تہ هن تي هندو جي ٻار پيشاب ڪيو آهي، تنهنڪري کائڻ جهڙا نہ آهن. هو لاچار ٿي موٽي هندو وٽ آيو هندو کان پڇا ڪيائين، جنهن اقرار ڪيو تہ برابر جنهن ٿوال ۾ اکروٽ پيل هئا تنهن جي مٿان پينگهي ۾ ٻار ستل هو جنهن پيشاب ڪيو جو اکروٽ تي پيو هو.

مرغوب الاحباب جو مصنف لکي ٿو تہ منهنجو چاچو حاجي جعفرخان ٽالپر حج تي ويل هو مگر سندس حال احوال ڪونہ آيو ٿي. هڪ ڏينهن مجذوب محمد کان پڇيو ويو تہ هو ڪٿي آهي. چيائين تہ يمن جي فحا بندر تي سندس چوري ٿي هئي، مگر اها موٽائي وئي آهي. وري پڇيو ويس تہ اڃا فحا بندر تي آهي يا نہ؟ چيائين اوهان جو ان ۾ ڇا وڃي، ستت ئي اوهان وٽ پهچي ويندو. آخر ٿيو بہ ائين جو ٿورن ڏينهن ۾ گهر اچي پهتو ۽ مٿيون سمورو واقعو بيان ڪيائين. والله اعلم ــ مجذوب محمد 13 صدي جي رجالن مان آهي.

# 366- درويش مومن حيدرآبادي

هي درويش بہ خواجہ محمد زمان بزرگ لواري جي مريدن مان آهي. دنيا کي ترڪ ڪري قلب جي ڪامل سڪون واري درجي کي پهتل هو. خواجہ صاحب جي خدمت ۾ رهي هن گهڻو ڪجهہ حاصل ڪيو هو. وڏي ڪشف جو مالڪ هو. خصوصاً قبرن وارن جي حالات تي بہ پوري طرح اطلاع ٿيندو هئس.

هڪ دفعي ڪن پيرپائي دوستن سان شڪار تي گڏجي ويو. جهنگل ۾ پکي اٿاري شڪار ڪري رهيا هئا تہ اوچتو وڃي هڪ قبرستان ۾ پهتا. جتي چون پيا تہ حافظ درس جو مقبرو ۽ درگاهہ آهي. قبرستان جا مجاور درويش کي روڪڻ لڳا تہ قبرستان جي جهنگل مان پکين کي نہ اٿاريو ۽ نہ هت شڪار ڪريو جو هي ولي الله جي حرم ۽ عزت جي حد آهي. مجاورن ڏاڍو لڙ بکيڙو ڪيو. آخر درويش ۽ سندس ساٿي اتان نڪري ٻاهر آيا. درويش ٻاهر نڪري چيو تہ ويچارا مجاور هن قبر واري کي ولي الله سمجهي رهيا آهن، مان هن ڏانهن اگرچہ پورو توجہ نہ ڪيو مگر معلوم ٿيو تہ اونڌو ٿيو ٽنگيو پيو آهي ۽ ڪيس عذاب ٿي رهيو آهي. اگرچہ هو هن دنيا ۾ نيڪ هو مگر ڏاڍو رياء ۽ ڏيکاء ڪندو هو ۽ رياء ڪندڙ منافق جي حڪم ۾ آهي، جنهن ڪري هن تي عذاب ٿي رهيو آهي. آخر چمار ۾ هي درويش حيدرآباد ۾ اچي رهيو ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين. شاهہ مڪائي جي قبرستان ۾ ڪيس دفن ڪيو ويو. (مرغوب الاحباب)

# 367- محمود مجذوب هالائي

خواجہ محمد زمان بزرگ لواري وارن جي خدمت ۾ ننڍپڻ کان رهندو آيو ۽ سندس صحبت ۾ مجذوب الحال ٿي رهيو ۽ سندس وفات کان پوءِ لواري مان لڏي اچي هالن ۾ مقيم ٿيو.

هڪ دفعي خواجہ صاحب پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ ويٺو هو تہ کانئس پڇيائين تہ هو محمود نالي هڪ ڇوڪرو اوهان جو مريد، جو اوهان وٽ رهندو هو سو هاڻي ڪٿي آهي؟ خواجہ صاحب فرمايس تہ تو ان کي

وري ڪونہ ڏٺو آهي ڇا؟ عرض ڪيائين تہ ڪيترو زمانو ٿيو آهي جو ان جو پتوئي ڪونہ ٿو ملي. خواجہ صاحب پنهنجن مجلس وارن ڏانهن منهن ڦيرائي فرمايو تہ سياڻي بهشت ۾ هنن ماڻهن کي آندو ويندو. هالن ۾ رهڻ واري زماني ۾ ماڻهو ميوا ۽ ڪاڌي جا قسم کڻي اچي سندس واٽ وٺي بيهندا هئا تہ من ڪنهن جي شيءِ مان ڪجھ کڻي کائي، پوءِ جڏهن بہ ڪنهن ماڻهو جي ڪا شيءِ کڻندو هو تہ اهي ماڻهو سمجهندا هئا تہ ان جي دل جي مراد پوري ٿيندي.

جنهن سال فقير عبدالرحيم گروهڙي ميرن واري خدا آباد ڏانهن ظاهري عالمن جي مناظري لاءِ وڃي رهيو هو تہ ان سفر ۾ هالن مان حضرت مخدوم نوح جي مقبري ڪان اچي لنگهيو. گهوڙي تي سواري هئس، مجاورن فقير کي منع ڪئي تہ سوار ٿي نہ لنگهو پر گهوڙي تان لهي پئو تہ ايتري ۾ مجذوب محمود بہ اچي اتي پهتو. فقير صاحب مجذوب پير پائي کي ڏسي ادب کان گهوڙي تان لهڻ ٿيو تہ رڪيب جو دوال ڇڄي پيو. فقير صاحب گوڏن ڀر زمين تي ڪري پيو. مجاورن چيو تہ اسان منع ڪئي سون پر نہ مڃيائين، اها ڪيس سزا ملي آهي. فقير عبدالرحيم تہ مجاورن جي گفتگو تي توجھ نہ ڪيو پر مجذوب فرمايو تہ ائين نہ آهي، پر عبدالرحيم گوڏا هڻي قبي کي ڍاتو آهي. آخر ٿيو بہ ائين جو درياء جي پائيندڙ ۾ قبو ڍهي پيو ۽ مخدوم صاحب جي جسم کي اتان کڻائي نون هالن ۾ آڻي دفن ڪيو ويو. 13 صدي جي پهرين اڌ ۾ مجذوب هالن ۾ وفات ڪئي. (مرغوب)

## 368- مولانا پير محمد هالائي

هڪ وڏو عالم، درس تدريس جو مالڪ ۽ مهمان نواز بزرگ هو. هالن ۾ ايندڙ ويندڙ درويشن ۽ بزرگن جي مهمانداري ۽ خدمت گذاري ڪندو رهندو هو. هڪ دفعي خواجہ محمد زڪي ولد خواجہ محمد حنيف ولد خواجہ عبدالاحد ولد خواجہ امام محمد سعيد ولد خواجہ شيخ احمد امام رباني مجدد الف ثاني حج جي ارادي سان ملتان مان ٿيندو هالن ۾ اچي پهتو. هالن جي آب و هوا جي لطافت ڪري اُتي ڪجھ وقت رهي پيو جتي مولانا پير محمد هالائي سندس خدمت ۾ ڪمر همت ٻڌي بيهي رهيو. خواجہ

صاحب جي خرچ لاءِ هڪ مودي وٽان اوڌر تي سيڌو وٺي انتظام ڪندا رهيا. جڏهن خواجہ محمد زڪي هالن مان ٺٽي جي ارادي سان روانو ٿيڻ لڳو تڏهن مولانا پيير محمد دعا لاءِ استدعا ڪئي. خواجہ صاحب فرمايو ڪهڙي دعا ڪريون. مولانا پيير محمد عرض ڪيو تہ مون کي اهڙي ڪشايش رزق نصيب ٿئي، جو سواءِ ڪنهن محتاجي سڀ ڪنهن مسافر کي ماني پور ڪارائيندو رهان. خواجہ صاحب فرمايو پيو بہ ڪجھ گهرجي؟ مولانا چيو منهنجي تہ فقط اها آرزو آهي. خواجہ صاحب دعا ڪئي. پوءِ تہ مولانا تي ايڏي فراخي ٿي، جنهن جي ڪا حد ڪانہ آهي. آخر ڄمار ۾ مولانا پيير محمد حج جو سفر ڪيو ۽ مڪ مڪرمہ ۾ ئي وفات فرمائي ويو.

اهو واقعو 12 صدي جي وچ ڌاري جو آهي. خواجہ محمد ذڪي جي وفات سن 1143هہ ۾ ٿي آهي. جنهن کان پوءِ مولانا پيير محمد جي وفات جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. (مرغوب)

# 369- مخدوم ابراهيم نقشبندي لاهري

هي بزرگ مخدوم آدم نقشبندي جي وڏن خليفن مان صاحب فضيلت ۽ ڪرامت جو ٿي گذريو آهي. مخدوم ابوالقاسم نقشبندي جو پيرڀائي مريد هو.

مير قانع لکي ٿو تہ:

"صاحب خوارق کليه است محاسب خرد و ضابط فهم از عهده شمه آن برنيايد" (تحفة الڪرام)

يعني تہ ايڏين وڏين ڪرامتن جو مالڪ آهي، عقل ۽ فهم جو حساب ڪندڙ يا انتظام رکندڙ انهن ڪرامتن جو ٿورو حصو بہ بيان ڪري نہ ٿو سگهي.

مرغوب الاحباب ۾ لکي ٿو تہ:

شيخ ابراهيم در قصبه لاهری افاده ايشان اشتهار عام دارد

(مرغوب الاحباب)

هن بزرگ جي وفات ٻارهين صدي ۾ ٿي گذري آهي ۽ پوئتان ٻه فرزند هر هڪ ميان ابوبڪر ۽ مخدوم گل محمد ڇڏي ويو. ابوبڪر جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.

## 370- ميان ابوبڪر لاهري ٺٽوي

ميان ابوبڪر ولد مخدوم ابراهيم نقشبندي عرف نالي چڱو هڪ نامور بزرگ ۽ بلند مقامات جو مالڪ ٿي گذريو آهي. چون ٿا ته هڪ ڏينهن سندن مسجد ۾ هڪ مست اچي گهڙيو. جماعت ڪيس روڪڻ لڳي، مگر ميان ابوبڪر چيو ته ڇڏي ڏيوس جيڪو به مسجد ۾ لنگهي اچي، تنهن کي روڪڻ نه گهرجي. ان ڪلام ڪري فقير تي اهڙو توجه پيو جو مست فقير داناءُ بنجي اتي ئي هميشه لاءِ مسجد ۾ ويهي رهيو ۽ سموري زندگي پير نه ٻاهر پاتائين. ان کان سواءِ ٻيون به هزارين ڪرامتون سندس بيان ڪيون وينديون آهن.

نقل آهي ته جڏهن ميان ابوبڪر وفات فرمائي، تڏهن سندس جنازي جي مٿان عجيب شڪل ۽ عجيب نموني جي آوازن وارن پکين جو ايڏو ميڙ هلندو رهيو جو جيترا به ڪانڌي، جنازي سان هئا، تن تي پکين جي ڇانو ڪري اُس جو هڪ اولڙو به ڪونه پيو تي ۽ پکين جو ڪڪر برابر مڪلي جي قبرستان تائين هلندو رهيو جو جنازو دفن ڪرڻ تائين موجود هو. (تحفة الڪرام)

هن بزرگ جي وفات به 12 صدي جي وچ ڌاري ٿي آهي.

## 371- سيد عظيم الدين ٺٽوي

سيد مير عظيم الدين ولد سيد مير يار محمد ولد سيد عزت الله (متوفي 1160هه) شڪراللهي شيرازي ٺٽوي هي صاحب مير علي شير قانع جي وڏي ڀاءُ جو فرزند سال 1162هه ۾ ٺٽي ۾ تولد ٿيو. مقالات شعراء ۾ علي شير، محمد روشن ذهين ٺٽوي جي تذڪري ۾ لکي ٿو ته هن صاحب منهجي وڏي ڀاءُ جي مير يار محمد صاحب جي فرزند مير عظيم الدين جي ولادت جي تاريخ اناله لحافظون جي قرآني آيت مان ڪڍي آهي.

"تاريخ تولد مير عظيم الدين قرة العين برابر قبلہ مڪان مير يار محمد صاحب, اِناله لحافظون بر آورده" (مقالات)

تحفة الڪرام ۾ پنهنجي خاندان جي شجري جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ سيد يار محمد يا دو فرزند مير ڪريم الدين و مير عظيم الدين ڪہ اکنون سليقہ شعر نيک اندوختہ است داخل يادگاران آباد است.

هن مان ظاهر آهي تہ مير عظيم الدين پنهنجي چاچي بزرگ جي حياتي ۾ ئي شاعري شروع ڪري ڏني هئي، مگر اجا اُن ڪماليت کي نہ رسيو هو. جو سندس تذڪرو پنهنجي ڪتاب مقالات الشعراء ۾ ڪري ها.

مير عظيم الدين اجا ننڍو هو تہ سندس والد وفات ڪري ويو. جنهن ڪري سندس تعليم جو باقاعده انتظام ڪونہ ٿي سگهيو. جيئن تہ فتح نامہ ۾ لکي ٿو تہ:

نشد باب تعليم هاذ الصبى
کسى غير باب علوم النبى

يعني تہ منهنجو ٻالجتي ۾ پيغمبر جي علمن کان سواءِ ٻي هنڌ تعليم جو ڪو بہ دروازو ڪو نہ کليو. هي خاندان بنيادي طرح پنهنجي قوت گويائي ۽ شاعري جي ذريعي سنڌ جي حاڪمن وٽ عزت ياب ٿيندو رهندو هو ۽ ٿئو اُن وقت علم و فضل ۽ شعر و شاعري جو گهوارو هو. جنهن ڪري هي صاحب پنهنجي خانداني فن يعني فارسي شاعري ۾ ڪمال حاصل ڪري مير بجار خان جو اُن وقت ڪلهوڙن حاڪمن جي پوئين دور جو هڪ وڏو امير هو. رسائي حاصل ڪئي ۽ مير صاحب هن جو بيحد قدر ڪيو. جنهن جو بيان هيٺين شعرن ۾ فرمائي ٿو:

چه مير جهان قدر افزاءِ قدر
به افزود قدرم به بالائی قدر
نوشته فزودم زمرد و سيم
بدل شد باميد مايوسيم
بصد لطف مى بود غمخوار من
پس از وى غم او بود يارمن

هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير صاحب سندس سامهون، ڪلهوڙن هٿان شهيد ٿيو جنهن کان پوءِ سنڌ ۾ حڪومتي انقلاب آيو ۽ اهو انقلاب مير عظيم الدين پنهنجي اکين سان ڏٺو. جڏهن حڪومت مير فتح علي خان ٽالپر جي نالي تي قرار ورتو تڏهن هي صاحب سندس دربار ۾ پهتو ۽ "فتح نامہ سنڌ" سندس نالي تي لکيائين. مير عظيم الدين "فتح نامہ سنڌ" کان سواءِ "مثنوي سيردل" مثنوي "هير رانجهو" لکيا، جي فارسي ۾ موجود آهن ۽ سندس غزليات جو هڪ ديوان بہ آهي.

فتح نامہ سنڌ 1199هہ ۾ تصنيف ڪيائين "مثنوي سير دل" 1206هہ ۾ ختم ٿي، جنهن جي تاريخ تصنيف غلام علي ملاح ٺٽوي هن ريت ڪڍي آهي:

زهی مثنوی تحفئہ اهل بزم
عجب سیر دل نامه نسخئہ زیبا

1206هہ

هير رانجهو جي سبب تصانيف بابت فرمائي ٿو:

در مقامات عشق رانجهو هیر
فلک حسن را دو نجم منیر
بگذاشته به بزم خسر و سند
میر نامدار فارس و هند
کین سخن نظم تابنده می خواهد
چهره ذکر غاز می خواهد
شاه ما برگزیدهٔ ازلی
گفت با میر ما غلام علی
نظم این ذکر هست کار عظیم
گر کند ذکر هست کار عظیم
شاهه چون این گهر فشانی کرد

صاحب قدر قدردانی کرد
حسب الامر شاه والا شان
خسر و سند نامدار جهان

يعني تہ مير فتح علي خان جي ڪچهري ۾ هير رانجهي جي داستان عشق جو ذڪر نڪتو تہ پاڻ پنهنجي پاءُ مير غلام علي کي حڪم ڪيائون تہ ان قصي کي ڪنهن نئين رنگ ڍنگ ۾ نظم ڪيو وڃي، جنهن لاءِ سيد عظيم الدين وڏيڪ موزون آهي. بادشاهہ جي قدرداني ۽ ارشاد موجب اها مثنوي لکي ويئي ۽ سال 1214هہ ۾ ختم ٿي. جيئن سال تاريخ بابت لکي ٿو:

قصه عشق پاک رانجهن هير
شد ز طبع عظيم نظم پذير
گفت سالش سروش فرخ پئی
قصه عشق هير رانجهو طی

1214هہ

مير صاحبن جي مهرباني سان سيد صاحب جي مالي حالت ڏاڍي بهتر ٿيندي وئي. هن صاحب سن 1208هہ ۾ هڪ عاليشان بنگلو اڏايو جنهن جي تعمير سال لاءِ سندس سؤٽ مير مائل ولد مير قانع ڪيترا قطعا لکيا آهن، جن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا:

چه قصر آنکه مسمی به بنگله کرداند
چه بنگله که بود رشک جنت الماویٰ
عمارتی است معلیٰ به گنبذ عالی
زهی عمارت خوش گنبذ ست نیک نما
برائی سیر عجب سیرگان این قصر است
تو ان نمود بهر لحظه سیر این خوش جا
خصوص در شب مهتاب موسم بارَان

برائی سیر بود گلشن نشاط افزا
دلم به مژده تعمیر این بنائی عظیم
عجب بناء خجسته بگفت سال بنا
1208هه

ایضاً
زهی مکان آنکه عجیب سال تعمیرش
عجب مکان زهی خوب قصر دل فرمود
1208هه

ایضاً
چو هست بنگله میر ما عظیم الدین
عجب مکان عظیم، عجب نشان عظیم
دلم بمژده این خوش مکان عظیم
بگفت سال عزیمش "عجب مکان عظیم"
1208هه

سنڌ جي هن ڪامياب ۽ نامور شاعر جي تاريخ وفات اگرچہ گهڻي ڳولا ڪان پوءِ بہ هٿ نہ آئي، مگر هي تہ ظاهر آهي تہ هو 1166هہ ۾ تولد ٿيو ۽ 1214هہ تائين زنده هو. سندس اولاد ڪونہ آهي. ڪتاب ۽ تصنيفات سيد صابر علي ولد مير مائل ولد مير قانع جي ڪتب خاني ۾ ڏنا ويا، جتان آهستہ آهستہ گم ٿي رهيا آهن.

## 372- سيد محمد زمان رضوي نصرپوري

اصل بکر جو رهاڪو جتان نقل مڪاني ڪري اچي نصرپور ۾ رهيو. نصرپوري جي بکري رضوي سادات جو اهو بزرگ وڏو ڏاڏو آهي. هو هڪ وڏو مشائخ ۽ ڪامل اولياء ٿي گذريو آهي.

مير قانع لکي ٿو تہ اٽڪل ٽيهہ سال ٿيندا تہ انهيءَ قبرستان ۾ جتي دفن ٿيل هو درياءِ سنڌ جي پائيندڙ ٿي. جتان ٻين ساداتن سان گڏ مير محمد

زمان جي نعش کي بہ نقل مڪاني لاءِ کڻيو ويو. ان وقت سندس وفات تي ٻہ سؤ ويهہ (220 سال) گذري چڪا هئا. جيڪي ماڻهو ان وقت موجود هئا، تن جو چوڻ آهي تہ ايڏي عرصي گذرڻ کان پوءِ بہ سندس جسم بلڪل صحيح سالم هو ۽ سندس پاسي کان تازن انگورن جو ڇڳو رکيل هو جن کي اتي وارن اراتمندن پاڻ ۾ تقسيم ڪري کائي ڇڏيو. هن بزرگ جون ڪرامتون ايتريون گهڻيون آهن جو شمار ڪري نہ ٿيون سگهجن. سال 950 هجري ۾ هن دارفاني مان رحلت فرمائي هئائين. (تحفة الڪرام)

# 373- شيخ نوح بکري

مخدوم نوح سنڌ جي ڪامل ولين ۽ بزرگن مان ٿي گذريو آهي. هو سڌو سنئون شيخ شهاب الدين سهروردي جو خليفو ۽ مريد آهي. هو بغداد مان سڌو "فرستہ سنڌ" سنڌ جي شهر، جنهن کي هاڻي بکر سڏيو وڃي ٿو اچي مقيم ٿيو.

چون ٿا، جڏهن شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني پنهنجي مرشد شيخ شهاب الدين سهرودي وٽان، سنڌ ڏانهن روانگي جي اجازت وٺي روانو ٿيو تڏهن شيخ سهروردي فرمايس تہ اسان جي خليفن مان هڪ وڏو بزرگ "فرستہ سنڌ" رهي ٿو ان سان ضرور وڃي ملاقات ڪج. ڇو تہ هو پنهنجي ڪماليت پاڻ سان کنيو آيو هو. مون وٽ فقط پنهنجي ڏيٽي لاءِ روشني اچي حاصل ڪئي هئائين، ٿيو ڇا جو شيخ بهاءُ الدين زڪريا ملتاني جڏهن بکر (فرستہ) ۾ پهتو تڏهن شيخ نوح پنهنجي حياتي جي ڪشتي بهشت جي جوديءَ ڏانهن ڪاهي چڪو هو. يعني هن دنيا مان وفات ڪري ويو هو.
(تحفة الڪرام)

مخدوم نوح بکري 27 رجب سن 635هہ ۾ وفات ڪئي ۽ بکر جي جزيره ۾ دفن ڪيو ويو. هن وقت تائين سندس مقبرو مشهور آهي. ريل جي رستي جي لڳو لڳ هڪ گنبذ ۾ آراميل آهي. چون ٿا تہ هو صديقي نسل جو شيخ شهاب الدين سهروردي جي عزيزن مان آهي. والله اعلم.

# 374- مخدوم جلال محمد ڪڪرالي

ڪڪرالہ جو علائقو جهوني جغرافي ۾ هاڻوڪي شاهبندر ڊويزن کي سڏيو ويندو هو جو ڪراچي ضلعي جي سمنڊ واري ڪناري سان لاڳو پرڳڻو آهي. انهيءَ علائقي ۾ ڪيترائي اولياءِ ۽ عالم فاضل آدمي ٿي گذريا آهن. جن مان مخدوم محمد جلال پڻ آهي. هي هڪ وڏو عالم دنيا جي عجائبات مان هو. جهڙو تحرير جو مالڪ هو تهڙو تقرير جو. نجوم جي علم ۾ وڏو علامہ ۽ طب ۾ بقراط اول ۽ بو علي ثاني هو. ٺٽي جو نامور عالم مخدوم محمد معين ڪيس حد کان وڌيڪ ٻين عالمن تي فوقيت ڏيندو هو. ان هوندي بہ ايڏي سادي زندگي گذاريندو هو جيئن باقي ٻيا ماڻهو گذاريندا هئا. هن ڪڏهن بہ دولت مندن ڏانهن رجوع نہ ڪيو ۽ فقر فاقي ۽ قناعت جي زندگي گذاريندو رهيو. اٽڪل سن 1175هہ ۾ وفات ڪري ويو. (تحفة الڪرام)

# 375- عبدالباقي متعلويٰ

عالم واعظ اهل الله نقشبندي طريقي جو صوفي بزرگ هو. تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو تہ:

"از فيض يا باب ميان ابوالقاسم نقشبندی تتوی است"

مرغوب الاحباب ۾ آهي، تہ مخدوم ابوالقاسم ٺٽوي جڏهن سرهند شريف وڃي رهيو هو تڏهن مٽيارين مان اچي لانگهائو ٿيو جتي ميان عبدالباقي واعظ جي ساڻس ملاقات ٿي ۽ فيض حاصل ڪيائين. ميان عبدالباقي ساڻس سفر ۾ هلڻ جي استدعا ڪئي، مگر مخدوم ابوالقاسم انڪار ڪندي فرمايو تہ اوهان تمام پيڙا ٿي ويا آهيو تنهنڪري اتي رهيا پيا هجو. چون ٿا تہ هن بزرگ کي هميشہ حضور رسول ڪريم ﷺ جو حضور حاصل ٿيندو هو ۽ جڏهن بہ وعظ جي مجلس ڪندو هو تہ ان ۾ پهريان ڪشف جي ذريعي، حضور رسول الله ﷺ جي روح پاڪ کان اجازت حاصل ڪري پوءِ وعظ شروع ڪندو هو.

هڪ دفعي جو واقعو جو سيد عالي متعلوي کي سندس پيڻ معصومہ عرض ڪيو تہ اسان جي صحيح نسب سيد هجڻ لاءِ ڪو پڪو

دليل گهرجي ته تسلي ٿئي. سيد صاحب فرمايو ته توکي پاڻيهي تسلي ٿي ويندي، رات جي وقت خواب ۾ سيد صاحب کي حضرت پيغمبر جو ديدار نصيب ٿيو. ارشاد ٿيس ته گهٻرايو نه صبح جو اوهان جي صحت نسب جي نشاني پاڻيهي ملي ويندي. ٿيو هيئن جو صبح ميان عبدالباقي واعظ هڪ ڏنڊڻ ۽ ورود حاضري ڪٽي سيد عالي جي دروازي تي ڦٽا ڪري چوڻ لڳو ته اجهو هي اوهان جي صحيح نسب هجڻ جي نشاني آهي جو اوهان جي ڏاڏي ﷺ وٽان مون کي ملي آهي ۽ حڪم ٿيو آهي ته اوهان کي پهچائي ڏيان.

ميان عبدالباقي جي مجلس وعظ ۾ هزارين گمراهه سڌي رستي تي ايندا ۽ هدايت پرائيندا رهندا هئا. (تحفة الڪرام)

هي بزرگ 11 صدي جي اوائل ۾ وفات فرمائي ويو.

## 376- محمد روشن ٺٽوي

محمد روشن تخلص ذهين، ٺٽي جي مشهور سخي حاڪم مرزا غازي و قاري جو درٻاري شاعر ۽ سندس مداح هو. مٿس مرزا غازي جون ايتريون مهربانيون هيون، جو جڏهن مرزا هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو تڏهن هو دنيا کان دل برداشته ٿي فقيري اختيار ڪري بي قرار زندگي گذارڻ لڳو. ان کان پوءِ هميشه سير سياحت ۾ رهندو هو ۽ ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي رهي حياتي جا دم پورا ڪيائين. سندس شعر آهي ته:

بذهنی حاصل است در بی نیازی
وقار از درگهه مرزائی غازی

سندس وفات 1009ھ ۾ ٿي. مير قانع لکي ٿو ته جملو "مرد ذهنی" 1009ھ

جو جڏهن حساب لڳايم ته سواءِ ڪنهن گهاٽي واڌي جي سندس وفات جو سال حاصل ٿيم. (مقالات الشعراء)

## 377- مير هاشم رضوي نصرپوري

سيد محمد زمان بکري رضوي جي اولاد مان سندس سجاده نشين عارف ڪامل ۽ صوفي مڪمل هو. پڙرين ڪرامتن ۽ ڪليل آيتن جو مالڪ

هو. ٺٽي جو مشهور شاعر محمد حسين شوقي سندس مريدن مان آهي. پنهنجي مثنوي "نغمات شوقي" ۾ شاهه صاحب جي گهڻي صفت ۽ ثنا ڪئي اٿس. تصوف ۽ تحقيق ۾ سندس ڪيترا غزل ۽ نظمون چيل آهن. وقت جو عمدو صوفي شاعر هو. ڪلام ۾ رضوي تخلص ڪندو هو. مقالات واري سندس هڪ غزل نموني طور آندو آهي، جو هيٺ ڏجي ٿو:

دلبر من چون بناز جلوه فشانی کند
مرغ دلم در قفس گرم غنانی کند
پا ز حنا ارغوان چون بکند شاه من
رنگ حنا برکفش پائی گرانی کند
دفتر صبرم چنان پریشان به ناز
آنچ به برگ چمن باد خزانی کند
چون که بغارت شود ترک نصرپور من
عشوه کند تیغ کمین، غمزه سنانی کند
جذبئه عشقش ربود هوش دلم از خرد
کیست که غیر از نگار داد ستانی کند
رو "رضوی" بردرش میر که ناگه نگار
آمده بر تربتت فاتحه خوانی کند

شاهه صاحب جي وفات جو سال معين طرح معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، مگر سندس معاصرين جي مدنظر معلوم ٿئي ٿو تہ هو 12 صدي جي شاعر صوفين مان آهي.

## 278- محمد حسين شوقي ٺٽوي

محمد حسين ولد ملا عبدالرؤف "شوقي" تخلص. ٺٽي جي چوٽي وارن نامور صوفي شاعرن مان ٿي گذريو آهي. گهڻو ڪري شاهجهان آباد (دهلي) ۾ گذاريندو هو. سنڌ جي نامور صوفي مير محمد هاشم رضوي نصرپوري جو مريد ۽ شاهه شڪراللهي ٺٽوي جو دوست هو.

هڪ دفعي ٺٽي جو محتسب (سٽي انسپيڪٽر) مقرر ٿيو. ٻيو دفعو ٺٽي جو صدر مقرر ٿيو. فقيري سان گڏ اميري جو درجو بہ حاصل رهيس. شيخ بهاءُ الدين آملي جي مثنوي "نان حلوا" جي تتبع ۾ مثنوي "نغمات شوقي" سندس يادگار آهي، جنهن ۾ تصوف جي چاشني سان گڏ پنهنجي مرشد ۽ پنهنجي دوست شاهہ شڪر اللهي جي ارادت جو پوري انصاف سان اظهار ڪيو اٿس. ازانسواءِ مثنوي ناز و نياز ۽ ٻيون ڪي مثنويون يادگار ڇڏيون اٿس. تاريخ گوئي ۾ پورو ڪمال حاصل هئس. پنهنجي والد ملا عبدالرؤف جي وفات جو سال هيٺئين آيت مان حاصل ڪيائين:

"يشرب من كاس كان مزاجها كافورا"

1127هہ

سندس غزليات ۽ شعر جي ٻين قسمن جا نمونا بہ يادگار ڇڏيل آهن. سندس هڪ شعر آهي:

آبدار اشک من گر گوهر است
گوشوار گوش او را درخواست

(تحفة الڪرام/مقالات الشعراء)

12 صدي جي رجالن مان آهي. هو تحفة الڪرام جي تصنيف 1181 کان اڳ ۾ وفات ڪري چڪو هو. جيئن تحفہ جي عبارت مان معلوم ٿئي ٿو.

# 379- محمد مقيم شاعر ٺٽوي

هن فاضل شاعر ترخانيہ گهراڻي جي زماني ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو هو ۽ مرزا جاني بيگ سنڌ جي پوئين حاڪم جي درباري شاعر جو عهدو حاصل ڪيائين. جڏهن مرزا جاني بيگ تي مرزا عبدالرحيم خان خانان ڪامياب ٿيو ۽ جاني بيگ کي گرفتار ڪري ٺٽي مان مغل اعظم اڪبر جي دربار ۾ وٺي ويا، تڏهن مرزا جاني سان سندس اهل عيال سميت جيڪي بہ خاص ماڻهو ساڻي هئا، تن ۾ محمد مقيم شاعر بہ هو.

مرزا جي مرضي هوندي هئي ته محمد مقيم کي اڪبر اعظم جي دربار ۾ پهچائي، مگر اهڙو موقعو ئي ڪونه مليو ٿي. هڪ دفعي بادشاهه جي ڪچهري ۾ مرزا جاني بيگ سنڌي گويا پيش ڪيا جن سنڌي زبان ۾ عمر مارئي جي سر مان ڳايو ٿي. بادشاهه فرمايو ته عمر مارئي سنڌي قصي جي حقيقت ڇا آهي. مرزا عرض ڪيو ته مقيم شاعر کي جيڪڏهن ملاقات جو شرف حاصل ٿئي ته اهو ان قصي کان پورو خبردار به آهي ۽ پوري طرح بيان ڪري سگهي ٿو. مگر بادشاهه ان ڳالهه تي پورو توجهه نه ڏنو جنهن ڪري اڪبر اعظم جي ڪچهري ۾ پهچڻ کان محروم رهجي ويو.

محمد مقيم مومل مينڌري جي ڪهاڻي فارسي ۾ نظم ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي "ترنم عشق". هو سنڌي فارسي ٻنهين زبانن جو شاعر هو. سندس فارسي شعر آهي:

سخن مدان که بخائيدن دولب زائد

سخن همان است اندر ڪتابها پايد

مرزا جاني ۽ اڪبر عظم جي هممصر هجڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته 10 صدي هجري جي آخر ۽ 11 صدي جي اوائل وارن سنڌي شاعرن مان آهي.

# 380- شيخ عبدالسبحان ٺٽوي

عبدالسبحان فائز تخلص ٺٽي جي اهلڪارن ۽ عملدارن مان ٿي گذريو آهي. هن جي شاعري سموري ظرافت آميز ۽ هجو واري هوندي هئي، جنهن ڪري ماڻهو سندس ڪلام کي ياد ئي ڪو نه ڪندا هئا. هو بلڪل بديهه گو يعني جهٽ پٽ شعر چوندڙ ۽ ڏاڍو بذله سنج ۽ مسخرو هو. ڪوبه ماڻهو سندس هجو گوئي کان ڇٽل ڪونه رهندو هو. سندس بذله گوئي شاعري جي لطف ۽ لذت کان بلڪل خالي رهندي هئي.

هندي ۽ فارسي ۾ تمام گهڻا شعر لکيا اٿس. اهل بيت جا مناقب ۽ مرثيا به چيا اٿس ۽ مدح ۽ مولودن ۾ به شهرت جو مالڪ آهي. ٺٽي جي گلا ۾ به هڪ ڏگهو قصيدو لکيو اٿس، جنهن جو هتي اُتارڻ مناسب نه آهي. حاصل

ڪلام تہ عبدالسبحان هڪ سنجيده ۽ خوش وضع ماڻهو هو ۽ شهر جي حاڪمن وٽ چڱي رسائي هئس.

سندس هجو جو نمونو ڪجهہ هيٺ ڏجي ٿو. هڪ وڏي ماڻهو جي هجو ۾ لکيو اٿس:

تشنگی بس که در نهان دارد

میخورد خان ما ز همه پیش آب

يعني تہ اسان جي خان صاحب کي ڏاڍي اُڃ رهي ٿي، جنهن ڪري سيني جو پيشاب پئي ٿو. "پيش آب" لفظ جي ٻئي معنيٰ آهي سيني جي سامهون پاڻي پئي ٿو. يعني تہ ساڳي لفظ پيش آب جون ٻہ معنائون وٺي سگهجن ٿيون.

ٺٽي جي شيخ الاسلام ميرڪ محمد احسن هڪ وڏي عام دعوت ڪئي هئي، جنهن ۾ هڪ سيد ڪلب علي دعوت کان رهجي ويو هو جنهن تي عبدالسبحان جهٽ پٽ هڪ شعر چيو تہ:

هندو مسلمين ز خوان تو سير

استخوانی نيافت کلب علی

عبدالسبحان 15 رمضان سن 1171 هجري ۾ رحمت سبحاني کي وڃي پهتو.

# 381- مير محمد شفيع رضوي ٺٽوي

سيد محمد شفيع رضوي بکري، سيد محمد يوسف مهدوي بکري ٺٽوي جي اولاد مان امير باتوقير ۽ اهل قلم شهيد ٿي گذريو آهي. مغليہ دربار مان ڪيس پهريان لطف علي خان جو لقب حاصل ٿيو ۽ ان کان پوءِ شجاعت علي جي خطاب سان سرفراز ٿيو.

شروعات جي تعليم ٺٽي مان حاصل ڪري وڏي ڪماليت جي درجي کي پهتو ۽ حڪومت ۾ پوري طرح رسوخ حاصل ڪري ورتائين. سلطان فرخ سير جي زماني ۾ جڏهن ٺٽي جو گورنر عطر خان ولد نواب سيد خان چنگيزي مقرر ٿي آيو تڏهن ڏنو ويو تہ هو ملڪ راني جو اهل ثابت نہ

ٿيو. دربار شاهي ۾ شڪايتون پهچڻ لڳيون، جنهن تي مير لطف علي خان کي مقرر ڪيو ويو تہ عطر خان کان چارج وٺي، گورنر جا اختيارات پنهنجي قبضي ۾ آڻي، مگر عطر خان انڪار ڪيو.

لطف علي خان هڪ وڏو جري ۽ بهادر مرد هو جنهن عطر خان سان جنگ جوٺي، هڪ سال اندر ڪيس گهيري ۾ سوگهو ڪيو هو. ان کان پوءِ عطر خان جنگ جي ميدان ۾ قتل ٿي ويو ۽ ٺٽي جي حڪومت بالاستقلال مير لطف علي خان جي قبضي ۾ آئي. جيتوڻيڪ مير لطف علي خان 1125هہ ۾ حڪومت جو مالڪ ٿي چڪو هو مگر 1127هہ ۾ عطر خان جي قتل کان پوءِ هن جو ڪوبہ مقابل يا حريف باقي ڪونہ بچيو. انهيءَ زماني ۾ شاهي دربار مان ڪيس ”شجاعت خان“ جو خطاب عطا ٿيو هو. آخر سال 1128هجري ۾ دهلي دربار مان ڪيس معزول ٿيڻ جو پروانو پهتو. ان کان پوءِ بہ سرڪار پاران وڏن وڏن عهدن تي مقرر ٿيندو رهيو ۽ عزت، آبرو جي حياتي گذاريندو رهيو. هو وڏو بهادر هو. جنهن ڪري ڪنهن کي مجال نہ هوندي هئي تہ سندس سامهون ”مڇن کي وٽ ڏئي“ آڪڙ ڪري هلي. ان سان گڏ ڏاڍو متواضع، حليم ۽ بردبار طبع هو ۽ سليم الطبع غريب نواز هو. شعر شاعري ۾ وڏي دسترس هئس. نظم کان سواءِ نثر ۾ بہ ڪماليت جو مالڪ هو.

ٺٽي جو مشهور ۽ بي مثال شاعر محمد حسن سندس شاگرد ۽ تربيت يافتہ هو ۽ سندس خدمت ۾ رهي هن ڪماليت حاصل ڪئي هئي. شعر ۾ همت تخلص ڪندو هو. هڪ دفعي سندس حقو ڀڳي پيو جنهن ڪري نقاش ڏانهن مرمت لاءِ موڪليائين، مگر هن دير ڪئي. جنهن ڪري پنهنجي هڪ دوست ڏانهن حقي بابت هڪ خط لکيائين جنهن مان سندس فارسي نثر نويسي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

”حقه تمباکو که در طریقت صوفیه طوطی دست آموز طراز گاه عرفان بود و در حلقه صوفیان صفا کیش بذکر خفی و جلی دم کشی می نمود از دست مرید بی وقوف خفتی کشیده، از پا افتاده، بر زمین غلطیده بی عصا و امانده، شانه و عمامه از دست داده، آبرو ریخته سربسته انداخت چون جن گرفته گنگ گشت ناچار حواله نقاش

ڪهنه ڪار شده ڪه اصلاح حالش نمايد آن سر حلقه سلسله نقشبندان آن رياضت ڪيش را در حجره خانقاه وعده خلافی چندين اربعين گذشته برنمی آرد چوب چوبدار می خواهد"

نظم جو نمونو:

لاله گونی می شود گويا ز اشک خونيم
بسکه دارم داغ پنداری که دا غستانيم
رونگر دانم من از تيغ جفائی دشمنان
همچو اسماعيل در کوئی تو من قربانيم
که بود پروائر از دست هياً داند هر
يونسم در دهر، اما در دهان ماهيم
هستم اکنون از غلامان علی مرتضیٰ
در لقب لطف علی بنوشت در پيشانيم

تمام گهڻو اولاد ڇڏي ٻڍاپڻ جي زماني ڪي رسي 1144 هجري ۾ هن دنيا مان گذري ويو. محمد محسن شاعر هن فقري مان سندس سال وفات ڪڍيو آهي.

"ادخله فی الجنات بلاحساب"

1144هجري

(مقالات الشعراء/تحفة الڪرام)

## 382- ملا جلال ٺٽوي

ملا جلال تخلص "راعي" مرزا جاني بيگ ٺٽي جي درٻاري شاعرن ۽ اميرن مان هڪ فضل علم وارو بزرگ هو. مرزا جي مدح ۾ هڪ قصيدو چيائين، جنهن مان ڪجهه شعر هيٺئين ريت آهن:

زهی ز عدل تو آسوده خلق رحمانی
حلول کرده بدلهائی خلق چون جانی
ز بس نوال و کرم عقل خيره گرويده
نداند آنکه بگويد تو بحر يا کانی

بدست تربيت "راعی" آن چنانه باليد
که رفته رفته نهند پا به تخت سلطانی

مرزا کي پويون مصرعو ناپسند آيو جنهن ڪري مرزا جي عنايت وارين نظرن کان ڪري پيو. ان جو شاعر جي طبع تي ايڏو صدمو رسيو جو زهر کائي آپ گهات ڪري غيرت کان جند ڇڏايائين. سندس فرزند جمال محمد نالي جو اهو پڻ شاعر قاب"راهي" تخلص ڪندو هو. تنهن پنهنجي والد جي تاريخ وفات هيٺئين مصرع مان حاصل ڪئي:

"کرد جان را وقف ننگ و آبرو"

1000 هجري

تمت تمام شد. جلد رابع، مسوده ڪتاب "مشاهير سنڌ" بعونہ تعالیٰ. بوقت ظهر مورخہ يڪم ماه شعبان المعظم 1367 هجري، مطابق 9 جون 1948ع، بقام ڪراچي گاڙي خاطہ

عبددين.محمد وفائي

## 383- شيخ مسعود سنڌي

شيخ فاضل عمادالدين مسعود بن شيبة بن حسين سنڌي، جنهن جو سرڪاري طرح "شيخ الاسلام" لقب هو. هو حنفي مذهب جو وڏو فقيہ عالم مصنف ٿي گذريو آهي. ملا علي قاري پنهنجي ڪتاب آثارالجنة ۾ لکي ٿو تہ سندس تصنيفات مان طبقات الحنفية ۽ ڪتاب التعليم مشهور آهن.

(نزهة الخواطر)

ڪتاب التعليم جو هڪ نسخو مصر ۾ موجود آهي. باقي طبقات الحنفية ناياب آهي. نزهة الخواطر جي مصنف سيد عبدالحي لکنوي کيس 8 صدي هجري جي رجالن ۾ آندو آهي.

## 384- قاضي محمد حسين ٺٽوي

محمد حسين بن قاضي علي محمد بن قاضي شيخ فريد بن قاضي شيخ محمد اُچ ٺٽوي خانداني قاضيءَ تي رهيا آهن. سندس وڏو بزرگ شيخ

محمد سيد محمد مهدي جونپوري جو مريد هو ۽ مرزا شهه بيگ ۽ مرزا حسن بيگ ارغون جي زماني ۾ ٺٽي جو قاضي مقرر ٿيو. جنهن جو بيان ڪنهن ٻئي هنڌ ڪيو ويو آهي.

قاضي محمد حسين پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ قضا جو منصب سنڀاليو ۽ اهو زمانو حضرت محي الدين عالمگير جي سلطنت جو هو.

مير قانع لکي ٿو ته:

”در کمال بزرگی و فرط سترگی اوقات برکات بانقضا رسانيده“

سندس قضا واري زماني جو هڪ واقعو آهي ته سن 1099هه ۾ سلطان عالمگير پاران نواب مريد خان، نومسلم ٺٽي جو گورنر مقرر ٿي، شهر ۾ پهچي رهيو هو. ساڻس ڪيترا هزار راجپوت سفر ۾ ساڻ هئا. جڏهن شهر جي دروازي تي پهتا تڏهن معلوم ٿين ته گورنر جي محلات تائين پهچڻ واري رستي ۾ ”وڏي گوشت“ جي قاساين جي بازار اچي رهي هئي. مريد خان راجپوتن جو خيال رکي، قاضي محمد حسين کي چورائي موڪليو ته بهتر هيئن آهي ته فقط اجوڪو ڏينهن وڏي گوشت جي بازار کي بند ڪرايو. هن لاءِ ته متان هندو راجپوتن کي اها ڳالهه گران گذري ۽ ڪو فساد جهيڙو ٿي پوي. مگر جنهن صورت ۾ ملڪ اندر عالمگيري انتظام اهڙو رکيل آهي جو ڪنهن به وڏي کان وڏي ماڻهو جو ڊيڄارڻ ۽ خوفزده ڪرڻ جي ماڻهو پرواهه نه ڪندا هئا. تنهنڪري قاضي محمد حسينؒ، مريد خان حاڪم جي پرواهه نه ڪندي رات و رات ڪاساين کي چورائي موڪليو ته صبح جو هميشه کان به وڌيڪ ڳئون ذبح ڪري، بازار ۾ وڪري لاءِ آڻي رکجو. گورنر کي اها ڳالهه معلوم ٿي وئي ته قاضي نه فقط حڪم نه مڃيو پر ان جي سختي سان مخالفت به ڪئي آهي، مگر بادشاهه جي انتظام ۽ گرفت جو خيال رکي، چپ رهجي ويو ۽ بادل ناخواسته پنهنجي فوج سميت اڳوڻن حاڪمن جي رسم موجب اتان ئي ڪيس لنگهڻو پيو. مريد خان به سال ٺٽي ۾ رهيو مگر سندس هندو لشڪرين شهر وارن کي ڏاڍو ايذاءُ ۽ تڪليف پهچائي، جنهن ڪري شهر وارن بادشاهه کي عريضو لکيو. قاضي صاحب جو انهيءَ سموري معاملي ۾ هٿ هو.

بادشاهہ دين پناهہ حڪم موڪليو تہ مريد خان جا هيئان نقطا مٽي ڪري (مرتد خان بڻائي) کيس موتوف ڪيو وڃي ٿو. جنهن ڪانپوءِ هو ٺٽي جي قلعي تغلق آباد ۾ رهيو پيو هو جو کيس اکين ۾ درد هو ۽ اتان جي آب و هوا کيس موافق ٿيندڙ هئي. بادشاهہ کيس تيستائين شهر مان نڪرڻ جو حڪم نہ ڏنو جيستائين دهلي مان نواب زبردست خان ٺٽي ۾ پهتو. ان کان پوءِ مريد خان کي واپس گهرايو ويو. (تحفة الڪرام، ٿوري ڦير گهير سان)

قاضي محمد حسين صاحب سلطان عالمگير جي زماني ۾ ٺٽي اکين کان نابين ٿي پيو هو ۽ سندس حياتي ۾ ئي سرڪاري طرح سندس فرزند محمد يحيٰ کي قضا جي منصب تي مقرر ڪيو ويو. قاضي صاحب سن 1103هہ ۾ وفات ڪري ويو.

## 385۔ محمد محسن شاعر ٺٽوي

محمد محسن ولد نور محمد ولد محمد يعقوب پاٽولي. سندس وڏا ريشم فروشي جو ڌنڌو ڪندا هئا. هي ٻارڙو جڏهن هوش ۾ آيو تڏهن مڪتب ۾ داخل ٿيڻ وقت، تعليم وٺڻ واري زماني ۾ ئي شعر و شاعري ڏانهن سندس توجهہ ٿيندو رهيو ۽ اجا ڪجهہ وڏو ٿيو تہ رنگين طبعي وارو جوهر ظاهر ٿيڻ لڳو. اڳتي ٺٽي جي گورنر سيد مير لطف علي خان رضوي بکري جي صحبت ۾ رهي، سندس طبع پنهنجو اصلي جوهر ڏيکارڻ لڳي. مير صاحب پاڻ هڪ وڏو شاعر هو ۽ شعر و سخن جو چرچو سندس مجلس ۾ رهندو ايندو هو. جنهن ڪري محسن جو مزاج شگفتہ بڻجندو ويو. انهيءَ زماني ۾ آقا محمد شيخا تخلص مقبل اصفهاني ٺٽي ۾ اچي مقيم ٿيو. هو هڪ محب اهل بيت ۽ اهل زبان شاعر هو. محسن سندس خدمت ۾ پهچي ڪانئس سخن جي اصلاح ڪرائيندو رهيو. آخر محسن جو درجو ايڏو بلند ٿيو جو مير قانع لکي ٿو تہ:

”در تته باين کمال شاعری و لطافت سخن و ملاحت کلا الخ“

يعني تہ ٺٽي ۾ ايڏي شاعري ۾ ايڏي ڪماليت ۽ پاڪيزه سخن ۽ لطافت ڪلام وارو شاعر پيدا ڪونہ ٿيو. هندي تمثيل ۽ شاعرانہ مناسبتن کي ايراني ۽ هندوستاني استادن جي رنگ ۾ رواج ڏيارئين لکي ٿو تہ:

"در ملک بيقدر واقع شده، والا سخنش سزاوار زيب مجلس امرا است"

يعني ته بيقدري ملڪ ۾ پيدا ٿيو نه ته سندس سخن اميرن جي مجلس لائق آهي. سندس حياتي ۾، سندس ڪلام سموري ملڪ ۾ پکڙجي ويو. جيڪو به علمي ذوق وارو ننڍي ۾ آيو ٿي ۽ سندس ڪلام کان واقف ٿيو ٿي ته "ديوان محسن" کي ڏاڍي شوق سان نقل ڪرائي ويندو هو.

هندستان مان جيڪي به ننڍي ۾ حاڪم مقرر ٿي ايندا هئا ته محسن جي ڏاڍي رعايت ۽ ادب ڪندا رهندا هئا. خصوصاً ننڍي جي بلڪل پوئين حاڪم نواب صادق علي خان صاحب سان سندس گهاٽا لاڳاپا هئا ۽ سفر حضر ۾ سندس معيت ۾ رهندو هو ۽ ان جي شان ۾ ڪي قصيدا به لکيا اٿس.

سموري زندگي شاعرانه وضع ۾ رهيو. سندس صحبتون فيض ۽ فائدي کان خالي نه هونديون هيون. سموري زندگي سرشار ۽ سرخوش گذاريندو هو. جڏهن 1149هه ۾ دهلي جو تصرف سنڌ تان ختم ٿي، ننڍو ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حوالي ٿيو تڏهن محمد محسن شاعر جو ميان صاحب سان تعلق ٿيو ۽ کيس 8 آنا روزينو مقرر ڪري ڏنو ويو. جنهن مان پنهنجو گذران ڪندو رهندو هو.

هڪ دفعي ميان نور محمد مرحوم ڏانهن قصيدو لکي روانو ڪيائين. جنهن ۾ کيس خطاب ڪري ٿو:

اقبال چاکر فلک از راه کينه ام
سرگشته بهر درانه که نموده ست همچو آس
از بسکه گشته ست مجز کتاب دل
از خاطرم گشته شيرازه حواس
گر نيستم چو طالب و عرفی درين زمان
دارم سخن بسی و ندارم سخن شناس

جنهن زماني ۾ ميان صاحب پاران ننڍي جو ناظم شيخ شڪرالله (وفات 1164هه) هو. ان وقت ميان نور محمد هيٺيون مصرع طرحي ناظم ڏانهن ننڍي موڪليو ته ان تي پهريون مصرعو لڳايو وڃي.

مصرع: سيه چشمی ز هند آورد پيغام رهه آهو

ناظم صاحب محسن شاعر کي گهرائي مصرعہ سامهون رکيو جنهن تي شاعر في البديهہ فرمايو تہ:

نگه از زلف مشکين تو شد دام رم آهو
سيه چشم ز هند آورد پيغام رم آهو
باين وحشت نگاهی چشم الفت از تو می دارم
بود آغاز رمهای تو انجام رم آهو
زمين را چشم حيرت باز شد بهر تماشائی
بصحرا نقش پائی نه نشست از گام رم آهو

محسن شاعر جي چوڌاري شاگردن جو بہ وڏو حلقو هوندو هو. جن ۾ ڪي ايراني نوجوان، سخن سنج ۽ سخن فهم بہ هوندا هئا. آقا زڪي ڪرماني جو نادر شاهہ جي زماني ۾ سنڌ ۾ پهتو ۽ ٺٽي ۾ اچي مقيم ٿيو ان جون ٺٽي جي شاعرن سان ملاقاتون ٿينديون هيون. ان کان پوءِ جڏهن خدا آباد اچي رهيو تڏهن هميشہ پنهنجا شعر ۽ مضمون، جيڪي ٺيڪ نظم ۾ نہ بيهاري سگهندو هو اُهي محسن ڏانهن موڪليندو هو تہ درست ڪري موڪلي يا مرگوئي پاڻ لکي زڪي جي نالي موڪلي. جنهن تي محسن وڏا داستان ۽ مثنويون لکي موڪليندو هو ۽ زڪي ايراني پنهنجي نالي پيش ڪندو هو.

مير قانع لکي ٿو تہ:

آقا زکی ده باشی کرمانی در عهد نادريه ببلده رسيده با محمد محسن شاعر تته خيلی ميجوشيد. بعد ازان که از تته بخدا آباد رفت. اکثر فرمايش شعر به محمد محسن مذکور می نمود در معانی و مطالب چندين که از خودش خاطر خواه سر برنمی زد از طبع مومی اليه التقاط می کرد تا بنامش داستانها و مثنويها گفته می فرستاد. فقير ازان جمله چند مسوده نزد ميان غلام علی ولد ميان محمد محسن مذکور ديده ام" (مقالات الشعراء)

ميان نور محمد جي خدمت ۾ هڪ وڏو عالم مولوي محمد جعفر ايراني رهندو هو. ان وقت ايران جو هڪ شاعر سيف الله نالي اچي رهيو، جنهن جو محسن شاعر سان تعلق پيدا ٿيو. هڪ دفعي سيف شاعر پنهنجي رباعي لکي محسن کان داد گهريو ۽ محسن جواب ۾ نظم لکي کيس داد ڏنو ۽ سندس حوصلہ افزائي ڪئي. هن ايراني شاعر تي، ٺٽي جي استاد سخن پاران آفرين ملڻ تي ايڏو اثر ٿيو جو کيس جواب ۾ لکيائين:

مدحم کرده است محسن خلق الله

آن مظهر جامع کمالات الله

من لائق هجو، واو مدح کنند

لاحول ولا قوت الا باالله

محسن شاعر نظم ۾ وڏا وڏا دستان لکيا آهن. سندس تصنيفات مان هيٺيان ڪتاب يادگار آهن، جن مان ڪي ناياب ٿي چڪا آهن ۽ ڪي اڃا موجود آهن.

(1) عقد دروازده گوهر (امامن اهلبيت جي مناقب ۾) (2) حملہ حسيني (جنهن ۾ 12 هزار شعر آهن. حملہ حيدري جي تتبع تي لکيو ويو آهي) (3) ديوان محسن (4) قصائد محسن (5) بياض محک کمال (جنهن ۾ ايران ۽ هندستان جي شاعرن جي ڪلام جو انتخاب آهي. تتبع ۾ سندس غزليات بہ موجود آهن) (6) طرز دانش نظم در بيان ولادت حضرت صاحب الزمان. هو اهل بيت جي واکاڻ ۽ تعريف ۾ ايترو وڌيل آهي جو ظاهربين کيس شيعت ڏانهن نسبت ڪري سگهي ٿو مگر هو حقيقت ۾ اهل سنت جماعت جو پابند شاعر آهي، مگر ايراني اثرات ۽ ٺٽي ۾ وقت بوقت شيعہ عالمن جي آمد رفت ڪري انهيءَ زماني جي شاعري تي مدح ۽ منتقبت اهل بيت جو رنگ چڙهيل هو جنهن ڪري محسن جي ڪلام ۾ اهو رنگ نمايان نظر اچي رهيو آهي. فرمائي ٿو:

به دين احمدی مومن زند لاف

که هم مشرب بود با چشمه صاف

بسني داد چون ابر بهاران
مزاج معتدل با چار ياران

هيڏي وڏي پائي جو فارسي گو سنڌي شاعر 42 سالن جي ڄمار ۾ 20 شوال سن 1163ھ ۾ هن دنيا فاني مان رحلت ڪري دارجاوداني ۾ وڃي آسودو ٿيو. سندس فرزند غلام علي مداح آيت ڪريمہ "ان رحمت الله قريب من المحسنين" مان سال وفات حاصل ڪيو آهي.
1163ھ

## 386- غلام علي مداح ٺٽوي

غلام علي ولد محمد محسن شاعر ٺٽوي، تخلص "مداح" 1145ھ ۾ ٺٽي ۾ تولد ٿيو. سندس والد هڪ سجع مصرع ۾ تيار ڪئي، جنهن مان سندس تاريخ ولادت حاصل ٿئي ٿي. اعني "غلام علي بي بدل باخت".

جڏهن دنيا جي سياه سفيد ۾ تميز ڪرڻ جهڙو ٿيو تڏهن ٺٽي ۾ هڪ طرف پنهنجي والد جي شاعري جي ڌوم ڌنائين، ٻئي طرف سمورو شهر علم ۽ فضيلت وارن سان پرپور هو. شعر سخن جي مشق سان گڏ عربي علومن ڏانهن بہ پورو پورو توجهہ ڪيائين. عربي زبان جو چڱو فاضل عالم ٿيو. شعر شاعري ۾ مير علي شير قانع سان صحبتون رهيس.

مقالات شعراء جي تتمہ مان معلوم ٿئي ٿو تہ مير قانع ۽ ميان مداح جا طرحي مصرعن تي هميشہ طبع آزمايون ٿينديون رهيون آهن. مولوي مداح تمام گهڻو ڪري ميان سرفراز ڪلهوڙي ولد ميان غلام شاهہ وٽ سندس صاحبزادگي جي زماني ۾ رهندو هو ۽ سندس شاعري ۽ ٻين علمن ۾ استاد هو ۽ هڪ باڪمال انسان هو. سندس ڪماليت جو اندزو هيٺئين تاريخي قطعي مان ڪري سگهجي ٿو جو سيد نجم الدين محي الدين ثاني ڪشميري جي فرزند نصيرالدين ابوبڪر جي تولد تي لکي اٿس. اهو سيد صاحب پهريان 1165ھ ۾ ٺٽي ۾ وارد ٿيو هو ۽ هزارين ماڻهو سندس معتقد بڻيا ۽ مريد ٿيا. ان کان پوءِ وري 1168ھ ۾ ٺٽي ۾ حج بيت الله تان موٽندي،

ڪراچي بندر تان پنهنجي پٽ جي تاريخ ولادت تي قطعہ لکي ٽئي جي شاعرن ۾ جذبو پيدا ڪيائين تہ ڪو بيو بہ ان تي طبع آزمائي ڪري.

از دو مصرع و حروف نقطه و بی نقط
محققی در چار تاریخ است بیت منجلی
واقف باب ولایت، گلشن لوح هم
عارف کامل نصیرالدین ابی بکر ولی

هن رباعي جي پوئين مصرعن مان جيڪڏهن هڪ هڪ مصرع جا جدا جدا عدد ورتا ويندا تہ سال تاريخ حاصل ٿيندو. يعني بہ تاريخون ٻن مصرعن مان، اهڙي طرح هر هڪ مصرع جا بي نقط لفظ شمار ڪيا ويندا تہ بہ سال ملندو ۽ نقطن وارن اکرن کي شمار ڪيو ويندو تہ بہ سال حاصل ٿيندو. ان ريت چار تاريخون ملنديون.

انهيءَ قطعہ موڪلڻ کان پوءِ پاڻ بہ ڪراچي مان کهي ٽئي پهتو ۽ مير علي شير قانع کي گهرائي طبع آزمائي لاءِ چيائين. جنهن صاحب 3 شعر لکي 63 تاريخون ان مان ڪڍيون. جن جو جدا بيان ايندو. ميان غلام علي مداح بہ ان جي تتبع ۾ پنهنجي طبع آزمائي فرمائي ۽ قابليت جو جوهر ڏيکاريو. چئن خانن جي دائري ۾ ٻہ بيت لکيائين.جن کي جتان بہ هيٺان مٿان ابتو سبتو پڙهيو وڃي تہ وزن ۾ شعر بہ پورو بيهندو ۽ ماده تاريخ بہ هر پهلو کان حاصل ٿيندو. اهو ٻن شعرن وارو دائرو هي آهي:

اقدم و اعلم اوثق عادل عاقل اکمل پر دلدانا
فائق نامی و اصل اقدس مدرک و اطیب از همه والا
نیک بهادر نافع کامل سید و ارجح موقن اعطی
اعبد اطهر حاکم اکبر اصدق او فی منعم و مولی

مداح ان شعرن جي سمجهاڻي تي هڪ قطعہ لکيو آهي، جنهن ۾ فرمائي ٿو تہ:

بعون حق و احد و اهلبیت
رقم خامه فکر من زد دو بیت

به نعت گل گلشن احترام
شه دين محمد عليه السلام
که از باغ هر مصرع چو ز دم
بابيات شکل مربع رقم
به مجموع هر چار جزء از شمار
عيان گشت تاريخ ای نامدار
بود سال تاريخ ای نکته ور
هزار و صد و شصت و هشت دگر
اگر از يمنش وگر از يسار
بهر خو خواهی بخوان جز و چار
گر از فوق وگر تحت دگر عکس آن
بترتيب با خير ترتيب خوان
به وزن و معنیٰ و تاريخ نيز
خلل نيست در نزد صاحب تميز
ازين نظم دلکش شدم بهره ور
به تبعيت قانع نامور
الاهی با عزاز اهل قبول
نبی و علی و دو سبط و بتول
روا ساز مقصود مداح را
دگر کام هر اصلاح را

مداح جون نظمون ۽ نعتون ۽ قصيدا ۽ غزليات بي شمار آهن. مگر انهي خاندان جي پونئر نہ هجڻ ڪري، اج ناياب نظر اچن ٿا. سندس سال وفات اگرچہ پوري طرح معلوم نہ ٿي سگهيو آهي، مگر مير قانع جي

تصنيفات مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو صاحب تاريخ "تحفة الڪرام" جي تصنيف 1182هہ تائين بہ زنده هو. (والله اعلم باالصواب)

# 387- مرزا شاهہ حسن ارغون

عالم فاضل، بادشاهہ عادل مرزا شاهہ حسن بن مرزا شهہ بيگ بن مرزا ذوالنون ارغون، سندن ڏاڏي جو نسب چنگيز خان ترڪ سان وڃي ملي ٿو. ارغون خان ۾ سندس فرزند غازان خان پهريان اسلام آنداڻون ۽ ان ڪان پوءِ ايران ۾ سلطنت جو بنياد وڌائون ۽ هنن جي اسلام آڻڻ ڪري مغلن جي قوم جو وڏو حصو اسلام ۾ داخل ٿي ويو. مگر ان ڪان پوءِ ستت ئي چنگيزي خاندان جي انهيءَ شاخ مان ايران جي سلطنت نڪري تيموري خاندان جي وڏي ڏانهن منتقل ٿي وئي. مگر ان هوندي بہ تيموري مغلن ۾ ارغوني مغلن جا پاڻ ۾ عزازت ۽ محبت جا تعلقات رهندا آيا ٿي.

جڏهن سلطان ظهيرالدين بابر هرات تي قابض ٿيو تڏهن مرزا شاهہ حسن جو ڏاڏو مرزا ذوالنون ۽ سندس والد شہ بيگ وٽس هئا. ان ڪان پوءِ ڪن اختلافن سبب مرزا شهہ بيگ قنڌار تي اچي قابض ٿيو ۽ ٻن سالن تائين مرزا شاهہ حسن بابر بادشاهہ جي خدمت ۾ ڪابل ۾ رهيو پيو هو. بادشاهہ فرمائيندو هو تہ مرزا شاهہ حسن اسان وٽ نوڪري لاءِ ڪونہ آيو آهي، پر اسان کي بادشاهن جي قاعدن ۽ ادبن سيکارڻ لاءِ آيو آهي.

مرزا شاهہ حسن 866هہ ۾ تولد ٿيو هو. سندس والد هڪ وڏو عالم فاضل هو جنهن ڪري مرزا شاهہ حسن کي بہ ننڍپڻ کان وٺي علم پرائڻ جو ڏاڍو شوق رهندو آيو ٿي. اهو شوق آخر ڄمار تائين قائم رهيس. بادشاهت واري زماني ۾ بہ برابر روزانو سبق وٺندو ۽ مطالعي ڪندو رهندو هو. سندس والد (وفات 928هہ ۾) سنڌ جي حڪومت تي قابض ٿيو. سندس عدل انصاف ۽ علم پروري جو آواز ايران خراسان تائين پهچڻ لڳو. جنهن ڪري جدا جدا ملڪن مان ڪيترائي وڏا وڏا عالم صوفي، سنڌ ۾ پهچي مرزا صاحب جي نوازشات مان مالامال ٿيڻ لڳا. مرزا هڪ وڏو مجاهد ۽ ڪامياب بادشاهہ هو. هڪ طرف ميدان جنگ ۾ رڌل هوندو هو تہ ٻئي طرف عالمن جي مجلس ۾ مشغول رهندو هو.

بادشاهت جي زماني ۾ قاضي ڏتي سيوهاڻي ۽ مخدوم ميران ٺٽوي، شيخ مصلح الدين لاري ۽ علامہ يونس سمرقندي وٽان سبق پڙهندو رهندو هو. جنهن فن ۾ ڪوبہ وڏو عالم يا وڏو ڄاڻو معلوم ٿيندو هئس تہ ان کي گهرائي، وٽانئس حاصل ڪري وٺندو هو. خوبي وري هي بہ هوندي هيس تہ جيڪا تقرير ٻن استادن کان ٻڌندو هو تہ اُها لکي ڇڏيندو هو.

مير محمد معصوم فرمائي ٿو تہ:

باوجود تقلد قلاده حكومت مى خواند، آنرا به فارسى تقرير نموده در قيد كتابت مى آورد و كاتب قريب جزء مرزا مولى اليه بدست خط خود در كتب خانه قاضى دتو سيوستانى درس ايشان تحصيل علم مى نموده ديده بود. شايد تاحال بدست اولاد قاضى مرحوم آن اوراق موجوده باشند (معصومي)

مرزا شہ حسن پنهنجي حڪومت کي تمام وڌائي وسيع بڻائي ڇڏيو هو. هڪ طرف ملتان تي قبضو ڪري ورتائين تہ ٻي طرف کان رياست ڪڇ ڀڄ جو سمورو علائقو سندس قبضي ۾ هو. قنڌار کان وٺي ويندي عربي سمنڊ تائين سندس قبضو هو مگر پوءِ قنڌار ۽ ملتان، سلطان ظهيرالدين بابر کي نذراني طور ڏئي، باقي ملڪ تي قابض رهيو. سندس سلطنت جي سموري قلمرو ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن ماڻهوءَ سان نہ ظلم ٿيو ۽ نہ بي انصافي ٿي. جو ماڻهو جتي هوندو هو سو بيحد آرام سان گذاريندو هو. ٻچپڻ کان وٺي پنهنجي وفات تائين ڪڏهن بہ جنگ يا مقابلي ۾ هن شڪست ڪانہ کاڌي، هميشہ ڪامياب ۽ سوڀارو ٿي سوڀارو رهندو هو.

سڀ کان ڏکيو واقعو جيڪو سندس وقت ۾ تي گذريو سو آهي بادشاهہ همايون جو سنڌ ۾ اچڻ ۽ مرزا جو پريشان ٿيڻ. اگرچہ ارغون گهراڻو همايون جو معتقد ۽ مطيع هو ۽ سندس والد جا گويا خادم هئا ۽ بيحد ادب ڪندا هئا، مگر جڏهن شير شاهہ سوري هندن سان ٻڌي ڪري، دهلي جي تاج ۽ تخت کان بادشاهہ همايون کي محروم ڪرڻ گهريو تہ ان وقت بادشاهہ همايون سان سندس ياٿرن بہ ڏاڍي بيوفائي ۽ بي پرواهي ڪئي، جنهن ڪري

بادشاهہ پريشان ٿي، سنڌ ڏانهن رخ رکيو. مرزا شاهہ حسن پهريان ارادو ڪيو تہ بادشاهہ جي آجيان ڪجي، مگر پوءِ سندس اميرن مشورو ڏنو تہ بادشاهہ شڪست خورده آهي ۽ هن جا امير بہ بيڪار ٿي چڪا آهن ۽ فوج بک مري رهي آهي، تنهنڪري سندس مدد ڪرڻ جي معنيٰ آهي تہ پاڻ لاءِ "سياسي موت" کي سڏڻ. تنهنڪري وقت جي مصلحت موجب بادشاهہ کي ڪنهن بہ طرح ٽاري ڇڏجي.

بادشاهہ رمضان شريف جي 28 تاريخ خميس ڏينهن 947هہ روهڙي ۾ پهچي ويو. پاڻ ٻيرلوءِ جي باغن ۾ حرم سراءِ سميت منزل انداز ٿيو ۽ فوج جنهن جو تعداد بہ لک کن هو سا روهڙي کان وٺي ٻيرلوءِ تائين پکڙيل هئي. رمضان جو آخري جمعو بادشاهہ ٻيرلوءِ ۾ ادا ڪيو ۽ ڏاريجن جي قوم جا ماڻهو سندس خدمت ۾ هزارن جي تعداد ۾ اچي حاضر ٿيا. مگر شہ حسن، بکر کي، سلطان محمود بکري جي حوالي ڪري، پاڻ سيوهڻ مان ٺٽو هليو ويو ۽ بادشاهہ ايلچي موڪلي کيس گهڻو ٺي سمجهايو مگر هو باز نہ آيو. بکر جي علائقي ۾ تمام سخت قحط هو جنهنڪري بادشاهہ دربيلن ۾ پاٽ مان ٿيندو يڪم جمادي الاول 948هہ سيوهڻ پهتو. مگر سيوهڻ جو قلعو بند هو. بادشاهہ گهيرو وڌو ڪاڏي لاءِ داڻو بہ ڪونہ پيو ملي، ڏاڍا تنگ ٿيا. پر ان هوندي بہ پورا ٻہ مهينا گهيرو وجهيو ويٺا هئا. آخر بک کان لاچار ٿي بادشاهہ وري روهڙي موٽي آيو ۽ سلطان محمود بکري ڏانهن قاصد موڪلي اناج جي گهر ڪيائين. محمود اگرچہ مرزا جو ماڻهو هو مگر بادشاهہ جي ادب ڪري 3 سؤ خرار اناج جا بادشاهہ جي گهرو خرچ لاءِ ڏياري موڪليائين. ان وچ ۾ بک کان تنگ ٿي بادشاهہ جو لشڪر سنڌ جي ڳوٺن ۾ چڙهي چڪو هو. ان وچ ۾ شير شاهہ راجپوتانہ جي هڪ راجا سان صلاح ڪري بادشاهہ کي مدد ڏيڻ لاءِ دعوت نامو موڪليو. بادشاهہ روهڙي مان روانو ٿي جيسلمير ۽ جئپور مان ٿيندو اڳتي وڌندو ويو تہ کيس معلوم ٿيو تہ دغا ٿي رهي آهي. آخر اتان موٽندي 949هہ ۾ امرڪوٽ ۾ پهتو. اتان روزانو ٿي جون (بدين) وٽ پهتو. اُنهيءَ زماني ۾ اُتان سنڌ ندي وهندي هئي، جنهن ڪري مرزا شهہ حسن بيگ ارغون اچي سندس اڳ ورتو. آخر گهڻي

چڪتاڻ ڪان پوءِ 950هه ۾ بادشاهه سنڌ جي پچر ڇڏڻ تي راضي ٿيو ۽ مرزا شهه حسن ان کي غنيمت سمجهي، بادشاهه کي هڪ لک گني ۽ 300 سؤ اُٺ ۽ 300 سؤ گهوڙا ۽ ٻيو سامان سفر جو موڪلي، دريا تي پل وجهائي ڏني، جتان بادشاهه جو لشڪر لنگهي، قنڌار ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ ارغون گهراڻي وارا جو برابر ٽي سال سنڌ ۾ بادشاهه جي فوج هجڻ ڪري بيحد پريشان هئا، تن کي هاڻي آرام سان ساهه پٽڻ جو موقعو مليو.

بادشاهه جو قنڌار جي رستي کان ايران ڏانهن اُسهڻ کان پوءِ، بادشاهه جي ننڍي ڀاءُ مرزا ڪامران، حاڪم قنڌار مرزا شاهه حسن کي قاصد موڪلي، سندس نياڻي ڪوچڪ بيگم جو سنگ گهريو. ان کان پوءِ پاڻ 951هه ۾ سنڌ ۾ اچي شادي ڪري، وري ڪابل روانو ٿي ويو.

هن مان ظاهر آهي ته شهه حسن جي، بادشاهه جي مخالف ڀاءُ سان ساز باز هئي، جنهنڪري سنڌ سندس حوالي نه ڪيائين ۽ بادشاهه کي برابر 3 سال پريشان ڪندو رهيو.

تاريخ طاهري واري جو چوڻ آهي ته بادشاهه همايون اُنهن ماڻهن مان هو جن جون دعائون درگاهه خداوندي ۾ قبول پونديون آهن.

بادشاهه جي ناراضگي جو هي نتيجو نڪتو ته مرزا شهه حسن بيگ تي فالج بيماري جو حملو ٿيو هو جنهنڪري ڪيس هڪ هنڌ آرام نه ايندو هو ۽ ٽٽي کان وٺي بکر تائين، ٻيڙي ۾ سوار ٿي درياءَ جي ٿڌي هئا پيو وٺندو هو. جيڪڏهن دريا کان ٻاهر آٿيندا هئا ته بدن ۾ هڪ قسم جي سوزش محسوس ٿيندي هيس. مرزا جي بيڪار ٿيڻ ڪري، حڪومت ۾ ڏاڍو رولو ۽ رگڙو پيدا ٿي ويو. ٽٽي وارن سندس خاص درباري مرزا عيسيٰ ترخان جي بيعت ڪئي ۽ بکر تي سلطان محمود بکري قابض ٿي ويو.

مرزا شهه حسن 11 ربيع الاول 962هه ۾ علي پوٽي پتڻ، تعلقي سيوهڻ وٽ ٻيڙي ۾ وفات ڪري ويو. سندس لاش، ٽٽي ۾ امانت طور دفن ڪري، ان کان پوءِ مڪ معظمه رواني ڪئي وئي جتي جنت المعليٰ ۾ سندس والد جي گنبذ ۾ دفن ٿيو.

مرزا شهہ حسن سموري زندگي ۾ فقط ٻہ نڪاح ڪيا. (1) ماهہ بيگم ڌي مرزا مقيم ارغون جو سندس چاچو هو ۽ ماهہ بيگم سڳي سوٽ هيس، جنهن مان ڪوچڪ بيگم پيدا ٿي، جنهن جو مرزا ڪامران سان نڪاح ٿيو.

(2) گلبرگ بيگم اها نينگري بابر بادشاهہ جي وڏي امير مير خليفہ جي نياڻي هئي. مرزا شهہ حسن هڪ عريضي لکي بادشاهہ کان انهيءَ سنگ جي گهر ڪئي هئي. بادشاهہ اها مائٽي منظور فرمائي بيگم کي سندس ننڍي ڀاءُ حسام الدين سان بکر موڪلي ڏنو ۽ ٻئي طرف کان مرزا جي اڳ ڄائي ڌيءَ ناهيد بيگم جو نڪاح وري مرزا خليفہ جي پٽ محب علي خان سان ڪرايو تہ جيئن مغلن جا پاڻ ۾ لاڳاپا مضبوط رهن.

مگر گلبرگ بيگم ۽ مرزا جو پاڻ ۾ پورو ٺاهہ نہ ٿيو جنهن ڪري ٻن سالن کان پوءِ ڏرين ۾ جدائي ٿي وئي ۽ بيگم صاحبہ هندستان هلي وئي ۽ سنت ئي دهلي ۾ وفات ڪيائين.

مرزا شهہ حسن کي نرينو اولاد ڪونہ هو پر پنهنجو نيڪ نالو ڪافي ڇڏي ويو هو. هو ٻين علمي ۽ عدل، انصاف جي اوصاف سان گڏ عمدو شاعر بہ هو. شعر ۾ "سپاهي" تخلص هوندو هئس. مير معصوم لکي ٿو تہ مان سندس دستخط ڪيترائي شعر ڏٺا. "مقالات الشعرا" ۾ سندس ڪجهہ ڪلام مان ڏنل آهي، جو هيٺ لکجي ٿو:

عشقت که بود مایه ارباب سلامت
از وی نبود حاصل ما جزء به ندامت
ان کس که به تیغ ستم عشق تو میرد
نبود هوس زنده کیش روز قیامت
عمر است که ای سرو خدامند گذشتی
غائب نه شد از دیده من آن قد و قزامت
ای شاهه تو در بارگهه ناز مقیمی
مارا بسر کوی نیاز است قامت

پاءِ بوس سنگت گربه "سپاهی" ندهد دست
تا زنده بود می گزد انگشت ندامت

مرزا جي وفات تي مفتي غلام سرور لاهوري هيٺئين ريت قطعه تاريخ نظم ڪيو آهي:

قطعه

چو منزل گزین شد بخلد برین
ازین دهر بر چید دامان حسین
بصد حسن تاریخ وصلش بگو
امیر جهان تاج احسان حسین

962هه

(فائده) ڪي تاريخ وارا مرزا شهه حسن کي شاهه حسين به لکندا آهن ۽ انهيءَ بنياد تي مفتي غلام سرور مٿئين قطعه ۾ سندس نالو "حسين" ڪري آندو آهي، مگر تحقيق موجب صحيح نالو حسن آهي.

# 388- مولوي عطاءُالله فيروز شاهي

مولانا حاجي عطاءُ الله صاحب چنو فيروز شاهه تعلقه خيرپور ناٿن شاهه ۾ تولد ٿيو. شروع ۾ پنهنجي ڳوٺ واري آخوند صاحب وٽان فارسي پڙهي، ان کان پوءِ موري جي مشهور عالم ميان عبدالرؤف مورائي وٽ وڃي عربي جا ڪتاب شروع ڪيائين. جتي شرح جامي تائين پڙهڻ کان پوءِ پنهنجي استاذ جي اجازت سان اتان روانو ٿي شهدادڪوٽ ۾ ميان مولانا نور محمد ۽ سندس فرزند ڪامل مولانا گل محمد صاحب جي مدرسه ۾ اچي شامل ٿيو. علم جو شوق ايڏو هئس جو موري کان شهدادڪوٽ ويندي درياء ٽپڻ وقت سندس ڳوٺ فيروز شاهه بلڪل ويجهو پيو ٿي، مگر هو ڳوٺ ڏانهن نه لڙيو. تعليم جو شوق کيس سڌو شهدادڪوٽ ڇڪي ويو. شروع ۾ ميان نور محمد وٽان ڪتاب پڙهڻ لڳا، مگر پوءِ سنت ميان صاحب حج جي سفر تي روانو ٿيو ته سموري مدرسي جي شاگردن جي تدريس سندس وڏي فرزند

ميان گل حسن صاحب جي حوالي ٿي،جنهن ڪري مطول تائين ميان گل محمد وٽ پڙهي فارغ ٿيا ۽ ميان نور محمد جي سفر حرمين تان واپسي وقت، دستاربندي ڪري پوءِ پنهنجي وطن ۾ اچي مدرسو قائم ڪيائون. سالن جا سال، سواءِ ڪنهن اُجرت ۽ مزدوري جي درس تدريس ۽ تحرير تقرير جو ڪم ڪندا رهيا ۽ سون جي تعداد ۾ سندس هٿ هيٺ شاگرد فارغ التحصيل ٿي، سنڌ ۾ علمن کي پکيڙيندا رهيا.

سندن وڏن مشهور شاگردن مان مولانا حاجي حامد الله لاڙائي سنڌ ۾ هڪ وڏو نامور عالم فاضل فقيهہ ٿي گذريو آهي. از انسواءِ مولوي محمد صاب آگرو مولوي رضا محمد ڏيرو مولوي محمد ملوڪ ميهڙائي، سيد قطب شاهہ پنجہ مولوي احمد صاحب ڪرمپوري (سيوهڻ)، مولوي محمد اسماعيل سومرو (فيروز شاهي)، مولانا حاجي غلام محمد ملڪاڻي نقشبندي بہ اوائل وقت ۾ وٽن پڙهندو رهيو. ان کان پوءِ حيدرآباد ۾ وڃي مولانا محمد حسن صاحب وٽ فارغ ٿيو. ازانسواءِ ٻيا بہ ڪيترا بزرگ آهن، جن وٽانئس علمي فيض حاصل ڪيو جن مان وڏا نامور فقيهہ ٿي گذريا آهن.

مولانا عطاءُ الله صاحب فارسي زبان جو اعليٰ درجي جو انشا پرداز هو ۽ عربي ادب تي بہ ڪافي عبور هئس. سندس استاذ زاده مولانا غلام صديق صاحب شهدادڪوٽي جو مٿس وڏو اعتماد هوندو هو جنهن ڪري عطاءُ الله جي تحرير کي ٻين وقت جي عالمن کان وڌيڪ ترجيح ڏيندو هو.حضرت مخدوم حاجي حسن الله پاٽائي ۽ مولانا علي محمد مهيري لاڙائي سان سندن تحريري مناظارا ٿي گذريا. وقت جا عالم ڪيترن سوالن حل ڪرائڻ ۾ ڏانهس رجوع ڪندا هئا.

مولانا عطاءُ الله تي ظاهري علم هوندي بہ تصوف جو رنگ غالب ٿيل هو. مثنوي رومي، ديوان حافظ، مڪتوبات امام رباني جو مطالعو ايتريقدر جاري رکيو هئائين جو اهي ڪتاب گويا برزبان ياد هئس.

روهڙي ڏانهن وار مبارڪ جي زيارت لاءِ سال ۾ هڪ دفعو ضرور ويندا هئا ۽ ڪن بزرگن جي مقبرن تي بہ ختمي لاءِ ايندو ويندو هو. پنهنجن استادن جي فتوي موجب جمعي کان پوءِ آخر ظهر جي نماز جو ڏاڍو تاڪيد

ڪندو هو. تصوف يا روحانيت جي غلبي ڪري، آخر ڇمار ۾ گريه تمام گھڻو ڪندو هو. معتقدين جي عرض ڪرڻ تي ڪڏهن ڪڏهن وعظ فرمائيندو هو. سندس هڪ هڪ سخن موتين جهڙو هوندو هو.

مولانا عطاءُ الله پنهنجي زندگي ۾ ٻه نڪاح ڪيا، مگر نرينو اولاد ڪنهن مان به نه ٿيو. هڪ نياڻي تولد ٿي، جنهن جو نڪاح پنهنجي هڪ عزيز شاگرد مولوي عبدالرحمان سان ڪرائي ڇڏيائون. ايترين خوبين ۽ وصفن ۽ علم وارو هي بزرگ 15 رجب سن 1325هه ۾ هن دنيا فاني کان رخصت ٿي هميشه لاءِ وڃي دارجاوداني ۾ آراميو.

(مولانا فيروز شاهي جي هڪ ٻئي شاگرد جي خط جو اختصار آهي).

سندس وفات تي منهنجي دوست مولوي دين محمد صاحب اديب فيروز شاهي جو فارسي ۾ ڏکهو مرثيو اهي، جنهن مان ڪجهه شعر هيٺ ڏنا وڃن ٿا:

اوستاد اوستادان ياد آر
آنکه کردش حق فريد روزگار
آنکه نازد سند بر فضلش بسى
آنکه باغ فضل را فسصل بهار.
آنکه اندر صبغۂ الله منصبغ
آنکه بر شمع سنن پروانه وار
يعنى آن علامه فيروز شاهه
آن عطاءُ الله عطائى كرد گار
جاه دنيا و دين نمودش حق عطا
در ديار دين و دنيا كامگار
ز احتشابش شرع دارد اقتدار
ز انتباششں ورع آرد افتخار

چون ضمیرش چهره اش بد منیر
زین دو معنیَ در جهان او نامدار
درسگاهش بوستان علم و فضل
طالبانش نغمه سنجان چون هزار
از حدیث و فقه و تفسیر کتاب
کرد جاری خوب انهار و بهار
وقف کرده عمر خود در نشر علم
علم را دادن فروغش شاهکار
طرز تحریرش بدیع و دلفریب
دام تقریرش کند دانا شکار
منشاتش خوب رنگین و بدیع
در بلاغت بی نظیر روزگار
دست درکارش دل در ذکر یار
خلوت اندر انجمن بودش شعار
از بیان من کمالات اش فزون
می ندانم گفت هم یک از هزار
بود ام ده ساله وقت وصل او
درسه پنجه (53) شد کنونم روزگار
منظر جان بخش او پیشم هنوز
تازه تر شد، می شوم زان اشکبار
عمر او باشد ادیبا شصت سال
از ره تخمین نمودم این شمار

بود چون مشغول ذکر و تذکره
بهر وصلش "تذکره" دان یادگار
1325
از ریاض خلد حق! گورش نما
مهبط انوار گردانش مزار

هي قصيدو 70 شعرن تي مشتمل آهي، جنهن مان مٿيان اشعار منتخب ڪري درج ڪيا وڃن ٿا.

## 389- مخدوم ابراهيم پيٽي هالائي

صوفي مخدوم محمد ابراهيم تخلص خليل مخدوم احمد پيٽي جي اولاد مان هڪ نامور بزرگ ٿي گذريو آهي.

سنڌي فارسي زبان جو عمدو شاعر ۽ پوئين وقت جي شاعرن ۾ هڪ نامور شاعر ٿي گذريو آهي. علم، فضل ۽ تصوف ۾ ڏاڍو ماهر ۽ وقت جو معتقد عليہ بزرگ هو. نظم کان سواءِ سنڌي نثر نويس بہ هڪ ٿي هو. اردو ۾ هڪ "نشتر" نالي ناول پنهنجي زبان ۾ واقعي جي صحت جي لحاظ کان عجيب شي آهي،جنهن جو سنڌي ۾ مخدوم صاحب ترجمو ڪيو ۽ ان وقت جي سنڌي دانن سندس داد ڏنو.

مرحوم سيد اسد الله ٽڪڙائي، قاضي هدايت الله متعلوي، رئيس شمس الدين بلبل ۽ ٻين وقت جي فاضلن، شاعرن سان طرحي مصرعن تي سندس شعربازي يا مشاعرا رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهند اهئا.

افسوس جو هي بزرگ انسان 4 ربيع الاول 1331هہ جي هن هلندڙ دنيا جي حياتي کان منهن موڙي، هميشہ جي آرام واري حياتي کي ويجي حاصل ڪيو. سندس معاصرين مان جن بزرگن وفات تي قطعات تاريخ لکيا آهن، تن مان ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿا:

### علام فدا ٽڪڙائي

جناب حضرت صوفی محمد ابراهیم
که برد سبقت در فضل و علم از همه اقران

فصیح و فاضل و فائق و فهیم در هر فن
بحسن نظم نظامی و ثانی حسان
شنید چو از حق ارجعی الیٰ ربک
گسست از همه پیوست با خدائی یگان
ببار بارش غفران رحمتش یا رب
بحق سرور عالم شفیع انس و جان
سن وصال مکرم نجیب حق مخدوم
فدا نوشت به لوح مزار او غفران
1331ھ

## ایضاً

فدا سال ترحیل آن محترم
رقم کرد "مخدوم و الاتبار"
1331ھ

## از شمس الدین بلبل مرحوم

چهارم مه ربیع الال از شوق
همین سر الاهی گشت مکتوم
حق وصل آن خلیل حق هاتف
بگفتا مقبره مخدوم مرحوم
1331ھ

## از مرزا قلیچ بیگ مرحوم

ای دریغا محمد ابراهیم
مرد مخدوم صوفی دوران
بچهارم ربیع الاول رفت

سوءِ جنت ز عالم گذران
صحبتش بس که بود روح افزا
دل عالم گداخت از هجران
خواستم سال فوتش از هاتف
در جوابم "بگفت او غفران"
1331ھ

ايضاً

فڪر ڪردم براى سال وفات
آمد آواز درد غم الم
1331ھ

# 390- قاضي شفيع محمد پاٽائي

عالم فاضل شاعر، قاضي شفيع محمد تخلص قاضي بن قاضي احمدي صديقي پاٽائي مخدوم عبدالواحد سيوستاني صاحب البياض جو دخترزادو (ڏھٽو) وقت جو وڏو عالم ۽ صوفي ٿي گذريو آهي. اوائلي ڄمار ۾ علمن جي تحصيل حضرت مخدوم حاجي فضل الله پاٽائي جي خدمت ۾ ڪيائين ۽ ان کان پوءِ نقشبندي طريقي ۾ مخدوم محمد يوسف ڪيناريوالا جو مريد ٿيو ۽ هميشه دين اسلام جي احڪامن جاري ڪرڻ ۽ تبليغ حق جي ڪم ۾ مشغول رهندو هو.

هي بزرگ ديني امورن ۾ ايڏو تشدد پسند هوندو هو جو حق چوڻ ۾ ڪنهن به طاقت يا قوت کان نه ڊڄندو هو. جيڪي به صحيح صحيح سمجهندو هو، سو چئي ڏيندو هو.

مون سان منهنجي استاذ مخدوم حاجي حسن الله پاٽائي بيان ڪيو ته انگريزن جي اوائل حڪومت واري زماني ۾ قاضي شفيع محمد جي نوجواني جو زمانو هو ۽ خيرپور ناٿن شاهه تعلقي ۾ سندس زمينداري هئي. جڏهن وٽس ڍل جي چٺي پهتي، تڏهن ڍل ڏيڻ کان انڪار ڪندي

فرمايائين ته اهل ڪتاب يا عيسائين تي اسان جو حق آهي ته ڪانئن ڍل وصول ڪريون، جيئن قرآن شريف ۾ ارشاد آهي ته "حتيٰ يعطوا الجزية عن يد وهم صاغرون" يعني ته اهل ڪتاب ذليل ٿي جزيو ادا ڪن. ان حالت ۾ هي ڪيئن ٿيندو جو اسان، مسلمان ذليل ٿي نصارن کي جزيو يا ڍل ڏيون. آخر ان ضد جو نتيجو اهو نڪتو جو قاضي صاحب جي زمين ڍل ۾ نيلام ٿي وئي، مگر هن ان جي ڪابه پرواهه نه ڪئي ۽ پنهنجي ارادي تي مضبوط رهندو آيو.

چون ٿا ته جڏهن ڪيس معلوم ٿيندو هو ته ڪنهن امير ماڻهو يا وڏيري جي گهر ۾ نوجوان اڻ پرڻيل ڇوڪريون ويٺيون آهن، تڏهن مختصر جماعت وٺي ڪاهي انهن جي در تي وڃي ڌرڻو ماريندو هو. تيستائين نه ڪائيندو هو ۽ نه پيئندو هو جيستائين نياڻين جا وارث ماڻٽي يا شادي جو پڪو وعدو ساڻس نه ڪندا هئا. ميهڙ تعلقي جي ٽيهن وڏن زميندارن سان هڪ دفعو اهو معاملو ڪيو هئائين، جنهن ڪري ڪن خاندانن جون نوجوان ويٺل ڇوڪريون قاضي کي خط لکي پنهنجي حالت ۽ ضرورت کان واقف ڪنديون هيون ۽ هنن جي مشڪل ڪشائي لاءِ هي بزرگ وڃي پهچندو هو.

قاضي شفيع محمد صاحب کي ڪجهه وقت پنهنجي حد جي هندو مختيارڪارن کي اسلام جي دعوت پهچائڻ جو اچي شوق جاڳيو. ان زماني ۾ هندو فارسي جا قابل ۽ اهل قلم هئا، جنهن ڪري هنن کي جيڪي دعوت ناما موڪليا اٿس، سي گهڻو ڪري فارسي نظم ۾ آهن. خيرپور ناٿن شاهه جي ڪاردار مولچند کي پهرين اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏنائين، مگر هن قبول نه ڪئي. ان کان پوءِ انهيءَ تعلقي جي ٻئي ڪاردار ديوان گيانچند کي هڪ خط لکيائين. گيانچند ان باري ۾ خيرپور ناٿن شاهه جي ديندار مولوي سيد مصري شاهه سان مشورو ڪيو. جنهن چيس ته قاضي محمد نيم مجذوب آهي، تنهنڪري توکي جواب ڏيڻ نه گهرجي. جنهن کان پوءِ ٻيو دفعو قاضي صاحب جيڪو ڪيس خط لکيو آهي، سو بعينه هي آهي:

بسمر الله الرحمٰن الرحيمر

لا اله الا الله محمد رسول الله
شکر خدا که این نبی کرد پاک و صاف
از امتش هزار گناه و خطا معاف
با ترک این باطل یک کلمه هر که خواند
از شرک ما تقدم بر گردنش نه ماند
بر هندو ان فتاد یا حسرت العباد
قومی ست بیحیا که کسی آن چنان نباد
دیدند از جمال مها دیو با کمال
آلت که شد مساحت او ده هزار سال
جائی که گنگ و جمن دو دریا بهم شدند
از نقص عقل خویش در و راه گم شدند
این نامه شد نوشته بنام گیانچند
گر عاقل ست می شودش پند ما پسند
ای کاردار جلد مسلمان شو بیا
این است بخت و دولت اقبال و کیمیا
منکر مشود که بر جسد آفت همی رسد
ای البلاءِ اعظم منم آفتة الحسد
بکشاءِ چشم عبرت و راه خدا بگیر
یعنی که دین ملت اسلام را پذیر
اری بنور عقل اگر نیک بنگری
کار پیمبر است نه کاری ست سرسری
دیدی که مولچند ز انکار دین چه دید

اسپش بجز خريد نيا بد خو خريد
بر شاه مصری و پریل آرد اعتماد
آخر دکان ایشان یک فائده نداد
زین پیش نامه بنوشتم بسوئی تو
تا مدت سه ماه نیامد جواب او
می بایدت نوشت ز لا و نعم جواب
بر ما بلاغ بود و بر خدا حساب

(تاريخ 6- ذي القعد 1301هـ)

ساڳي مٿئين مهيني جي 12 تاريخ ميهڙ جي مختيارڪار ديوان پنجي مل کي اسلامي دعوت جو فارسي ۾ خط لکي، آخر ۾ سنڌي زبان ۾ خطابت ڪري ٿو ته:

پنيا پروڙج اکر ڪو اسلام جو
ڀرو ڀهشتي ونج ڪلمي ڪلام جو
ڏرم چڏي وٺ دين سچو محمد ڄام جو
جو شافع مشفع آهي ڏينهن قيام جو
اجهو اوٽ اُميد سيد پنهنجي سام جو
ذمي دار ضمان امت جي آرام جو
مومن مسلمان ٿي، پنيا پڙهه ڪلمو
ڪلمي سان ڪيڏ قلب مان ڪوڙ مڪر ملمو
ڪلمي وارن جو آهي زور وڏو ذمو
جڏهن ٿئي ڏينهن جمو ته ڪا ٿوهر جي تدبير ڪج!

ديوان پارو مل ڏانهن هڪ منظوم خط ۾ لکي ٿو:

ای قلم کاتب وحی خدای
دعوت اسلام بگو جا بجائی
است حقی تو بمشک و عبیر

وائی که دزدی بتو سازد دبیر
پابدت که نامه به پارو نوشت
تا مگر ایندر سقر در بهشت
ایکه کنی نوکری انگریز
یاد کن از واقعه رستخیز
دین یقین که مسلمانی ست
ملت هندو همه نادانی ست

انگريزن جي اوائلي حڪومت هئي، ڪيس معلوم ٿيو ته ڪابل جو بادشاهه امير ايوب خان هندستان ۽ سنڌ تي ڪاهي رهيو آهي. هي ماڻهو جو اسلامي حڪومت وڃائي ويٺا هئا، تن کي ڏاڍو انتظار هو ته ڪنهن به صورت ۾ غير اسلامي جو پاڇو ڪڇي ۽ مسلماني بادشاهت وري قائم ٿئي، جنهن ڪري قاضي شفيع محمد صاحب امير ايوب ڪابلي جي مرحبا ۾ هڪ فارسي قصيدو لکيو، جنهن ۾ فرمائي ٿو:

خسرو عالیجناب، آمده همچو عقبا
حکم نصاریٰ شد خراب، گردید از عالم نهان
آمده ایوب خان
صوفی صافی صفات، ناصر صوم و صلواة
باد همیشه حیات
زندگیش جاوردان – آمد ایوب خان
کرد نصاریٰ و داع بنگل های و قلاع
کامدارد شجاع
بچه شیر زیان – آمد ایوب .خان

امير ايوب خان سنڌ ۾ آيو الائي نہ آيو مگر قاضي صاحب پنهنجي مقصد کي هڪ طولاني قصيدي ۾ ادا ڪري ڇڏيو جنهن مان چند شعر مٿي ڏيکاريا ويا آهن.

فارسي ۾ سندس گهڻو ئي ڪلام آهي ۽ ڪلام ڏاڍو مضبوط ۽ پختو آهي.

مولوي ميان خير محمد جوٽيجو پاٽائي کي هڪ خط غزل جي انداز ۾ لکيو اٿس، جنهن مان سندس فارسي زبان تي قدرت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. فرمائي ٿو تہ:

غریبم و بیکسم اما خوشم بر بوریا اینجا
نه قارو نم نه خضرم تابیابی کیمیا اینجا
بباغستان شدی محرم بطائوی سان شدی همدم
منم چون فاخته در شوره زاری گیاه اینجا
دلم دوری نمی خواهد، بیاد تو همی کاهد
مکان بی طمع اینجا، مقام بی ریا اینجا
اگر هرسیم بر راسیم و زر باید عجب حال ست
شمارا کارسیم آنجا و کارسیمیا این جا
ازان این نورچشم تیز بین گشتی بحمد الله
مکمل ساختم چشمت بمیل طوطیا این جا
"شفیعا" دوستان را باد دائم حب روحانی
چه باشد جسم خاکی گر ربود آنجاؤ یا این جا

عربي جي مشهور قصيدي برده جو نظم ۾ ترجمو ڪيو اٿس ۽ سنڌ ۾ اهو پهريون ئي ۽ متبرڪ قصيدي جو ترجمو آهي، جنهن جي منڍ وارن شعرن جي ترجمي ۾ فرمائي ٿو:

ڪي سبب سارين سڄڻ، جي پرين پاڙيچا
هاريم هنجون هيج مان گڏي رت ڦڙا

ڪي وريا واءُ وصال جا، سڄڻ سامهان
يا چمڪي وڄڙي رات ۾ پرين جي پاران

سنڌي، فارسي ۽ سرائيڪي ٻولين کان سواءِ عربي ۾ به سندس قصيدا ۽ خطبا ۽ نظمون آهن، جنهن مان هن بزرگ جي همه داني جو پورو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

مون سان منهنجي استاد مخدوم حاجي حسن الله پاٽائي بيان ڪيو ته هڪ دفعي سيوهڻ ۾ شيعن ۽ سنين جو مناظرو هو جنهن ۾ هي بزرگ به وڃي شريڪ ٿيو. ماڻهو هو ڏاڍو سخت مذهبي ۽ جوشيلو انهيءَ مجلس ۾ ڪنهن شيعي جي زبان مان اصحابن سڳورن جي شان ۾ گستاخي جو گٽو لفظ نڪري ويو جنهن تي هن بزرگ کي ڏاڍو غصو ۽ غم ٿيو. انگريزي راڄ مضبوط نموني ۾ قائم ٿيو هو جنهنڪري هيءُ مذهبي بزرگ به ڪنهن به طريقي تي پنهنجي غصي جي آگ کي وسائي نه ٿي سگهيو. غم کي پي ويو ۽ چمار ۾ به ستر سالن کي اچي پهتو هو. ان جو اهو اثر نڪتو جو رت جا اسهال اچڻ لڳا. سيوهڻ مان روانا ٿي پاٽ ۾ پهتا ته ٻئي ڏينهن وفات فرمائي ويو. انالله وانا عليه راجعون. اهو واقعو سال 1312ھ ۾ ٿي گذريو.

# 391- مرزا عطا محمد شڪارپوري

قوم جو مُغل، اصل شڪارپور جو رهاڪو. شڪارپور جي شهر تي جنهن زماني ۾ قنڌاري افغانن جو قبضو هو ۽ فارسي علومن کي ڏاڍو رواج هو. فارسي عربي جي تعليم حاصل ڪيائين. فارسي ۾ انشا پردازي ۾ ايڏي وڏي دسترس ۽ محاورو پيدا ڪيائين جو شڪارپور ۾ قنڌار مان جيڪي گورنر مقرر ٿي ايندا هئا تن جي سرڪاري لکپڙهه جو منشي مقرر ٿيندو هو. فارسي کان سواءِ پشتو ۾ به ماهر هو ۽ عربي جو عالم هو. افغانستان ۽ سنڌ ۾ اسلامي سلطنت جي زوال وقت جيڪي تفرقه آيا سي سمورا هن صاحب اکين سان ڏٺا ۽ هرهڪ واقعي ۾ موجود هوندو هو.

هن صاحب افغانستان ۽ سنڌ جي ٽالپرن جي زوال تي هڪ مفصل تاريخ لکي، جنهن ۾ شاهه شجاع الملڪ، امير تيمور خان ولد احمد

شاهہ ابدالي جي افغانستان مان شڪست کائي سنڌ ۾ اچڻ لاهور لڏيانہ پشاور ۾ دربدر ٿيڻ ۽ آخر ڪابل ۾ قتل ٿي وڃڻ وغيره جو مفصل بيان آهي. ان کان سواءِ حيدرآباد ۽ خيرپور جي ٽالپرن جي باهمي اختلاف ۽ انگريزن جو سنڌ تي قبضو ۽ افغانن ۽ ٽالپرن جي تعلقات تي بہ پوري تفصيل سان روشني وڌل آهي.

شاهہ شجاع الملڪ جي ڪابل مان تڙجڻ کان پوءِ جڏهن افغانستان جي تخت تي امير فتح خان شرف الورزاء جي امداد سان، امير محمود خان قابض ٿيو تہ منشي عطا محمد ان وقت شرف الورزاء جو درباري خاص منشي هو ۽ شرف الورزاء سان پشاور ڪابل قنڌار جي سفر ۾ ساڻ هو ۽ شرف الورزاء ڪابل ۾ هڪ ست ماڙ ٺهرائي هئي، جنهن ۾ جشن ڪندو هو. ان جي تعريف ۾ مرزا عطا محمد لکي ٿو:

در شهر کابل بر کنار رود یک برج عمارت عالی منقش باب خلاو لا جورد، استادان مانی کرداد، تیار نموده بودند که نقاشان چین انگشت تحیر بدندان میگرفتند. وزرق برق رنگ آمیز هالی چشم بینده خیره می گردید. مشتمل بر هفته طبقه. در هر طبقه حوایض مربع و مسدس درست نموده فوارهائی ترتیب داده بودند که از دریائی در خوض های بالا برج میر سد. و مقباله هر حوض درمیان سطح آئینه هائی نصب کرده بوند. آب از فوارهای می جهید، در میان هر آئینه سر می زد، گوناگون رنگ هائی می ن مود شرف الورزاء وزیر فتح خان روزی دران برج جشن جمشیدی نموده بود. این خاکسار عاجز نیز حاضر بود چون تعریف مذکور اگر مفصل می نمایم، یک جزء علاحده خواهد شد.

مرزا عطا محمد اگرچہ هميشہ اميرن ۽ عياش سردارن جي سنگت صحبت ۾ رهندو آيو مگر سندس دل تصوف جي چاشني چکيل هو جنهن ڪري عين عيش عشرت واري حالت ۾ بہ ڪيس دنيا فاني جو نقشو سامهون

رهيو ٿي. اشرف الورزاء جي جشن وقت جو هڪ طرف راڳ رنگ ۽ چنگ جو آواز اُٿي رهيو هو تہ ٻئي طرف کان صراحي جي قلقل چو غلغل اٿي رهيو هو. ڪشميوي ڪنجريون مجرن ڏيڻ ۾ محو هيون. ان وقت سندس دل تي جيڪو اثر ٿيو ان جو اندازو سندس هيٺئين نظم مان ڪري سگهجي ٿو. فرمائي ٿو تہ:

قدح کرد روزی از مینا سوال
که ای از تو روشن دل و وجد و حال
صفا دلت صبح انوار را
خیال قدت سرو گلزار را
جگر تشنه از حسرت قلقلت
نظر بر کمین کا رنگ ملت
اگر ان نماز است قهقه چر است
اگر لهو باشد سجودت کر است
صراحی ز غیرت جنون ساز شد
که از خون جگر شعله پرواز شد
ای چشمت از نور عبرت تهی
ندار ز اوضاع دهر آگهی
همه چشمی و نسیتی دید ور
همه گوشی و از جهان بیخبر
به مثل تو خضر حقیقت نما
نه زیبد براه طریقت خطا
که داده است بر قتل عابد صلاح
که گفریت خون مصلیٔ مباح
ازین غم بدل خون نه گریم چرا

بر اوضاع دنیا نه خندم چرا
یکی غافل از رمز هائی منی
نو آمیز نیرنگ علم و دلی
ز طاق سرا یافته آئینه
صفا در بغل طبع بی کینه
دران آئینه صورت خویش دید
گرفتار شد هر قدر بیش دید

ان ڪانپوءِ سنت اشرف الوزراء وزير فتح خان پنهنجي بادشاهہ جي فرزند ۽ ولي عهد شاهزاده ڪامران جي هٿان عذاب ڪائي مارجي ويو جنهن ڪانپوءِ افغانستان ۾ وري اچي خانہ جنگي ۽ تفرقو پيدا ٿيو. محمود شاهہ جي خاندان مان ڪابل قنڌار جي حڪومت هلي وئي. هو وجي هرات ۾ روپوش ٿيا. ملڪ تي سردار دوست محمد خان ۽ سندس ساٿي اميرن جو قبضو ٿي ويو. ان زماني ۾ منشي عطا محمد شڪارپور ۾ واپس اچي رهيو تہ شڪارپور جو حاڪم سردار شيردل خان مقرر ٿي آيو جنهن منشي صاحب کي گهرائي پاڻ وٽ انشاپردازي جي ملازمت ۾ رکيو. هڪ سال ڪان پوءِ جڏهن شيردل خان قنڌار واپس وڃڻ لڳو ۽ سندس جاءِ تي سردار رحم دل خان شڪارپور ۾ وارد ٿيو. تڏهن منشي عطا محمد تي سردار شير دل خان قنڌهار هلڻ لاءِ زور رکيو مگر سندس والدين اجازت نہ ڏني، جنهن ڪري رهجي ويو. هي صاحب رحم دل خان گورنر شڪارپور جو ساڳي ريت پرائيويٽ سيڪريٽري يا منشي ٿي رهيو. هوڏانهن شير دل خان جا پيغام بہ ڪيس هميشہ ايندا رهندا هئا تہ ڪيئن بہ ڪري قنڌار ڏانهن هليو اچي، شڪارپور ۾ مرزا عطا محمد قنڌاري هڪ وڏو اهل قلم رهندو هو جيڪو هن لالچ تي آيل هو تہ رحم دل خان جو سيڪريٽري ٿي رهي، مگر منشي عطا محمد جي موجودگي ۾ سندس بخت ياوري نہ ٿي ڪري سگهيو جنهن پڻ منشي عطا محمد کي قنڌار وڃڻ لاءِ منٿون ڪيون تہ هن لاءِ ميدان صاف ٿئي. هوڏانهن شير دل خان جي نوازشات جي بہ ڪشش هئي، جنهن ڪري

هي صاحب قنڌار روانو ٿي جڏهن سردار شير دل خان جي خدمت ۾ پهتو تڏهن سردار صاحب جو ان وقت گويا مطلق العنان حاڪم هو. منشي عطا محمد جي ڏاڍي دلجوئي ڪئي ۽ پنهنجي هڪ منشي يا سيڪريٽري لاءِ هڪ وڏي مجلس دعوت جي ڪوٺائي، قنڌار جي اڪابرن سان سندس تعارف ڪرايائين ۽ کيس پنهنجي سموري ڪارخاني جو عام مختيار بڻايائين. لکي ٿو تہ ٻہ لک چاليهہ هزار روپيا خرچ لاءِ هميشہ سندس هٿ ۾ رهندا هئا، مگر امانت ۾ ايمانداري جي هي حالت هئي جو هڪ ڪوڏي بہ ميري ڪانہ ٿي ۽ نہ وري سردار صاحب بہ ڪانئس ڪڏهن حساب جي تنگ طلبي ڪئي.

اشرف الورزاء جي قتل کان پوءِ افغانستان ۾ جيڪو انقلابُ آيو ان جو اصل مقصد هو تہ اشرف الورزاء جو شاهزاده ڪامران کان انتقام ورتو وڃي. هوڏانهن شاهزادو ان وقت هرات جي قلعي ۾ هو. انهيءَ انتظام لاءِ قنڌار ۾ سردار شير دل خان جڏهن وڏي فوج وٺي هرات تي چڙهائي ڪئي، تڏهن بہ منشي عطا محمد ساڻس مصاحب هو. جنهن جو تفصيل سان ذڪر پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو اٿس. منشي عطا محمد قنڌار مان موڪلائي آخر وري شڪارپور ۾ اچي رهيو. ان زماني ۾ شڪارپور افغانن جي قبضي مان نڪري چڪي هئي ۽ حيدرآباد جي ميرن پاران سيد ڪاظم علي شاهہ ولد سيد آغا اسماعيل جي حوالي هئي ۽ خيرپور وارن ٽالپرن پاران، رئيس عالم خان مري شڪارپور ۾ موجود هئا. ان وقت منشي عطا محمد جو سيد ڪاظم علي شاهہ سان تعلق هو مگر پوءِ ستت ئي شاهہ شجاع الملڪ لڏيانہ مان شڪارپور پهتو جنهن ڪري ٽالپرن جو قبضو وري شڪارپور تان کڄي ويو. ڪاظم علي شاهہ ۽ منشي عطا محمد وڃي خيرپور ۾ رهيا. اُتي خيرپوري مير، رتون رتڻ لڳا تہ ڪيئن بہ ڪري شجاع الملڪ کي سنڌ مان تڙيو وڃي. عالم خان مري، جو عقل جو سادو ۽ بهادر ماڻهو هو تنهن جو مقابلو شجاع الملڪ جي ماڻهن سان سکر جي ٻاهران ٿيو ۽ عالم خان قتل ٿي ويو. پوءِ ٽالپرن باقاعده جنگ جو اعلان ڪيو.

جيڪي بلوچي فوجون سکر لڙڻ آيون ٿي، تن ۾ مير ڪاظم علي به شريڪ ٿيو جنهن منشي عطا محمد کي به هلڻ لاءِ چيو. جنهن جواب ڏنو ته نه اسلامي جهاد آهي ۽ نه وري ڪا اهڙي ضرورت آهي، تنهنڪري هو خيرپور مان سڌو شڪارپور هليو آيو ۽ ميدان جنگ ۾ بلوچ شڪست کائي هارائي پڇي ويا.

سنڌ تي انگريزن جي قبضي کان پوءِ هي صاحب ڪجهه وقت مير علي مراد خان جي خدمت ۾ رهيو. اگرچه سندس وفات جو سال معلوم نه ٿو ٿئي، مگر 1272 هجري تائين هو زنده هو ۽ انهيءَ سال سنڌ ۾ افغانستان جي تاريخ لکي پوري ڪئي اٿس.

# 392- پير سيد علي گوهر شاهه راشديؒ

صاحب طريقت و شريعت، دريائي معرفت جو شناور پير سيد علي گوهر ولد پير سيد صبغت الله شاهه ولد پير سيد حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحمت الله عليهم اجمعين.

هي بزرگ اگرچه پير سيد صبغت الله صاحب جي 14 فرزندن ۾ ننڍو هو مگر جنهن صورت سندس والد جو ساڻس خاص قلبي تعلق هو ۽ هن جي تعليم ڏيارڻ ۽ طريقت ۽ سلوڪ جي رستن سيکارڻ ۾ خاص اهتمام رکيو هئائين، تنهنڪري سندس وڏن ڀائرن والد بزرگ جي وفات کان پوءِ کيس گادي تي ويهاريو ۽ پاڳارو بڻايو. پنهنجي حياتي ۾ ئي کيس وڏو ڀاءُ ڪري سڏيندو هو. پنهنجي والد بزرگ جي وفات کان پوءِ سندن ملفوظات "حزينت المعرفة" نالي جمع ڪئي اٿن، جنهن مان سندن فارسي داني ۽ علمي قابليت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. هي بزرگ جيئن ظاهري علومن جو وڏو عالم فاضل هو تيئن تصوف ۽ قادريه راشديه طريقي ۾ به ڪامل هو. ان سان گڏ زماني جي حالات موافق به کيس هلڻ چلڻ جو ڍنگ هو. سندس والد مخلصن ۽ معتقدن جي جيڪا جماعت سيد احمد بريلوي ۽ اسماعيل شهيد مجاهد دهلوي جي امداد لاءِ تيار ڪئي هئي، تنهن کي سنڀاليو ۽ جان باز مريدن جو هڪ جٿو سندس چوطرف جمع ٿيل هو. سنڌ جي حڪومت ۾ اُن وقت انگريزن جا پير ڄمندا ويا ٿي. انگريزن جي شرارت سان خيرپور

جي ٽالپرن ۾ وڏو اختلاف پيدا ٿيل هو. پير صاحب جي مرضي هئي تہ ان موقعي مان فائدو وٺي، سنڌ جي ڪنهن حصي تي قبضو ڪجي. ان سلسلي ۾ مير علي مراد خان ٽالپر جو ان وقت پنهنجن ڀائرن کي شڪست ڏئي اتر سنڌ جي مير سهراب (متوفي 1251) واري سموري علائقي تي انگريزن جي ارادي موجب قابض ٿيو هو. تنهن سان پير صاحب تعلقات پيدا ڪيا. مير علي مراد خان هڪ دفعي لاڙڪاڻي واري پرڳڻي جي محصول اڳاڙڻ ۾ انتظامي بندوبست لاءِ سفر ڪيائين. ان کان پوءِ جڏهن شڪارپور جي محصول تي حيدرآباد ميرن جي ماڻهن ۽ خيرپور جي ڪار وارن جو اختلاف وڌيو تہ ان زماني ۾ بہ پير صاحب مير علي مراد سان گڏ سفر ۾ آيل هو ۽ ان موقعي تي پير صاحب ڀلا گهوڙا ۽ عمديون ترارون ڪافي تعداد ۾ هٿ ڪيون. (تاريخ مرزا عطا محمد شڪارپوري)

چيو وڃي ٿو تہ مير علي مراد خان پير صاحب سان وعدو ڪيو هو تہ جيڪڏهن آئون رياست جي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيس تہ ان مان چوٿون حصو اوهان کي ڏياريو ويندو. مگر مير صاحب پنهنجي ڪاميابي کان پوءِ جواب ڪيدي ڏنو. جنهن کان پوءِ مير صاحب جي هڪ عام مختيار ملازم شيخ علي حسن سهارنپوري، جو رياستل مان نيڪالي ڪائي چڪو هو ۽ مير صاحب کان وير وٺڻ جو وجهہ ڳولي رهيو هو تنهن اچي پير سائين علي گوهر سان مشورو ڪري مير علي مراد کي ڌڪ ڪيڻ جي سٽ سٽي ۽ رٿ رٿي. آخر شيخ علي حسن اُن وقت جي انگريز آفيسرن وٽ چغلي ڪاڏي تہ سرڪار سان قرآن تي ڪيل معاهدي وارن ورقن مان مير صاحب هڪ ورق ڦاڙي ان جي جاءِ تي ٻيو وڌو آهي. آخر اهو مقدمو مير صاحب تي سکر جي فوجي ڪئمپ ۾ هليو جتي انگريزن جو طرف ثابت ٿيو. مير علي مراد خان ڪوبہ جواب نہ ڏئي سگهيو جنهن ڪري مير علي مراد کان اهو سمورو علائقو کسيو ويو. جيڪو شروعات ۾ رياست طور کيس انگريزن ڏيٽو ڪيو هو. يعني تہ نواب شاهہ ضلع جو ساهتي پرڳڻو ۽ روهڙي ڊويزن وارا سمورا تعلقا مير صاحب کان واپس ورتا ۽ فقط موجوده رياست خيرپور جو ٽڪرو کيس حوالي ڪيو ويو.

مرزا عطا محمد شڪارپوري پنهنجي تاريخ ۾ لکيو آهي تہ انگريزن ان مقدمي ڏاهڻ لاءِ پير علي گوهر صاحب ۽ منشي علي حسن سهارنپوري کي رياست جي واپس ڪيل علائقن مان ڪجهہ حصو ڏيڻ جو دلاسو ڏنو هو مگر پوءِ اُهو پورو نہ ڪيو ويو.

ان ڪان پوءِ مير صاحب ۽ پير علي گوهر جو پاڻ ۾ سخت اختلاف رهيو. آخر سکر ۾ پير صاحب ناگهان وفات ڪري ويو. ڪن جو چوڻ آهي تہ ڪيس مخفي طرح مير صاحب پاران زهر ڏياري سندس جان ورتي ويئي، مگر اهو واقعو ڪٿي بہ لکيل نظر ڪونہ آيو آهي. فقط پير ميان علي گوهر جي خانداني ماڻهن ۽ معتقدن پاران هڪ روايت ٿيل آهي.

پير ميان علي گوهر عابد زاهد نيڪوڪار بزرگ هو. هو سنڌي زبان جو ڏاڍو چڱو شاعر هو ۽ سندس تخلص هو "اصغر". هن بزرگ جون ڪافيون ۽ مولود ۽ مناجاتون سنڌي زبان ۾ عام جام موجود آهن. الله تعاليٰ مٿس رحمت ڪري شال.

سندس وفات ڇنڇر ڏيهن 5 ماهہ ربيع الثاني 1268 هجري ۾ ٿي. چراغ الدين جي فقري مان سندس سال وفات ملي ٿو.

1268هہ

## قطعہ تاريخ از فقير قادر بخش بيدل

جناب پير علی گوهر آن کريم و رشيد
چو ارجعی از درگاهه راز شنيد
گذاشت جسم درين در نگاهه ناسوتی
به سوءِ گلشن لاهوت مرغ جانش بريد
بسوئی اهل خود آرد رجوع هر چيزی
به جز وحدت آخر قطره سفيد رسيد
بتافت رخ ز ظهورات آن سراپا نور
بتافت معنیٰ سيمرغ وش نهان گرديد

دلم چو سال وصالش بجست هاتف گفت

به آفتاب به پيوست نور حی وحيد

1268ھ

## 393- پير رشيد الدين صاحب العلم الثالث

عارف ڪامل ولي فاضل صاحب صدق ويقين پير سيد رشيدالدين ولد پير سيد محمد ياسين ولد پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين، ننڍي ڄمار ۾ پنهنجي والد بزرگ جي خدمت ۾ سندس تربيت ۽ تعليم حاصل ٿي. ظاهري علومن مان ايترو گهڻو بهرو ڪونہ ورتائين، مگر ذڪر افڪار ۽ ذڪر اشغال جيترا بہ قادريہ راشديہ خاندان جا هئا، سي سمورا حاصل ڪري، پوءِ ڪماليت جي درجي کي رسيو.

پنهنجي وڏي ڀاءُ پير فضل الله جي شهادت کان پوءِ هن بزرگ کي سجاده نشين مقرر ڪيو ويو. پوءِ اگرچہ ڪائونس وڏا ڀائر ڀيا بہ موجود هئا، مگر لياقت ۽ اهليت جي لحاظ کان هي صاحب ئي ڪين وڌو نظر آيو جنهن ڪري رشد ارشاد جو معاملو سندس سپرد ڪيو ويو. هن بزرگ معرفت ۽ خداشناسي جي طريقي جي تجديد ڪئي ۽ سندس مسلڪ اهل حديث جي مذهب موجب هوندي هئي. اگرچہ پاڻ ظاهري علم پڙهيل ڪونہ هو مگر ان هوندي بہ وڏن مشڪل علمي مسئلن ۾ هن ڏانهن رجوع ڪيو ويندو هو تہ نهايت مختصر لفظن ۾ ان جو جواب ڏئي مسئلو حل ڪندو هو.

سندس زندگي هڪ عارفانہ ۽ حڪيمانہ حياتي هئي. سندس قول ۽ فعل جماعت وارا ساتي ياد ڪندا هئا، جن کي پوءِ سندس وڏي فرزند مولانا ابوتراب رشد الله شاهہ صاحب ملفوظات جي صورت ۾ جمع ڪيو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو بزرگ اهل حديث وارن جي قول موجب اُٺ جي گوشت کائڻ کان پوءِ وضو ڪندو هو. مماتي وارن بزرگن کان مدد وٺڻ جو قائل نہ هو ۽ پنهنجي مريدن کي ان کان منع ڪندو هو. هڪ دفعي سندس جماعت ۾ گفتگو ٿي تہ پير سائين جن جو مذهب يا دين الائي ڪهڙو آهي؟ پوءِ ڪائنن روبرو اهو سوال ڪيو ويو تڏهن فرمايائون تہ جيڪي ماڻهو قبرن وارن ولين کي پرپٺ سڏيندا آهن، اهو اسان جو دين نہ آهي.

هڪ دفعي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي مقبري تي آيا. ٻاهر نڪري فرمايائون ته شاهه صاحب اندر ڪونه هو. سندس روح ٻاهر ملاقات ڪندي چيو ته آءٌ هنن ٻتن ۽ نذرانن کان بيزار ٿي ٻاهر هليو ويو آهيان.

سندس قول آهي ته الله تعالىٰ ڀڳل دلين وارن مسڪينن سان آهي.

فرمائيندا هئا ته هي دنيا، دنيا وارن جي زال آهي، جيڪو ان کي تڪيندو سو دنيا وارن کي ڪين وڻندو.

هڪ دفعي سندس ڪنهن مريد کان مولانا حامد الله لاڙ واري پڇيو ته اوهان جو مرشد ڪهڙا لطيفا ڪمارائيندو آهي. فقير جواب ڏنو ته سندس منهن مبارڪ ڏسڻ سان لطيفا کلي پوندا آهن. تڏهن مولانا فرمايو ته اهو ته ساڳيو نمونو حضور رسول ڪريم جي زماني وارو آهي، جو اصحابي سڳورا سندن زيارت سان فيضياب ٿي ويندا هئا جو اُن زماني ۾ لطيفن ڪمائڻ جو فن ڪونه هو.

هي بزرگ هميشه جهاد في سبيل الله جي تياري ۾ رهندو هو ۽ ان لاءِ هڪ دفعي بيعت ورتي هئائون ۽ ان وقت سڀ کان پهريان سندن وڏي فرزند پير رشد الله شاه سندن بيعت ڪئي، پوءِ ٻين جماعت وارن بيعت ڪرڻ فرمائي. ڪن خاص فقيرن کان هيٺين چئن ڳالهين جي جدا بيعت به وٺندا هئا: (1) رات ڏينهن جي گذران کان وڌيڪ پاڻ وٽ نه رکندس (2) ڪوڙ ڪڏهن نه ڳالهائيندس (3) جيڪو اسان کي ڏکوئيندو تنهن لاءِ دعا گهرندس (4) ڪنهن کان به سوال نه ڪندس. پاڻ فرمائيندا هئا ته جيڪڏهن انهيءَ بيعت وارا هڪ هزار ماڻهو جمع ٿي وڃن ته پوءِ جهاد فرض ٿي پوي.

سندن قول آهي ته گنهگار سان بغض نه ڪجي، پر گناهه کان نفرت ڪجي. سندن ارشاد هو ته نماز پڙهڻ کان اڳ ۾ استغفار ڪري پوءِ نماز شروع ڪجي ته پوءِ نماز مان ڏاڍو لطف ۽ لذت ايندي. فرمائيندا هئا ته پيسي جي تنگي ٿئي ته ڪجهه خيرات ڪجي ته اها تنگي رفع ٿي ويندي.

فوت ٿيل ماڻهو جي پوئتان جماڻا ۽ مانيون ڪرڻ نيڪ نه چوندا هئا ۽ وڏن ماڻهن ۾ رواج آهي ته هو بيوه عورتن کي شادي نه ڪرائيندا آهن،

تنهنجي سخت مخالفت ڪندا هئا. بلڪ هڪ دفعي ته پنهنجين بيبين کي به فرمايائون ته منهنجي وفات پڄاڻا، جنهن کي شادي جو خيال ٿئي ته ان کي منع ڪانه آهي.

پنهنجي ڏاڏي بزرگ حضرت سائين روضي ڌڻي جي ملفوظات بابت فرمائيندا هئا ته اُن ۾ ڪي اهڙيون ڳالهيون آهن جي پير سائين روضي وارن جي علم موافق نه آهن، چڱو ته اُهي ڪڍي ڇڏجن.

هن بزرگ هستي جي روحاني ڪشش ايڏي زبردست هوندي هئي جو سنڌ کان سواءِ بمبئي، رياست ڪڇ ڀڄ، ڪاٺياواڙ بلوچستان، پنجاب مان سوين ماڻهو سندن صحبت ۾ فيض پرائڻ لاءِ ڇڪجي ايندا هئا. لنگر جي هي حالت هوندي هئي جو ڪڏهن ڪاڏي پيتي لاءِ عام جام هوندو هو ۽ ڪڏهن ته فاقن تي فاقا ٿيندا رهندا هئا.

سندن مجلس ۾ ڪي فقير صوفيانه ڪافيون به ڳائيندا هئا جن مان توحيد ۽ عشق الاهي جا راز پروڙيا ويندا هئا ۽ پاڻ به ڪيتريون ڪافيون تصنيف ڪيون اٿن جي ڇپجي پڌريون ٿيون آهن. آخزوند احمد ملا سانوٽي هالائي سندن شان ۾ هڪ فارسي قصيدو لکيو آهي، جو هيٺ ڏجي ٿو:

پيغمبر صفت پير مرشد زمان
يد او يد حق بود بيگمان
رخش نور تابان چو بدر الدجیٰ
صباح هدايت جنيش لقا
اگر ابر گويم ز فيض کرم
حد اوصاف او را نباشد بهم
به بين در گهش ملجاء خاص و عام
رحيم بر حال هر مستهام
شهود خدا از لقائش حصول
يقين مستفاد از عروج و نزول
لبش را بود باده يحی العظام

دلش مطلع نور رب الکرام
بود پیر مهدی رشیدالزمان
با مکان دائر مکان لا مکان
چو اندر حدوث است نور قدم
ز امکان واجب شدم ملتزم
شها مقتدی، پیر ما مهتدی
نظر لطف فرما باین مبتلا
اگر دور ماندم من از نقص خویش
تو انعام فرما در خورد خویش
کلید کرم شد بدست تو ضم
مراحل فرماءِ از قید هم
چو من آدم بر درت التجا
تو از لطف فرما قبولم صدا
خدایا تو اولاد آن شاهه دین
بعمر و هدیٰ دار دائم قرین
بود احمدی داغدار قدیم
به اسلاف و اخلاف بنده صمیم
سگ داغ دار نه گیرد کسی
منم داغدارت ز عهد بسی

جناب پير صاحب بيعت ڏيڻ رح وفات کان ٿورو وقت اڳ ۾ فرمايائون تہ تصوف جا لطيفا سڀ منسوخ ڪيا ويڃن ٿا. آئنده جيڪو نقير بيعت ڪري تہ ان کي توحيد نامو پڙهايو وڃي. ان کان پوءِ قادري طريقي جو ذڪر ۽ الله تعاليٰ جي 99 نالن جي سمجهاڻي ڏجو. فنا في الشيخ ۽ فنا في الرسول ۽ فنا في الله جو فڪر سيڪارجو!

حضرت مولانا عبيدالله صاحب سنڌي فرمائيندو هو اسماءِ الحسنيٰ! يعني الله تعاليٰ جي نوانوي نالن جو شغل مان پير سائين رشيدالدين بيعت واري کان سکيو هو. وڌيڪ مولانا جو چوڻ هو تہ تصوف جي طريقي جو مجدد هو جنهن ڪري ڪيس حق هو تہ اڳوڻن جا ذڪر ۽ شغل منسوخ ڪري نئون رستو سمجهائي.

حضرت پير سائين بيعت واري رح 63 سالن جي ڄمار ۾ 7 ربيع الاول سن 1317هہ هن فاني دنيا مان وفات فرمائي، ملاءِ اعليٰ سان وڃي مليو. سندس مقبرو پير جهنڊي، ضلع حيدرآباد ۾ مسجد جي اُتر پاسي کان آهي.

رحمت الله عليه رحمة واسعة

ساندن ملفوظات ۾ آهي تہ وفات کان پوءِ سندن نراڙ تي "بسم الله" جو اکر چٽن حرفن ۾ ڏسڻ ۾ آيو جو ڪيترن حاضر ماڻهن ڏٺو!!

# 394- مخدوم عبدالله فيروز شاهي

قدوت العارفين مخدوم عبدالله عرف "پيروچ" جناب مخدوم بهاوالدين زڪريا ملتاني جي خليفن مان هڪ وڏو ڪامل درويش ٿي گذريو آهي. هو گهڻي ڪشف ڪرامات جي ظهور سبب "وڄ" جي نالي سان مشهور ٿيل هو جنهن ڪي اڄ تائين عام ماڻهو پير وڄ ڪري سڏيندا آهن. سندس مقبرو فيروز شاهہ تعلقي ميهڙ ۾ مشهور معروف آهي. چون ٿا تہ گذريل زماني ۾ هي بزرگ هڪ ڳوٺ عالم پور ۾ رهندو هو ۽ اُتي ئي وفات ڪيائين ۽ اُتي ئي دفن ٿيو. سنڌ ندي جي پائيندڙ ۾ اهو ڳوٺ ٻڏڻ لڳو جنهن تي شهر جي هڪ نيڪ بخت مرد حاجي سلطان کي خواب ۾ چيو ويو تہ بزرگ عبدالله جي لاش کي اتان ڪڍي فيروز شاهہ ۾ دفن ڪيو وڃي. جنهن کان پوءِ سندس لاش اتان نقل ڪري فيروز شاهہ ۾ آندي وئي ۽ سندس اولاد بہ اُتي ئي مقيم ٿيو.

وفات کان پوءِ 3 فرزند ڇڏي ويو. مخدوم ابراهيم، مخدوم احمد، مخدوم اسحاق. مخدوم احمد جي اولاد مان گهڻو ڪري عالم درويش ۽ اهل الله ٿي گذريا آهن. هن وقت مخدوم عبدالله جي اولاد مان ميهڙ تعلقي ۾ ڪيترائي ماڻهو آهن، جن مان ڪي زميندار ۽ ڪي پڙهيل، ڪي ملازمت

پيشہ آهن. سنڌ جو نامور عالم مولانا عطاءُ الله فيروزشاهي بہ انهيءَ مخدوم جي اولاد مان ٿي گذريو آهي.

هي بزرگ ستين صدي جي ولين مان آهي.

# 395۔ مولانا عبدالمجيد فيروز شاهي

هي بزرگ مخدوم عبدالله پيروچ جي اولاد مان ۽ مولانا عطاءُ الله فيروز شاهي جو سڌو سنئون ڏاڏو آهي. ننڍپڻ ۾ يتيم ٿي پيو. سڀ کان پهريان مخدوم محمد صادق گجيرائي وٽ تعليم وٺڻ وڃي رهيو مگر اُتي پڙهائي جو پورو بندوبست نہ هو جنهن ڪري هي علم جو شائق طالب العلم پريشان ٿي پيو ۽ پنهنجي استاد بزرگ کان رخصت گهريائين تہ ڪنهن ٻئي مدرسي ۾ وڃي علم جي طلب ڪري. اها ڳالهہ سندس استاذ کي ناگوار گذري، جنهن ڪري هن معصوم شاگرد کي ڇينڀ ڪئي ۽ موڪل ڏيڻ کان انڪار ڪيو. انهيءَ رات مخدوم محمد صادق کي ڪنهن بزرگ خواب ۾ اشارو ڪيو تہ پنهنجي شاگرد عبدالمجيد کي اجازت ڏئي ۽ ڪائنس معافي بہ وٺ. صبح ٿيو تہ استاد شاگرد جي آڏو اچي بيٺو معافي گهرندي کيس موڪل ڏنائين ۽ سفر خرچ لاءِ هڪ رپيو ۽ هڪ چادر بہ عطا ڪيائينس. هي نينگر اُتان روانو ٿي درياءَ اُڪري سڌو متيارين ۾ مخدوم محمد عثمان متعلوي جي مدرسي ۾ پهتو. مخدوم محمد عثمان هن پنهنجي شاگرد کي ڏسي فرمايو تہ بابا! تون 'هتين ڪٿي؟ تنهنجي لاءِ اڳ ۾ئي مون کي خواب ۾ سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني سفارش ڪري ويو آهي. ڀلي آئين.

ميان عبدالمجيد پنهنجي استاذ جو خاص خادم ٿي رهيو. استاذ جي پيئڻ لاءِ هميشہ سنڌو دريا تان پاڻي ڀري آڻيندو هو. جڏهن سموري علم کان فراغت حاصل ڪيائين تہ پوءِ ميهڙ تعلقي جي ناري جي ڳوٺ ۾ پهريان درس ڏيڻ لڳو. ان کان پوءِ آخر فيروز شاهہ ۾ اچي رهيو ۽ اُتي ئي آخر عمر تائين رهيو.

چون ٿا تہ متيارين ۾ هڪ درويش "الهہ بنده" نالي رهندو هو جنهن مولوي عبدالمجيد صاحب کي چيو هو تہ هڪ وقت اهڙي هئا لڳندي، جنهن ڪري توکي سخت ڪنگهہ ٿي پوندي ۽ اُن ۾ تنهنجو انتقال ٿيندو. آخر ٿيو

بہ ائين. مولوي عبدالمجيد جي وفات 13 صدي جي وچ ڌاري ٿي آهي. پوٽنان هڪ فرزند خيرمحمد نالي ڇڏي ويو جنهن جو فرزند مولانا عطاءُ الله ٿي گذريو آهي.

# 396- محمد علي طالب بکري

سنڌ ۾ فارسي جا شيرين گو شاعر جيترا بہ ٿي گذريا آهن، تن مان محمد علي طالب بہ هڪ ٿي آهي.

هي شاعر شيرين مقال اصل بکر جي لڳ ڪنهن ڳوٺ جو ويٺل آهي ۽ سندس والد جو نالو حاجي محمد پناهہ آهي. جيئن تہ فرمائي ٿو تہ:

نام پدر ماست محمد پناه
ساخته در ظل محمد پناه
حاجی حرمین شریفین هست
را تر فرخنده مقامین هست
برسرم سایه این پاینده باد
از سببش بختم فرخنده باد
نیز مرا نام محمد علی ست
طالب هم باز تخلص علی است
طالب خیر آمده ام از خدا
طالب زان گشت تخلص مرا
مسکن ما ملحق بکر حصار
قریه رهی هست همان جا قرار

قلعہ بکر جي لڳ ڪهڙي ڳوٺ جو رهاڪو آهي، ان جو پتو ڪونہ ٿو پوي. هن بزرگ جي روهڙي جي ميان رحمت الله موءِ مبارڪ جي مجاور سان گهاٽي دوستي هئي. وٽس ايندو ويندو هو. کيس پنهنجو شعر سخن بہ ٻڌائيندو هو. هڪ ڏينهن ميان رحمت الله کيس چيو تہ چو نہ موءِ مبارڪ جي ظهور جي تاريخي واقعي کي نظم ۾ آندو وڃي، جنهن تي هن صاحب، ان

قصہ ڪي فارسي نظم ۾ آندو جو 446 شعرن ۾ وچي ختم ٿيو آهي. لکي ٿو ته:

هست یکی شخص نیک ذات
سلمه الله عن الحادثات
کاشف اسرار کنو ز علوم
واقفر اسرار رموز قیوم
نطق دل آویز ز بس دلکشا
لعل شکر ریزش صد جان فزا
واصف انوار از روئی رسول
عاکف بود آگه موئی رسول
در ته آن رحمت دار مقر
رحمت الله شده نامور
من که شدم ناظم نظم این کتاب
از سببش یافتم این نصاب
پیش ازین نزدش چون رفتمی
گفتنی خویش بدو گفتمی
او به چنین خلق بگشتی انیس
بامن بیچاره مسکین جلیس
جمله در ان سمع قبول آمدی
ناظم را ناطق تحسین شدی
گفت بروزی بمن خام هوش
ناظم این نامه بشو دار گوش
تا شرف لطف خدایت رسد
بهر ازین باب دعایت رسد

داد بمن ورقه تاریخ او
گفت بمن ناظم تاریخ شو
یافتم این عز ازان آستان
دست فگندیم باین داستان
"نامه ظهور" آمد نامش نکو
باز این قصه مارا شنو

اهو رسالو 25 رمضان المبارڪ 1272هه ۾ تماميت ڪي رسيو آهي.
جيئن تہ فرمائي ٿو تہ:

سال وی از هاتف کردم سوال
بهر چنین نامئه فرخنده خال
از مدد او قلم اینجا نوشت
وه چه بود قصه نیکو سرشت
بود ز هجرت بحساب و شمار
سال به هفتاد و صد با هزار
باز دو سال از بران فزود
خاتمه نسخه درین سن به بود
از رمضان جمله آخر بدان
روز از و بیست و پنجم عیان
وقت ضحیٰ جلوه از آفتاب
بود که شد خاتمه این کتاب

ميان محمد علي طالب خواجہ نظام الدين مجددي سرهندي شڪارپوري جو مريد آهي. ظهور نامہ ۾ پنهنجي مرشد ڪامل جي تفصيل سان تعريف ڪئي اٿس.

سندس ڪلام ۾ جيڪا رواني آهي، سا ٻئي ڪنهن شاعر جي ڪلام ۾ گهٽ نظر ايندي. هو هڪ مخلص ديندار ۽ عاشق رسول ﷺ تي گذريو آهي.

هي بزرگ 13 صدي هجري جي آخر ۾ ٿي گذريو آهي. الله تعاليٰ مٿس رحمت ڪري شال. آمين.

## 397- فقير سچيڏنو صوفي درازائي

سنڌ جو مشهور صوفي موحد شاعر سچل فقير جو اصل نالو حافظ عبدالوهاب آهي. هو فرزند آهي ميان صلاح الدين ولد ميان محمد حافظ عرف ميان صاحبڏنو.

هن درويش جي نسب جو سلسلو وڃي سيدنا اميرالمؤمنين عمر فاروق سان ملي ٿو جنهن ڪري درازن وارا فقير فاروقي نسب يا قوميت سان مشهور آهن.

درازن جي فاروقين جي شجره نسب ۽ تاريخي حالات مان معلوم ٿئي ٿو ته انهن جو وڏو شيخ شهاب الدين محمد بن قاسم فاتح سنڌ جي فوج ۾ گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ سيوهڻ جي فتح ٿيڻ کان پوءِ اتي جو حاڪم بنايو ويو ۽ انهيءَ خاندان جا وڏا سلطان محمود غزنوي جي گهراڻي تائين سيوهڻ جا حاڪم رهندا آيا. ان کان پوءِ ڪي سيوهڻ ۾ رهيا ته ڪي ٽڙي پکڙي ٻين طرفن ڏانهن هليا ويا. 7 صدي هجري ڌاري هنن جا ڪي وڏا بزرگ سيوهڻ مان لڏي راڻيپور جي لڳ گاگڙي پرڳڻي ۾ اچي ويٺا ۽ اُتي مخدوم جمار جا مريد ٿيا. جنهن جو مقبرو "گڏيجي" ۾ آهي، جتان پوءِ درازن جي ديهه ڪي اچي وسايائون ۽ اُتي پيري مريدي جو سلسلو قائم ڪيائون.

سچل فقير جو والد ميان صلاح الدين اگرچه ميان صاحبڏني جو وڏو پٽ هو پر گادي ننڍي پٽ ميان عبدالحق کي ڏياري ويئي هئي، جنهن ڪري سچل فقير جي پرورش ۽ تعليم تربيت پنهنجي چاچي جي نظرداري هيٺ ٿيندي رهي. ڇو ته ميان صلاح الدين اُن زماني ۾ وفات ڪئي هئي، جڏهن سندس ننڍڙي ٻار يعني سچل سائين هوش ئي ڪونه سنڀاليو هو.

ننڍي هوندي کيس هڪ آخوند ميان عبدالله جي حوالي ڪيائون، جنهن وٽ قرآن شريف ياد ڪيائين ۽ ان کان پوءِ چوڏهن ورهين جي ڄمار تائين انهيءَ وقت جي درسي ڪتابن عربي فارسي جي تحصيل ڪري فارغ ٿي ويو. هو ظاهري علم بہ پڙهندو هو تہ ساڳي وقت ئي پنهنجي چاچي ميان عبدالحق جي صحبت ۾ باطني فيض بہ حاصل ڪندو رهيو ٿي ۽ هن کي پنهنجو مرشد ڪري ورتائين. ميان عبدالحق جي وفات (1213هـ) کان پوءِ جڏهن سندس فرزند ميان قبول محمد پهريون (وفات 1245هـ) گادي تي ويٺو هو تہ باقي ذڪر افڪار ان کان حاصل ڪري خلافت جو درجو حاصل ڪيائين، جنهن ڪري کيس خليفو سچل ڪري سڏيندا هئا.

سچل فقير ننڍي هوندي کان وٺي هڪ طرفو رهڻ پسند ڪندو هو. گهڻو ڪري ماڻهن سان ايترو رلندو ملندو ئي ڪونہ هو. وڏي ڄمار ٿيس تہ پنهنجي مرشد جي حاضري ۾ گذاريندو هو.

سچل فقير اگرچہ مجرد رهڻ کي گهڻو پسند ڪندو هو پر ان هوندي بہ سندس چاچي ۽ مرشد ميان عبدالحق پنهنجي نياڻي سان شادي ڪرائي هئس، جنهن مان فقط هڪ فرزند پيدا ٿيو مگر اهو بہ ننڍڙي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو.

سچل فقير پاڻ مريد نہ ڪندو هو. چو تہ گادي وارا پيا هئا. پاڻ هنن جو مريد هو جنهن ڪري ڪوبہ وٽس مريد ٿيڻ جي ارادي سان ايندو هو تہ ان کي بہ پنهنجي مرشد وٽان کيس مريد ڪرائيندو هو پر ان هوندي بہ ڪيترا فقير، سندس صحبت ۾ اچي رهندا هئا ۽ گهڻوئي ڪجهہ وٽانس پرائيندا هئا. جيئن اڳڙن جو فقير يوسف، جنهن کي يوسف نانڪ سڏيندا آهن ۽ فقير يعقوب، حاجي محمد عثمان چاڪي لاڙڪاڻو فقير محمد صالح لاڙڪاڻي وارو فقير گهرام جتوئي، محمد صلاح دونهين وارو ۽ ٻيا.

سچل فقير شروع حياتي ۾ پنهنجن مائٽن وانگي نماز روزي جو ڏاڍو پابند رهندو هو. وڏي ڄمار ۾ گهڻو ڪري استغراق ۾ رهڻ لڳو جنهن ڪري هو باقاعده نماز جو پابند ڪونہ هو. سموري زندگي ۾ ڪوبہ نشو نہ ڪيائين. تماڪ بہ ڪونہ واپرايائين. هو مذهب ۾ پنهنجي وڏن بزرگن وانگي اهل سنت جماعت جو پابند هو. اگرچہ قادري طريقي جو فقير هو پر

هن پنهنجي لاءِ هڪ پيو رستو تيار ڪيو هو. قادري وارن وٽ، راڳ سرود ۽ حسن پرستي ناجائز آهي، مگر هي صاحب پاڻ شاعر هو. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ به تنبوري تي پنهنجون ڪافيون ڳائيندو ۽ ٻين جو راڳ به ٻڌندو هو.

خيرپورميرس جا ٽالپر سنڌس خاندان ۽ هن فقير جا ڏاڍا معتقد هوندا هوا، جنهن ڪري هنن جي ڪچهري ۾ ويندو هو ۽ ڪيرين جو راڳ ٿيندو هو ته فقير به وينو رهندو هو.

ڪهڙن واري مخدوم صاحب ميان عاقل محمد جو انهيءَ زماني ۾ ڏاڍو زور هو ۽ شريعت جي پابندي لاءِ سنڌس حڪم جي مجال آهي جو ڪو نابري واري. خود مير سهراب ۽ مير رستم خان به مخدوم صاحب جي حڪم اڳيان گردن جهڪائيندا هوا.

مخدوم صاحب سچل فقير کان ناراض رهندو هو ڇاڪاڻ جو فقير سرود تي راڳ ڳائيندو ۽ ٻڌندو هو. سچل فقير ڪيترا دفعا وڃي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته ڪيس تعذير ڏنو وڃي، پر مخدوم صاحب ڪيس معاف ڪندو رهندو هو.

سچل فقير عادت جو سادو ۽ کاڌو پيتو به هميشه سادو کائيندو هو. ڏڌ ڇڪي ۾ ٿورا مرچ وجهي ماني ٽڪر سان کائي ڇڏيندو هو. هڪ ڪاٺ جي صندل تي هميشه مٿي کي بيراڳڻ ڏيو ذڪر فڪر ۾ رهندو هو. ڏاڙهي تمام ڊگهي رکندو هو جو ان وقت جو اهو رواج هو. مٿي ۾ سائي ڪپڙي جي ٽوپي ۽ پيراهن ۾ گوڏ ڍڪيندو هو. سموري زندگي ۾ هڪ ٻن دفعن کان سواءِ ڪڏهن به ٺهڪ ڏيئي نه کليو. هميشه خاموش ٿي خاموش ڪنڌ هيٺ ڪيو وينو هوندو هو.

## سنڌس شاعري

سچل فقير، سنڌي، سرائڪي ۽ هندي ۽ فارسي ۾ شعر چيو آهي. پر گهڻو ڪري سرائڪي ۾ سنڌس ڪافيون ۽ ڏوهڙا آهن. رياست جي ميرن جي زبان سرائڪي هوندي هئي، جنهن ڪري سچل فقير به انهيءَ زبان ۾ ڪلام چيو آهي. سنڌس شعر جو سمورو متن يا بنياد وحدت الوجود يا همه اوست جي صوفياني خيال تي ٻڌل آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن بيخودي جي حالت ۾ منصور وانگي انالحق جو دم به هنيو اٿس.

چون ٿا ته جڏهن بيخوديءَ جي حالت ۾ ڪافي يا ڪو بيو شعر اُچارڻ لڳندو هو، تڏهن سندس ٻالڪو يا منشي اُهو لکندو ويندو هو. پوءِ جڏهن هوش ۾ ايندو هو ۽ ڪيس ڪلام ڏيکاريندا هوا. چوندو هو ته هي ته چوڻ واري چيو آهي. مون کي ته سڌ به ڪانه آهي. سچل فقير پنهنجو ڪيترو شعر ساڙائي ٻارائي به ڇڏيو هو چو ته ڪيس ڊپ هو ته متان ماڻهو بي سمجهائي ڪري هي ڪلام پڙهي، شريعت جو رستو ڇڏي گمراهي ۾ ڪاهي پون. ان هوندي به فقيرن جيڪو ڪلام ڪائونس لڪائي ڇڏيو ۽ نه ڏيکاريو تنهن جو شمار ڪيو ويو ته نون لکن ڪان وڌيڪ بيت موجود هوا. جن ۾ ڪافيون، ڏوهيڙا ۽ سي حرفيون ۽ ڪجهه مرثيا ۽ غزل هوا.

ازانسواءِ سچل فقير فارسي ۾ گهڻو ڪجهه چيو آهي. فارسي ڪلام ۾ پنهنجو تخلص ڪٿي "آشڪار" ۽ ڪٿي "خدائي" آڻي ٿو. ديوان آشڪار ته ڇپجي به چڪو آهي. باقي سندس هينيان رسالا مثنوي رومي جي بحرون تي اڻ ڇپيل موجود آهن. (1) وحدت نامه (2) راز نامه (3) مرغ نامه (4) رهبر نامه (5) گداز نامه (6) عشق نامه (7) وصلت نامه. انهن سمورن رسالن ۾ وحدت الوجود جي صوفيانه مسئلي جو ذڪر ڪيل آهي. ڪٿي ڪٿي پنهنجي ذڪر اذڪار ۽ عارفانه شغل جو بيان به ڪري ٿو. جيئن ته رازنامه ۾ فرمائي ٿو:

راهه مولا در لطائفهائي نيست
درد عشقي در وظائفهائي نيست
نفسي و قلبي و روحي را مگر
رو بدر وي عشق او باشي اسير
پاس انفاس ست همچو دايهءِ
ميشود از دايهءِ سرمايهءِ
پاس انفاس ست راه عاشقان
پاس انفاس ست صدق صادقان
اي ز پاس انفاس عشقش سرزند
در زماني قلعه هستي بشکند

سچل فقير جو خيال آهي تہ دل جي صفائي لاءِ جيڪي لطيفا ڪمايا ويندا آهن، تن کان بهتر آهي تہ پاس انفاس جي شغل ۾ رهجي، اهوئي هڪ رستو آهي، جنهن جو مطلب وڏي منزل تي رسي سگهي ٿو.

پاس انفاس ذڪر جو مطلب آهي، جو دم هيٺ وڃي يا مٿي اچي، تنهن ۾ الله جو اسم ذاتي جاري رهندو اچي. ڪن بزرگ صوفين جو چوڻ آهي تہ هيٺ دم وڃڻ وقت لا اله جو لفظ تصور ڪجي ۽ ٻاهر ڪيڻ وقت الاالله جو خيال رکي ۽ هي سمجهي تہ اندر جون سموريون آلودگيون ٻاهر اڇلائيندو رهان ٿو ۽ ٻاهر جا انوار اندر هضم ڪريان ٿو. ان ريت هر هڪ پساهہ جي نگهباني ڪندو رهي.

سچل فقير پنهنجي مسلڪ ۽ صوفيانہ شغلن کي قرآن حڪيم مان معلوم ڪرڻ جي دعوي ڪندي، پنهنجي ڪلام ۾ فرمائي ٿو:

غير قرآن اين کتبهاءِ دگر
جمله قشرست اين بدون بسے خير
باز قرآن متعلق ست باکمال
تو چه دانی تا چه گفت ذوالجلال
من همه تفسير قرآن خوانده ام
مغز قرآن را ازان بر خوانده ام

هن وقت سچل فقير جا پيروي ڪندڙ ۽ سندس پويان گادي نشين درازائي فقير گهڻو ڪري لاتيدي ۽ مذهب کان بيزار ۽ شيعا ٿي چڪا آهن. ڀنگ نوشي ۽ شراب خوري هنن وٽ عام جام آهي. هو پنهنجي سمجهہ موجب سچل کي بہ رافضي ۽ بد مذهب تصور ڪندي، جڻ تہ سندس پيروي ۾ اهي ڪم ڪري رهيا آهن. هوڏانهن فقير صاحب پڪو سني هو ۽ نشي جي سمورن قسمن کان پاڪ صاف زندگي گذاريندو هو. پنهنجي رسالہ وصلت ۾ چئن يارن جي واکاڻ ۾ فرمائي ٿو:

مصطفیٰ و مرتضیٰ هر دو يکی است
در ابوبکر و عمر کسی را شکی است

سر احمد بود عثمان در جهان
احمدش گفته رفيقی فی الجنان

گدازنامہ ۾ پنهنجي زندگي جي هڪ پهلو تي هيٺئين ريت روشني وجهي ٿو:

من طالب باده انگوريم
ز اين شراب انگوری من دوريم
باده وحدت ز لطف شهه و راز
خواجه عبدالحق بهر دو سر راز
از يد ساقی کوثر خورده ام
زان سبب اين گوءِ سبقت برده ام

سچل فقير گهڻو ڪري بيمار نہ رهندو هو. ڪاٿيندو وري ڇا هو جو بيمارين جو شڪار ٿئي. تمام وڏي ڄمار 72 سالن کي پهچي، 15 رمضان المبارڪ 1242ھ ۾ وفات ڪيائين. درازن ۾ ئي دفن ڪيو ويو.

مولوي قادر بخش بيدل روهڙي واري سندس وفات جون تاريخون هيٺين جملن مان ڪڍيون آهن. "پرغم – آفتاب – اوج عشق" شعر:

سالک مستانه سچو چونکه پيوسته بحق
سرمست هو پيوسته شد تاريخ آن

# 398- مولوي قادر بخش بيدل روهڙي

قادر بخش ولد محمد محسن پاٽولي (ريشم فروش) مشهور فقير بيدل سنڌ جو هڪ نامور موحد صوفي شاعر، عالم فاضل، اصل کان روهڙي جو رهاڪو وقت جو وڏو درويش ٿي گذريو آهي. فقير بيدل جو والد سيد مولوي عبدالوهاب پاڳ ناڙي واري جو مريد هو ۽ سيد صاحب وري مير جان الله شاهہ رضوي روهڙائي جو خليفو هو. مير جان الله جهوڪ واري مشهور صوفي شاهہ عنايت الله شهيد جي 14 نامور خليفن مان هڪ هو.

فقير بيدل جو والد ان کان پوءِ مير جان الله شاهہ ثاني کان بہ بيعت ڪئي، جو وڏي جان الله جو پوٽو هو.

فقير بيدل 1230هہ مطابق 1814 عيسوي جي هن دنيا ۾ جنم ورتو ۽ ننڍي هوندي پنهنجي والد جي مرشد وٽ ايندو ويندو هو. جنهن صاحب بيدل لاءِ دعائون گهريون ۽ آسيسون ڪيون. جنهن جو نتيجو اڳتي هلي نڪتو.

بيدل اجا 5 سالن جو هو تہ کيس تعليم لاءِ مڪتب ۾ وهاريو ويو. اگرچہ سندس دل ظاهري علمن سان ايتري ڪانہ لڳي، مگر والد جو حڪم کيس مٺو هو. برابر 12 سالن جي ڄمار تائين، هو باقائده استاد وٽان علم پرائيندو رهيو ۽ ان وچ ۾ سيد جان الله شاهہ رضوي ثاني کان بيعت بہ ڪيائين، جنهن ڪري اندر واري اور ۽ شغل ۾ مشغول رهندو آيو.

چون ٿا طالب علمي واري زماني ۾ هن هڪ خواب ڏٺو جنهن ۾ سيوهڻ جي قلندر عثمان مروندي جي درگاهہ تي حاضر ٿيڻ جو اشارو ٿيو. هي صاحب تن تنها سيوهڻ روانو ٿي ويو. سيوهڻ کان موٽڻ بعد هن شعر چوڻ شروع ڪيو. سڀ کان پهريان، هڪ فارسي غزل چيائين، جنهن جا چند مصرعا هي آهن:

زاهدا از مسجد يکبار به ميخانه در آ
عهد و پيمانه شکن طالب پيمانه در آ
تا شود بدلت اسرار شهودی مکشوف
در شبستانه توحيد چو پروانه در آ
کرد که همنی، از رتبه عشقت محروم
هين! درين حلقهء باهمت مردانه در آ
مفتی عشق، مخمور چنان فتویٰ داد
باده وجد کش و بيخود مستانه در آ
بيدل از ساغر منصور مئی حال بنوش
وانگهی بيخود در مجلس رندانه در آ

چون ٿا تہ اهو غزل جڏهن پنهنجي استاد صاحب کي ڏيکاريائين تہ هن صاحب کي اعتبار ئي نہ ٿي آيو. چيائين تہ اهو غزل شايد مرزا عبدالقادر بيدل دهلوي جو آهي. جنهن تي فقير قادر بخش بيدل عرض ڪيو تہ مون تي ذات تي اجهو اوهان جي سامهون غزل لکان ٿو. جنهن کان پوءِ ارتجالا انهيءَ مجلس ۾ بہ فارسي غزل لکي، استاد جي خدمت ۾ پيش ڪيائين، جنهن تي کيس آفرين ڪئي ويئي. سيوهڻ کان موٽڻ بعد فقير بيدل ڪجهہ وقت پير ڳوٺ ۾، جناب پير سيد علي گوهر اول پاڳاري جي خدمت ۾ رهيو ۽ اُتي ظاهري علم جو شغل بہ جاري رکيائين. اتان روانو ٿي ڪجهہ وقت پريالوءِ ۾ حضرت مخدوم محمد اسماعيل صاحب رح جي مقبري تي مجاور ٿي ويجي ويٺو ۽ روحاني طريقي تي اتان بہ ڪجهہ حاصل ڪري، ان کان پوءِ وري روهڙي واپس اچي رهيو. گهڻو وقت پنهنجي اوطاق ۾ گذاريندو هو ۽ سندس بيخودي واري جيڪا پهرين حالت هئي، سا پير ڳوٺ ۽ پريالوءِ جي رهڻ کان پوءِ بدلجي هڪ سڪون ۽ آرام جي حالت ۾ بدلجي وئي. پنهنجي مرشد مير جان الله شاهہ جي وفات کان پوءِ جهوڪ شريف بہ هڪ دفعو ويو ۽ ان وقت سجاده نشين صوفي ابراهيم شاهہ چوٿون هو. هن موحد صوفي جي صحبت ۾ رهي گهڻو ڪجهہ پرائي آيو.

ظاهري يا مجازي عشق ڪن صوفين هجي طريقي ۾ ناجائز آهي ۽ ڪن وٽ جائز آهي. فقير بيدل انهي صوفين مان آهي، جي ڪجهہ وقت لاءِ ظاهري حسن کي، حقيقي حسن لاءِ ڏاڪڻ سمجهندا آهن.

فقير بيدل جو روهڙي جي هڪ قاضي پير محمد سان محبت هئي. هن کي پنهنجو معشوق ڪري سڏيندو هو. قاضي پير محمد سندس خدمت گذاري بہ ڏاڍي ڪندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ رساماڻ بہ ٿيندا هئا ۽ وري جلد پرچاءُ بہ ٿي ويندو هو. ڪجهہ وقت اهو مجاز جو مشغلو بہ هلندو رهيو مگر اُن کانپوءِ فقير صاحب مجازي معاملي کان منهن موڙي، روحاني رمزن پروڙڻ لاءِ پوري طرح متوجہ ٿي رهيو. فقير بيدل روهڙي ۾ جڏهن هميشہ اچي مقيم ٿيو تڏهن سندس عزيزن بہ دفعا شادي ڪرائي. پهرين گهر مان کيس نياڻي پيدا ٿي ۽ پوئين گهر مان مشهور شاعر صوفي محمد محسن

بيڪس تولد ٿيو. فقير صاحب شريعت جو سخت پابند ۽ سني مذهب رکندڙ هو مگر ان هوندي بہ عام صوفين جي طريقي وانگي اهل بيت جي محبت جو بہ چڱي ريت اظهار ڪندو رهندو هو. فقير بيدل هميشہ توڪل تي گذاريو ۽ ڪنهن ڪان بہ ڪڏهن هڪ ڪوڏي جو بہ سوال نہ ڪيائين. جو ڪجهہ پاڻ مرادو ملندو هئس، ان مان پاڻ بہ ڪائيندو ۽ عيال ۽ مهمانن کي بہ کارائيندو هو. مسافرن ۽ مسڪينن کي هميشہ پاڻ سان گڏ کاڌي تي ويهاريندو هو. فقير صاحب وڏي ڄمار کي پهچي 16 ذي القعد 1289هجري ۾ عالم بقا ڏانهن راهي ٿي ويو. سندس لاش کي، سندس گهر واري جاءِ ۾ دفن ڪيو ويو. (بيدل نامہ تان مختصراً)

## بيدل جي تصنيفات ۽ شاعري

مولوي قادر بخش بيدل لاءِ هندو ڄاڻن ۽ سندس سوانح نگارن جو خيال آهي تہ هو استاذ وٽ ٿورو پڙهيو هو. باقي جو ڪجهہ هن عربي، فارسي زبان ۾ ڪتاب تصنيف ڪيا آهن، سا خدائي ڏات يا علم لدني هو. مگر حقيقت ان جي برخلاف آهي. هو باقاعده استادن وٽ عربي علوم پڙهي ۽ عالم ٿيل هو. مولانا مرحوم عبدالرحمان سکر واري وٽ بہ ڪي پويان انتها جي درجي وارا ڪتاب پڙهيو هو. اهو علمي ذوق ۽ علمي طاقت هئي جو هن جو گهڻو مشغلو تصنيفات ۾ رهيو هو. بيدل فقير جي ڪتابن جو ڳاڻاٽو اگرچہ پوري طرح معلوم نہ ٿي سگهيو مگر جن جا نالا اسان تائين پهتا آهن، تن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

(1) ديوان بيدل فارسي، هن ۾ اٽڪل بہ هزار شعر ۽ 449 غزل آهن. پهرين غزل جو مطلع آهي:

الاهی مطلع انوار وحدت ساز جانم را
ز ظلمهائی کثرت رستگاری دهه روانم را

(2) سلوڪ الطالبين. هي بہ نظم جو مجموعو آهي، جنهن ۾ 90 غزل آهن. پهرين غزل جو منڍ آهي:

الاهی موج وحدت بخش دریائی خیالم را

به بحرحال گم کرده گردان حباب قیل قالم را

(3) مصباح طريقت. هي بہ فارسي نظم آهي، جنهن ۾ هڪ هزار کان بہ وڌيڪ شعر آهن. پهريل غزل جي شروعات آهي:

بیا مطرب نوائی زن بحالت آر مستان را

تو هم ساقی! جدا از جام و مئی مگزار مستان را

(4) مثنوي هير رانجهو فارسي، جنهن جو پهريون شعر آهي:

ز هرچه خامه نویسد به ناصیهء دوران

سواد حرف غم عشق خوشتر است بدان

(5) مخمسات. هي هڪ ننڍو رسالو آهي، جنهن ۾ فارسي مخمس ۽ ڪجهہ غزل آهن.

(6) هندي غزليات. هن مجموعي ۾ بہ سؤ کن شعر آهن. پهريون شعر آهي:

دل وحدت طالب فارغ ز قید جسم و جان ہوگا

کہ بیٹھک عاشقان دائم بہ ملک لامکان ہوگا

(7) نهر البحر. مولانا رومي جي مثنوي واري بحر ۾ هڪ ننڍي مثنوي آهي:

شنو از نے نغمهء سر الت

تاچه میگوید ازان عهد درست

(8) رموزالقادري. قصيده غوثيہ جو فارسي نظم ۾ شرح.

(9) رموز العارفين. هڪ ننڍو رسالو آهي، جنهن ۾ ڪن عارفن جا قول نقل ڪري ان جو فارسي نظم ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي. ابتدا هيٺئين ريت آهي:

اے آنکه توئی وجود مطلق

ذات تو حقیقت الحقائق

انهيءَ رسالي ۾ پنهنجو عقيدو هن ريت ظاهر ڪيو اٿس:

بيدل کـــه نمود ترجمانـــی – ايـــن رمـــوز بـس نهانی
سنی بـــا عتقـــاد مذهـــب – صوفی ست با تحاد مشرب
تن تابع شرع و جان بوجدان – بيـرون از خيال کفر و ايمان

(10) وحدت نامہ. هڪ ننڍو رسالو سنڌي ڏوهيڙن ۾.

(11) شرح احاديث. هن ۾ ڪن حديثن جو شرح آهي، هي بہ ننڍو رسالو آهي.

(12) قرة العين في مناقب سبطين. واقعہ ڪربلا جي متعلق هڪ وڏو رسالو فارسي نظم ۾ آهي.

(13) فوائدالمعنوي. هي عربي رسالو آهي، جنهن ۾ صوفين جا وحدت ۽ معرفت بابت قول نقل ٿيل آهن. عشق مجازي بابت ان ۾ هڪ قول آهي: "المجاز يوصل باالحقيقت و يمنع منها" يعني تہ مجازي عشق ڪڏهن حقيقت تائين پهچائي ٿو ۽ ڪڏهن ان کان روڪي ڇڏي ٿو.

(14) رياض الفقر. هي بہ تصوف جي حقيقت تي فارسي نظم ۾ هڪ هزار شعر جو مجموعو آهي.

(15) تقويت القلوب في تذڪرة المحبوب. هن رسالي ۾ وحدت الوجود جي مسئلي تي صوفين جا قول ڏنل آهن ۽ ان تي پنهنجا رايا بہ پيش ڪيا اٿس.

(16) پنج گنج، هي رسالو عربي ۽ فارسي ۾ لکيل آهي، رسالي ۾ ڪوبہ تصوف جو قول بيان ڪري ٿو تہ ان لاءِ 5 دليل دپيش ڪيا اٿس. قرآن، حديث، مثنوي رومي. شاهہ ڀٽائي ۽ ٻئي ڪنهن مذهبي ڪتاب تان. اهوئي سبب آهي جو ان جو نالو "پنج گنج" رکيو اٿس.

(17) فرائض صوفيہ. سنڌي زبان ۾ تڪ بندي تي سالڪن لاءِ سمجهاڻيون آهن.

(18) سند الموحدين. سنڌي زبان ۾ سنڌ جي جدا جدا اوليائن جا وحدت جي مسئلي تي شعر نقل ڪيل آهن.

(19) تاريخهائی وفات بزرگان. هڪ ننڍو رسالو فارسي ۾ آهي، جنهن ۾ ڪيترن بزرگن جي وفات جون منظوم تاريخون آهن.

(20) انشاء قادري. فارسي زبان ۾ فقير جا ڏهہ رقعہ آهن.

(21) سرود نامہ. سنڌي زبان ۾ نظم. ان سان گڏ ڪجهہ سرائڪي ۾ بہ ڪلام آهن.

(22) عقائد بيدل.

## 399- مولوي عزيز الله متعلوي

مولوي عزيز الله متيارين جو رهاڪو هڪ وڏو عالم فاضل ۽ قابل بزرگ هو. هن جا وڏا بزرگ اصل ٺٽي جا ويٺل هئا، مگر پوءِ قسمت سانگي متيارين ۾ اچي رهيا. مولوي عزيز الله صاحب متيارين جي مشهور مخدوم عثمان وٽان سمورن علمن جي تحصيل ڪري هڪ برجستو عالم بڻيو. نقشبندي طريقي ۾ سندس بيعت لواري جي بزرگن سان هئي. لواري علمي مرڪز بہ ٿي رهيو آهي، جنهن ڪري عزيزالله گهڻو ڪري لواري ۾ رهندو هو. درس بہ ڏيندو هو ۽ فتوي نويسي يا تحريرن جو ڪم بہ ڪندو هو.

مولوي عزيزالله جو سڀ کان وڏو تاريخي ڪم آهي قرآن مجيد جو سنڌي ۾ ترجمو. جڏهن سنڌي زبان اڃا نثر ۾ ڪانہ لکي ويندي هئي، تڏهن ان سنڌي جي صورت خطي ۽ گرامرئي ڪونہ جڙيا هئا، تنهن زماني ۾ هن صاحب قرآن جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو جو ڪيترا دفعا بمبئي ۾ ڇاپجي پڌرو ٿيو ۽ اهو پهريون ترجمو آهي، جو سنڌ وارن لاءِ ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيو ۽ قبول پيو. انهي ترجمي تي سندس مختصر تفسيري حاشيو بہ آهي جنهن ۾ جهوني سنڌي ڪم آيل آهي. ان کان پوءِ سواءِ قصيده غوثيہ جو فارسي ۾ شرح بہ سندس يادگار آهي.

مرحوم عزيز الله وفات بہ لواري ۾ ڪئي. اتي ئي بزرگن جي گنبذ جي پوئتان دفن ڪيو ويو. سندس ڪتب خاني جي ڪن ورقن مان هڪ تايخ وفات جون هيئيون سٽون هٿ لڳيون آهن.

"وفات مخدوم عزيزالله مترجم قرآن بزبان سندی 7 شعبان دوشنبہ بوقت ضحیٰ 1273ھ مدفنشن در مکان لواری بہ پشت روضہ بزرگان لواری "نورالله جل مضجعه" جي فقري مان سندس تاريخ وفات حاصل ٿئي ٿي.
1273ھ

ڪنهن شاعر فارسي ۾ تاريخ وفات لکي آهي، جنهن جو پويون مصرعو آهي:

هاتف از سر حسرت تاريخ وصل او بخواند
طوطی آن گويائی اسرار اعلیٰ ساکت ماند
1273ھ

# 400- سيد محمد مڪي بکري

سيد شريف امير محمد مڪي پهريون ٿي بزرگ آهي، جنهن سکر ۽ بکر جا شهر آباد ڪيا ۽ انهيءَ ڪليل ميدان کي اچي وسايو. سندس شجرو هيٺئين ريت آهي: محمد بن سيد شجاع بن سيد ابراهيم بن سيد زيد بن سيد جعفر بن سيد حمزه بن سيد هارون بن سيد عقيل بن سيد اسماعيل بن سيد ابوالحسن علي المختار بن سيد جعفر ڪذاب بن امام علي نقي بن امام محمد تقي بن امام موسيٰ رضا بن امام محمد ڪاظم بن امام جعفر صادق بن امام محمد باقر بن امام علي زين العابدين بن امام حسين بن سيدنا علي بن ابوطالب رضي الله تعاليٰ عنهم. اهو نسب نامہ سيد محمد جي مقبري جي لوڙهہ تي بہ سنگ سرخ سان لکيل آهي، مگر ان مان ڪي نالا ڊاٺا ويا آهن، جنهن ڪري انهيءَ شجره نسب جي تصحيح ڪتاب نزهة الخواطر تان ڪئي وئي آهي. مقبري جي ڪتبي مان هي بہ معلوم ٿئي ٿو تہ سيد محمد مڪي شيخ الشيوخ شهاب الدين سهروردي بغدادي جي دختر جو فرزند ۽ شيخ جو ڏهٽو آهي.

تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو تہ سيد شجاع مشهد (طوس) ۾ رهندو هو اتان حرمين جي زيارت جي ارادي سان روانو ٿي سفر ڪندي اچي شيخ الشيوخ شيخ شهاب الدين صديقي سهروردي (وفات 632ھ) جي خدمت ۾ پهتو سندس مريد ٿيو. شيخ پنهنجي نياڻي سان سندس نڪاح ڪرائي

ڪيس حج جي موڪل ڏني. هو پنهنجي اهليه سميت جڏهن مڪ شريف ۾ اچي مقيم ٿيو تڏهن ڪيس سيد محمد مڪي تولد ٿيو. سيد محمد شجاع حج جي عبادت کان فارغ ٿي جڏهن وطن واپس آيو تڏهن ٿورن ڏينهن کان پوءِ وفات ڪري ويو. ڪيس موسيٰ رضا جي گنبذ ۾ دفن ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ سيد مڪي مشهد مان نقل مڪاني ڪري اچي سنڌ ۾ مقيم ٿيو.

سيد معين بن شهاب رضوي پنهنجي ڪتاب منبع الانساب ۾ لکي ٿو: سيد محمد مڪ ۾ 540 هه ۾ جائو ۽ سنڌ ڏانهن سفر ڪري بکر ۾ اچي رهيو. اهو هڪ برپٽ هو جنهن ۾ ڪاٻ عمارت ڪانہ هئي. سيد محمد اُتي ڍڳو ڪهائي ٽپڙ رکي ويهي رهيو. پوءِ انهيءَ آبادي جو نالو ٿي بقره (ڍڳو) رکيائون، جو ڦري بکر ٿي پيو. (نزهة الخواطر)

سيد محمد مشهد کي ڇڏي، ڇو سنڌ ڏانهن لڏي آيو ان بابت رضوي بکري سيدن جي جهونن ڪاغذن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سيد محمد جو والد سيد شجاع، پهريان هڪ دفعو سنڌ ۾ آيو هو. سکر بکر واري ميدان تي اچي رهيو. هن پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ڇڏيو هو تہ هي جاءِ رهڻ جي لائق آهي. سندس وفات کان پوءِ سيد محمد پنهنجي والد جي لکيت موجب سنڌ جو سفر اختيار ڪيو جڏهن اسر جي ويلي انهيءَ هنڌ تي سندس قافلو پهتو تڏهن هڪ ڍڳي جي رنڀ جو آواز ڪنن تي پيس. تڏهن پاڻ فرمايائين تہ هاذه بقرة (يعني تہ هي ڍڳو رنڀي رهيو آهي) يا فرمايائين تہ هاذا بکر يعني تہ هاڻي صبح ٿيو آهي. اُتي ئي ڪري ڊاهو ڪيائون ۽ اها ساڳي سرزمين هئي، جنهن بابت سندن والد پنهنجي رهڻ جي خواهش ڏيکاري هئي. بقره يا بکره (صبح) جو لفظ بگڙي بکر ٿيو.

تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو تہ بکر جو جهونو نالو فرستہ آهي. هندن راجائن جي زماني ۾ اُتي ڪوٽ شهر ڪونہ هو. اروڙ جي ويراني کان پوءِ بکر آباد ٿيو. چون ٿا تہ سيد محمد مڪي جڏهن انهيءَ سرزمين تي وارد ٿيو تڏهن فرمايائين تہ "جعل الله بکر تی فی بقعة المبارکة" يعني تہ الله تعاليٰ منهنجو صبح برڪت واري جاءِ تي ڪرايو. هن کان پوءِ بکره عام ماڻهن جي زبان تي ڦري بکر ٿيو. ٻئي روايت آهي تہ سيد صاحب کان سندس خادمن

پڇيو تہ ڪٿي سامان لاهي، سفر ڪان آرام ونجي تہ پاڻ فرمايائون تہ جتي پريات جي ويلي ڍڳي جي رنڀ ٻڌو. جڏهن انهيءَ هنڌ پهتا، تڏهن ڍڳي جي رنڀ ٻڌائون. (ڍڳي کي عربي زبان ۾ بقره چئبو آهي) جنهن ڪري انهيءَ شهر جو نالو بکر پئجي ويو.

بکري رضوي سيدن جي خانداني ڪاغذن مان معلوم ٿئي ٿو تہ بکر انهيءَ هنڌ جو نالو آهي جتي هاڻي سيد محمد مڪي جو مقبرو آهي، يعني پراڻي سکر ۽ نئين سکر جي وچ وارو ٽڪرو. سيد محمد مڪي اُتي ئي وفات ڪئي ۽ پنهنجي ڪوٽ جي اندر دفن ڪيو ويو. تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو تہ:

”سيد محمد مکی، در فرسته اعنی بکهر توطن گرفته در گذشت و اندرون قلعه رک مدفن يافته“

شڪر نالي سيد صاحب جو هڪ برک غلام هو جنهن کي ٻين خادمن سميت سيد انهيءَ هنڌ رهڻ لاءِ چيو جتي هاڻي سکر آهي. سکر جو لفظ شکر مان بگڙيل آهي. ان ڪان بعد ڪيترا نو مسلم جي سيد صاحب جي هٿ هيٺ مسلمان ٿيندا رهيا، سي پڻ شڪر غلام جي بستي ۾ ويهندا ويا ۽ ان ريت سکر ۽ بهکر بہ شهرسيد جي آمد ڪانپوءِ آباد ٿيا.

سيد صاحب کي 14 فرزند تولد ٿيا. جن مان وڏا نامور سيد بدرالدين ۽ سيد صدرالدين خطيب ٿي گذريا آهن. بهکر جو دريا جي وچ وارو پهاڙي قلعي جي آبادي سيد خطيب صدرالدين ڪرائي، جو اُتي لڏي اچي ويٺو هو. سيد محمد مڪي 646هہ ۾ هڪ سؤ ڇهن سالن جي ڄمار ماڻي وفات ڪري ويو. سندس اولاد سنڌ کان سواءِ سموري هندستان ۾ پکڙيل آهي.

# 401- سيد نظام بکري

سيد نظام الدين بکري موحد درويش چشتي طريقي جو پيشوا سيد محمد مڪي جي اولاد مان آهي. اگرچہ ظاهري عالم سندس موسيقي واري مشرب تي اعتراض ڪندا هئا، مگر هو پنهنجي وحدت واري بيخودي ۾ مست رهندو آيو. انهيءَ وقت جا سوين ماڻهو سندس ارادت ۾ آيل ھون ٿا تہ جڏهن بکر جي قلعي ۾ وفات ڪيائين، تڏهن وصيت ڪري ڇڏي هئائين تہ

منهنجو جنازو نہ کڻجو پاڻيهي غيبي فرشتا انهيءَ کي کڻي، منهنجي مدفن واري هنڌ تي پهچائيندا. روهڙي ۾ جتي سندس هاڻي مقبرو آهي، اُتي ساڳي سندس وفات واري ڏينهن موسيقي جي مجلس هئي. ڏنو ويو تہ سندس جنازي جي کٽ بکر جي قلعي مان رواني ٿي، انهي هنڌ اچي اتري، جتي پوءِ کيس دفن ڪيو ويو. والله اعلم

سندس تاريخ وفات هيٺئين ريت منظوم آهي:

شاهنشه كريم مكمل نظام الدين
كو داشت اشتهار طريق محمدى
ناب مناب شاه رسل فخر اولياء
چشتى طريق سيد سادات سرمدى
ساقى كه طالبان صفارا عطا نمود
بايک نگاه مستى، صد جام بيخودى
سال وصال آن شه عرفان چو دل بجست
گفتم كه وى كمال حقيقت محمدى

827هہ

## 402- سيد محمد يعقوب خان رضوي روهڙي

مير سيد يعقوب علي ولد سيد ميران، اولاد سيد محمد مڪي باني بکر و سکر. مير يعقوب هڪ وڏو عالم فاضل ۽ اهل قلم هو. پنهنجي قابليت جي طفيل شاه جهان ۽ عالمگير جي زماني ۾ سرڪار جي وڏن وڏن عهدن تي فائز ٿيو. هڪ ٻہ دفعا سيوهڻ جو گورنر مقرر ٿيو. اُتي هڪ مسجد بہ اڏاريائين، جا ذي القعد 1083هہ ۾ شروع ٿي، 28 تاريخ ربيع الاول 1084هہ ۾ اختتام کي پهتي.

سلطان محمد دارا شڪوه پنهنجي والد کان ناراض ٿي، دهلي مان روانو ٿيو تہ بادشاهہ شاهجهان سيد يعقوب علي کي ان جي نگراني لاءِ حڪم موڪليو. ان کان پوءِ بادشاهہ جي خدمت ۾ دهلي ۾ وڃي حاضري ڀريائين. بادشاهہ پاران سندس حسن خدمات جي عيوض شاهانہ خلعت عطا

ٿي. هي صاحب برابر 8 سال 2 مهينا دهلي ۾ رهي، سال 1078 ۾ واپس بکر آيو. دهلي ۾ رهڻ واري عرصي ۾ اُتان هڪ شادي بہ ڪيائين، جنهن کي پاڻ سان بکر وٺي آيو. شاهجهان جي وفات 1076هہ کان پوءِ هن کي حضرت اورنگزيب عالمگير جي دربار ۾ وڏي رسائي حاصل ٿي ۽ انهيءَ جي ڏينهن ۾ ئي، سيوهڻ جو گورنر ٿيو. ان کان پوءِ لاهور ۾ بہ سرڪاري ڪمن سان ڪجهہ وقت وڃي رهيو جتي پڻ هڪ مسجد تعمير ڪرايائين ۽ لاهور مان بہ شادي ڪري بکر وٺي آيو.

1084هہ ۾ بکر مان نقل مڪاني ڪري اچي روهڙي ۾ مقيم ٿيو ۽ اُتي هڪ قلعہ ۽ حويلي جو بنياد رکيائين. قلعہ ۽ جاين جي تعمير جو ڪم شروع ٿيل هو. ان وچ ۾ بادشاهہ عالمگير پاران ڪيس حاضري جو سڏ ٿيو. سال 1085هہ ۾ شاهہ جهان آباد ۾ وڃي شاهي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ان کان پوءِ هميشه لاءِ سرڪار کان بکر جي گورنري جو پروانو حاصل ڪري اچي پنهنجي وطن ۾ مقيم ٿيو.

پنهنجي رهڻ ۽ حويلي لاءِ جيڪو ڪوٽ تعمير ڪرائڻ شروع ڪيو هئائين، سو پنڌرهن ايڪڙن زمين تي پکڙيل آهي. ڪوٽ جي اندر سندس خاندان جي ساداتن جون حويليون ۽ اوطاقون آهن. قلعہ اندر مغليہ عمارتن جي نموني تي هڪ عاليشان مسجد بہ آهي، جنهن تي هڪ قطعو لکيل آهي، ان جو هڪ مصرعو آهي:

"مسجد عالی بنا، از میر رضوی شد بنا"

اهو قلعو سال 1088هہ ۾ تڪميل کي پهتو. سال تعمير ۽ تڪميل جي تاريخ قلعي جي وڏي دروازي تي هيٺين ريت ثبت آهي:

به عهد شهنشاه اورنگزیب
یکی شهر از نو شهر ها شد بنا
شه آباد نامش نهاده فلک
ازان روءِ شد بر زمین قمرسا
بنا کرد یعقوب میران علی

بهمت به خصلت چو موسیٰ رضا
چو تاريخ تعميرش از عقل جستم.
بگفتا عمارت زهی دلڪشا
1088هه
خدايا تو اين شهر اسلام دين
نگهدار معمور دائم بقا

هن قطعي مان ظاهر آهي تہ مير يعقوب خان اهو ڪوٽ هڪ نئين ڳوٺ آباد ڪرائڻ جي ارادي سان اڏايو هو جنهن تي شهہ آباد نالو رکيو هئائين، مگر هاڻي اهو ڳوٺ يا ڪوٽ ويران آهن ۽ رضوي خاندان جي ساداتن مان گادي نشين سيد ۽ ٻيا ڪي فرد ان ۾ رهن ٿا.

سيد مير يعقوب خان 65 سالن جي ڄمار کي رسي 1091هہ ۾ هن دنيا فاني جي حڪمراني کان اکيون بند ڪري هميشہ لاءِ وڃي اصلي آرام گاهہ ۾ آرامي ٿيو. پوٽئان سندس وڏو فرزند مير صادق علي شاهہ پنهنجي والدجي گادي کي سنڀاليندو رهيو.

(رضوي سيدن جي ڪتب خاني جا مسودا)

## 403- سيد محمد بزرگ ٺٽوي

سيد محمد بزرگ ولد سيد محمد فاضل خوش نويس ولد سيد محمد علي بکري. سيد محمد بزرگ جا وڏا اصل جوڻ (بدين علائقي) جا رهاڪو هئا. اتان نقل ڪري اچي ٺٽي ۾ مقيم ٿيا. محمد بزرگ جو والد محمد فاضل هڪ وڏو فاضل ۽ بيحد خوش خط ۽ ٻين علمي ڪماليت ۾ پنهنجي زماني ۾ وڏو مشهور ماڻهو هو. سيد محمد بزرگ قرآن جو حافظ ۽ هڪ عمده عالم ۽ خوش نويس هو. ڪتابت جو فن پنهننجي والد ۽ ٺٽي جي مشهور خوش نويس محمد شفيع کان حاصل ڪيو هئائون. سلطان اورنگزيب عالمگير جي زماني ۾ محمد بزرگ پنهنجي ڀاءُ نظام الدين سميت روزگار جي تلاش ۾ عالمگيري دربار ۾ وڃي پهتا. بادشاهہ جي درباري اميرن ۾ شامل ٿيا. بادشاهہ دکن تي چڙهائي ڪئي تہ سيد نظام الدين سندس هم

رڪاب هو ۽ اُتي ئي وفات ڪري ويو. باقي سيد محمد بزرگ برابر 21 سال بادشاهہ جي خدمت ۾ حاضر رهندو آيو ۽ شاهزاده ڪام بخش ولد عالمگير جي استاذي جو شرف حاصل ٿيس. ڪيس خوشخطي ۽ ٻين علمن جي تعليم ڏيندو رهيو. بادشاهہ جي وفات کان پوءِ دکن مان روانو ٿي ٺٽي ۾ اچي پهتو ۽ آخر ڄمار تائين ٺٽي ۾ اقامت پذير ٿي 80 سالن جي ڄمار ۾ سن 1152هہ هن دنيا فاني مان هميشہ واري حويلي ڏانهن نقل ڪري ويو.

# 404- قاضي شڪرالله شيرازي ٺٽوي

قاضي سيد شڪرالله ولد سيد وجهہ الدين ولد سيد نعمت الله ولد سيد عرب شاهہ ولد سيد امير نسيم الدين محمد ولد محمد ميرڪ شاهہ محدث ولد امير عطاءُ الله جمال الدين محدث بن سيد فضل الله الحسيني الاسڪي شيرازي.

سيد شڪرالله جا وڏا ڪجهہ وقت کان شيراز مان نقل مڪاني ڪري هرات ۾ اچي رهيا هئا. سيد صاحب 906هہ ۾ هرات مان لڏي قنڌار ۾ اچي مقيم ٿيو. علمي خاندان ڪري هو سمورن علمن جي زيور سان سينگاريل ۽ وڏي مرتبي وارو هو. مرزا شاهہ بيگ ارغون اُن زماني ۾ قنڌار جو حاڪم هو ۽ پاڻ ۾ گهاٽا لاڳاپا ۽ گهرا تعلق هئن. مرزا شاهہ بيگ جڏهن قنڌار ڇڏي، سنڌ تي ڪاهيو تہ سيد صاحب کي گذارش ڪيائين تہ هو ٺٽي ۾ هلي رهي، جيئن تہ 927 هہ ۾ هو بزرگ ٺٽي ۾ اچي مقيم ٿيو. سنڌ جي فتح کان پوءِ شاهہ بيگ ارغونستت ئي لاڏاڻو ڪري ويو.

مرزا شاهہ حسن بيگ ارغون ولد مرزا شاهہ بيگ پنهنجي شروع حڪومت جي زماني ۾ سيد صاحب کي ٺٽي جو قاضي مقرر ڪيو. جنهن صاحب شرعي فيصلن کي عدل و انصاف سان نيڪال ڪرڻ ۾ ڏاڍو نيڪ نالو پيدا ڪيو.

مرزا شاهہ حسن قاضي شڪرالله جي انصاف پروري جي شهرت ٻڌي هڪ دفعو سندس امتحان وٺڻ گهريو. ٺٽي ۾ ٻاهر کان ڪي گهوڙن جا واپاري آيل هئا. جن کان بادشاهہ ڪي گهوڙا خريد ڪري ڇاڻي ٻڌي هنن کي قيمت ادا ڪرڻ کان گس گساءُ ڪري رهيو هو. آخر واپاري بادشاهہ کان نااُميد ٿي،

شريعت جي عدالت ڏانهن رجوع ڪيو. انهيءَ زماني ۾ دستور موجب قاضي صاحب بادشاهہ کي شرعي عدالت ۾ حاضر ٿيڻ جو اطلاع موڪليو. بادشاهہ ديندار هڪدم اچي حاضر ٿيو. انهيءَ زماني ۾ دستور هو تہ مدعي ۽ مدعا عليہ قاضي جي سامهون برابر هڪ درجي ۾ ڪَڙا ڪيا ويندا هئا. تنهنڪري قاضي صاحب حڪم ڪري ڇڏيو هو تہ بادشاهہ مدعي کان هڪ قدم بہ مٿي نہ بيهي ۽ نہ وري اڳيرو ٿي بيهي. بادشاهہ جو مطلب هو تہ شرعي عدالت ۾ حاضر ٿي قاضي صاحب جي انصاف جو امتحان وٺو سو ٿي چڪو ۽ بادشاهہ جي ڪابہ رعايت ڪانہ ڪئي ويئي. جنهن کان پوءِ بادشاهہ مدعي کي روپيا ڏيئي، جهٽ پٽ راضي ڪري ورتو. جڏهن مقدمو پورو ٿيو تڏهن قاضي صاحب اُٿي دستور موجب بادشاهہ جو ادب بجا آندو ۽ سندس درجي جي مناسب هنڌ تي ويهاريائينس ۽ پاڻ ۾ دوستانہ صحبت ڪرڻ لڳا. ڳالهيون ڪنديءَ بادشاهہ چيس تہ هي خنجر ڏسين ٿو اهو هن ڪري ڪمر سان ٻڌي آيو هئس تہ جيڪڏهن اوهان هن مقدمي ۾ شرعي قانون جي عزت نہ رکو ها ۽ بادشاهہ جي رعايت ڪرڻ گهرو ها تہ اوهان تي تعزير جو حڪم ڪيان ها. جيڪڏهن ڪورٽ جا چپراسي اوهان جي سيادت ۽ علميت واري بزرگي سبب اوهان جو ويجهو نہ اچن ها تہ آءٌ پنهنجي سر هن خنجر سان اوهان کي ادب سيکاريان ها. جنهن تي قاضي شڪرالله صاحب پنهنجي گاديلي هيٺان اگهاڙي تلوار ڪڍيءَ بادشاهہ کي ڏيکاريندي چيو تہ آءٌ بہ اڄ سنبري ويٺو هئس تہ اوهان جيڪڏهن شريعت جو ادب پورو بجا نہ آندو ۽ ٻيو ڪوبہ ماڻهو اوهان جي سامهون نہ بيهي سگهيو تہ پوءِ هن ترار سان اوهان کي شريعت جي سياست جو مزو چکايان ها.

بادشاهہ جي انهيءَ امتحاني صحبت کان پوءِ تمام ٿوري وقت اندر قاضي شڪرالله صاحب قضا جي عهدي کان استعفا ڏني، بادشاهہ کي چيائين تہ آءٌ هڪ انسان آهيان، مون کان شرعي معاملن ۾ ممڪن آهي تہ غلطيون ٿينديون هجن، تنهنڪري انهيءَ ڳري بار کڻڻ جي هاڻي طاقت نہ رهي اٿم. آخر بادشاهہ استعفا قبول ڪئي ۽ قاضي صاحب کي ٻڌايو تہ هن عهدي لاءِ ٺٽي جي مشهور عالم قاضي محمد اُچو آهي. جنهن کان پوءِ قاضي

محمد کي انهيءَ عهدي تي مقرر ڪيو ويو. قاضي شڪر الله جنهن محلي ۾ اچي مقيم ٿيو اُتي انصاري خاندان جا بزرگ رهندا هئا ۽ سندس شادي به انهن مان ٿي. سندس مشهور فرزند عالم فاضل زاهد سيد ظهيرالدين نالي انهيءَ انصارڻ بيبي مان تولد ٿيو جنهن جو اولاد اڄ تائين ٺٽي ۾ شڪراللهي سيدن جي نسبت سان مشهور آهي. سيد شڪرالله سان گڏ ٻيا به 3 دوست عالم عارف اولياء ساڻي اچي ٺٽي ۾ مقيم ٿيا هئا. (1) سيد ڪمال (2) سيد منيو (3) سيد عبدالله. انهن ٽنهين بزرگن جا مقبرا اڄ تائين ٺٽي ۾ مشهور آهن.

# 405۔ شيخ محمد عابد سنڌي مدني

شيخ محمد عابد بن شيخ الاسلام احمد علي بن مراد بن يعقوب الحافظ بن محمود قاري انصاري هن بزرگ جا وڏا سيوهڻ جا رهاڪو هئا ۽ پاڻ به سيوهڻ ۾ ڄائو. سيوهڻ ۾ شروعاتي علم حاصل ڪيائين. سندن گهراڻو علمي گهراڻو هو ۽ سندن ڏاڏو شيخ مراد شيخ الاسلام جي لقب سان مشهور هو.

شيخ محمد مراد پڇرياڻين پنهنجي سموري اهل و عيال سميت سنڌ مان هجرت ڪري عرب ديس کي وطن ڪري رهڻ جي ارادي سان روانو ٿيو. پڇرياڻين هو ڪجهه وقت لاءِ حديده (يمن) ۾ اچي رهيا ۽ ان کان پوءِ شيخ محمد عابد مدينه شريف ۾ اچي مقيم ٿيو.

شيخ محمد عابد پنهنجي والد ۽ چاچي محمد حسين کان وايت آندي آهي ته سندن والد محمد مراد جي ملاقات خضر عليه السلام سان ٿيندي رهندي هئي ۽ وٽانئس تصوف جو خرقه خلافت به ڏڪيو هئائين. جڏهن سندس وفات جو وقت ويجهو آيو تڏهن پنهنجي محمد حسين کي سڏي فرمايائين ته اجهو خضر عليه السلام مون کان موڪلائڻ آيو هو ۽ کيس تنهنجي پارت ڪئي اٿم ته تنهنجي آئي وقت امداد ڪندو رهي. خضر عليه السلام اڄ جده ۾ شافعي وارن جي جامع مسجد ۾ عصر جي نماز وقت توسان ملندو. ان کان پوءِ خضر عليه السلام جي شڪل شباهت ٻڌائيندي چيائينس ته مسجد ۾ جنهن مرد جي پير جي چيچ ٻئي پاڙي واري آڱر سان مليل هجي، اُهو خضر آهي. شيخ محمد حسين فرمائي ٿو ته آءٌ وچين جي

وقت مسجد ۾ وچي جماعت سان نماز ادا ڪيم. واندو ٿي ارادو ڪيم تہ گهر موٽي وڃان تہ ايتري ۾ مٿئين نشان وارو مڙس منهن پئجي ويو. ڏاڍو قداور مڙس هو. رنگ جو سانورو مون کي چيائين تہ تنهنجي والد نتهنجي بابت مون کي پارت ڪئي آهي. مان اڳتي وڌي سندس هٿ چميو جنهن کان پوءِ ان جي برڪت معلوم ڪيم. ان کان پوءِ خضر سان ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ٿيندي رهندي هئي. هي سمورو خاندان شروع کان وٺي علم برڪت ۽ خير سان ملڪ ۾ مشهور هو.

شيخ محمد عابد گهڻي حد تائين چاچي محمد حسين وٽ علم حاصل ڪيو ۽ وٽانئس طب بہ پڙهي. ان جي وفات کان پوءِ هو يمن جي مشهور شهر زبيد ۾ وڃي مقيم ٿيو. جتي ڪيترن عالمن کان حديث ٻيا علم حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ حرمين ۾ بہ اچي رهيو ۽ اُتان بہ گهڻو فيض پرايائين. مگر ڦري گهري وري بہ "زبيد" ۾ موٽي اچي اقامت ڪندو هو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ هو يمن جي گادي واري شهر صنعا ۾ وڃي مقيم ٿيو. ان وقت جي امام يمني (بادشاهہ) مولانا محمد عابد جي ڏاڍي عزت ڪئي ۽ کيس پنهنجو خاص طبيب مقرر ڪيو. صنعا ۾ امام يمن جي وزير پنهنجي نينگري بہ شادي ڪرائي ڏني، مولانا شيخ محمد عابد سنڌي جي بيحد اهليت ۽ عالمي لياقت کان متاثر ٿي يمن جي امام هڪ دفعو مصر ڏانهن کيس سفير ڪري موڪليو. ڪيتريون سوکڙيون پاکڙيون بہ امام يمني پاران مصر جي حاڪم ڏانهن کنيو ويو. مصر جي والي ۽ شيخ عابد جي وچ ۾ ان ڪري گهاٽي سڃاڻپ پيدا ٿي ۽ ساڻس ايتريقدر عزت ۽ تعظيم سان پيش آيو جنهن جو ڪوبہ ڪاٿو ڪري نٿو سگهجي. يمن ۾ ايتري عزت ۽ مرتبو ۽ مان هوندي بہ شيخ سنڌي جو شوق مدينہ طيبہ ۾ رهڻ جو هوندو هو ۽ سندس دل ٻئي ڪنهن بہ هنڌ نہ ٿي لڳي سگهي.

چوٿون ٽا تہ هڪ دفعي مديني شريف ۾ اچي مقيم ٿيو. جڏهن درس تدريس ۽ وعظ و نصيحت جو سلسلو شروع ڪيائين،تڏهن ڪن حاسدن کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي ۽ مولانا جي مخالفت ۾ سمورا هڪ ٿي مٿس حملا ڪرڻ لڳا، جنهن ڪري لاچار ٿي مدينہ معظمہ مان لڏي ٻئي پاسي هليو ويو.

وري اچي يمن ۾ رهيو. مديني شريف ۾ ڪيس پاڙيوارن جيڪا تڪليف ڏني، ان کان بہ وڌيڪ تڪليف ڪيس حديده ۾ پهتي، جڏهن اُتي جو قاضي سيدحسين بن علي رندي مذهب جو داعي هو. سن 1224هہ ۾ سيد حمود بن محمد مڪہ جو شريف هو جنهن جو نجدين سان سخت اختلاف هو عين انهيءَ زماني ۾ حديده جي زيدي شيعہ قاضي حڪم ڪيو تہ صبح جي اذان ۾ "الصلوات خير من النوم" بدران "هي اعليٰ خيرالعمل" جو لفظ وڌايو وڃي. قاضي جو خيال هو تہ اصلوات خير من النوم چوڻ بدعت آهي، جنهن کي خيفلہ عمرؓ پنهنجي خلافت جي زماني ۾ رائج ڪرايو هو. مگر عام مسلمان قاضي جي حڪم تي ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڏئي رهيا هئا. جنهن ڪري قاضي کي گمان ٿيو تہ ماڻهن کي روڪيندڙ حنفي علماء آهن. جنهن 40 ڄڻا حنفي مذهب جا پيرو گرفتار ڪري ڪٺي جيل ۾ وڌا، جن ۾ شيخ محمد عابد سنڌي بہ هو. پين ماڻهن کي قاضي آخر ڇڏي ڏنو مگر شيخ محمد عابد کي تمام گهڻيون تڪليفون ۽ ايذاءُ ڏئي، درا هڻائي پوءِ حديده مان نيڪالي ڏياري ڇڏيائينس.

شيخ محمد عابد حديده ۾ رهڻ وارن ڏينهن ۾ لواري واري بزرگ شيخ محمد زمان ثاني سان نقشبندي طريقي ۾ بيعت ڪئي، ۽ هو صاحب حديده واري واٽ سان حج تي وڃي رهيو هو. ان کان پوءِ شيخ محمد عابد پنهنجي مرشد جي زيارت لاءِ لواري بہ آيو ۽ ڪيترا ڏينهن اُتي لواري ۾ رهيو پيو هو. گهڻي مدت تائين عرب ۾ رهڻ ڪري سندس سنڌي زبان ۾ قدري فرق اچي ويو هو. چون ٿا تہ لواري ۾ هڪ "سانهہ" ڏسي فرمائڻ لڳو تہ "نر مينهن" تہ اڄ مان، ڏٺو آهي.

اُهي ساڳيا ڏينهن اُهي آهن، جڏهن سيد احمد بريلوي شهيد ۽ مولانا محمد اسماعيل شهيد دهلوي جهاد جي دعوت لاءِ سنڌ ۾ آيل هئا.

لواري کان موٽڻ بعد شيخ محمد عابد مدينہ شريف ۾ وڃي مقيم ٿيو. هاڻي مدينيہ ۾ سندس عزت ۽ مان مرتبو حد کان وڌيڪ ٿيڻ لڳو ۽ مصر جي حاڪم سان جو اڳ واقفيت هئس، ان ڪري ڪيس مدينہ ۾ علماء جور

ٿيس مقرر ڪيو ويو پوري اطمينان سان پويون وقت، سنت ۽ علم جي پکيڙڻ ۽ حديث جي درس ڏيڻ ۾ گذاريائين. عرب ۽ عجم جا ماڻهو ڪانئس حديث جي سند وٺڻ سان بهره ياب ٿيا.

شيخ محمد عابد کي حديث جي ڪتابن سان خاص شوق هو ۽ پنهنجي دستخط سان ڇهن صحيح حديث جي ڪتابن کي هڪ جلد ۾ تمام باريڪ قلم سان لکي پنهنجي مرشد خواجہ محمد زمان ثاني جي ڪتب خانہ ۾ داخل ڪرايائين. اهڙي طرح فتح الباري شرح صحيح بخاري بہ هڪ جلد ۾ لکيائين. علي مسند ابي حنيفہ ٻن جلدن ۾ حديث جي علم ۾ هڪ بينظير ڪتاب آهي. (2) شرح بلوغ المرا الابن حجر مگر اهو شرح ناتمام رهجي ويو آهي، (3) شرح تيسر الوصول لابن الربيع الشيباني، اهو شرح ڪتاب الحدود تائين آهي، (4) طوالع الانوار علي الدر المختار — فقہ حنفي ۾ هڪ بي نظير ڪتاب آهي، مگر هن وقت هو بالڪل ناياب آهي، (5) رسالہ رد عقائد نجديه وغيره ٻيا بہ سنها ٿلها سندس رسالا آهن.

شيخ محمد عابد وڏي ڄمار کي پهچي، ربيع الاول 1257هہ ۾ مدينہ شريف ۾ وفات ڪئي، بقيع جي قبرستان ۾ حضرت عثمان جي مقبره جي سامهون دفن ڪيو ويو. پوئتان ڪابہ اولاد ڪانہ ڇڏيائين. سندس يادگار لاءِ هن جا ڪتاب ۽ نيڪ نالو ڪافي آهي.

• (يانع جني — مرغوب الاحباب — رسالہ ڪاشف)

# 406- شيخ حسين سنڌي سيوستاني

شيخ حڪيم محدث حسين بن شيخ الاسلام مراد انصاري سيوستاني پنهنجي والد بزرگ سان، سيوهڻ مان هجرت ڪري عرب ملڪ ۾ وڃي مقيم ٿيا. شيخ شروعاتي علوم سيوهڻ ۾ تحصيل ڪيا هئا. پنهنجي والد شيخ الاسلام مراد انصاري کان بہ گهڻو ڪجهہ پڙهندو رهيو. شيخ مراد انصاري، مخدوم محمد هاشم جي شاگردن مان آهي. قصيده برده جي اجازت مخدوم صاحب کان حاصل ڪئي هئائين ۽ وٽانئس وري سندس فرزند محمد حسين حاصل ڪئي، ان کان شيخ محمد عابد سنڌي، شيخ محمد عابد کان شاهہ عبدالغني مجددي دهلوي مهاجر مڪي، ان کان سون

ماڻهن قصيده ۾ حديث جون سندون حاصل ڪيون. ان کان سواءِ مدينہ شريف ۾ حديده يمن ۾ محدثن عالمن کان حديث جون سندون حاصل ڪيائين. هو هڪ وڏو حڪيم ۽ طبيب فاضل هو. وٽانس طب جو علم سندس پاڻٽي مشهور محدث ۽ مديني جي رئيس العلماء محمد عابد بہ حاصل ڪيو.

شيخ حسين سنڌي جي سند حديث جو سلسلو هن ريت آهي:

روى علامه الشيخ محمد حسين السندى، عن الشيخ ابى الحسن بن محمد صادق نقشبندى (ٺٽوي)، عن الشيخ محمد حيات السندى، عن الشيخ العلامة ابى الحسن الڪبير السندى، عن الشيخ عبدالله بن السالم البصرى (اهو عبدالله بن سالم شاهہ ولي الله محدث دهلوي جو بہ استاذ آهي.) شيخ محمد حسين سنڌي جي سندس والد بزرگ جي معرفت خضر عليہ السلام سان هڪ دفعي ملاقات ٿي. ان جي وفات کان پوءِ هڪ ٻئي سان ملندا رهندا هئا. خضر عليہ السلام کان فائدا بہ حاصل ڪندو رهندو هو. چاڪاڻ جو خضر کي شيخ محمد حسين جي والد اهڙي وصيت ڪئي هئي.

اليانع الجيني شيخ محسن ڪردي لکي ٿو تہ شيخ حڪيم محمد حسين يمن جي حديده شهر ۾ وفات ڪري ويو. تاريخ وفات اگرچہ ڪانہ لکيل آهي، مگر هو صاحب 13 صدي هجري جي شروعات ۾ وفات فرمائي ويو.

# 407- سيد صدرالدين بکري

سيد شريف صدرالدين محمد خطيب بن سيد محمد بن سيد شجاع بن سيد ابراهيم حسيني بکري سنڌي، هو وقت جي تمام وڏن ماڻهن مان تقويٰ ۽ پرهيزگاري علم ۽ عمل جو صاحب هو. بکر جي علائقي جي قضا سندس حوالي هئي. عام خلق کي وعظ ۽ نصيحت ڪرڻ سبب خطيب جي لقب سان مشهور هو. 10 رجب 609هہ بکر ۾ تولد ٿيو. 23 محرم 669هہ جي وفات ڪيائين ۽ بکر جي قلعي ۾ دفن ڪيو ويو. سندس اولاد سنڌ ۾ هندستان ۾ انداز کان وڌيڪ پکڙيل آهي. (نزهة الخواطر)

قلعہ بکر ۾ اڄ تائين سندس مقبرو هڪ چؤکنڊي ۾ مشهور آهي.

# 408- محدث ربيع بن صبيح سندي

شيخ محدث ابوبڪر ربيع بن صبيح اصل بصري جو رهاڪو آهي. نزهة الخواطر ۾ سندس ڪنية ابوبڪر کان سواءِ ابو حفص بہ آيل آهي. تذڪره علماءِ هند ۾ سندس ڪنيت فقط ابو حفص ڄاڻايل آهي. پهرين صدي سنڌ ۾ اسلام داخل ٿيڻ کان پوءِ جيڪي عالمن ۽ فاضلن جون ٽوليون عراق مان سنڌ ۾ آيون، تن مان ابوبڪر ربيع بہ آهي، جو هڪ وڏو عابد زاهد محدث بزرگ هو. هن امام حسن بصري، حميد الطويل، يزيد رقاشي، ابو زبير، ثابت بناني، مجاهد بن حبير کان حديث جي روايت ڪئي ۽ کائونس وري امام سفيان ثوري، امام وڪيع محدث ابن مهدي، ابودائود طيالسي ۽ ابو وليد طيالسي، آدم بن اياس ۽ عاجم بن علي محمد ٽن روايتون ڪيون.

حديث جي فن ۾ ڪن محدثن کيس ضعيف ۽ ڪمزور شمار ڪيو آهي ۽ ڪن معتبر ۽ پڪو سچو ڄاڻيو آهي.

ابن حبان جو چوڻ آهي تہ هو بصري وارن ۾ هڪ عابد زاهد هو. سندس گهر مان رات جي نماز پڙهڻ ڪري ماکي جي مکين وانگي ڀڻڀڻاهٽ ايندي رهندي هئي، مگر حديث جو فن سندس عمل ۾ نہ آيل هو. ڇو تہ حديث روايت ڪرڻ وقت کيس وهم ٿيندو هو. تنهنڪري ڪيتريون اڻ ڄاتل روايتون ڪري ويندو هو.

ڪن مؤرخن جو چوڻ آهي تہ هي پهريون ئي ماڻهو آهي، جنهن بصري ۾ تصنيف يا تاليف جي شروعات ڪئي. علامہ چلپي ڪشف الظنون ۾ لکي ٿو تہ اسلام ۾ ئي هي پهريون عالم آهي، جنهن ڪتاب تصنيف ڪيو ۽ ان کان پوءِ ٻين اُن فن ڏانهن توجهہ ڪيو.

مؤرخ طبري لکي ٿو تہ ربيع بن صبيح غزا يا جهاد جي ارادي سان بصري مان عبدالملڪ مسمعي سان 159هہ ۾ سنڌ ڏانهن نڪتو. سنڌ جي ساحل تي لهڻ کان پوءِ هنن باربد شهر تي قبضو ڪيو ۽ بڌ ڌرم وارن جو هڪ وڏو بت پڃي هن کي ساڙي ڇڏيائون. انهيءَ فتح کانپوءِ سمنڊ ۾ سانوڻي

جو جوش پيدا ٿيل هو جنهن ڪري نہ اڳتي وڌي سگهيا ٿي ۽ نہ پوئتي موٽيا ٿي. ان وچ ۾ مسلم فوج ۾ اچي وات پچڻ جي بيماري پئي، جنهن ڪري هڪ هزار سپاهي فوت ٿي ويا، جن ۾ ربيع بن صبيح محدث بہ هو. اهو واقعو 160هہ ۾ ٿي گذريو. ربيع کي سنڌ جي سرزمين تي ئي دفن ڪيو ويو.
(نزهة الخواطر)

# 409- ابراهيم ديبلي

شيخ محدث ابراهيم بن محمد بن ابراهيم بن عبدالله ديبل سنڌي هڪ وڏو عالم محدث هو. هن جو ذڪر سمعاني ڪتاب الانساب ۾ ڪيو آهي. لکيو اٿس تہ هن حديث جي روايت موسيٰ بن هارون کان ۽ محمد بن علي صائغ ڪبير کان ۽ ٻين محدثن کان ڪئي. اخير عمر ۾ هو مڪہ شريف ۾ اچي، جتي وفات پڙ ڪيائين. ابراهيم ديبلي جو تذڪرو حموي پنهنجي ڪتاب معجم البلدان ۾ بہ ڪيو آهي. (نزهة الخواطر)

سندس وفات جي تاريخ معلوم نہ ٿي سگهي، مگر نزهة الخواطر واري کيس چوٿين صدي جي رجالن ۾ آندو آهي.

# 410- احمد ديبلي

شيخ محدث احمد بن عبدالله بن سعيد ابوالعباس ديبلي سنڌي، هي هڪ طالب علم محدث صوفي بزرگ هو جو سموري ڄمار طلب علم لاءِ سفر ڪندو رهيو. سنڌ مان روانو ٿي، نيشاپور ۾ وڃي مقيم ٿيو. ان وقت نيشاپور ۾ دنيا جو وڏو محدث ابوبڪر محمد بن خزيمہ زنده هو. شهر جي ٻاهران هڪ خانقاهہ هئي، جتي هي طالب علم لاءِ رهي پيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ شهر مان ڪنهن درويش کيس شادي ڪرائي. مگر ان کان پوءِ پنهجي دستور موجب امام ابن خزيمہ وٽ خانقاهہ ۾ رهندو هو ۽ رات جو سو فقط شهر ۾ وڃي گهر ۾ رات گذاريندو هو. گهڻو ڪري "ڪتي" جا ڪپڙا ڍڪيندو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پيرين اگهاڙو گهمندو هو.

هن نيشاپور مان حديث جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ بصري جو سفر ڪيو جتي ابو خليفہ قاضي کان روايت ڪيائين ۽ بغداد ۾ جعفر بن محمد

فريابي کان ۽ مڪه ۾ مفضل بن محمد جندي کان ۽ محمد بن ابراهيم ديبلي سنڌي کان، دمشق ۾ ابو حسن احمد بن حوصا کان بيروت ۾ ابو عبدالرحمان مڪحول کان ۽ حران ۾ ابو عروه حسين بن ابي معشر کان ۽ تستر ۾ احمد زهير کان ۽ عسڪر ۾ مڪرم عبدان حافظ کان ۽ نيشاپور ۾ ابوبڪر محمد بن خزيمہ ۽ ٻين محدثن کان ڪانئس وري حاڪم ابو عبدالله الحافظ نيشاپوري روايت ڪئي.

ايڏي وڏي علم ۽ زهد وارو محدث بزرگ نيشاپور ۾ سن 340هہ ۾ رجب مهيني ۾ وفات ڪئي ۽ اُتي ئي دفن ڪيو ويو.

(نزهة الخواطر و تذڪره انساب سمعائي)

## 411-احمد منصوري

ابوالعباس احمد بن محمد صالح منصوري سنڌي، سنڌ جي منصوره شهر جو قاضي هو. هو ظاهر مذهب جو تابع ۽ امام ابودائود ظاهري جي مڃيندڙن مان محدث ۽ سندس معاصرن کان حديث سماع ڪيائين ۽ ڪانئس مشهور حديث حاڪم ابو عبدالله حافظ حديث جي روايت ڪئي.

مقدسي سياح پنهنجي ڪتاب احسن التقاسيم ۾ لکيو آهي تہ مان ابوالعباس احمد قاضي کي منصوره ۾ وچي ڏٺو. اهو دائودي مذهب رکندو هو ۽ پنهنجي مذهب ۾ وڏو امام هو. درس تدريس سان گڏ تصنيف جو ڪم بہ ڪندو هو ۽ هن جا ڪيترائي ڪتاب تصنيف ٿيل آهن.

محمد بن اسحاق ڪتاب الفهرست ۾ لکيو آهي تہ احمد منصوري دائودي مذهب تي هو ۽ ظاهري مذهب جو وڏو فاضل هو. سندس ڪيترائي ڪتاب تصنيف ٿيل آهن، جن مان المصباح ڪبير، ڪتاب الهادي ۽ ڪتاب النير مشهور آهن.

نزهة الخواطر واري ڪيس 4 صدي هجري جي رجالن ۾ آندو آهي.

## 412- محمد بن ابي الشوارب منصوري

هي بزرگ اصل ۾ عراق جو رهاڪو وڏي علم وارو لائق ماڻهو هو. عباسي خليفن جي زماني ۾ سنڌ جي گادي واري هنڌ منصوره جو قاضي مقرر

تي آيو. عراق ۾ عام طرح ۽ بغداد ۾ خاص طرح هن جي وڏي علميت ڪري قدر ڪيو ويندو هو ۽ ماڻهو تمام گهڻي عزت ڏيندا هئس. بغداد جو خليفو پنهنجي سر ۽ سندس شاهزادا هن علامہ جي صحبت مان فائدا حاصل ڪندا ۽ هن جون سموريون ضرورتون پوريون ڪندا رهندا هئا. هو سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ هميشہ لاءِ سنڌ ۾ رهجي ويو ۽ سندس اولاد بہ هت وڌندي رهي. افسوس هي آهي تہ سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ فقط 6 مهينا زنده رهيو. يعني تہ ربيع الثاني 283هہ ۾ سنڌ جو قاضي مقرر ٿي منصوره ۾ پهتو ۽ شوال 283هہ ۾ منصوره ۾ وفات ڪيائين. هن کان پوءِ سندس فرزند علي بن محمد بن ابي الشوارب منصوره جو قاضي مقرر ٿيو. (عامل تاريخ سنڌ)

# 413- عمر بن عبدالعزيز هباري منصوري

قريشين جي قبيلي جي هڪ شاخ بنو اسد مان هڪ شخص هبار نالي هجرت جي 8 سال، حضور رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي هٿ مبارڪ تي اسلام آندو. ان جي اولاد مان هڪ شخص منذر بن زبير ٽئي صدي هجري ۾ سنڌ ۾ آيو جڏهن حڪم بن عوانہ سنڌ جو گورنر هو. منذر هميشہ لاءِ سنڌ ۾ رهجي ويو. ان جو پوٽو عمر بن عبدالعزيز بن منذر بن زبير سال 240هہ ۾ سنڌ جو والي ٿيو ۽ سنڌ جي گادي واري هنڌ منصوره تي قبضو ڪري سموري سنڌ کي پنهنجو ڏيل پريندڙ بڻايائين. ان هوندي بہ هو خليفہ بغداد جو مطيع رهيو ۽ جمعہ جي خطبي ۾ خليفي جو نالو ورتو ويندو هو. ايران جي بادشاهہ يعقوب بن ليث کي جڏهن بغداد جي خليفي معتمد باالله ترڪستان ۽ ڪرمان ۽ سنڌ جي اميري جو پروانو ڏنو تہ عمر بن عبدالعزيز هباري سنڌ جو حاڪم بہ يعقوب صفاري جي امارت هيٺ اچي ويو.

عمر بن عبدالعزيز جي زماني ۾ سنڌ جي سرحدي علائقي جو هڪ راجا اسلام قبول ڪيو هو. جنهن هڪ سونو زنجير جنهن تي زمرد ۽ ياقوت جو جڙاءُ ٿيل هو. ڪعبة الله ۾ لٽڪائڻ لاءِ هديہ طور ڏيڻو ڪيو. ان سان گڏ سبز رنگ جو هڪ وڏو ياقوت بہ ڏيڻو ڪيو. جڏهن اها خبر بغداد ۾ پهچائي ويئي، تڏهن خليفي معتمد انهن شين کي ڏسڻ لاءِ گهرايو.

معائني ڪرڻ کان پوءِ حڪم ڪيو تہ انهن کي ڪعبة الله ۾ رکايو وڃي، جنهن جي پوءِ تعميل ڪئي وئي.

ڪتاب الفهرست ۾ سندس مصنف لکيو آهي تہ هڪ ڪتاب منهنجي نظر مان گذريو جو 3 محرم الحرام 249هہ جو لکيل هو. انهيءَ ۾ هندستان جي هندو ڌرم جو بيان لکيل هو. ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهي تہ بغداد جي مشهور وزير ۽ عالم يحيٰ بن خالد برمڪي، ڪي عالم سنڌ ۾ موڪليا هئا تہ هندستان جي ٻوٽين ۽ ٻين ڪارآمد شين جي تحقيقات ڪري ڪجهہ پاڻ سان کڻي اچن. جڏهن اُهي موٽي آيا، تڏهن هنن جيڪا رپورٽ ڪئي، ان جو خلاصو انهيءَ صورت ۾ مرتب ڪيو ويو. اهو ساڳيو زمانو آهي، جڏهن عمر بن عبدالعزيز جو سنڌ تي راڄ هو.

انهيءَ زماني ۾ يعني سال 264هہ ۾ ابو زيد سير فني مشهور سياح بہ سنڌ ۾ آيو هو جنهن پنهنجو سفر نامو لکي، سنڌ جي حالتن تي روشني وڌي آهي.

عمر بن عبدالعزيز نهايت شان مان ۽ امن امان سان حڪومت هلائي سن 270هہ ۾ هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪيو. جنهن کان پوءِ سندس فرزند سنڌ جو حاڪم ٿيو. (تاريخ سنڌ: ابو ظفر ندوي)

# 414- عبدالله بن عمر هباري منصوري

عبدالله بن عمر هباري پنهنجي والد جي وفات کان 220 هہ ۾ منصوره جي تحت تي ويٺو. هن کي هڪ ٿهيل ٺڪيل سلطنت ورثي ۾ ملي وئي، جنهن ڪري حڪمراني جي معاملن ۾ سستي اختيار ڪيائين. نتيجو هي نڪتو جو هڪ آزاد ٿيل غلام نوجوان صمہ نالي بغاوت ڪري، منصوره تي قبضو ڪري ورتو. عبدالله ان وقت اباڻي ڳوٺ بانبہ ۾ رهيل هو جو منصوره کان ڏکڻ ڏانهن ٿوري مفاصلي تي هو. آخر عبدالله پاڻ کي سنڀالي ورتو ۽ وڏو ڪٽڪ کڻو ڪري صمہ جي مقابلي لاءِ نڪتو. منصوره باغي غلام جي قبضي مان ڪڍي پنهنجي هٿ ۾ آندائين. ان کان پوءِ هو بانبہ جي بجاءِ منصوره ۾ رهڻ لڳو.

عبدالله بن عمر هباري کي هڪ هندو راجا، جنهن جو نالو عربي مؤرخ مهروڪ بن رائڪ لکندا آهن، لکيو تہ سنڌي زبان ۾ اسلام جي عقيدن ۽

سندس تعليم لڪائي موڪلي. جنهن تي عبدالله هڪ اهڙي شخص کي ان ڪم لاءِ مقرر ڪيو هو جو نسلاً عراقي هو پر سنڌي زبان جو وڏو ڄاڻو هو. هن جي پرورش منصوره ۾ ٿي هئي. ماڻهو ڏاڍو سمجهدار ۽ عاقل هو. هن عبدالله جي حڪم موجب سنڌي زبان ۾ نظم لکي اسلامي عقيدن ۽ اصولن جو اپٽار ڪري، هڪ قصيدو تيار ڪيو. جڏهن راجا مهروڪ جي سامهون پڙهيو ويو تڏهن هو ڏاڍو خوش ٿيو. عبدالله کي لکيائين ته انهيءَ شاعر کي مون ڏانهن موڪليو وڃي. عبدالله هن کي راجا ڏانهن روانو ڪري ڏنو ۽ برابر 3 سال اُتي رهيو پيو هو. ٽن سالن کان پوءِ جڏهن هو واپس عبدالله وٽ آيو تڏهن عبدالله راجا بابت حال احوال پڇڻ لڳس، هن جواب ۾ چيو ته جڏهن آءٌ راجا وٽان واپس ٿي رهيو هئس ته هو اندر ۾ سچي دل سان مسلمان ٿيل هو پر بادشاهت جي کسجي وڃڻ جي ڊپ کان اسلام جو اظهاري ڪري نه ٿو سگهي. هن ٻڌايو ته راجا مون کي، قرآن شريف جي سنڌي ترجمي لکڻ جو حڪم ڪيو. آءٌ ڪيس روزانو ٿورو ٿورو تفسير جو ترجمو ٻڌائيندو رهندو هئس، جڏهن آءٌ سورة يٰسين جي آيت ”من يحي العظام وهي رميم“ هنن ڳريل هڏن کي ڪير جيئرو ڪندو. جو ترجمو ٻڌايو ۽ وري ان جو لکيل تفسير ڪيو ته پاڻ اُن وقت سون جي جڙاءُ واري تخت تي ويٺو هو. مون کي چيائين ته وري ان جو بيان ڪر، ته مان وري بيان ڪيو. جنهن تي هو هڪدم تخت تان هيٺ لهي پيو ۽ به چار وکون پري، زمين تي ڳل ڪٽي رکيائين. هو ڏانهن پاڻي جي چٽڪار سبب اُن وقت زمين آلي هئي، ايتري قدر رنو جو سندس ڳل مٽي ۾ لٿ پٿ ٿي پيا. چوڻ لڳو ته بيشڪ اهوئي پالڻهار اسان جو معبود آهي. هو ازلي ۽ ابدي آهي. ان کان پوءِ راجا بندگي ڪرڻ لاءِ هڪ الڳ جاءِ ٺهرائي، جنهن ۾ عبادت ڪندو هو ۽ پوري وقت تي نماز پڙهندو هو. ماڻهن تي ظاهر ڪندو هو ته اڪيلائي ۾ وڃي، پنهنجي بادشاهت جي ڪاروبار تي ويچار ڪندو آهي. انهيءَ سنڌي شاعر جو بيان آهي ته راجا مون کي* ڇهه سؤ مڻ سون 3 دفعا ڏنو.

---

* سون جو مڻ ننڍو ۽ وڏو ٿيندو آهي. عام مڻ ان مان مراد ناهي.

عبدالله هباري جي سلطنت واري زماني ۾ سنڌ جي مشهور بندرگاھ ديبل ۾ زلزلو آيو. اهو زلزلو شوال 280ھ ۾ آيو. پهريان چند گرهڻ ٿي، ان کان پوءِ ڏينهن جو سج گرهڻ ٿي، جنهن ڪري وچين تائين ملڪ ۾ اونداهي ڇانيل هئي، ان کان پوءِ زبردست آندهي (جهڪ) لڳي. جو رات جو ٽئين حصي تائين هلندي رهي، ديبل جا ماڻهو ننڊ ۾ ستل هئا تہ هڪ زبردست زلزلو آيو. جنهن ڪري سمورو شهر اچي پٽ تي پيو. شايد 5 سؤ کن جايون بچيون هونديون. ان کان پوءِ 5 پيرا ڪپ ٿي. جاين جي پنجهو هيٺان هڪ لک پنجاھ هزار ماڻهو مئل ڪڍيا ويا. ڦتيل ۽ جيئرن جو ڳاڻاٽو ان کان سواءِ آهي. ان مان ديبل جي آبادي ۽ آسودگي جواندزو لڳائي سگهجي ٿو. انهيءَ واقعي جو اطلاع بغداد ۾ خليفي معتضد باالله عباسي کي پهچايو ويو جنهن جي حڪومت 279ھ کان 286ھ تائين هئي. انهيءَ زلزلي جو اطلاع بروقت ئي خليفي تائين پهچايو ويو. ڇاڪاڻ جو ان زماني ۾ خلافت عباسيہ پاران ڏاڪ ۽ پوليس جو انتظام مڪمل هو. جو سنڌ جون خبرون روزانيون بغداد پهچايون ويندڙيون هيون.

عبدالله بن عمر جي شروع حڪومت واري زماني ۾ سنڌ ۾ اسماعيليہ شيعن جا اڳواڻ (داعي) اچڻ لڳا. جي بلڪل خاموشي سان پنهجي دعوت کي ماڻهن تائين پهچائيندا رهندا هئا. اسماعيليہ فرقي جو هڪ اڳواڻ هيثمر نالي 670 ھ ۾ امام عبيدالله مهدي پاران سنڌ ۾ پهتو جنهن سنڌ ۾ عباسين خلاف انقلابي تحريڪ اچي جاري ڪئي. انهيءَ عبدالله جي زماني ۾ قاضي محمد بن ابي الشوارب هڪ وڏو عالم بغداد مان منصوري جو قاضي مقرر ٿي آيو. عبدالله بن عمر ملڪي انتظام جو وڏو ماهر هو ۽ هر هنڌ ملڪ ۾ امن و امان رکيل هو. برابر 30 سال راڄ هلائي. 303ھ ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ۽ منصوره ۾ ئي دفن ٿيو.

## 415- عمر بن عبدالله هباري منصوري

هن بزرگ متعلق مولانا دين محمد وفائي مرحوم پنهنجي قلم سان ڪوبہ احوال نہ لکيو آهي. شايد لکن ها، مگر حياتي وفا نہ ڪئي. ان ڪري مشاهير سنڌ جي اصل متن ۾ هي صفحو خالي ڇڏيل آهي.

# 416- مخدوم محمد امين داسوڙي

هي موحد ڪامل درويش، ظاهر ۽ باطني علمن سان آراستہ هو. ارشاد الطالبين ۾ لکي ٿو تہ:

"ولی و مرشد زمان خود بوده ست و مریدان وی هم صاحب ذکر بودند و فیض تمام داشتند"

تحفة الڪرام ۾ آهي تہ:

مخدوم محمد امین کامل موحد وقت در موضع* داسوری از ارض پٽ باران در نزدیکها گذشته"

هي بزرگ باطني فيض ڏيڻ سان گڏ مدرسہ ۾ بہ پڙهائيندو هو جنهن ۾ ڪيترائي شاگرد ظاهري علم پڙهندا رهندا هئا.

نقل آهي تہ سندس شاگردن مان "ڪرپيو" نالي هڪ طالب علم هڪ هندو عورت تي عاشق ٿي پيو جو صبر قرار هن جي دل مان صفا الوداع ڪري ويو. مصيبت هي هئي جو ڪيس انهيءَ عورت جي ڏسڻ جو بہ موقعو ڪونہ ملي سگهيو ٿي، آخر ديدار کان محرومي جي مصيبت کان عاجز ٿي، اچي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ عرض حال بيان ڪيائين. پاڻ فرمايائونس تہ "صبر ڪري ويهہ!" ائين گفتگو ٿي رهي هئي تہ اها هندو عورت بي اختيار ڇڪجي اچي مدرسي ۾ حاضر ٿي، پوءِ پنهنجي شاگرد کي فرمايائين، جو ڪجهہ ڏسي ونٽو سو ڏسي وٺ! اها زال ٿوري جهٽ بيهي وري هلي ويئي، شاگرد تان عشق جو اثر صفا زائل ٿي ويو.

نقل آهي تہ سندس گهوڙي کي ميڙايو هئائون، مگر پتو نہ ٿي پيو تہ ڪي آهي، الائي نہ! ان بابت پنهنجي هڪ شاگرد کي فرمايائون تہ گهوڙين پاليندڙ سوار کي وني اچ تہ اُهو اچي ڏسي ٻڌائي تہ ڇا آهي. اُهو ماڻهو ست اٺ ڪوهہ ڏاسوڙي کان پري جو ويٺل هو. شاگرد هو دل وارو، تنهن ڇيو تہ ڪير پيو پنڌ جا ڪشالا ڪاٽي، سو مراقبي ۾ ويهي، حال معلوم ڪرڻ لڳو.

---

* ڏاسوڙي جو ڳوٺ تعلقي ٽنڊو الهيار ۾ آهي، جتي مخدوم محمد امين جو مقبرو مشهور آهي.

ڪيس ڇاڻايو ويو گهوڙيءَ برابر ڍڪي آهي، مادي ٻهاڻ ڪاري ابلق پيٽ ۾ اٿس. مخدوم صاحب صبح جو ڏنو ته شاگرد ته ويو ٿي ڪونه آهي. پڇيائونس ته چو نه وٺين. عرض ڪيائين ته حضرتا، مان رات مراقبو ڪري گهوڙيءَ جي ڍڪڻ جو احوال معلوم ڪيو آهي. هن جي پيٽ ۾ ڪاري ابلق ٻهاڻ آهي. پاڻ شاگرد جي منهن تي چمات هڻي فرمايائين ته اها سڌ امين (مون کي) ۽ ٻين شاگردن کي ڪانه هئي ڇا، جو تون ٻڌائي رهيو آهين. وچ ۾ گهوڙن جي ڄاڻو کي وٺي اچ. چو ته ظاهري ڪمن تي ظاهري حڪم لڳايو ويندو آهي. (گلشن اولياء)

خواجه محمد حسن لواري واري کان نقل آهي ته بزرگ ڏاسوڙيءَ جو مرشد، دهلي جو رهاڪو هو ۽ هميشه دهلي ڏانهن سفر ڪري، مرشد جي زيارت ڪرڻ ويندو هو. جڏهن سندس وفات جو ويلهو آيو تڏهن فرمائڻ لڳو ته مون کي دنيا جو ڪوبه فڪر باقي رهيل ڪونه آهي. سواءِ هن جي جو جنهن جي چمار ايترو جتاءُ نه ڪيو وري مرشد جي زيارت لاءِ دهلي جو سفر ڪندو رهان ها، ۽ ان مان ڍؤ ڪريان ها. (صفائل الضمائر)

سندس شاگردن ۽ مريدن مان مخدوم صابر ولهاريءَ ۽ مخدوم ميڏنو نصرپوري مشهور عالم ۽ درويش ٿي گذريا آهن.

## 417- درويش صابر ولهاري[1]

هي عالم ۽ عارف درويش مخدوم محمد امين ڏاسوڙيءَ جو شاگرد ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ شاهه عنايت الله رضوي نصرپوري جو هم عصر بزرگ هو. هميشه ڏينهن جو روزو رکندو هو ۽ رات جو اُيو تي عبادت ڪندو هو. هميشه قرآن شريف جو درس ڏيندو رهندو هو. بزرگي ۽ پرهيزگاري ۾ تمام بلند درجي جو مالڪ هو. (تحفة الڪرام)

هو ننڍي چمار ۾ مخدوم محمد امين ڏاسوڙيءَ واري وٽ قرآن شريف پڙهندو هو. مسڪيني سبب ڪپڙا ڏاڍا سادا هوندا هئس. جنهن ڪري ڪوبه ڪيس ڪونه سڃاڻي سگهندو هو. هڪ رات مخدوم محمد امين کي

---

[1] ولهار جي ديهه هاڻي ٽنڊوالهيار تعلقه ۾ آهي، جتي مخدوم صابر جو مقبرو به آهي.

حضور رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم خواب ۾ کيس صابر جي استاذ جو لقب ڏيڻ فرمايو. صبح جو مخدوم صاحب پڇا ڪئي ته منهنجي شاگردن ۾ صابر ڪهڙو آهي. شاگردن جي جماعت تمام گهڻي هئي، پڇا ڪرڻ کان پوءِ هن کي هٿ ڪري مخدوم صاحب جي خدمت ۾ آندائون. مخدوم صاحب کيس پنهنجي آغوش شفقت ۾ ورتي، سندس ٿورو مجڻ لڳو ۽ ان کان پوءِ صابر جي وڏي تعظيم ڪندو هو ۽ سندس کاڌي پيتي جو انتظام به مخدوم صاحب جي گهران ٿيندو رهندو هو.

هڪ دفعي درويش اچا ننڍو هو ته سندس والده مدرسي ۾ صبح جو سڏي چوڻ لڳي "ابا صابر اچي پيٽ کاءِ" صابر اُن تي روئي چوڻ لڳس ته امان صابر به سڏين ٿي، وري کاڌي کائڻ لاءِ به ڪوٺين ٿي (يعني ته صابر کي بک ڏک ۾ هميشه صبر هوندو آهي، ان کي کائڻ لاءِ ڪهڙا ويهي سڏ ڪجن)

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سفر جي حالت ۾ مخدوم صابر جي ملاقات ۽ ديدار لاءِ آيو هو. ان وقت شاهه صاحب جون اکيون اُٿيل هيون، اکين تي سائي اگڙي لڙڪيل هئي. اگڙي مٿي ڪندي فرمايائون ته "اکيون اهو ساڳيون آهن نه جيڪو منهنجي دل ۾ هو."[1]

مخدوم محمد امين جي لاڏاڻي جو وقت جڏهن ويجهو آيو تڏهن درويش صابر کي سڏائي پنهنجي آغوش شفقت ۾ جهلي، منهن منهن سان ملائي، پوءِ هن بي بنياد جهان مان عالم جاوداني ڏانهن روانو ٿيو. پنهنجي سموري وراثت درويش صابر کي سونپي ويو. ان وقت جيڪي به ڪماليت وارا بزرگ مجلس ۾ موجود هئا، تن ۾ هڪ بزرگ مخدوم صاحب جي عزيزن مان به هو تنهن چيو دريا جوش ۾ آيو مگر سمورو وچي ولهار تي پلٽيو.

مخدوم صابر جي مريدن مان درويش فتن صاحب ڪمال تي گذريو آهي. سندس اولاد مان درويش معروف ۽ انهن جو فرزند ميان مقبول، وقت جا مشهور بزرگ ٿي گذريا آهن.

مخدوم صابر ولهاري جي وفات سن 1135هه ۾ ٿي گذري آهي.

---

[1] اهو تصو تفصيل سان منهنجي ڪتاب "لطف اللطيف" ۾ پڙهڻ گهرجي. (وفائي)

رحمة الله عليه رحمة واسعة

# 418- سيد ناگي شاھ لاڙائي

سيد ناگي شاھ لاڙائي بدين طرف تي گذريو آهي. درويش مستجاب الدعوات ۽ مجذوب حال فقير هو. هن جو تفصيل حال نظر مان نہ گذريو آهي. گلشن اولياء ۾ سندس ڪجھ ڪرامتون ذڪر ڪيل آهن، جن جو بيان هيٺ ڏجي ٿو:

(1) مخدوم عبدالرحيم گروهڙي، وقت جو هڪ وڏو عالم. اچا تصوف جي طريقي ۾ داخل نہ ٿيو هو تہ هڪ دفعي سيد ميان ناگي شاھ مجذوب جي خدمت ۾ پهچي دعا جو طالبُ ٿيو. فرمايائينس تہ ملا! تون مڙس آهين ۽ اڳتي هلي مڙس ٿيندين.

(2) سيد ميان ناگي شاھ جو زمانو ڪلهوڙن جو زمانو هو. انهي زماني ۾ ڍل نہ ڏيڻ ڪري ماڻهن تي سرڪاري وٽ پڪڙ ٿيندي هئي، جنهن ڪري هندو يا مسلمان انهيءَ قسم جا يڃي اچي سيد ناگي شاھ وٽ پناھ وٺندا هئا ۽ سرڪاري ڪامورن جي گرفت کان بچي ويندا هئا. سرڪاري ڪامورا جڏهن شاھ صاحب وٽ پاڻهن وٺڻ لاءِ ايندا هئا، تڏهن بازو ڏيڻ کان جواب ڪيڍي ڏيندو هو. انهيءَ زماني جي رواج موجب ڪاموري کي جيڪو بہ سرڪاري روزينو ملندو هو سو سيد صاحب پنهنجي هڙان ڏيندو رهندو هئس. پوءِ جيترا ڏينهن بہ اهو ڪامورو سيد صاحب وٽ ماڻهو موٽائڻ لاءِ ترسيو پيو هجي.

هڪ دفعي جو واقعو آهي تہ هڪ هندو سرڪاري قرض کان يڃي، اچي سيد ناگي شاھ جي پناري پيو. پوئتان سرڪاري چوڪيدار بہ ڪاهي اچي ڪيس پهتو ۽ سيد صاحب کي گهٽيوئي منٿون ڪيائين تہ هندو جي پاڻهن ڪيڍي ڏيو. مگر بلڪل رکو جواب ملندو رهيس. جنهن تي چوڪيدار چيو تہ سائين مون کي سرڪاري حڪم مليل آهي تہ ڪنهن بہ نموني ۾ هن هندو کي وٺي حضور ۾ حاضر ڪريان سو مان ڪڏهن بہ ڪونہ مڙندس. آخر هندو کي پڪڙي روانو ٿيو. اچا ٿورو قدم مس هليو تہ چوڪيدار جي

چيلهہ مان ٽاٽ اُيري نڪاءِ نڪتو. اُتي جو اُتي چيلهہ پڇي پوڻ سان ڪري پيو. ڏنو ويو تہ ڪيترا ڏينهن، اُتي هڪ ٻہر جي وڻ هيٺان پيو هو ۽ هندو تہ بروقت ئي موٽي اچي سيد صاحب جي خدمت ۾ ويهي رهيو.

مراد فقير نظاماڻي، جو سيد ناگي شاهہ جو مريد هو تنهن هڪ ڏينهن اچي انهيءَ چوڪيدار بابت عرض ڪيو تہ اگرچہ هن بي ادبي ڪئي آهي، پر هاڻي ڪيس معافي ملڻ گهرجي. سيد صاحب فرمايو تہ اسان ڪيس معاف ڪيو آهي. هن باهہ جي چلهي مان ٿوري خاڪ کڻي وڃي سندس چيلهہ تي مالش ڪريو تہ آرام اچي ويندس. آخر ٿيو بہ ائين جو ڪيري ملڻ سان هڪدم اُٿي کڙو ٿيو. جنهن کان پوءِ مريد ٿي، سموري ڄمار سندس خدمت ۾ رهندو آيو.

(3) ساڳي ريت هڪ ماڻهو سرڪاري مطالبي کان پڇي شاهہ صاحب جي خدمت ۾ اچي پناهہ گير ٿيو. سرڪاري ماڻهو بہ پوئتان پهچي ويس. سيد صاحب ياڙو ڏيڻ کان انڪار ڪيو. مگر سرڪاري ڪامورو زوري انهيءَ ماڻهو کي گهلي جهلي وٺي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. جنهن تي پاڻ غصي ۾ اچي، انهي ماڻهو جي ڪاموري کي ٻانهن ڏيندي فرمايائين ”وٺ هن پنهنجي ماءُ جي مڙس کي! ڏسون تہ ڪيئن ٿو وٺي وڃينس.“ ٻانهن وٺي اڃا ٿورو اڳتي وڌيو تہ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيو ۽ بدن مان رت وهي چڙهيس ۽ اتي ئي فوت ٿي ويو.

(4) هڪ شخص قوم اُڍيجو پنهنجي برادري وارن کان سڱ گهريو هو. مگر هو ڏيڻ تي راضي نہ هئا. جنهن تي هي شخص سيد ناگي شاهہ کي اچي سوالي ٿيو تہ ميڙ ٿي مون سان هلي. سيد صاحب هائو ڪري هن سان چڙهي هليو. چوڪريءَ (منگ) جي پيءُ جڏهن ٻڌو تہ سيد صاحب ميڙ ٿيو اچي، تڏهن ڊپ کان، ٻئي هڪ ماڻهوءَ سان چوڪريءَ کي پرڻائي ڇڏيائين. سيد صاحب جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي، تڏهن فرمايائين هن شخص گوهہ کاڌو آهي. زبان جو ويڻ وهي ويو. ٿوري عرصي کان پوءِ ڏٺو ويو تہ اهو ماڻهو چريو ٿي پيو ۽ گوهہ کائيندو رهيو.

(5) ميندار قوم وارن جو ٽالپرن سان انهيءَ زماني ۾ تڪرار ٿي پيو هو. جنهن تي مشهور شاهو خان ٽالپر کي ميندرن ماري وڌو هو. ان ڪان پوءِ راتو واهه ٽپڙ ڪٽي ڪڇ ڏانهن هليا ويا هئا. مگر پوئٽان قاتلن جا جيڪي بيگناهه عزيز هئا تن تي مير بجار خان ولد مير بهرام خان، جو ڪلهوڙن جو سرڪردو امير هو تنهن ميندرن جي برادري جا 50 ماڻهو حملو ڪري مارائي وڌا هئا. ان ڪان پوءِ گهٽي عرصي گذرڻ بعد سچا قاتل سيد ناگي شاهه وٽ اچي ملتجي ٿيا تہ اوهان وچ ۾ پئي ٽالپرن سان ناهه ڪرائي ڇڏيو! شاهواڻي ٽالپرن ڏانهن ميڙ تي چڙهي هليو. هوڏانهن ٽالپرن کي بہ پتو پئجي ويو تہ ميندرا سيد صاحب جي اوطاق تي آيل آهن. سو ڇا ڪيائون جو راتو واهه سيد صاحب جي اوطاق تي ڪاهي آيا ۽ سيد جي اوطاق ۾ ميندرن کي ماري روانا ٿي ويا. جنهن تي سيد ناگي شاهه کي ڏاڍو غصو آيو فرمايائين تہ هي ڇا ٿيو. هن جو عيوض مير بهرام خان ٽالپر جو سر آهي. ماڻهن عرض ڪيو تہ بهرام ڪهڙو گناهه ڪيو آهي؟ فرمايائين تہ هي شهواڻي ٽالپرن جي زور تي ناحق ڪري ويا آهن. تنهنڪري عيوض ۾ بهرام جي سسي گهرجي ٿي. آخر اهو سخن سچو نڪتو ۽ مير بهرام خان ٽالپر ميان سرفراز خان ڪلهوڙي جي هٿان شهادت جي درجي تي رسيو.

(6) هڪ ڏينهن مير بجار خان ٽالپر ولد مير بهرام خان ٽالپر سيد ناگي شاهه جي مريد خاص مراد فقير نظاماڻي کان پڇيو تہ ناگو شاهه جو هڪ ڏاڍو بيپرواهه مجذوب آهي، تو سان ڪيئن نهيو آهي. جيڪڏهن مون سان بہ ائين مشفق ٿي رهي تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي. مراد فقير چيو تہ سيد صاحب جو ريجهائڻ ڪو ڏکيو ناهي؟ مير پڇيس تہ سو ڪيئن؟ فيقر مراد چيو تہ مان پنهنجي ارادي کي ڇڏي سندس حڪم جو تابع ٿي رهيو آهيان. جيڪڏهن تون بہ ائين ڪندين تہ پوءِ نتيجو تنهنجي فائدي ۾ نڪرندو. جنهن تي مير صاحب چيو تہ منهنجي لاءِ اهو ڏاڍو ڏکيو آهي.

سيد ناگي شاهه ڪڏهن ڪڏهن جوش ۾ اچي رقص بہ ڪندو هو. بدن جو تمام ڏيرو هڏن جي مٺ هوندو هو. بدن تي هميشہ هڪ رلي ويڙهيل

هوندي هئس، جا ڏاڍي ٿلهي ۽ ڳري هوندي هئي ۽ رقص وقت محبت جي غلبي ڪان ايڏا ٽپا ڏيندو هو جو رلي سميت ماڻهن مٿان پيو ورندو هو.
(گلشن اولياء)

سندس وفات جو معلوم نہ ٿي سگهيو پر حالات مان ظاهر آهي تہ هو ڪلهوڙن جي زماني 12 صدي هجري جي درويشن مان آهي.

## 419- خواجہ محمد حسن لواري رحہ

عارف ڪامل عالم خواجہ محمد حسن ولد خواجہ محمد زمان ثاني ولد خواجہ گل محمد ولد خواجہ محمد زمان اول صاحب لواري.

ولادت 5 محرم 1235هہ لواري شريف ۾ ٿي. حڪيم مير نور علي لڪوي، جو هڪ وڏو ڪامل بزرگ هو، تنهن کي هن صاحبزادي جي ڄمڻ کان اڳ ڪيتريون بشارتون مليون ۽ الهام ٿيا هئا، جي پنهنجي مرشد زاده خواجہ محمد زمان ثاني سان بيان ڪندو رهيو ٿي.

مير نور علي شاهہ، خواجہ گل محمد صاحب جي خليفن مان لواري جي درگاهہ جي وڏن خليفن مان هڪ بزرگ ٿي گذريو آهي. ننڍپڻ جي چمار ۾ ئي سندس تعليم ۽ تربيت جو انتظام سندن والد بزرگ جي نظرداري هيٺ ٿيندو هو. مگر ظاهري علم تي ايڏو گهڻو شوق ڪونہ ڏيکاريندا هئا. جنهن تي سندس والد کي ان بابت ڪن فقيرن عرض ڪيو، فرمايائون تہ اڳ تہ هن جي پڙهائڻ جو ڏاڍو خيال رهندو هو. مگر هڪ دفعي حضور رسول الله ﷺ خواب ۾ فرمايو تہ هن ٻار جي علم پڙهائڻ جي ڪا ڳڻتي ڪانہ ڪر، اسين پاڻ هن جي معاملي کي سنڀالي وٺنداسين. جنهن کان پوءِ مون کان هن جي پڙهڻ پڙهائڻ جو خيال ئي لهي ويو آهي.

سندن والد بزرگ پنهنجي حياتي جي پوئين ڏينهن ۾ کيس پنهنجي رشد ۽ ارشاد جي گادي تي ويهاريو ۽ سڀني فقيرن کي وٺائنس بيعت وٺڻ جو حڪم ڪيو ۽ سندس وصال کانپوءِ حقيقي رنگ ۾ خلق خدا کي نقشبندي طريقي جي تعليم ڏيندو رهيو.

گهڻو ڪري وضو سان رهندو هو ۽ فرض، نفل ۽ سنتون باقاعده ادا ڪندو رهندو هو. ڪيڏي بہ سخت سردي پوندي هئي ۽ سفر يا بيماري جي

حالت ۾ گرم پاڻي نہ ملندو هون تہ سرد سان بہ ٺاهي ٺاهي وضو ساريندا هئا. وضوءَ سان گهڻو ڪري سنت جي بجا آڻڻ لاءِ ڏندڻ بہ ڏيندو رهندو هو. تهجد جا نفل ۽ سفر يا حضر ۾ ڪڏهن بہ قضا نہ ٿيس. سموري ڄمار ۾ کٽ تي نہ سمهندا هئا، پر هميشہ هيٺ فرش يا تڏو وڇائي آرام ڪندا هئا.

سٺي يا سٺيي کاڌي جو شوق ڪونہ هوندو هون، پر جيڪڏهن دعوت ۾ ڪو دوست سٺا طعام پيش ڪندا هئا تہ ان مان ٿورو گهڻو کائيندا هئا. پر نہ اهڙي شوق سان، جيئن سادي کاڌي ڏانهن رغبت رهندي هئن.

ٻن پهرن جي نماز کان پوءِ عالمن صالحن طالب علمن سان علمي مجلسون ڪندا هئا، جنهن ۾ صوفيانہ نڪتن ۽ فقهي مسئلن تي گفتگو ٿيندي هئي. رمضان شريف ۾ سمورو وقت تلاوت قرآن ۽ عبادتن ۾ گذرندو هو. خصوصاً پويون ڏهو رات ڏينهن هڪ رنگ ۾ عبادت ڪندا رهندا هئا. نفلي روزا بہ هميشہ رکندا هئا. ٻڍاپڻ ۽ ضعف جي زماني ۾ نفلي روزا نہ رکي سگهيا ٿي تہ بہ ذوالحج ۽ ڏهين محرم جو نفلي روزو ڪونہ ڇڏيندا هئا. رمضان شريف ۾ ساري سنياري مال جي زڪوات ادا ڪندا هئا. ۽ ٻيا نفلي صدقا بہ سواءِ ڪنهن حساب جي ڏيندا رهندا هئا.

هن بزرگ کي حضور رسول الله ﷺ سان خاص محبت ۽ عشق هو. سندن شان ۾ ڪيتريون نعتون، پنهنجي فرزند حضرت خواجہ محمد سعيدؒ کان منظوم ڪرائي ٻڌندا ۽ ان مان حظ حاصل ڪندا هئا. سموري ڄمار ۾ 16 دفعا حج جو سفر ڪيائون، جن مان پوين ٽن سفرن ۾ سندن فرزند عالم فاضل صوفي شاعر خواجہ محمد سعيد بہ شريڪ رهيو. هنن بزرگن جي وڏن جا بمبئي، ڪڇ ڀڄ، ڪاٺياواڙ ۽ عرب جي يمن ۽ حجاز جي علائقن ۾ تمام گهڻا مريد هئا، جنهن ڪري سندن حج جو سفر گهڻو ڪري انهيءَ زماني جي رستن جي لحاظ کان يمن مان ٿيندو هو ڇو تہ سڙهن وارا ٻيڙا انهيءَ واٽ کان جده ويندا هئا. خواجہ محمد حسن صاحب کان حج جي انهن ڇهن سفرن ۾ جيڪي ڪرامتون ظاهر ٿيون سي بيشمار آهن.

هي بزرگ ڪرامت جي اظهار کي چڱو نہ سمجهندو هو جنهن ڪري ان کان گهڻو احترام ڪندو رهندو هو. ڪتابن جمع ڪرڻ جو ڏاڍو

شوق هوندو هئس. حج جي هر هڪ سفر وقت سوين ڪتاب خريد ڪندا هئا يا نقل ڪرائي ويندا هئا. جنهن ڪري سفر جي ڪتابن ۾ عالمن جو گروهه ساڻس رهندو هو.

سندن هميشه اها آرزو هوندي هئي ته مديني شريف ۾ پيغمبر خدا ﷺ جي پاڙي ۾ پساهه پورا ٿين ته اُتي ئي هميشه لاءِ آرامي ٿجي. آخر پوئين حج وقت سندن اها آرزو پوري ٿي ۽ 63 سالن جي مسنون ڄمار ۾ مديني شريف جي اندر 7 صفر 1298هه تهجد جي وقت وصال لايزال سان وڃي مليا ۽ جنت البقيع ۾ خواجه محمد پارسا مشهور نقشبندي طريقي جي ڪامل بزرگ جي قبر جي پاسي ۾ دفن ڪيو ويو. سندن وفات حسرت آيات، تي سندن فرزند خواجه محمد سعيد بزرگ ڪيترين ئي منظوم تاريخون لکيون آهن، جن مان هڪ هيٺ ڏجي ٿي. جنهن جي هر هڪ شعر مان چار تاريخون حاصل ٿينديون. يعني ته جيڪڏهن هر هڪ مصرع کي شمار ڪيو ويندو ته به تاريخ سال نڪرندي جيڪڏهن ٻنهي مصرعن جا نقطن وارا حرف شمار ڪيا ويندا يا بي نقطه اکر ٻنهين مصرعن جا شمار ڪبا ته به جدا جدا سال تاريخ حاصل ٿيندو. اُها نظم هي آهي:

باعث اسرار ايزد ناف آهوئی کمال
قطب حد مصطفیٰ و مرشد افروز حال
زينت عرفان سبحان و مصلح حال ملوکه
فقر و دينش آمده بالا گه از سر مقال
شاه مصر راز الا و باقی و فانی فی الله
رهنما او تا دو قائد دل فروز اصحاب حال
قبلئه اَقطاب و مغنی شر هر دعویٰ عجب
ثانی فهم مجدد و سرور جاه و جمال
رازدار نقشبندان و مسعود اصفيا
تاج جوهر فرق مجمع دين ابداء مال

قاتل نفس و امل از طالب ره یار دل
پیش او رکاز معرفه حق عقل کل مال و منال
شاه باز معنی عرفان حق و نور ما
سرا رای هدی و مهدی زیبا خصال
قطب قیوم زمان و سر شگرف الاله
در صلاح فقر او ای دل زبان او تا دلال
او محمد هم حسن افروز با ثروه وحید
عالم افزا با محمد و با حسن سادر مثال
بود دائم تالی قرآن ز سر اصطفا
بهر گلزار فنا حق آن نسیم حد شمال
از لواری شد مسافران محقق ماه وهب
سوءِ طیبه و خیمه گه مرسل علی لایزال
ارجعی صد آه در طیبه بیامد هی خطاب
وائی با ایزد ثناؤ او کرده عریانی وصال
بهر او صد فرحت آمد زان و لیکن دان کهٔ واء
هست بهر جان من بس ناله ؤ فریاد بال
از من آمد صد فراقش آه و لیکن دان که او
آمد از کوثر بکف حوران دلا جامه زلال
هر همه عشاق برزد نفس واویل واء
از تصادم این فراق درد ده و هم و بال
صد هزاران مؤکنان افتاد بادل وصل در
صدر هزاران سینه کوبان و گل سفته دل ملال
کرد وا فردوس دائم باب جنت البقیع

پی قدوم او و من سر آمد صد فتال از دل کلال
از مکارم آن مکمل سال گفتا دل بقیع
وه وزیر اور ملتحق با مصطفیٰ و مهمان آل
بل همه مصرع وفات زان هدی حق سعید
هم بود منقوط و ناکاز مصرع بینش فک سال

### از حاجي محمد صديق ميمن نقشبندي بمبئي

بدیع گوهر قسیم احسان فهیم صوفی و قدیم معنی
کرم پناهی حمید دوران ایاز رحمان سراج دنیا
زهی مکرم کریم دائم حبیب برحق عیار از کی
سعید و اصفی منیر زیبا بزرگ مولی سعید عقبی

هن قطعہ تاريخ بابت شاعر مذڪور لکي ٿو تہ:

"ازین چار مصرعه تاریخی، صدها مصرعه تاریخی بر می آیند فتا ملوهم وفا فهموهم" يعني تہ هنن چئن تاريخي مصراعن مان سوين ٻيا تاريخي مصرعا بہ تيار ٿي سگهن ٿا. پر اُن ۾ غور ڪري پوءِ سمجهبو!

حضرت خواجہ محمد حسن لواري جي حالات ٿي سندس فرزند خواجہ محمد سعيد جو هڪ مفصل ڪتاب "صفائل الضمائر" نالي لکيل آهي، جنهن تان هي احوال نهايت اختصار سان ورتو ويو آهي.

## 420- مخدوم محمد مقيم ٻيلائي

محمد مقيم ولد مخدوم ميان سعدالله قادري اصل ديهہ لڪڙي جا وينل آهن. جا ٻنوري جي پرڳڻي ۾ هئي. محمد مقيم ٺٽي ۾ علوم حاصل ڪري، ان کان پوءِ ٺٽي جي مشهور عارف ڪامل خواجہ ابوالقاسم نقشبندي کان بيعت وٺي تصوف جي منزل طئي ڪري صاحب ڪماليت جو ٿيو. ٺٽي مان اچي ڳوٺ ٻيلہ سيد يعقوب شاهہ ۾ مقيم ٿيو. چون ٿا تہ هڪ دفعي انهي

ديهه جي ڪيتن ۾ اچي ڪُٺا لڳا جو فصل چٽ ڪري پيا ڇڏين. جنهن تي ماڻهن اچي مخدوم محمد مقيم کي استدعا ڪئي ۽ واريءَ تي دم ڪرائي، اُها "واري" وچي ڪيتي ۾ اڇلايائون، ڪٺن جو آزار لهي ويو. فصل پچڻ کان پوءِ ڪن ماڻهن ٽوروان آٽي مخدوم صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪيو. اها ڳالهه جڏهن سندن والد ميان سعد الله ٻڌي، تڏهن مٿن ڏاڍو ناراض ٿيو تہ ڇو ماڻهن کان اناج نذراني طور ورتائين. ان کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ لڪڙي ۾ وري ڪيس اچڻ جي اجازت نہ ڏنائين. مخدوم سعد الله کي وفات واري بيماري ٿي تہ هي نيڪ بخت فرزند ڏاڍي زاريءَ سان خدمت ۾ اچڻ جي اجازت گهري، مگر هن بزرگ فرمايو تہ هي لالچي ماڻهو آهي، اسان سان سندس ڪوبہ ڪم نہ آهيس، مگر سندس وفات کانپوءِ اُتي جي ماڻهن مخدوم مقيم کي آڻي سندس والد جي گادي تي ويهاريو ۽ جيتري بہ املاڪ يا مال اسباب هو سو هن جي حوالي ڪيائون.

(2)سندس عادت هوندي هئي تہ اسر جو مسجد ۾ مراقبي ۾ ويٺا هوندا هئا ۽ مسجد جي چؤطرف گهاٽا وڻ بيٺل هوندا هئا. جنهن ڪري صبح صادق ايرڻ جو پتوئي ڪونہ پوندو هو. پاڻ مراقبي ۾ گردن هيٺ ٿيل واري حالت ۾ ٻانگي کي چوندا هئا تہ اُٿي صبح جي ٻانگ ڏئي، هوڏانهن وڻن جي اونداهہ ڪري پتوئي نہ پوندو هو خاص ڪري ان حالت ۾ جو سندس گردن بہ هيٺ هوندي هئي، ماڻهن کي ان تي ڏاڍي حيراني ٿيندي هئي، ڪي ماڻهو تحقيقات ڪرڻ لاءِ مسجد کان ٻاهر وڃي جاچيندا هئا تہ برابر ان وقت صبح صادق اُيريل هوندو هو سندس اها ڪرامت ڏاڍي مشهور هوندي هئي.

(3) جواني جي زماني ۾ هميشہ جمعہ ڏينهن حديث شريف جو ڪتاب کولي واعظ فرمائيندا هئا، مگر پڇاڙي ڄمار ۾ وعظ ڪرڻ صفا ڇڏي ڏنائون. ان تي ڪنهن معتقد کانئن پڇيو تہ سائين ڪهڙو ڪارڻ آهي، جو هاڻي حديث جو وعظ ڇڏي ڏنو اٿو؟ فرمايائين تہ هڪ ڏينهن وعظ ڪري رهيو هئس تہ مسجد جي ٻاهران ڪن بازيگرن اچي بازي وڄائي ۽ ڍولڪ وڄائڻ ۽ مسخريون ڪرڻ لڳا. جنهن تي حاضر مجلس هوريان هوريان تي

اوڏانهن ڪسڪندا ويا. فقط هڪ سيد سڳورو وڃي وعظ جي مجلس ۾ بچيو. مگر ڏٺم ته ان جي دل به بازيگر جي راند ۾ رڌي پئي آهي، هاڻي جڏهن هن زماني جي وعظ ٻڌندڙن جي اها حالت آهي، ته پوءِ وعظ ڪنهن ڪي ويهي ڪجي.

(4) جناب مخدوم محمد اسماعيل لاڙائي کان نقل آهي ته مخدوم محمد مقيم کي پنج روپيا روزينو غيب مان ملندو رهندو هو. هڪ ڏينهن اسان کي پنجن رپين جي گهرج ٿي، دل ۾ چيوسين ته اهو ڪم مخدوم محمد مقيم وٽان ٿيندو جنهن تي هڪ ماڻهو سندس خدمت ۾ موڪليو ويو.

مخدوم محمد مقيم انهيءَ ماڻهو کي چيو ته روڪ رپيا ته هن وقت موجود ڪونه آهن، باقي ڪارا پيسا ليندا. هن قلمدان ۾ ڏس ته ڪيترا پئسا پيا آهن. هن ماڻهو قلمدان جا پئسا ڳڻيا ته فقط هڪ روپيه جا نڪتا. عرض ڪيائين ته سائين فقط هڪ روپيه جا آهن. مخدوم صاحب فرمايس ته وري ته ڳڻي ڏس، پيهر ڳڻي ته ٻن روپين جا هئا. آخر ان ريت پنجن دفعن ڳڻڻ سان پنجن روپيا جا ٿيا. هن کي چيائين ته چڱو هاڻي اهي رپيا کڻي روانو ٿي.

(5) ٺٽي جي شهر ۾ ڪنهن هندو پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم جي صحابين سڳورن کي گاريون ڏنيون، جنهن تي ڏاڍو شور مچي ويو. مخدوم محمد هاشم جو زمانو هو. هن صاحب هندوءَ جي قتل ڪرائڻ جي فتوي ڏني ۽ هوڏانهن مخدوم صاحب جو همعصر وڏو عالم مخدوم ضياءُ الدين ٺٽوي ۽ ٺٽي جا ٻيا علماء هندو کي تعزير ڏيڻ جي راءِ ڏنائون.

ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حڪومت هئي، جنهن عالمن کي گهرائي مسئلي جي تحقيق ڪرڻ گهري، مخدوم صاحب محمد هاشم جيڪا قتل جي فتوي ڏني هئي، حاڪم اُن موجب حڪم جاري ڪيو ۽ ٻئي ڪنهن به عالم کان ڪجهه پڇيائين به ڪونه!

مخدوم ضياءُ الدين جو هڪ وڏو نامور عالم هو تنهن کي انهيءَ واقعي جو ڏاڍو افسوس ٿيو ته وقت جي حاڪم اسان کان ڇو نه پڇيو؟ انهيءَ تشويش دور ڪرڻ جي ارادي سان لڪڙي جي ڳوٺ مخدوم محمد مقيم وٽ

لنگهي آيو. ڪيس سموري ماجرا ٻڌائيندي فرمايائين ته اسان به عزت وارا عالم هئاسين، اسان کان حاڪم ڇو نه پڇيو؟ فقط مخدوم محمد هاشم جي چوڻ تي هندو کي قتل ڪرائي ڇڏيائين، هئاڏنهن شريعت موجب ان کي فقط تعذير ڏيڻو هو. هاڻي اوهان هن مسئلي جي حق يا ناحق جو فرق حضور ﷺ جن کان سمجهي، پوءِ اسان کي ٻڌايو ته سچ ڇا آهي؟

مخدوم محمد مقيم چيو ته حاضر انشاءَ الله تعاليٰ سڀاڻي اوهان کي جواب ڏيندس، جڏهن ٻيو ڏينهن ٿيو ته مخدوم ضياءُ الدين کي چيائين ته حضور رسول الله ﷺ فرمايو ته "ڏي کي مارجي ته ننهن اک رکي" از انسواءِ حضور رسول الله ﷺ اوهان تي گناهه جي ڇٽي به رکي اٿن. جنهن تي مخدوم ضياءُ الدين گناهه لاهڻ لاءِ فقيرن کي کاڌو کارايو مگر گناهه معاف نه ٿيو. ان کان پوءِ وري ٻي دفعي ڪفارو ڏنو يعني کاڌو کارايو پر اجا به ٽئين دفعي جو حڪم ٿيو جنهن کان پوءِ مخدوم محمد مقيم فرمايو ته هاڻي گناهه معاف ٿي ويو.

(6) مخدوم محمد مقيم کي سنڌس والد جي ورثي مان هڪ باغ ملڪيت ۾ آيل هو. پاڙي جي هڪ زميندار کي هن بزرگ سان خواه مخواه حسد ٿي پيوءِ ارادو ڪيائين ته ٺٽي جي نواب کي چغلي ڪري، مخدوم کان اهو باغ کسائي سرڪاري خالصه بڻايو وڃي. ڪن ماڻهن اها ڳالهه اچي مخدوم صاحب سان ڪئي، جنهن تي پاڻ فرمايائون ته اهو زميندار نواب وٽ پهچي ئي ڪونه سگهندو ته باغ ڪيئن کسائيندو. آخر ٿيو به ائين جو اهو ماڻهو نواب ڏانهن ٺٽي ويندي واٽ ۾ فوت ٿي ويو. جڏهن اها ڳالهه ٻڌائين تڏهن ڏاڍو ڏک ٿيس ته اهو باغ گهوريو. جنهن ڪري هڪ ماڻهو جي جان وئي هلي. ان کان پوءِ ڏنو ويو ته اُن باغ جا وڻ سڪڻ ۾ سڙڻ لڳا. سواءِ هڪ وڻ جي باقي باغ صفا ويران ٿي ويو. انهيءَ سائي وڻ کي هڪ مجذوب پاڻي ڏيندو هو ۽ تاتيندو هو. مجذوب چوڻ لڳو ته هي منهنجو وڻ آهي، ان کي سڪڻ نه ڏيندس. باقي وڻ مخدوم صاحب جا آهن، پلي ته اهي سڪي سڙي وڃن. (گلشن اولياء)

مخدوم محمد مقيم جي تاريخ وفات جو سال مقرر ڪونہ ملي سگهيو مگر سندس حالات مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو مخدوم علامہ محمد هاشم ٺٽوي جو همعصر 12 صدي هجري جي عارفن مان آهي.

# 421- درويش جان محمد چورنگائي

ميان جان محمد سنڌ جي ڪامل بزرگن مان ٿي گذريو آهي. سندس والد ٺٽي جو رهاڪو هو ۽ ٺٽي جي نوابن وٽ خاص منشيگيري جو ڪم ڪندو هو ۽ شاهي خط هي صاحب ئي لکندو هو. ميان جان محمد، پاڻ ڪي فقط جاني جي نالي سان سڏيندو هو. هڪ ڏينهن فرمايائين تہ جاني جي ماءُ ٺٽي جي مغلن جي ٻانهي هئي ۽ سندس پيءُ قوم جو ملاح هو ۽ ٺٽي جي نواب وٽ منشي جي عهدي تي هو. هن عارف ڪامل جون ڪرامتون تمام گهڻيون آهن. دنيا ۽ دنيا وارن سان گهٽ لاڳاپا رکندو هو. سندس وقت جو وڏو امير مير بهرام خان جو ڪلهوڙن جي حڪومت ۾ هڪ وڏو برک ماڻهو هو، سندس ڏاڍو معتقد هو ۽ سندس خدمت ۾ ايندو ويندو ۽ نذر نياز پيش ڪندو هو.

هن درويش جي عادت هوندي هئي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪا شيءِ آڻي ڏيندو هئس تہ ان کان پڇندو هو تہ ڪنهن ڏني آهي. جواب ۾ جيڪڏهن چيو ويندو هو تہ فلاڻي ڪي فلاڻي ماڻهو ڏني آهي تہ پوءِ وٺڻ کان انڪار ڪندو هو جو فرمائيندو هو تہ آءٌ هن ڪي ڪونہ سڃاڻندو آهيان. جيڪڏهن چيو ويندو هئس تہ الله تعاليٰ موڪلي آهي تہ پوءِ وٺندو هو ۽ چوندو هو تہ اڳ بہ اهوئي ڏيندو رهي ٿو.

(1) هڪ دفعي مير بهرام خان ٽالپر هڪ جبو ڪپهہ پيل ۽ اوني ڪمبل ميان شيخ محمد جي هٿان درويش ڏانهن موڪلي ڏنا ۽ چورنگائي جي زميندار کي لکي موڪليو تہ ان جي رسيد درويش کان لکائي موڪلجو. پر اها ڳالهہ بلڪل مشڪل هئي. ڇو تہ درويش ايڏو بي پرواهہ هو جو ڪنهن جي هن کي ڪابہ ڪاڻ نہ هئي، جو ويهي رسيدون لکي. آخر مير صاحب جي حڪم کي مان ڏيڻ لاءِ چورنگائي جو زميندار پنهنجن ٻارن

ٻچن سميت درويش جي در تي اچي ڏرڙو هڻي ويٺا ته مير جي موڪيل شين جي رسيد لکي ڏيو! جنهن تي فرمائين ته بهرام ڪير آهي؟ آءٌ ته ان کي سڃاڻان ئي ڪونه. اسان کي ڏيندڙ فقط الله تعاليٰ آهي، بهرام ڪير آهي. درويش انهي وڏيري جي ڳوٺ چورنگائي ۾ رهندو هو ۽ هن جو اهل عيال سمورا سندس خدمت ۾ هوندا هئا. جن جي منٿن ۽ ننگ وجهڻ تي رحم آيس. فرمايائين ته مس قلم ۽ ڪاغذ پرزو کڻي اچو جنهن تي لکيائين ته "يک قرطه پنبه و يک کمبل پشمينی به امر الاهی از دست شيخ محمد رسيد"

اها رسيد مير صاحب جي ماڻهو شيخ محمد جي حوالي ڪئي وئي، جو کڻي روانو ٿيو. ان ۾ ائين ڪونه لکيائين ته مير بهرام وٽان هي شيون آيون، پر وري بامرالاهي لکي پنهنجي ارادي يا عادت مان هڪ تر به نه هٽيو.

(2) هڪ هندو بقال ڪيترين مورين ڪنهن هٽان درويش ڏانهن موڪلي ڏنيون، جنهن آڻي خدمت ۾ پيش ڪيون. پڇيائين ته ڪنهن ڏنيون آهن. هن شخص جواب ۾ چيو ته فلاڻي بقال. فرمايائين ته آءٌ ڪونه سڃاڻانس ۽ وڃي ڪيس موٽائي ڏي جو هو اسان کي ڪڏهن به ڏئي نٿو سگهي. اهو ماڻهو مورين کڻي بقال وٽ موٽي آيو. اچي سارو معاملو بيان ڪيائين، جنهن تي بقال چيس ته هاڻي وري کڻي وڃ ۽ درويش کي وڃي چئو ته جناب من "الله تعاليٰ ڏنيون آهن" جڏهن انهن لفظن سان وڃي پيش ڪيائين ته درويش وٺندي فرمايو ته پهريان به هميشه اهو ڏيندو رهي ٿو.

(3) هڪ پاڙي واري عورت جي عادت هوندي هئي ته پنهنجي مينهن جو کير گرم ڪري روزانو درويش کي اچي پياري ويندي هئي. هڪ ڏينهن اتفاق سان مينهن جو ڦر مري ويو جنهن ڪري مڙڻ کان جواب ڏئي بيٺي. مائي درويش جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو ته سائين ڏيهاڙي مينهن جو کير، جو خدمت ۾ آڻينيدي هيس، تنهن جو ڦرڙو مري ويو آهي ۽ کير ڏيڻ کان لت هڻي بيٺي آهي. اهي لفظ ٻڌي درويش کي جوش وٺي ويو. چيائين ته مينهن مري ته چڱا، جي سندس ڦر مري ته منهنجو ڇا، مون کي کير الله تعاليٰ موڪلي رهيو هو، مان ته توکي به ڪونه سڃاڻان ٿو.

(4) نمرو فقير مونڪو جو گهڻو ڪري درويش جي خدمت ۾ رهندو هو. تنهن ڪان نقل آهي تہ هڪ ڏينهن صبح جي نماز ڪان پوءِ درويش فرمايو تہ اڄ شايد مير بهرام ايندو اسان انهيءَ انتظار ۾ هئاسين. پهر سج چڙهڻ وقت مير بهرام پيرين اگهاڙي درويش جي لوڙهي واري لانڍي ۾ لنگهي آيو. درويش مير کي ايندو ڏسندي چار پنج وکون استقبال لاءِ اڳتي وڌيو. مير سندس پيرن تي ڪري پيو جنهن کي ياڪر پاٿي ڏاڍي خوش خير عافيت ڪياٿون. مير صاحب ٿورو وقت ويهي هڪ بند ٿيل لفافو نذراني طور ڏيئي دعا گهري روانو ٿي ويو.

نمرو فقير چوي ٿو تہ اسان کي دل ۾ آيو درويش هوندي ڪيڏو لا ابالي رهندو آهي ۽ اڄ هڪ دولت مند ماڻهوءَ سان ڪيڏي نہ مرحبا ڪئي اٿس، جو سندس عادت جي بلڪل برخلاف آهي.

دوريش انهيءَ واهمہ تي واقف ٿي فرمايو تہ بهرام جي روح "الست" جي وقت بہ سجدا ڏنا هئا ۽ ان ڪان پوءِ پنهنجي لٽ سان انهي لفافي کي ٽڏيندي فرماياٿين تہ هن کي هٽان ڪڻ!

(5) هڪ سيد ڪاري رنگ شڪل جو ڏاڍو سادو هو جنهن تي ماڻهو عيب ڪندي، سندس سيد هجڻ جو انڪار ڪندا هئا. جنهن ڪري سيد سڳوري کي ڏاڍي ڳڻتي هوندي هئي ۽ پريشان رهندو هو. ڪنهن ماڻهو چيس تہ تون درويش جان محمد جي خدمت ۾ وڃ، جو صحيح ڪشف جو صاحب آهي، اهو توکي سمورو احوال ٻڌائي سگهندو.

سيد صاحب هن زبرگ جي خدمت ۾ پهچي، ملاقات ڪري ماٺ ۾ ويهي رهيو. درويش فرمايو تہ مينهن ڪاري آهي پر کير مٺو ۽ اڇو ڏئي ٿي. رات ڪاري آهي، پر هن ۾ ستاري جي صفت آهي. ان ريت هن جي سيادت ڏانهن اشارو ڪري ڇڏياٿين ۽ سيد صاحب کي ان تي اطمينان آيو جنهن ڪان پوءِ اتان روانو ٿي ويو.

(6) حافظ نمري ڪان نقل آهي تہ ڪنهن ماڻهو خواجہ محمد زمان صاحب لواري واري بزرگ جي حالت بابت اچي پڇيو. فرماياٿين تہ هو هن ملڪ جو سردار آهي. اها سرداري جي پڳ پهريان جاني (مون) کي ٽي پهرايائون

مگر جاني گهٽيون منٿون ۽ زاريون ڪري ان کان پنهنجي جند آزاد ڪرائي. هن قول جو مقصد آهي تہ درويش کي مخفي رهڻ ظاهر ٿيڻ کان بهتر آهي.

(7) ڪنهن ماڻهو کانئن دوزخ جي حقيقت بابت اچي پڇيو. پاڻ فرمايائون تہ دوزخ ڪجهہ بہ ناهي. هو تہ ڪٿي وارو ڪنيپ آهي، جنهن کي باهہ ڏئي ڪپڙن کي صاف ڪيو ويندو آهي. (ساڳي طرح گنهگار انسانن کي انهيءَ ڪنيپ ۾ ڌوئي صاف ڪيو ويندو). اهو قول رحمت جي غلبي کان آهي. هن بزرگ تي رحمت جي تجليٰ طاري هوندي هئي، جنهن ڪري انهيءَ قول جو قائل ٿيو آهي. اها جمالي تجلي آهي، جنهن ۾ جلال يا قهر کي ڪو دخل نہ آهي، جيڪو عاشق جلال کي نٿو ڏسي تہ دوزخ هن جي سامهون نٿو رهي.

اگر در دهد يک صلائی کرم
عزازيل گويد نصيب برم.

فائدو — اڳوڻن صوفين مان بہ محي الدين ابن عربي ۽ مولانا جلال الدين رومي جو ساڳيو مذهب آهي تہ دوزخ انسان جي گندگي جي ڌوئڻ لاءِ آهي. صاف ٿيڻ کان پوءِ سندس اصلي مرتبي تي پهچايو ويندو. محدث عالمن مان شيخ الاسلام احمد بن تيمہ ۽ حڪيم الامت شاهہ ولي الله دهلوي جو ساڳيو رايو آهي، جيڪو اسان جي سنڌ جي هڪ درويش جان محمد چورنگاري جي پيش ڪيو آهي.

هن بزرگ جي وفات جي مقرر تاريخ نہ ملي سگهي آهي پر سندس حالات مان ظاهر آهي تہ هو 12 صدي جي صوفين مان آهي.

## 422- ميان غلام شاهہ پيرزادو لاڙائي

هي بزرگ شيخ بهاؤالدين زڪريا ملتاني جي اولاد مان راڃي نظاماڻي جي ڳوٺ ۾ رهندو هو ۽ سندس حالت ڪنهن حد تائين مجذوب واري هوندي هئي. شروع جواني جي زماني ۾ مٿس طلب خدا جو ايڏو جذبو پيل هو جو سندس والد حيران هو تہ الائي جن آهيس يا ڪو ٻيو آسيب جنهن ڪري جن ڪيندڙ ماڻهو آڻي گڏ ڪندا هئا ۽ جن ڪيڻ جي ارادي سان ڪيس ڏاڍيون مارون ڪيندا هئا.

هڪ دفعي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي تلهار ۾ تشريف فرما ٿيو. ميان غلام جي والد پنهنجي پٽ کي آڻي شاهه صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪيو ۽ عرض ڪيائين تہ دعا ڪيوس تہ جن جو اثر هن تان لهي وڃي. شاهه صاحب ميان غلام ڏانهن ڏسي فرمايو تہ "خدا ڪري تہ اهڙو جن لطيف کي بہ وٺي." فرمايائين تہ هن جي پيرن مان زنجير ڪڍي ڇڏيو جنهن کان پوءِ حالت گهٽجي درست ٿيڻ لڳس.

هن درويش جي مستي واري حالت ۾ هي عادت هوندي هئي جو پنجر جيڏي وڏي ڪاٺي ڪلهي تي کنيو هلندو وتندو هو. جيڪڏهن گهوڙي تي سوار ٿيندو هو تہ بہ اها لٺ گهوڙي تي اڳيان رکيو ويٺو هوندو هو. جيڪڏهن ڪنهن هنڌ وڃي ويهندو هو ۽ ڪيس ننڊ جي ٿوري اوجهرا ڪي اچي ويندي هئي تہ چوندو هو تہ هتي جادو ٿي رهيو آهي. پوءِ اتان ٻئي پاسي ٿيندو هو.

ملاوي نالي نظاماڻي فقير کان نقل آهي تہ هڪ دفعي آءٌ ۽ ٻيا ڪيترا فقير، جن ۾ ميان غلام پيرزاده جو خاص مريد شادمان فقير نظاماڻي بہ هو پيرزادي سان رات جي وڳڙي ۾ پراڻ دريا جي پتڻ ٽپڻ لاءِ اچي پهتاسين. ميربحر ٻيڙي ڇوڙي روانو ٿي ويو هو.

ميربحر کي گهڻوئي چيوسين پر جواب ڏنائين تہ هاڻ رات پئجي وئي آهي. صبح جو ٻيڙي ڪاهي ايندس. جنهن تي پيرزادي فرمايو تہ مهاڻي ۽ ٻيڙي کي ڇڏيو. اچو تہ اتان هلي گهوڙن کي دريا ۾ وجهون جتان پاڻي ٿورو هجي. اميد تہ ٻيڙي کان سواءِ لنگهي وڃي پار پونداسين. پوءِ بہ ٿي وکون ڪٽي هڪ هنڌ هلي پوءِ ان جي ڪناري تي ٻيهي هڪ فقير کي چوڻ لڳا تہ تون اڳ ۾ ٿي. پوءِ پنهنجو گهوڙو پوئتان ڪري وڌائين ۽ ٻيا فقير بہ گهوڙن سميت ڪاهي پيا. پاڻي گوڏي سٽر تي آيو ٿي. هڪ گهوڙي سوار مسافر جو پريان اهو حال ڏٺو سو بہ گهوڙي سميت پوراڻ ۾ ڪاهي پيو. پيرزادي فرمايو تہ روڪيوس، نہ تہ ٻڏي مرندو. هو فقيرن جي رو ڪڻ تي نہ رڪيو. پوءِ تہ گهوڙي سميت ٻڏندي ٻڏندي مس بچي ٻاهر نڪتو.

پيرزادي غلام شاهه جي عادت هوندي هئي ته ڪاڏي لاءِ جيڪا شيءِ ملندي هئن ته ان ۾ ٿورو پاڻي ملائي پوءِ کائيندو هو. عثمان فقير نظاماڻي کان نقل آهي ته ميان غلام شاهه پيرزادو 8 سال خسرو محموداڻي جي قبرستان ۾ ويچي رهيو هو جتي منهنجو والد روزانو ڪيس پنهنجي هٿ سان ماني پچائي کير ڪٽي وچي ڏئي ايندو هو. هڪ ڏينهن ماني منهنجي ماءُ پچائي. پيرزادي صاحب ماني ڏسي منهنجي والد کي فرمايو ته اڄ ته هي ماني ماهواري ڏينهن واري زال جي پچايل آهي. ماني نه کاڌائين، فقط کير پيتائين.

حسام نالي هڪ فقير پيرزادي صاحب جو هڪ خاص مريد هو جنهن جو سمورو نمونو قلندرانه هوندو هو. هن کي هڪ گهوڙي مچندري نالي هوندي هئي. هڪ ڏينهن چوڻ لڳو اڄ مچندري چوي ٿي ته هن آڪڙي جي ڍنڍ ۾ ترنديس. هوڏانهن نه برسات جي موسم هئي ۽ نه وري ڪو آسمان تي ڪڪر هو. اوچتو ڪنڌي اچي ٿو اوچتو مينهن وسي. پوءِ آڪڙي ڍنڍ ايڏي وڏي پري، جو ان ۾ نظاماڻي فقيرن جون گهوڙيون بيٺل هيون، جي ڪلهوڙن کان ڦر ۾ هٿ آيون هيون سي سڀ ٻڏي ويون، باقي مچندوي سا سلامت تري ٻاهر نڪري آئي.

هڪ وقت اهو ساڳيو حسام قلندر مراقبي ۾ ويٺو هو ته اوچتو ڪنڌ مٿي ڪري الله جو اسم وٺي نعرو هنيائين. پوءِ چيائين ته هن وقت سيد ميان ناڳي شاهه جي روح جو پکي پاڪ جهان ڏانهن پرواز ڪري ويو. انا الله وانا اليه راجعون

حاضرين مجلس ان کان پوءِ ان ڳالهه جي جانچ ڪئي ته برابر ساڳي تاريخ ۽ ساڳي وقت سيد ناڳي شاهه جو وصال ٿيو هو.

پيرزادو غلام شاهه ۽ سندس مريد حسام فقير اهي سڀ 12 صدي جا درويش آهن.

## 423- حافظ ابراهيم ٺٽوي

قوم جو لاٺوٽ جو سنڌ ۾ هڪ ننڍي درجي جي ذات هئي. هو ٺٽي ۾ علم پڙهيو ۽ قرآن جو حافظ ٿيو ۽ وڏو نامور ٿيو.

تحفة الڪرام لکي ٿو تہ "بفيض علم بجانی تصاعد نموده که استاذ دارا شکوه ولد شاهجهان بادشاهه شده، نامی روزگار مانده.

يعني تہ علم جي فيض ڪري ايڏي ترقي ڪيائين جو شهزادي داراشڪوه ولد بادشاهہ شاهجهان جو استاد مقرر ٿيو ۽ زماني ۾ ڏاڍو نالو ڪڍيائين.

تاريخ وفات جو مقرر سال معلوم نہ ٿيو مگر شاهجهان جو زمانو يارهين صدي هجري آهي، جنهن ڪري هي بزرگ بہ انهيءَ صدي جي رجالن مان آهي.

## 424- مخدوم ابوالخير ٺٽوي

وقت جو وڏو فقيہ ۽ عالم مخدوم ابوالخير مخدوم فضل الله ٺٽوي جي اولاد مان آهي. فضل الله مرزا عيسيٰ ۽ سندس پٽ مرزا محمد باقي ترخان سنڌ جي حاڪمن واري زماني ۾ هڪ وڏو علامہ ۽ پرهيزگار ٿي گذريو آهي. هميشہ مدرسي ۾ پڙهائيندو رهندو هو ۽ وقت جا عام خاص ماڻهو سندس احترام ۽ عزت ڪندا هئا.

مخدوم ابوالخير هڪ وڏو هوشيار فقيہ هو ۽ سندس فقہ داني جو ايڏو بلند درجو هو جو سلطان عالمگير فتاويٰ عالمگيري جي جمع ۽ تاليف جو ڪم جن عالمن جي حوالي ڪيو ويو هو تن ۾ ابوالخير بہ شريڪ هو. ٺٽي ۾ ڪنهن زماني تائين سندس اولاد رهيو مگر هاڻي ڪنهن جو بہ پتو ڪونہ آهي. وفات جو زمانو 11 صدي هجري سمجهي سگهجي ٿو.

## 425- سيد حبيب مٽعلوي

سيد حبيب ولد سيد عبدالقدوس ولد سيد جمال ولد سيد عبدالڪريم بلڙي وارو. اسان جي سنڌ جي نامور شاعر سيد عبداللطيف ڀٽائي، هن سيد حبيب جو فرزند ارجمند آهي. سيد حبيب جي ولادت مٽيارين ۾ ٿي. ان کان پوءِ عزيزن جي اٿبٽت سيد هاشم شاهہ قلندر جي مشوري موجب اتان لڏي اچي ڀئي پور ۾ ويٺو جتي شاهہ عبداللطيف تولد ٿيو. ڀئي پور کان پوءِ ڪوٽڙي مغل ۾ اچي مقيم ٿيو. اُتي مرزا بيگ مغل جي سندس فرزند شاهہ عبداللطيف سان اٿبٽت ٿي پئي جتان نقل مڪاني

ڪري شاهه عبداللطيف جي مشوري سان پٽ جي واريءَ واري دڙي ڪي اچي آباد ڪيائون.

سيد حبيب شريعت جو پابند متقي ۽ پرهيزگار بزرگ هو ۽ هميشه ياد الاهي ۽ فڪر ۾ لڳو رهندو هو. تحف الڪرام ۾ لکي ٿو ته:

هو هميشه وجد ۽ حال ۾ هوندو هو. استغراق ڏاڍو رهندو هئس. چون ٿا ڪڏهن ڪڏهن سندس نامور پٽ سيد عبداللطيف سندس خدمت ۾ حاضر ٿي گفتگو ڪندو هو ته پڇندو هو ته ڪير آهين؟ جڏهن هو چوندو هو ته اوهان جو غلام عبداللطيف، فرمائيندو هو ته آءٌ ته ٻڌان ٿي نه پيو. وفات کان پوءِ سندس وصيت موجب پٽ تي دفن ڪيو ويو. شاهه صاحب جي مريد مخدوم محمد صادق نقشبندي سندس سال وفات هيٺئين عربي فقري مان ڪڍيو آهي:

"الموت جسر يوصل الحبيب الى الحبيب"

1124هه

يعني ته موت هڪ پل آهي، جو هڪڙو دوست ٻئي ڏانهن پهچي ٿو. تاريخ جو هي فقرو ڏاڍو ذومعنيٰ آهي.

# 426- ميان محمد حافظ فاروقي درازائي

هي بزرگ وڏو اهل الله ۽ صاحب ڪماليت جو هو. شريعت ۽ طريقت جو پابند پنهنجي وقت ۽ قادري طريقي جو ڪامل مرد هو. سندس سلسله نسبت سيدنا حضرت عمر رضه سان وڃي ملي ٿو. سندس والد جو نالو هو مخدوم عبدالوهاب. اصل سيوهڻ ۾ رهندا هئا. جتان سندس وڏو ڏاڏو مخدوم ابو سعيد لڏي گاگڙي (گڏيجي) ۾ اچي رهيو ۽ مخدوم جمار جو خليفو ٿيو جو صاحب غوث بهاءُ الحق زڪريا ملتاني جو خليفو هو. مگر مخدوم محمد حافظ سيد عبيدالله جيلاني جو مريد ٿيو ۽ قادري طريقي ۾ مريد ڪندو هو. مخدوم محمد حافظ ميان صاحب ڏني جي نالي سان مشهور هو ۽ شاهه عبداللطيف جي همعصرن مان آهي. هڪ دفعي سفر ڪندي شاهه صاحب جي درازن ۾ ملاقات ٿي، ان وقت ميان صاحب ڏنو شهر کان

ٻاهر ڪيڙن جي ويڙهہ ۾ رهندو هو. شاهہ صاحب فرمايس تہ يار ڪي لڪائڻ نہ گهرجي. آخر اتان ڪڍائي ٻاهر ويهاريائينس. انهيءَ جاءِ تي فقيرن جي رهڻ لاءِ جايون ٺهرايون ويون. مسجد ۽ کوهہ بہ ڪٽايو ويو جي اڄ تائين موجود آهن. ميان صاحبڏنو (محمد حافظ) کي ٻہ پٽ هئا. (1) ميان صلاح الدين (وفات 1200هہ) (2) ميان عبدالحق. گادي تي سندس مرشد سيد عبيدالله جيلاني هن ننڍي کي ويهاريو ۽ ميان صلاح الدين وڏي پٽ کي ڇڏي ڏنو. درازن جو مشهور سچل فقير صوفي انهيءَ ميان صلاح الدين جو فرزند ۽ ميان محمد حافظ جو پوٽو آهي.

خواجہ محمد حافظ جو زمانو ڪلهوڙن جو زمانو هو ۽ سندس وفات ڪلهوڙن جي بادشاهت جي پوئين ڏينهن ۾ ٿي. نَوَن سالن گهٽ هڪ سؤ سال ڄمار حاصل ڪري، هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيائين. جيئن تہ ڪنهن شاعر سندس تاريخ ولادت ۽ وفات ڄمار جي ورهين سميت هيٺين قطعي ۾ لکي آهي:

گل فردوس رحمت باغ فاروق
ز اسرار خدا واقف کماهی
ولایت او بود مشهور آفاق
ز فوق عرش اعظم تا بماهی
"محمد حافظ هادی" تولد
1101هہ
سنش "کامل" نقل مظهر الاهي
91 1192

# 467- خواجہ عبدالحق درازائي

خواجہ عبدالحق ولد مخدوم محمد حافظ عرف ميان صاحب ڏنو فاروقي هڪ مشهور درويش ڪامل، عارف ٿي گذريو آهي. سچل فقير درازائي جو مرشد ۽ ڇاچو سهرو هو. سچل فقير پنهنجي ڪلام ۾ بار بار هن بزرگ جي ڪماليت جي واکاڻ ۽ شڪرگذاري ڪئي آهي.

هو ميان محمد حافظ جو ننڍو پٽ هو. پر سندن مرشد سيد عبيدالله جيلاني هن کي سندس والد جي سامهون گادي جو حقدار مقرر ڪيو ۽ اهڙو پروانو بہ لکي حوالي ڪيو. مخدوم محمد حافظ کي فرمايائين تہ اوهان جي وڏي پٽ ميان صلاح الدين کي هڪ مجذوب الحال فرزند پيدا ٿيندو جو دنيا کي ترڪ ڪري ويهي رهندو تنهنڪري هن ننڍي کي گادي حوالي ڪجي ٿي تہ سندن پوين ۾ درويشي جو سلسلو هليو اچي.

هي درويش دنيا وارن سان ڪو واسطو ڪونہ رکندو هو جنهن ڪري ٽالپرن جي نئين شروع ٿيل حڪومت سان بہ ڪو لاڳاپو ڪونہ هئس. مگر هڪ دفعي حيدرآباد جو ڪو ديوان مير سهراب خان ٽالپر جو نوڪر هو جنهن کي پئسن کٽائڻ جي تهمت ۾ گرفتار ڪري قيد ۾ رکيو ويو. هندو ديوان جا عزيز ہي واهہ ڪانہ ڏسي فضل الله صديقي جهوڪ واري وٽ لنگهي وڃي ملتجي ٿيا تہ ديوان کي قيد مان ڪڍائي ڏيو. صوفي صاحب هڪ سفارشي خط ميان عبدالحق ڏانهن لکي موڪليو تہ هڪ بازو ٽالپرن وٽ ڦاٿي پئي آهي، سا ڇڏائي موڪليو. ميان عبدالحق پنهنجي پائتي سچل فقير کي پنهنجي دستار مان ٽوپي ڪڍي مٿي ۾ پارائي ميرن جي دربار ۾ خيرپور روانو ڪيو جو مير سهراب خان ۽ سندس پٽن جي ڪچهري ۾ وڃي پهتو. اُتي بندوقون تراريون ڏسي پڇڻ لڳو تہ ابا هي ڪهڙي ڪم جون آهن؟ چيائون تہ سائين هنن سان شينهن جو شڪار ڪبو آهي. فقير صاحب چيو تہ ابا شينهن ڪو مارڻ جو آهي؟ تڏهن درباري ماڻهن چيو تہ هي وري ڇا ٿا چئو؟ شينهن جا ڪيترا دفعا اسان هنن سان شڪار ڪيا آهن. فقير کي اُن وقت اهڙو جوش آيو جو سندس صورت ماڻهن جي اکين ۾ شينهن جهڙي ڏيکاري ڏيڻ لڳي، جنهن ڪري سيني تي دهشت ۽ هيبت ويهجي وئي، پوءِ تہ فقير صاحب کي هٿين پيرين پئي معافي گهريائون. فقير صاحب هندو ديوان جي بازو ڇڏائي پوءِ درازن ڏانهن روانو ٿيو. ان کان پوءِ ٽالپرن جو ميان عبدالحق ڏانهن اعتقاد ٿيو ۽ سندس خدمت ۾ ايندا ويندا هئا ۽ درازن جي جاگير بہ لنگرخاني جي خدمت لاءِ مقرر ڪري ڏنائون. هميشہ لاءِ ٽالپر هن درگاهہ جا معتقد رهندا آيا.

مياں عبدالحق صاحب 1138هہ ۾ جنم ورتو ۽ تمام وڏي ڄمار کي پهچي 1214هہ ۾ هن دارفاني مان رحلت فرمائي ويو.

### قطعہ تاريخ وفات

مرشد ڪامل حقيقت يار
وارث دين احمد مختار
گوهر بحر انہ و احد
ليس فی الدار غيره ديار
سال تاريخ اوست "مظهر حق"
ميم ما و من از ميان بردار

1214هہ

يعني تہ مظهر حق جي عدد مان 800 عدد ڪي ڪڍيو ويندو تہ سال تاريخ حاصل ٿيندو.

مياں عبدالحق جي وفات ڪان پوءِ سندس فرزند مياں قبول محمد سجاده نشين ٿيو جو پڻ هڪ خدا پرست، نيڪ انسان، نيڪ طبع صوفي هو. هن صاحب 1245هہ ۾ وفات فرمائي. ڪنهن شاعر سندس تاريخ هن ريت لکي آهي:

ماهتاب منير شمع نکو
عاشق جاءِ رحمت ايمان
عابدی بود فائض دارين
رحمت الله آيت سبحان
مظهر يمن اهل ذات حق
ڪاشف صدق عارف رحمان

1225هہ

مياں قبول محمد ڪان پوءِ سندس فرزند مياں نظر محمد گادي تي ويٺو جنهن پنهنجي رشد ارشاد جو وقت گذاري، سال 1252هہ ۾ وفات فرمائي.

## قطعہ تاريخ

مه برج ولايت اوج سرمد
که محڪم بود بر شرع احمد
پس از سال وصالش گفت هاتف
چراغ اوليا نظری محمد
1252ھ

ميان نظرمحمد کان پوءِ سندس فرزند ميان نجم الدين صاحب سجاده نشين ٿيو جنهن جي وفات جي تاريخ فقره "جلوه خورشيد حق" (1272ھ) مان نڪري ٿي. ان کان پوءِ فقير قبول محمد ثاني گادي نشين ٿيو جو اڱوڻن درويشن جو يادگار هو. تمام وڏي ڄمار کي پهچي سال ........ ۾ وفات فرمائي ويو.

سخي قبول محمد کان پوءِ گادي نشين رافضي ٿي چڪا آهن. سلسلو تصوف ۽ فقيري جو ڪونہ رهيو آهي. خواجہ عبدالحق صاحب جي وفات کان پوءِ مير رستم خان ولد مير سهراب خان ٽالپر هڪ وڏو گنبذ تعمير ڪرايو جو 1225ھ ۾ جڙي راس ٿيو. انهيءَ گنبذ جي تعمير جي تاريخ هيٺين ريت لکي اٿن:

والی ملک مير رستم خان
ابن سهراب خان عاليشان
دربرش خلعت مريدی شد
بر سرش قائم ست تاج شهان
هست آن مير طالب المولیٰ
داد او را خدا بلند مکان
صاحب کرم و صاحب وسعت
راضی ست دائما بر او رحمان
او بنا کرد گنبذ اخضر

هست آن روضه بهشت نشان
میکند هر که آستانه بوسی
همه مشکل شود بر او آسان
هست درگاه حضرت قادر
بارگاه رفیع مثل جنان
عام و خاصان جبین سایا نند
سر بمالند همچو صد خاقان
سال تاریخ جستم از هاتف
گفت روضه مقدس برهان

1225هـ

بتاریخ 6 ڊسمبر 49ع این همه قطعات از گنبذ و مقبر های شهر درازا نقل نمودم بمعیت حکیم مولوی محمد صادق صاحب رانیپوری (فقیر وفائی)

## 428- ميان عبدالله روحاني حڪيم لاڙائي

هي بزرگ سيد ميان عبدالڪريم بلڙي واري بزرگ جي مريدن جي سلسلي ۾ داخل هو. هو بيمارن جو هڪ عجيب نموني ۾ علاج ڪندو هو. لاعلاج مريض وٽس ايندا هئا تہ ڏس هميشہ بيماري جي ابتڙ ڏيندو هو. مگر الله تعاليٰ جي مهرباني ۽ سندس تصرف سان اهو ماڻهو چڱو ڀلو ٿي پوندو هو جن مان ڪي مثال هت ڏجن ٿا:

(1) سيد ميان مجن شاهہ جيلاني جي دوست ميان محمد عابد کان نقل آهي تہ سيد صاحب ڪي سلهہ جي بيماري ٿي پئي. مون ڪي چيائين تہ ميان عبدالله کان هن بيماري لاءِ دعا ۽ دوا ڪرائي وجي. اسان ٻئي ڄڻا سنيري نڪتاسين. اسان جي اچڻ کان اڳ ۾ هن بزرگ پنهنجي خادمن کي چئي ڇڏيو تہ اڄ پير صاحب سيد عبدالقادر جيلاني رضہ اسان وٽ اچي رهيو آهي، ان لاءِ سمورو بندوبست رهڻ جو ڪري ڇڏيو. جڏهن وٽس

پهتاسين، تڏهن بزرگ پاڻ هيٺ ويٺو ۽ سيد مجن شاهہ کي کٽ تي ڪٺي ويهاريائين. بيماري جو احوال پڇي، پوءِ هيٺيون نسخو تجويز ڪيائين. مکڻ هڪ دڪا، ڪارا مرچ 2 ماسا ملائي روزانو استعمال ڪيا وڃن. انشاء الله ڪنگهہ ڇڏي ويندي. ان مان فائدو پهچي تہ پوءِ ٻي ڪابہ دوا ڪم نہ آندي وڃي. ان ڪان پوءِ سيد مجن شاهہ پنهنجي ڳوٺ اچي مٿيون نسخو استعمال ڪرڻ لڳو ۽ بلڪل چڱو ڀلو ٿي ويو. ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ هالار (ڪانياواڙ) مان سنڌس ڪي مريد اچي نڪتا، تن اچي سيد صاحب کي چيو تہ اوهان جي بدن مان ڪنگهہ جي پوري طرح پاڙ ڪانہ پٽي ويئي آهي. جيڪڏهن گورخر جو ڦڦڙ هٿ اچي تہ ان مان دوائون تيار ڪيون وڃن تہ اهو ڏاڍو فائدو ڪندو. سيد مجن شاهہ ڪان ميان عبدالله جو چوڻ ئي وسري ويو جو ڪيس چيو هئائين تہ ٻي ڪابہ دوا ستعمال نہ ڪجو. گورخر جو ڦڦڙ گهرائي، ان مان دوا تيار ڪرائي ڪائڻ لڳو. نتيجو ڇا نڪتو جو ڪنگهہ مٿس غلبو ڪرڻ لڳي، بلڪل بستري داخل ٿي پئجي رهيو. مون کي پاڻ مان گهرائي سمورو احوال ڏنائين، جنهن تي مان ميان عبدالله جي خدمت ۾ آيس.

مان اجا سيد صاحب جو احوال ئي ڪونہ ڏنو هو تہ مثال طور هڪ نقل ٻڌايائين تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي فقيرن مان هڪ درويش اهڙو بہ هو. جنهن کي بک ڏک تي راضي رهڻ جي طاقت ڪانہ رهيل هئس. هڪ دفعي اَسر جي ويلهي، حضرت شاهہ صاحب وضو ڪرڻ جي ارادي سان ٻاهر نڪري ويو ۽ درويش بہ ساڻس ڪوئنرو ڪڻائي هليو جڏهن شاهہ صاحب پاڪائي ڪري واندو ٿيو تڏهن درويش کي فرمايائون تہ توکي بکن ڏاڍو ستايو آهي، هاڻي هن کبڙ جي وڻ مان، جتي پاڻ ويٺا هئا، ان ڏانهن اشارو ڪري فرمايائونس تہ ان کي هٿ اچي هڻندين تو توکي ماکي ۽ مکڻ ملندو رهندو ان مان ڍؤ تي ڪائيندو ڪر. مگر اها ڳالهہ ڪنهن سان بہ نہ ڪج، ڇو تہ ڳالهہ ڪرڻ ڪان پوءِ اها مينهن (کبڙ جو وڻ) توکي ۽ مون کي ڪڏهن بہ کير نہ ڏيندي. ان ڪان پوءِ اهو درويش روزانو اچي ان کبڙ مان ماکي ۽ مکڻ ڪائي ويندو هو. آخر رهي نہ سگهيو. هڪ ڏينهن پنهنجن ساٿين سان اها ڳالهہ ڪيائين ۽ اهو غيبي رزق ملڻ صفا بند ٿي ويو. وري ڪنهن وقت شاهہ

صاحب پاڪائي جي خيال کان اوڏانهن ويا ته ساڳيو درويش ڪرو ڪٽي سندس پوئتان هليو. شاهه صاحب وضوءِ پاڪائي کان واندا ٿي فقير کي فرمايو ته يار! اها نعمت وري هٿ ڪانه ايندي، پر هاڻي بک وٺيئي ته هن ڪپڙ جا پن کائي پورت ڪندو رهه!

اوهان به سيد مجن شاهه کي ٻڌايو ته بلڪل چڱ ڀلائي جيڪا اوهان کي حاصل ٿي هئي، سا ته موتي ڪانه ايندي، پر وري به جيڪڏهن ساڳيو نسخو استعمال ڪندا ته بستر ۾ پوڻ کان ڇوتڪارو لهندا. ان کان پوءِ ساڳيو نسخو مکڻ ۽ مرچ استعمال ڪرڻ لڳو. فائدو تمام گهڻو پيو پر مرض بلڪل بدن مان نه ويو.

(2) ساڳي ميان محمد عابد کان نقل آهي ته هڪ سيد ميان حيدر شاهه کي ڪا بيماري ٿي پئي، جنهن ڪري ڏاڍو ضعيف ۽ ڏبرو ٿي پيو. پنهنجي هڪ عزيز کي مخدوم عبدالله جي خدمت ۾ دعا ۽ دوا لاءِ موڪليائين. ميان عبدالله فرمايو ته 7 گهڙا نوان پاڻي سان ڀري، رات جو ٿڌ ۾ ٻاهر رکي ڇڏيو صبح جو ان سان تڙ ڪرايوس ته چڱو ڀلو ٿي پوندو انشاء الله تعاليٰ . هوڏانهن ميان حيدر شاهه جو هي حال هو جو نمازجو وضو به گرم پاڻي سان ڪندو هو. سندس عزيز جنهن کي اهو ڏس مليو تنهن اها ڳالهه نه ڪئي، فقط چيائين ته ميان عبدالله اوهان لاءِ دعا گهري آهي. ڏنو ويو ته سيد حيدر شاهه جي بيماري جيئن پوءِ تيئن وڌندي ويئي ٿي، آخر مون کي (محمد عابد کي) گهرائي چيو ويو ته تون وڃي اسان جي عزيز کان پڇ ته ميان عبدالله ڪا دوا به ڏسي آهي، يا نه؟. مان اچي سيد حيدر شاهه جي عزيز سيد عبدالواسع کان پڇيو. جنهن چيو ته ميان عبدالله ته 7 گهڙا ٿڌا سر تي هارڻ جي دوا ڏسي هئي. هوڏانهن ميان حيدر شاهه کي ٿڌي پاڻي مان سراسر نقصان پهچڻ وارو آهي، تنهنڪري مان اها ڳالهه نه ڪئي آهي. جڏهن ميان حيدر شاهه سان اها ڳالهه ڪيم. سيد حيدر شاهه کي ٿڌ جو ڊپ ته ٿيو پر ميان عبدالله جي فرمودي کي پوري ڪرڻ لاءِ ستن گهڙن جي بجاءِ ست ڪنگر پاڻي جا رات جي وِلهه ۾ رکائي صبح جو اُهي پنهنجي سر تي هارايائين. خدا جي حڪم سان شفا حاصل ٿيس.

(3) جناب خليفو محمود ڪڙئي وارو بزرگ فرمائي ٿو تہ اسان جي عزيزن مان هڪ ميان عبدالله فقير نظاماڻي کي اڌ رنگي جي بيماري ٿي پئي، جنهن ڪري منهن ئي ڦري ويس. جنهن کي ميان عبدالله جي خدمت ۾ وٺي آيا. ڏسي فرمايائين تہ ڪجھہ فڪر ناهي، هن کي ڀڙيان سنامڪي ۽ جرڦل جو جلاب ڏئي. پوءِ ٽڏي پاڻي ۾ 5 ٽبيون ڏياريوس، انشاء الله چڱو ڀلو ٿي پوندو. ائين ڪيو ويو. بزرگ جي برڪت ۽ الله جي فضل سان شفا لڌائين.

(4) حاجي ڪلائي نظاماڻي کان نقل آهي تہ آءٌ مخدوم محمد ميان عبدالله جي خدمت ۾ ويٺو هئس تہ هڪ بيمار خدمت ۾ آيو. سندن عادت هوندي هئي تہ ڀڙيان ان ماڻهو کان نذرانو مقرر ڪرائيندا هئا ۽ ان کان پوءِ دوا جو ڏس ڏيندا هئا. مون کي فرمايائون تہ هن ماڻهو تي نذرانو اڄ تون مقرر ڪر! جنهن تي مان ڏهہ روپيا مقرر ڪيا، مگر اُن منتون ڪري 5 رپيا مقرر ڪرايا. کيس سنامڪي ۽ جل ڦل جي جلاب جو ڏس ڏنائون. جڏهن چڱو ڀلو ٿيو تڏهن 5 پائليون يعني سوا رپيو ڪٺي آڻي خدمت ۾ رکيائين. پاڻ اهو موٽائي ڏنائينس. موٽي مس گھر پهتو تہ ساڳي بيماري اچي ورايس. جنهن کانپوءِ پورا 5 رپيا آڻي حاضر ڪيائين ۽ معافي بہ گھريائين، تڏهن کيس بيماري ڇڏي ويئي.

(5) ملا ماڪويو جو ميان عبدالله جو خادم هو تنهن کان نقل آهي تہ هڪ ٽالپر نوجوان، جو ميرن پاران ڪاردار هو سو سندن زيارت لاءِ آيو مگر هن کي اندر اچڻ ڪونہ ڏنائون ٿي ۽ هو ڪيترو وقت دروازي تي ويٺو رهيو. هن مون کي چيو تہ اوهان وچي ڪا سفارش ڪريو. ويهہ روپيا نذرانو بہ آندو اٿم. آءٌ ساڻن گستاخ هئس. عرض ڪيم تہ هي ڇا آهي جو فلاڻو ماڻهوڪيتري وقت کان وٺي پوري ارادتمندي سان دروازي تي ويٺو آهي. ان کي ڇو اجازت نٿا ڏيو. تہ اچي قدم بوسي ڪري. جواب ۾ فرمايائين تہ اهي دنيا جا طالب ڪتا آهن. آءٌ انهن کي اندر اچڻ نہ ڏيندس. آخر گھڻي منت کان پوءِ کيس هن شرط تي اجازت ڏنائون تہ اچي هٿ ملائي هڪدم واپس هليو وڃي، باقي ويهي ملاقات نہ ڪندو. هن کي اندر وٺي آيس. هن ويهہ رپيا نذرانو ڏيڻ گھريو پر ڪانئس نہ ورتائون ۽ ائين بيٺي بيٺي پوئين پيرين هليو ويو.

(6) پيرو فقير ڪان نقل آهي تہ آءٌ 5 سال سندس خدمت ۾ خدا شناسي لاءِ رهيو پيو هئس ۽ ڪوهہ جي ڳاڌي ڪاهڻ جو ڪم مون تي رکيل هوندو هو. سندن پوئين چمار جي وقت مون کي سڏائي فرمايائون تہ پيرو! منهنجو ارداو آهي تہ منهنجي وفات کان پوءِ تون منهنجي اوطاق کي آباد رکندو رهہ! يعني منهنجو جاءِ نشين ٿي رهہ تہ توکي پنهنجو سمورو اسباب سامان ڏئي ڇڏيان! عرض ڪيم تہ حضرت! آءٌ خدا جي طلب لاءِ خدمت ۾ آيو هئس نہ اوطاق ۽ سجاده نشيني لاءِ. فرمايائين تہ خدا بہ هتان توکي حاصل ٿيندو. عرض ڪيم تہ آءٌ ڪمزور ايڏو ڳرو بار کڻي نہ سگهندس. سيد سڳورن جو هن معاملي ۾ هٿ آهي، تن جو آئون مقابلو ڪري نہ سگهندس. جڏهن تمام پويون وقت ٿين، تڏهن سمورو سامان ميان حيدر شاهہ جي حوالي فرمايائون ۽ سندس وفات کان پوءِ سيد حيدر شاهہ اچي سموري ملڪيت تي قبضو ڪيو. اٽڪل چار هزار رپيا هڪ دري مان ڪڍيائون جو جدا جدا ڪپڙي جي اڳڙين ۾ ٻڌل هئا. ميان عبدالله جي عادت هوندي هئي، جو ڪوبہ ماڻهو نذرانو ڏيندو هو تہ ان کي پاڻ هٿ نہ لائيندا هئا، پر ان ماڻهو کي چوندا هئا تہ هن دري ۾ کڻي اُڇلايو. پاڻ انهن روپين کي خرچ بہ ڪونہ ڪندا هئا جو وفات کان پوءِ سيدن جي ڪم آيا.[1]

# 429- حافظ عبدالله درازائي

قادري طريقي جو صوفي عارف، قرآن جو حافظ ميان عبدالله صاحب اصل گڏيجي جو رهاڪو صديقي نسب جو بزرگ هو. درازن جي فقير ميان عبدالحق صاحب جي خدمت ۾ تصوف ۽ طريقت جا شغل حاصل ڪيائين. درازن جي مشهور صوفي عبدالوهاب عرف سچيڏنو جو استاذ هو جنهن وٽ فقير سچيڏني قران شريف حفظ ڪيو ۽ فارسي جا ڪتاب پڙهيا. حافظ عبدالله پنهنجي چمار جا سمورا پساهہ مرشدن جي درازي تي ختم ڪري، درازن ۾ وفات ڪئي. سندس مقبرو بہ اُنهن بزرگن جي قبرستان ۾ آهي.

---

[1] هي سمورا نقل "گلشن اولياء" تان نقل ڪيا ويا آهن.

### قطعہ تاريخ وفات

خادم صاحبان اهل الله
محرم راز عارف با الله
عرف اهل قريش صديقي
و اصل بحر ذات الال الله
جستم از عقل سال تاريخش
گفت از اسم حافظ عبدالله

1232هہ

## 430۔ سيد شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

سنڌ جو سدا جيئرو شاعر ۽ صوفي سڳورو سيد شاهہ عبداللطيف ولد سيد حبيب متعلوي ولد سيد عبدالقدوس ولد سيد جمال ولد سيد شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو قادري طريقي جو صوفي ۽ سلسلي جو مالڪ ٿي گذريو آهي. هن بزرگ جي ولادت 1102هہ ۾ ڀئي پور جي ڳوٺ تعلقہ هالا ۾ ٿي. جواني جي زماني ۾ ڏاڍا ڪشالا ڪاٽيائين ۽ رياضتون ڪيائين. هندو جوڳين سان هنگلاج ۽ گرنار جو سفر ڪيائين. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي ماڻهن کي فيض ۽ فائدو پهچايائين. ميان نور محمد ڪلهوڙو سنڌ جو حاڪم پهريان سندس مخالف هو مگر پوءِ سندس معتقد و موافق ٿي رهيو. ميان غلام شاهہ ولد ميان نور محمد، شاهہ صاحب جي مخلص معتقدن مان هو. سنڌي زبان جو جڏهن ملڪ ۾ اجا رواج ئي ڪونہ هو تڏهن شاهہ لطيف سنڌي ۾ نهايت اعليٰ درجي جو شعر چيو، جنهن ۾ تصوف ۽ توحيد جا باريڪ نڪتا بيان ڪيل آهن. سنڌ جي جن عاشقن جون ڪهاڻيون مشهور ٿيل هيون، تن کي شاهہ صاحب پنهنجي خاص انداز ۾ بيان ڪيو آهي. سندس مخلص دوستن ۽ فقيرن ان ڪلام کي هڪ هنڌ جمع ڪري درويشن جي ورونهن جو سامان پيدا ڪيو آهي، جنهن کي شاهہ جو رسالو سڏيو وڃي ٿو.

شاهه صاحب اگرچه هڪ خاص خيال جو موحد صوفي هو پر ان هوندي به هن جون. سندس همعصر عالمن ۽ مخدومن سان ملاقاتون ۽ صحبتون رهيون آهن. هو صاحب حال هو. سندس قلب هميشه ذڪر الاهي ۾ زنده رهيو.

شاهه صاحب ڀٽائي پنهنجي زماني ۾ تارڪ سڏيو ويندو هو. هن دنيا ۽ دنيا جي سيني وٿن کي هميشه لاءِ تياڳي ڇڏيو هو. اگرچه هو اصل ۾ مٽياري جي ساداتن مان آهي، پر سندس والد بزرگ ڀٽي پور ۾ رهيو ۽ اتان ڪوٽڙي مغل ۾ اچي مقيم ٿيا. ان کان پوءِ شاهه صاحب پنهنجي والد جي حياتي ۾ ڀٽ کي آباد ڪيو ۽ انهيءَ جاءِ تي فقيرن سميت رهڻ لڳو. سندس والد بزرگ جو مقبرو به ڀٽ تي آهي ۽ پاڻ به اُتي وفات ڪيائين. جڏهن وفات جو ويلو ويجهو آيو تڏهن هڪ ڏينهن سماع جي مجلس ڪٺي وئي، پاڻ پنهنجي حجري ۾ مراقبو ڪري "مونن" ۾ منهن وجهي ويهي رهيو. 3 ڏينهن اها مجلس قائم رهنديءَ آئي. ٽن ڏينهن کان پوءِ ڏٺو ويو ته سندس روح پرواز ڪري هليو ويو جنهن کان پوءِ کيس ليٽايو ويو ۽ سندس وصيت ڪيل ۽ ڏسيل جاءِ تي دفن ڪيو ويو. اهو واقعو 14 صفر 1165هه ۾ ٿي گذريو. مخدوم محمد ابراهيم هالائي سندس وفات جي تاريخ هيٺئين ريت لکي آهي:

شاهه صاحب اولو المواهب حضرت عبداللطيف<br>
آن که قطب وقت خود بوده است از مردان حق<br>
چون ز جام ارجعی مخمور نوش وصل کرد<br>
گفت ملهم غيب سال رحلتش رضوان حق<br>
1165هه

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي حالات ۾ منهنجو هڪ جدا ڪتاب "لطف اللطيف" احوال شاهه عبداللطيف نالي لکيل آهي. مفصل احوال اُن ۾ ڏسڻ گهرجي.

## 431- سيد قطب علي شاهه حيدرآبادي

سيد قطب علي ولد سيد فتح الدين بخاري اُچي، هڪ موحدانه رنگ ۾ رڱيل صوفي ٿي گذريو آهي. هن جا وڏا ٽالپرن جي زماني ۾ اُچ

رياست بهاولپور مان سنڌ ۾ اچي رهيا. حيدرآباد جي ٻاهران ٽنڊوجهانيان نالي هڪ ڳوٺ ٻڌائي ويٺا.

سيد قطب علي شاهه جي ولادت رمضان مهيني 1229هه ۾ ٿي. سندس والد پڻ صوفيانه خيالات جو بزرگ هو جنهن جي صحبت ۾ گهڻو ڪجهه پرايائين. ظاهري علم ايترو ڪونه پڙهيو هئائين، پر نفس کي تڪليفون ڏيڻ ۽ رياضتن ڪرڻ ۾ ڏاڍا ڪشالا ڪاڍيائين. سالن جا سال جبلن ۾ چلا ڪيندو ۽ ڏونگر ڏوريندو رهيو. ساڻس ڪن هندو مسلمانن فقيرن جي ٽولي به هوندي هئي. جبل جي سير وارن ڏينهن ۾ ڪنهن طرح فقيرن کي هڪ پٿر ٽڪرو هٿ آيو جو ٽامي سان لڳڻ ڪري ٽامي کي سون ٿي بڻايائين، جنهن کي پارس پٿر چئبو آهي. اها پٿري فقيرن سيد صاحب کي ڏني. پاڻ هڪ ابي چند هندو ساٿي کي کٽي ڏنائون. هڪ دفعي ڪين سنڌو ندي مان اڪرٽو پيو جڏهن ٻيڙي وچ ۾ سير ۾ آئي، تڏهن سيد صاحب ابي چند کان اهو پٿر ٽڪر وٺي کٽي دريا ۾ اڇلايو. فقيرن دانهون ڪيون ته سائين ڇا ڪيو؟ اهو ته پارس پٿر هو ڏاڍو ڪمائتو هو. سيد صاحب فرمايو ته اهو ڪوڙو ڏن ڪو انسان سان ساڻ هلندو ڇا، پر الله جو نالو ئي ساڻ هلندو جنهن ڪري ڪوڙ جي موهه ۾ ڦاسڻ نه گهرجي.

لس ٻيلي وارين ٻهاڙين ۾ هندن جي هنگلاج ۽ لاهوت ٻهاڙ ۾ ڪيترو وقت رهيو ۽ هندو جوڳين سان صحبتون ۽ سنگتون رهيون.

هن درويش تي اسلامي تصوف جي بجاءِ ويدانيت فلاسفي يا هندو تصوف جو زياده غلبو هو. سندس شاعري جو رخ به ويدانيت رنگ جو آهي. سنڌڪي سرائڪي ۽ هندئي ۾ سندس گهڻو شعر موجود آهي. هڪ هنڌ چوي ٿو:

ست گر ايسا پريم لگايا هے
پريم لگتے، اکيان کليان
هر جا درسن پايا هے
ستگر ايسی طاقی کولی
وسر گئی ہي سبھ ٻولی
هر جا هو هو پايا هے

ستگر ايسے کنجے ڦيری
وسر گئی هے تيری ميری
هر جا هڪو نام سمايا هے.

جڏهن سندس ڄمار چاليهن سالن کي پهتي، تڏهن سندس والد پيغام موڪليو تہ هاڻي موٽي ماڳ اچو جنهن ڪري هو وري پنهنجي وطن واپس آيو. هن دفعي سندس والد کيس ٻي شادي ڪرائي. ان کان اڳ واري ٻيبي فوت ٿي وئي هيس. ڪل کيس 3 پٽ پيدا ٿيا. انهيءَ زماني ۾ سندس والد بزرگ بہ وفات ڪري ويو.

سيد صاحب ظاهري طور شريعت جو بلڪل پابند ڪونہ هوندو هو جنهن ڪري مسلمانن جو ساڻس گهڻي حد تائين ڪوبہ لاڳاپو ڪونہ رهندو هو. حيدرآباد ۽ روهڙي جا هندو سوَن جي تعداد ۾ سندس مريد هوندا هئا. هنن سان رهاڻيون ڪندو هو ۽ سکني ۽ گيتا جو پاٺ ٻڌندو هو. هندو مسلمان جو ڪوبہ تفاوت ڪونہ رکندو هو. بلڪ هندو سندس گهڻو ويجها هوندا هئا. پنهنجي ڳوٺ ۾ رهڻ واري زماني ۾ اُتان وري ڪيڏانهن بہ ٻاهر ڪونہ نڪتو سواءِ هڪ دفعي، جو روهڙي جو مشهور سنت ڊاڪٽر روچنداس کيس دعوت ڏئي روهڙي ۾ وٺي آيو هو. ڪجهہ وقت اُتي ترسي پوءِ وري حيدرآباد پنهنجي ڳوٺ موٽي ويو. ان کان پوءِ وفات جي ويلي تائين پنهنجي آستاني کان ٻاهر پيرنہ ڏريائين.

سموري ڄمار سندس دستور هو تہ اڌ رات کان پوءِ مراقبي ۾ ويهي رهندو هو ۽ اسم ذاتي ڪمائيندو رهندو هو. هندو يا مسلمان فقير جيڪي ساٿ ۾ هوندا هئس، سي بہ اوجاڳو ڪندا رهندا هئا. ڪاڏو تمام ٿورڙو کائيندو هو ۽ گهڻو زمانو مسڪيني ۽ فاقن ۾ گذرندو رهيس ۽ ڪنهن کي سوال ڪونہ ڪيائين. آخر اها حالت بہ گذري وئي ۽ آخر عمر ۾ ڏاڍي فتوحات ٿي، جنهن ڪري گهر ۾ ننگر تي ڊؤ لڳا پيا هوندا هئا. دنيا وارن کين دولت آڇي، زمين آڇي پر پاڻ ان ڏانهن ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڪيائين.

ستانوي سالن جي ڄمار ڪي پهچي 16 ذي الحج 1328هه مطابق 22 ڊسمبر 1910ع جي هن دنيا فاني مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندس گادي تي سندس وڏي فرزند سيد روشن علي شاهه ڪي ويهاريو ويو. جن صوفيانه هندو طريقي سان گڏ شيعه مذهب اختيار ڪيو آهي.

سيد قطب علي شاهه جي حالات ۾ پروفيسر جهامنداس شڪارپوري مفصل احوال لکيو آهي، جنهن تان هي احوال ورتو ويو آهي.

## 432- خواجه محمد سعيد لواري

عالم فاضل، حافظ صوفي شاعر خواجه محمد سعيد بن خواجه محمد حسن بن خواجه محمد زمان ثاني بن خواجه گل محمد بن خواجه محمد زمان اول صاحب لواري. ننڍپڻ ۾ ئي بزرگي جا آثار ظاهر هئس. مولانا حاجي محمد عيسيٰ سانڌائي محدث فقيه وٽ ظاهري علومن جي تحصيل ڪيائين ۽ باطني شغل نقشبندي طريقي جا پنهنجي والد بزرگ خواجه محمد حسن صاحب وٽان حاصل ڪندو رهيو. خواجه محمد سعيد جي ولادت باسعادت 1263هه لواري ۾ ٿي. شروع ۾ ابتدائي تعليم سيد علي بخاري کان پڙهندا رهيا. جو سندس والد جو مريد ۽ مخلص هو ۽ ان کان پوءِ حاجي عيسيٰ سانڌائي وٽ مٿيان ڪتاب پڙهيائون. اجان 13 سالن جي ڄمار کي رسيو ته سندس والد بزرگ ٽيون دفعو 1276هه ۾ حرمين شريفين جي زيارت جي ارادي سان روانو ٿيو ۽ اُن وقت هن بزرگ کي پنهنجو جاءِ نشين مقرر ڪري پوءِ سفر حج تي روانو ٿيو. جيئن ته پنهنجي والد بزرگ جي سفر حج جي حالات ۾ لکيو اٿس:

”درين سفر مبارک حج •اين جامع را عمر سيزده سال ميداشت، در مکان معليٰ خويش (لواری) بشرط معاونت و استخارات تکاثرات جانشين کرده رفته اند باوجود صغر سن اجازه ارشاد طالبان داده اند و ازان جا از عرب شريف بعنايت نامجات ميناداخته اند“ (حقائل الضمائر)

هن مان ظاهر آهي تہ هو بزرگ ڇمنڊي ئي چار هو. مڪہ معظمہ مان سندس والد بزرگ ڪي خط ڪيس لکيا آهن، جن مان انهيءَ ننڍڙي ڄمار ۾ ئي سندس بزرگي ۽ خدا شناسي جو اندازو ڪري سگهجي ٿو.

هن خاندان جا بزرگ، اگرچہ نقشبندي طريقي جا پير آهن، جن وٽ همہ اوست جي بجاءِ همہ ازوست جو مسئلو تحقيق ٿيل آهي. مگر هنن وٽ همہ اوست ئي همہ ازوست کان وڌيڪ سمجهيل آهي، جنهنڪري هو مرشد جي ذات ۾ الاهي تجلي جو پرتوو ڏسندا آهن ۽ ان جو مريدن کي ڏس ڏيندا آهن.

خواجہ محمد سعيد جي والد پنهنجي خط ۾ مٿئين نموني جي ئي ڪيس تلقين ڪئي آهي. لکي ٿو تہ انهيءَ اعتقاد کان پوءِ فيض ۽ ڪشف جا دروازا کلن ٿا.

هن بزرگ 3 دفعا پنهنجي والد بزرگ سان گڏجي حج شريف جا سفر ڪيا.

(1) سال 1286هہ (2) 1292هہ (3) 1297هہ ۾ حرمين جي انهن سفرن جو بيان "صقائل الضمائر" ۾ تفصيل سان آندو اٿس. انهيءَ پوئين حج واري سفر ۾ مدنيہ منوره ۾ 7 صفر 1298هہ ۾ سندن والد وفات فرمائي ۽ ان کان پوءِ هي صاحب واپس وطن اچي مريدن ۽ مخلصن جي تربيت ۽ تلقين کي جاري رکندو آيو. عربي فارسي شعر جو هڪ ڪامل استاد شاعر آهي. سندس شعر گهڻو نعت ۽ تصوف جي رنگ ۾ آهي. حضرت رسول ﷺ سان هي خاص عشق جو انداز آهي. ڪيترييون نعتون پنهنجي والد بزرگ جي ارشاد موجب سفر حج ۾ چيل اٿس، جن مان مثال طور ڪجهہ هيٺ ڏجن ٿيون. عربي زبان ۾ مشهور مناجات "جد بلطفک يا الاهی" تي هڪ مثمن نعت لکيو اٿس، هن ريت آهي:

ای صبا الحب برخیز از من حیران ذلیل
تیز رو اندر حریم کعبهء رب جلیل
سبع اشواط طواف آور بجای قال قیل
نیز یک نفل طواف از عجز و شوق بی بدیل

پس عرض بنما که آن عاشق رسول تو جميل
گويد و آرد پناهه آن شفيع بی عديل
جد بلطفک يا الاهی من له زاد قليل
مفلس با الصدق يا تی عند با بک يا جليل

هي نعت عربي زبان ۾ آهي، جنهن جو منڍ هن ريت آهي:

حبک المصطفا يلا قينا
ذاک عما سواک يفينا
و هو کا النار لاهب فينا
اسال الله کي يعا فينا
حقک المرتضیٰ يعا فينا
را جيا ان نقول آ مينا
يا محمد لشانک الا وسع
اکرم الله ذکرک الا رفع
را جئا جئت مومنين اجمع
فار افو فی بحالی الا جدع
فی جميع المحال و المجمع
حبذا ان تقول آ مينا

انهن مناجاتن لاءِ لکي ٿو تہ سفر حج جي تياري وقت ڳوٺ لکيون هئم. سفر واري حالت ۾ سندن والد ٻڌندو رهندو هو ۽ فرمائيندو هو تہ:

که خيلی تاثير اجابت در اين هر دو مناجات آمده است. (صقائل)

خواجہ محمد سعيد صاحب علم وارن جي بيحد گهڻي عزت ڪرڻ فرمائيندو هو ۽ هميشہ ڪان وٽس وڏن وڏن عالمن جو مجمع رهندو هو ۽ عالمن کي تمام گهڻو مان ڏيندو ۽ ڊائي ڇڏيندو هو. خاص طرح انهيءَ زماني جي

مشهور عالم مولانا حاجي گل محمد صاحب شهدادپوري سان خصوصي لاڳاپا هئڻ ۽ هڪ ٻئي ڏانهن جيڪا سندن خط و ڪتابت ٿي آهي سا فارسي انشا پردازي جي لحاظ سان هڪ اعليٰ درجي جي فارسي انشا پردازي آهي. سندس فارسي علامه ابوالفضل اڪبري جي فارسي جهڙي، مگر ابوالفضل جي شاعري ۾ عربي لفظ گهٽ هوندا آهن ۽ خواجه محمد سعيد جي فارسي ۾ عربي لفظن جي گهٽي پرمار ڪيل آهي.

سندس فارسي شعر جو ڪجهه نمونو هيٺ ڏيڪارجي ٿو:

جاهل از اهل بلاغت رو شکنج را شد چه شد
جعل از خوشبوءِ گل گر سر مخدر شد چه شد
روز روشن شد قسم گاه خدا در و الضحیٰ
ظلمت افزا دیده بے نور شپر شد چه شد
قدر زر یا نقره را صراف داند نے شهان
کاسئه روئین پیشش صدرت زر شد چه شد
نیک دیدن خویش را بر همسران بس ابلهی است
از تکبر گردن افزا شاخ بے بر شد چه شد
حاسد از خود را به از استاذ داند نیست غم
بار مشک عود و عنبر و عطر بر خر شد چه شد
گل بود از آب لطافت زیب دیهیم شهان
خار در پهلوی گل شل گنبذگر شد چه شد
فضل بر پندار نبود بین که دستار حباب
بر رخ سیلاب شکل گنبذ گر شد چه شد
علم در قعر دل است و قال بر سطح زبان
خس بروئی یم اگر بالاءِ گوهر شد چه شد
زینت ظاهر گذار و زینت دل جو سعید
از دو تار موی پر طائوس افسر شد چه شد

خواجہ محمد سعيد کي ابجد جي حساب سان سال تاريخ ڪڍڻ ۾ وڏي دسترس هئي. سندس والد جي وفات ۽ خواجہ عبدالرحمان مجددي ٽڪڙائي جي وفات تي جيڪي تاريخي نظمون لکيون اٿس، سي لاجواب آهن. هي خاندان حنفي مذهب جو مقلد پر صوفيانہ رنگ ۾ حديث جو پيروي ڪندڙ هو جنهن ڪري جمعہ نماز کان پوءِ، آخر ظهر جون ٻہ رڪتون ڪونہ پڙهندا هئا ۽ انهيءَ مسئلي تي مولانا مخدوم فضل الله پاٽائي سان وڏا تحريري مناظرا ۽ رد قد رهيا. خواجہ صاحب پاران مخدوم صاحب جي جواب لکڻ لاءِ مولوي ولي محمد متعلوي مقرر ٿيل هو. عجيب رنگ ۾ فقهي تحقيقات جا حق ادا ڪيا ويندا هئا.

مولوي فيض الڪريم سانڌائي مون سان ڳالھ ڪئي تہ مون پنهنجي ڄمار ۾ جيڪي خدا ورا بزرگ ڏٺا، تن مان ٻن ماڻهن جو ڪوبہ ٻيو نظر ڪو نہ آيو: (1) خواجہ محمد سعيد لواري وارو (2) پير سيد رشيدالدين جهنڊي وارو.

خواجہ محمد سعيد بابت سندس چوڻ هو تہ ايڏو صوفي ۽ ايڏو عالم ڪٿي ٿو ملي سگهي ۽ ان سان گڏ سخي وري اهڙو هو جهڙس ٻيو ڪوبہ ڏسڻ ۾ ڪونہ اچي ٿو.

خواجہ محمد سعيد جون وحدت وجود جي مسئلي تي بعض فقهي سوالن تي وڏيون تحقيقي تحريرون آهن. جي هن وقت ناياب ٿي رهيون آهن. لواري جو ڪتب خانو بند آهي، جنهن ڪري ڪابہ شيءِ هن وڏي عالم عارف صوفي جي اسان تائين پهچي نٿي سگهي.

خواجہ محمد سعيد پنهنجي ڄمار ۾ ڪيئي حج ادا ڪيا. پويون حج 1223هہ ۾ ادا ڪري مدينہ شريف ۾ رحلت فرمائي ويا.

اِنا لله و انا اليه راجعون

## 433- قاضي جلال الدين سنڌي

سلطان اڪبر اعظم مغل جي زماني ۾ قاضي القضات جي درجي تي پهتو فقہ ۽ حديث جو وڏو عالم هو. منطق ۽ عقليات بہ چڱي ڄاڻندو هو. ديانتداري ۽ امانتداري جي وصفن سان مشهور هو. (طبقات اڪبري)

# 434- ملا موسیٰ سنڌي

هو سنڌ مان هجرت ڪري احمد آباد (گجرات) ۾ وڃي رهيو. سيد نظام الدين احمد بخشي سلطان اڪبر جي زماني وارن عالمن ۾ ذڪر ڪندي لکي ٿو ته:

"در احمد آباد بود، تقویٰ و رياضت انصاف داشت"

يعني ته پرهيزگاري ۽ صوفيانه ڪشالن ڪڍڻ جي وصفن وارو هو.

# 435- قاضي عثمان سنڌي

طبقات اڪبري ۾ هن بزرگ جو ذڪر به سلطان اڪبر جي زماني وارن عالمن ۾ ٿيل آهي، لکي ٿو ته:

"از فحول علماء بزهد و تقویٰ ممتاز ست در دهلی می باشد"

يعني ته وڏن عالمن مان، دنيا جي ترڪ ۽ تقويٰ ۾ بين کان مٿاهون آهي. هن وقت دهلي ۾ رهي ٿو.

# 436- شيخ جلال حجام سنڌي

طبقات اڪبري واري اڪبر اعظم جي زماني وارن درويشن ۾ هن جو نالو آندو آهي. هن ڪي فقه مجذوب سنڌي سان ياد ڪيو اٿس ۽ بيو ڪجهه به وڌيڪ ڪونه لکيو اٿس. درويش جي بيان ختم ڪرڻ کان پوءِ لکي ٿو مون انهن فقيهن ۽ محدثن جا نالا آندا آهن جن سان منهنجون ملاقاتون ٿيون هيون. ان مان گمان ڪيدي سگهجي ٿو ته شيخ جلال حجام سان سندس ملاقات ٿي هجي.

# 437- مخدوم جهان سنڌي

طبقات اڪبري ۾ سندس ذڪر هيٺين لفظن ۾ آيل آهي:

مخدومن جهان سندی درسیوستان ست، از فعول علماء بزهد و تقویٰ ممتاز ست

يعني تہ مخدوم جهان سيوهڻ ۾ رهي ٿو. وڏن عالمن مان آهي. دنيا جي ترڪ ۽ پرهيزگاري ۾ ممتاز درجو رکي ٿو.

# 438- شيخ عيسيٰ سنڌي برهانپوري

شيخ عيسيٰ بن شيخ قاسم بن شيخ يوسف محدث پاٽائي سنڌي، شيخ عيسيٰ ايرچ پور صوبہ برار جي گادي واري هنڌ 5 ذي الحج 962هہ ۾ تولد ٿيو. (تذڪره گلزار ابرار)

مولوي محمد صادق گچيرائي، "مصباح النجات شرح مفتاح الصلوات" ۾ لکي ٿو تہ شيخ عيسيٰ پاٽ ۾ تولد ٿيو هو. قاضي حبيب الله سيوهاڻي صديقي جو چوڻ آهي تہ شيخ عيسيٰ پاٽ ۾ تولد ٿيو ۽ سندن والد جڏهن برهانپور ۾ وفات ڪئي، تڏهن بہ پاٽ ۾ مقيم هو. ان ڪان پوءِ برهانپور ڏانهن هجرت ڪري وڃي اُتي رهيو. حقيقت هيءَ آهي تہ شيخ عيسيٰ جي ولادات ايرچ پور ۾ ٿي آهي. جيئن تذڪره گلزارِ ابرار ۾ ڪتاب جي مصنف خود شيخ عيسيٰ کان سندس ولادت جي روايت نقل ڪئي آهي. شيخ عيسيٰ کان روايت آهي تہ جڏهن آءٌ پنهنجي والده جي پيٽ ۾ هئس تہ ان زماني ۾ منهنجي والد جي استاد سڳوري خواب ۾ ڏٺو تہ اسان جي گهر حضرت سليمان پيغمبر عليہ السلام اچي مهمان ٿيو آهي ۽ هوڏانهن انهيءَ رات منهنجي والده خواب ۾ ڏٺو تہ اسان جي گهر ۾ هڪ وڏو درويش عالم مولانا يونس بہ ٽڪيل هو ۽ منهنجو والد بزرگ ايرچ پور کان ٻاهر ڪنهن ڳوٺ ۾ ويل هو. صبح جو منهنجي والده انهيءَ خواب جو بيان منهنجي چاچي بزرگ شيخ طاهر محدث سان ڪيو جنهن چيس تہ تنهنجي پيٽ مان جيڪو ڇوڪرو پيدا ٿيندو سو ٻنهي جهانن جي سڳوراين يا ڀلاين جو مالڪ هوندو. آخر چاچي بزرگ جي فيض وارن لفظن جو اثر نڪتو جو آئون هن دنيا ۾ تولد ٿيس.

منهنجو نالو عيسيٰ بہ منهنجي چاچي بزرگ رکيو. منهنجي چاچي جو چاچو ساڳي عيسيٰ نالي وارو هو. جو پڻ ٻنهي جهانن جي ڀلاين سان سينگاريل هو. قرآن جو حافظ ۽ علم قرائت جو ماهر سخاوت ۽ مروت ۾ وڏو مشهور روزگار ماڻهو هو.

منهنجو والد بزرگ جڏهن مسافري تان موٽي گهر آيو ته ڏهن پنهنجي استاد بزرگ جي خواب واري خيال کان هن ارادو ڪيو ته منهنجو نالو سليمان رکي، پر وڏي ياءُ جو ادب هو لحاظ هو جنهن ڪري منهنجو نالو عيسيٰ ٿي مقرر ڪيو ويو.

5 محرم سن ......... ۾ پدر بزرگوار جو پاڇو سر تان کڄي ويو جنهن کان پوءِ اسان عم مڪرم سان گڏجي اتان لڏي برهانپور خانديس ۾ اچي مقيم ٿياسين. سنه 985هه ۾ دل ۾ شورش پيدا ٿي ته ڪنهن واٽ ڏيکاريندڙ پير جي ڳولا ڪئي وڃي. ان مقصد کي سامهون رکي، سفر جو سندرو ٻڌي هڪ ساٿي ساڻ ڪري ڳولا ۾ روانا ٿياسين. ٻئي منزل تي ڪرلولاجي قصبه جي ويجها پهتاسين. ارادو هو ته ڪنهن آشنا دوست جي گهر ۾ هلي رهجي، مگر ٿيو ڇا جو انهيءَ ويجهڙائي ۾ رستو ڀلجي ويو. روهه ۽ رج ۾ ڏاڍو رولڙو ڏسڻو پيو. آخر پري کان هڪ ويران ڳوٺڙو ڏسڻ ۾ آيو دل ۾ سمجهيم ته هي قاتل پراڻا ڪپڙا جي بدن تي پهريل آهن سي به ڦرجي ويندا. آخر آئون ۽ منهنجو ساٿي دل ۾ دعائون گهرندا ڳوٺڙي جي ٻاهران پهتاسين، اُتي ڪي ماڻهو ويٺا هئا جن اسان کي ڏسي، اسان جي ڏاڍي دلجوئي ڪئي ۽ اسان کي ڳوٺ ۾ وٺي ويا، جو ڪجهه هنن کان پڄي سگهيو ان موجب اسان جي خدمت گذاري ڪيائون.

اسان جڏهن اتان هلي اُجين (مالوه) ۾ پهتاسين تڏهن شيخ راجي محمد قادر عيني جي درگاهه ۾ وڃي لٿاسين. ان زماني ۾ مالوه جا جاگيردار ۽ امير انهيءَ شهر جي ٻاهران ڪنهن ضروري ڪم لاءِ تنبو هڻايو ٽڪيا پيا هئا. شهر جي عالمن ۽ پيرن مون تي زور آندو ته آءٌ امير طبقي سان هلي ملاقات ڪريان. يعني ته مون کي علم پرهيزگاري، فقير ۽ فنا، مطلب ته جو ڪجهه الله تعاليٰ جي رضامندي لاءِ مون کي حاصل ٿيل هو تنهن کي هلي ٿورڙي تنخواه تي وڪڻان سبحان الله!

سيد حسن غوثي تذڪره گلزارِ ابرار وارو لکي ٿو ته جڏهن شيخ نوجواني جي زماني ۾ اُجين آيل هو تڏهن آئون به اُتي رهيل هئس ۽ سندس زيارت جو شرف حاصل ڪيو هئم. شيخ جي سرڪاري نوڪري ڪرڻ جي

برخلاف راءِ ڏني هئم. جنهن صورت ۾ شيخ عيسيٰ جي سرڪاري ملازمت جي ڪابہ مرضي ڪانہ هئي تہ ٻئي ڏينهن تي حاڪمن پاران ڪيس موڪل ملي وئي تہ هو هتان ڪيڏانهن بہ روانو ٿي سگهي ٿو.

شيخ عيسيٰ زباني طرح روايت ڪندي تذڪري وارو لکي ٿو تہ جڏهن آءٌ اُجين مان روانو ٿي سارنگ پور پهتس تہ شيخ عبدالملڪ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس جو اهو شيخ وجيهہ الدين گجراتي علوي جو خليفو هو. هن مون تي تمام گهڻي مهرباني ڪئي۽ معرفت جون ڳالهيون ٻڌايون. انهيءَ سفر ۾ منهنجو هڪ رفيق هٿ ڪان روندو هو. جڏهن ڪاڏو سامهون آيو تہ هن گوڏي مان روندڙو هٿ ٻاهر ڪڍيو. مذاق مان چيومانس تہ هڪ روايت موجب عيسيٰ سان گڏ تہ انڌو هجڻ گهرجي نہ روندو. ٿورو وقت انهن ڳالهين سان دل کي وندرائيندو رهيس. اتان جڏهن گواليار وڃڻ گهريم تہ مجذوب الاهي سيد ڪپور جي قبر تي وڃان. پر وري دل ۾ آيو تہ جيستائين حضرت غوث الاولياء (خواجہ محمد غوث گواليارِي) جي روضي تي نہ ويو آهيان، تيستائين ٻئي ڪنهن بہ هنڌ نہ ويندس. جڏهن حضرت غوث الاولياء جي روضي ۾ داخل ٿيس تہ دل کي ڏاڍو آرام آيو ۽ حظ حاصل ٿيو. ان ڪان پوءِ هميشہ حضرت غوث الاولياء جي روح کي فاتحہ هديو ڪندو رهندو آهيان، گواليار مان دارالسلطنت آگره ۾ پهتس. اُتي ملتاني علمي مدرسہ جو استاد ۽ خانقاهہ جو صوفي هو ۽ هن منهنجي چاچي رئيس المحدثين شيخ طاهر جا حالات پڇيا. ان وقت مولانا ابوبڪر عطاءُ الله ۽ حڪيم اسماعيل موجود هئا، جن کي ٻڌايائين تہ هي مهمان شيخ طاهر جو ڀائٽيو آهي.

ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دلداري ڪيائين. مون ڪجهہ ڏينهن پراڻي ڪائي وٽ ڪن دنيا جي تارڪ فقيرن سان گذاريو. روزانو ڪجهہ نہ ڪجهہ روڪ پئسا هٿ ايندا هئا جي ڪاڏي پيٽي جي ڪم ايندا هئا. دل ۾ شڪ پيدا ٿيو تہ شايد منهنجي درويشي الله تعاليٰ جي درگاهہ ۾ قبول نہ پيئي آهي، جو روزانو اميرن وانگي پيٽ ڀري ڪاڏو ملي رهيو آهي. هن آزمائش مان ظاهر ٿيو تہ ان نموني جي توڪل بہ ڳجهو شرڪ آهي.

قوت القلوب ۾ آهي تہ "التوڪل هو الفرار عن التوڪل" يعني توڪل جي معنيٰ آهي توڪل کان ڀڄي پري ٿيڻ. ان ڪانپوءِ حيرت ٿي تہ آخر توڪل ڇا کي چئبو آهي ۽ اُها ڪهڙي شيءِ آهي؟

آخر الله جي حڪم سان آگاه ڪيو ويو تہ اسم جي تجلي کي توڪل سڏيندا آهن. جيستائين درويش جي دل ۾ اُنهن ٻنهي اسمن جي تجلي جي جاءِ نہ ٿيندي آهي، تيستائين ان کي متوڪل يا توڪل ڪندڙ نہ چئبو آهي. آخر مان آگري مان روانو ٿي، برهانپور ڏانهن واپس وريس. هت پهچڻ کان پوءِ هڪ مظهر حسن حقيقي جي سونهن تي دل مائل ٿي پئي. محويت ۽ فنائيت جي هي حالت اچي بڻي جو ڪتاب پڙهڻ وقت صفحن ۽ حرفن تي فقط محبوب جو نالو نظر اچڻ لڳو. نماز جي محراب ۾ محبوب جي صورت مورتي بڻجي اچي اکيان بيهڻ لڳي. ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارا ادراڪ محبوب جي معلوم ڪرڻ کان ٻئي سڀ شين کان جواب ڏئي بيٺا. چکڻ واري قوت کير ۽ پاڻي ۾ سنڌو نٿي ڪيو ۽ ٻڌڻ واري طاقت نغمہ ۽ نوحہ (راڳ ۽ روڄ) ۾ فرق نٿي ڪيو. منهنجي اها حقيقت جڏهن منهنجي استاد ۽ چاچي شيخ طاهر کي معلوم ٿي، تڏهن فرمايائين تہ انهيءَ پهچ وارو ماڻهو جيڪڏهن ظاهري علم جي طلب ڇڏي، ڪنهن خدا واري جي دامن ۾ وڃي چنبڙي تہ جلد کان جلد مقصد ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو. منهنجي تہ هي حالت جو محبوب جي صورت ڪنهن بہ حالت ۾ جدا نہ ٿي سگهي ٿي، هزار دفعا لاحول ولا قوت پڙهندو هئس پر مجال جو اها ٽري وڃي.

اُن زماني ۾ حق جي طالبن جي واڳ شيخ لشڪر محمد عارف جي هٿ ۾ هئي. آءٌ سندس خدمت ۾ وڃي حاضر ٿيس، هن بزرگ فرمايو تہ پهريان 3 روزا رک چوٿين روزي تي توکي ذڪر جي تلقين ڏني ويندي، ذڪر جي نور سان اهو وسواس (محبوب جو تصور) ناس ٿي ويندو. مان حڪم موجب ائين ڪيو. اجا 3 ڏينهن جي روزي کولڻ جو وقت ئي ڪونہ آيو هو تہ منهنجي دل ان لاڳاپي کان هڪدم هٽجي وئي. مرشد جي تلقين واري پهرين ڏينهن ئي دل تي ذڪر اهڙي جاءِ اچي پڪڙي جو گهر ڏانهن موٽندي وقت بازار جي ڏيئن مان بہ الله جل شانه جي نالي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر

نٿي آيو. پهرين چاليهي جي منڊ ۾ ٿي سموري بدن جي عضون مان بلڪ هر هڪ وار جي پاڙ مان خيال جي ڪننن سان ذڪر پڌندو رهيس. ان ڪان پوءِ بہ ٻہ چاليها ويٺس، جنهن ۾ گهڻائي راز الاهي ڪلندا رهيا ۽ دوستن لاءِ ذخيرو ڪندو رهيس. هڪ دفعي فرمايائين تہ:

رمضان جي مهيني ۾ 1013هہ ۾ آءٌ اعتڪاف ۾ ويٺل هئس. مون کي دل ۾ آيو تہ هن وقت منهنجي دوستن کي جمعيت ۽ حضور حاصل آهي. ڪتاب حصن حصين ۾ هڪ حديث آهي تہ دعا جي قبوليت جو وقت آهي، هاڻ مون کي قبوليت جي ارادي سان دعا لاءِ هٿ کڻڻ گهرجن.

اجا اهو خيال دل مان نڪري زبان تي نہ آيو هو تہ مان حق تعالىٰ کي انهن سيني مظاهرن سان پڌري پٽ ڏٺم، جيڪي دل ۾ ايندا هئا، مگر ان هوندي بہ دل مان دور نہ ٿيو جنهن مان پانهپ جو درجو ثابت ٿئي ٿو.

شيخ عيسيٰ سنڌي، جڏهن پنهنجي مرشد شيخ لشڪر محمد عارف (وفات 993هہ) کان خرقہ خلافت وٺي برهانپور ۾ اچي رهيو تہ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو ڪانئس فيض پرائڻ لاءِ سندس چوطرف اچي جمع ٿيا. هو باطني ذڪر شغل ڏسڻ سان گڏ ظاهري علومن جو درس بہ ڏيندو رهندو هو. ظاهري ۽ باطني طالبن جو وڏو اجتماع وٽس رهندو ايندو هو. سندس مرشد جو شطاري طريقي جو وڏو پير ۽ شيخ محمد غوث گوالياري جو خليفو اعظم هو. تنهن بزرگ جون شيخ عيسيٰ سان حقيقت جي رازن ۽ رمزن جون ڳالهيون رهنديون هيون. شيخ عيسيٰ کي سندس وقت جا ماڻهو مسيح الاولياء، مسيح الزمان، مسيح القلوب ۽ حبيب الله جهڙن لقبن سان ياد ڪندا هئا. تذڪره گلزار ابرار ۾ گهڻو ڪري ڪيس مسيح الااولياء جي لقب سان لکندو آهي. مسيح الاولياء کان پنهنجي مرشد بزرگوار بابت هڪ روايت آهي تہ هڪ ڏينهن فرمايائين تہ عيسيٰ! هن وقت ڪثرت اعتباري حقيقت جو لباس ڍڪيو آهي ۽ حقيقي وحدت اعتبار واري پردي ۾ ڇپي پيئي آهي. هي دنيا (هن موجوده حالت ۾) ظاهر ٿيڻ کان اڳ حق جو عين هئي، ظاهر ٿيڻ کان پوءِ حق هن دنيا جو عين ٿي ويو آهي. شيخ عيسيٰ فرمائي ٿو تہ جڏهن مٿان اها حالت طاري ٿيندي هئي تہ پوءِ شيخ جنيد بغدادي جو هي شعر پڙهندا هئا:

و غنی لی منی قلبی
و غنیت کما غنی
و کنا حیث ما کانوا
و کانو حیث ما کنا

هڪ ڏينهن شيخ لشڪر محمد عارف تي سلطان بايزيد بسطامي واري ڪيفيت طاري ٿي وئي (جنهن ۾ بسطامي بزرگ فرمايو هو ته آءٌ پاڪ آهيان ۽ منهنجو ڪيڏو شان آهي.) مگر شيخ محمد عارف فرمايو ته اهڙي حالت وارد ٿيڻ ڪان پوءِ منهنجي زبان سبحاني (آءٌ پاڪ آهيان) جي چوڻ ڪان بچي وئي، ان وقت مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ کي گهرائي سندس مرشد پڇيو ته عيسيٰ! سبحان رَبي الاعليٰ (منهنجو پالڻهار وڏو پاڪ آهي) چوڻ بهتر آهي يا سبحاني الاعليٰ (آءٌ وڏو پاڪ آهيان) چوڻ نيڪ آهي، يعني ته سبحانک چوڻ چڱو آهي يا سبحاني؟ عرض ڪيم ته سبحانک چوڻ بهتر آهي.

شيخ لشڪر محمد عارف جي وفات کانپوءِ خود انهيءَ شيخ جا خليفا ۽ مريد شيخ عيسيٰ مسيح الاليا جي خدمت ۾ اچي فيض پرائيندا هئا. شيخ لشڪر محمد عارف جو فرزند شيخ ابو يزيد، جو وڏو ڪامل بزرگ هو روزانه صبح جو شيخ عيسيٰ جي وعظ ۾ شريڪ ٿي برڪت حاصل ڪندو هو.

سندس ولايت ۽ بزرگي جو ايڏو ڏاڪو هو جو خان خانان عبدالرحيم سلطان اڪبر جو سپهه سالار سندس خاص معتقدن مان هو ۽ برهانپور جڏهن ڪيس جاگير ۾ ملي ته گهڻو وقت شيخ عيسيٰ جي خدمت ۾ رهي فيض حاصل ڪندو رهندو هو. هڪ ڏينهن جو واقعو آهي ته خان خانان جو فرزند ايرج خان نوجواني جي زماني ۾ وفات ڪري ويو. سندس وفات گهڻو ڪري بکر (سنڌ) ۾ ٿي گذري. قاصد اها بد خبر کڻي برهانپور اچي پهتو مگر ڪنهن کي حوصلوئي ڪونه پيو ٿئي ته خان خانان تائين اهو اطلاع پهچايو وڃي! آخر شيخ عيسيٰ کي عرض ڪيو ويو ته هو پاڻ همت ڪري وڃي خان خانان عبدالرحيم خان کي هن دردناڪ واقعي جو اطلاع

ڪري. شيخ عيسيٰ پنهنجي حجري مان نڪري جڏهن خان خانان جي محلات ۾ پهتو تڏهن هو صاحب حيرت ۾ پئجي ويو. ڇو ته هو نه اچڻو نه وڃڻو سو ايڏي وڏي مرتبي جو بزرگ اڄ ڪيئن مون وٽ لنگهي آيو آهي. ڳالهه ۾ مڙيئي ڪو رولو آهي، جنهن ڪان پوءِ خان خانان سان تعزيت تسليٰ ڪئي وئي.

شيخ عيسيٰ جي معتقدن مان شيخ ابوالخير بن مبارڪ آهي، جو علامه ابوالفضل ۽ فيضي جو ننڍو ڀاءُ ۽ هڪ وڏو صوفي ۽ وڏو عالم هو. شيخ عيسيٰ جي بزرگي ۽ تصوف جي هاڪ ٻڌي سلطان اڪبر مغل اعظم سندس ديدار جو مشتاق ٿيو. جڏهن هو برهانپور ۾ منزل ٿيو، تڏهن شيخ جي ملاقات ڪان پوءِ ڪيس مجبور ڪري آگره ۾ وٺي آيو. شيخ عيسيٰ جي طبيعت تي بادشاهه سان گڏ رهڻ جو ڏاڍو بار هوندو هو. جنهن ڪان پوءِ خواب ۾ پنهنجي والد کي ڏٺائين ۽ آخر آگره مان بادشاهه رخصت ڏنس، جو وري برهانپور ۾ اچي مقيم ٿيو. ان خواب جو تفصيل شيخ عيسيٰ جي والد شيخ قاسم سنڌي جي حالات ۾ ڏسڻ گهرجي.

شيخ عيسيٰ جي مشهور خليفن مان هيٺين بزرگن جا نالا معلوم ٿيا آهن:

(1) شاهه ميران راز الاهي.

(2) شيخ عبدالقدوس.

(3) شاهه نعمت الله شيخ پوري حضرت فريدالدين شڪر گنج جي اولاد مان هڪ ڪامل الوقت جو عارف گذريو آهي.

(4) حضرت سيد مير ڪلان.

(5) خواجه علي مسيحي احمد آبادي.

(6) شيخ صدر جهان بن ابوالفتح دڪني (وفات 1014هه)

(7) شيخ اسماعيل بن ودود الله شطاري.

(8) شيخ حافظ صالح جاپانيري شطاري.

شيخ عبدالرحيم احمد آبادي (وفات 1005هه) جو وقت جي ڪاملن مان هو، سو به شيخ عيسيٰ جي ملاقات لاءِ ايندو ويندو هو. هڪ

ڏينهن هن برهانپور ۾ اچي، عام ماڻهن کي هڪ خوشخبري ٻڌائي تہ مون کي پيغمبر خدا خواب ۾ فرمايو آهي تہ شيخ وقت جو قطب آهي، آءٌ اها خوشبخري ٻڌائڻ آيو آهيان.

سيد احمد افغان بجواڙي، جو جهانگير جي زماني ۾ هڪ صوفي ۽ لکن مريدن جو مالڪ هو، تنهن کي شيخ محي الدين ابن عربي جي هڪ عبارت سمجهہ ۾ نہ آئي تہ ان جي شرح لاءِ شيخ عيسيٰ مسيح الاولياء کي خط لکي پڇيائين. عبارت جا الفاظ هي آهن:

"رايت ربی جالسا علی الکرسی و قام بين يدی و احاسبنی و قال انت ربی و انا عبدڪ".

شيخ عيسيٰ ان جو جيڪو جواب لکيو سو سموري وحدت وجود جي رنگ ۾ لکيل هو جو سيد احمد کي پسند نہ آيو. (گلزار ابرار جو مصنف لکي ٿو تہ شيخ عيسيٰ مسيح القلوب جو مان خط ڏٺو هو جنهن ۾ ابن عربي جي انهيءَ ڪشفي قول جي اهڙي عمدي تاويل ڪيل هئي جو شريعت ۽ طريقت جا جيڪي بہ ان باري ۾ اعتراض وارا ٿي سگهن ٿا، سي دفع ڪيا ويا هئا.

بر حرف هيچ کس منه انگشت اعتراض،
آن نيست کلک صنع که خط خطا کشد.

شيخ عيسيٰ پنهنجي رتبي ۽ علميت ۽ ڪماليت جي لحاظ سان ايڏي مرتبي جو ماڻهو هو جو ڪنهن شاعر سندس شان ۾ فرمايو آهي:

دو عسیٰ است فرخنده در نسل آدم،
يکی ابن مريم دوم ابن قاسم

هي ولي ڪامل ايترين ڪماليتن هوندي بہ ڪڏهن ڪڏهن شعر ڏانهن بہ توجہ فرمائيندا هئا. شعراءِ دکن جي تذڪرن ۾ ڪيس بلند پايہ جي شاعرن ۾ شمار ڪيو ويو آهي. سندس شعر جو نمونو هيٺئين ريت آهي:

ما شہ ملک جنون خاک بر سر افسر ما،
فوج طفلان ز پس و پيش بود لشکر ما،

## ايضاً

موي يوليده ڪه من بر سر دارم
سايئه دولت عشق است ڪه بر سر دارم

سندس تصنيفات مان جن جانالا گلزار ابرار ۾ آيل آهن سي هيٺئين ريت آهن:

(1) روضة الحسن (2) عين المعاني. اهي ٻئي رسالا اسماءُ الحسنيٰ جي معنيٰ ۽ شرح ۾ آهن. جن جو بيان وجودي صوفين جي رنگ ۾ ڪيل آهي.

(3) انوار الاسرار هن ۾ قرآن شريف جي ڪن آيتن جو صوفيانه صورت ۾ تفسير ڪيو ويو آهي. (4) رساله حواس پنجگانه. اهو رسالو شيخ صدر جهان پنهنجي هڪ خليفي جي عرض ڪرڻ تي لکيو هئائون. (5) اشارات غريبه. هن ۾ شيخ عبدالسعيد جلي جي ڪتاب انسان ڪامل جي ڪن مقامن جون سمجهاڻيون آهن. (6) شرح فارسي برقصيده برده (7) رساله قبلة المذاهب (8) حاشيه برشرح ملا جامي، اهو حاشيه پنهنجي فرزند عبدالستار جي شرح جامي جي پڙهائڻ وقت لکيو هئائين. مولانا عبدالغفور لاري ۽ شيخ عصام جي حاشين ڪان هن ۾ وڌيڪ سٺيون ڳالهيون آهن. (9) فتح محمدي در علوم بتعلق باالتفسير. اهو رسالو پنهنجي ننڍي فرزند شيخ فتح محمد جي پڙهڻ لاءِ لکيو هئائون. (10) تميمه شرح مائة عامل عربي پهريان اهو شرح مير فتح الله شيرازي شروع ڪيو هو مگر پورت تي نه پهتو. قاضي مير سيد علي نور الله، جو اڪبر اعظم جي فوج جو قاضي هو تنهن جي عرض ڪرڻ تي شيخ عيسيٰ روان شرح لکي پورو ڪيو. (11) رساله عقود. جنهن ۾ هٿ جي آڱرين جي عقدن تي تسبيح پڙهڻ جو بيان آهي (12) دو شرح دو رباعي يعني ٻن صوفيانه رباعين جا ٻه شرح. گلزار ابرار ان ڪان پوءِ انهن مان ڪن رسالن جون مختصر عبارتون پيش ڪري داد گهريو آهي، ته مسيح الاولياء ڪيڏي نه وڏي علم ۽ عرفان جو مالڪ آهي.

قاضي حبيب الله صديقي سيوهاڻي جي لکڻ موجب مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ کي 3 پٽ هئا (1) شيخ عبدالستار (2) شيخ شهر الله رمضان

(3) شيخ فتح محمد، مفتاح الصلوات جو مصنف. انهن مان شيخ شهر الله سنڌ ڏانهن موٽي اچي پاٽ ۾ مقيم ٿيو. جنهن جو اولاد سيوهڻ ۾ پاٽ وارا صديقي مخدوم آهن. باقي ٻيا پائر اتي ئي برهانپور ۾ رهيا.

حضرت شيخ عيسيٰ برهانپوري سنڌي 69 سالن جي ڄمار ڪي پهچي، برهانپور ۾ 13 شوال 1031هہ ۾ وفات فرمائي، اُتي ئي دفن ٿيو جتي سال بہ سال 13 شوال تي سندس عرس ملهايو ويندو آهي.

رحمة الله عليه رحمة واسعة

# 439- شيخ عبدالستار برهانپوري سنڌي

شيخ عبدالستار بن شيخ مسيح الاولياء عيسيٰ سنڌي، ظاهري ۽ باطني علوم پنهنجي والد بزرگ جي فيض صحبت مان حاصل ڪيائين.

رياضي ۽ ٻيا ڪي علم مرزا شڪر الله شيرازي وٽان بہ پڙهيو اهو شيخ شڪر الله ايران مان هندستان ۾ پهتو ۽ عبدالرحيم خان خانان اُن زماني ۾ برهانپور جو حاڪم هو ان جو نالو ٻڌي برهانپور پهتو تہ اُتي شيخ عيسيٰ مسيح الاولياء سان بہ ملاقات ٿي ويس. پوءِ تہ هن وڏي عالم ڪي هنن ٻنهي صاحبن جي صحبت پانءِ پئجي وئي ۽ برهانپور ۾ رهجي پيو جنهن ڪانپوءِ 1020هہ ۾ خان خانان سان گڏجي آگره ڏانهن هليو ويو. شيخ عبدالستار ننڍي ڄمار ۾ ئي تصوف ۽ خدا شناسي واري راهہ ۾ هلندڙ هو. رياضتون ڪندو ۽ نفس کي تسيا ڏيندو رهندو هو. هڪ دفعي رياضت جي ارادي سان کاڌو پيتو پاڻ تي بند ڪري ڇڏيائين. جڏهن اها سڌ سندس والد مسيح الاولياء کي پهتي تڏهن پنهنجي خاص خليفي ڪرد علي عرب هٿان گوشت جي شوربي جو هڪ پيالو موڪلي کيس آيت وما جعلنا هم جسداً لا يا ڪلون الطعام جي مضمون ڏانهن اشارو ڪيائينس. يعني تہ اسان انهن کي اهڙا بوتا ڪونہ ٺاهيو آهي، جو کاڌو ئي نہ کائين. جنهن کانپوءِ شيخ عبدالستار آهستي آهستي کاڌو کائڻ لڳو. شيخ عبدالستار پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ برهانپور جي سجادگي تي مقيم ٿيو.

هو اگرچہ پيدائش برهانپور جي هو مگر گهرو ٻولي پنهنجي ابن ڏاڏن وانگي سنڌي ڳالهائيندا هئا. جنهن ڪري سندن محلي جو نالو ئي سنڌي پوره هوندو هو.

سيد محمد هاشم خليفہ امام رباني جي زبدة المقامات ۾ لکيو آهي تہ شيخ عبدالستار سنڌي سان پنهنجي ملاقات برهانپور ۾ ٿي هئي، جنهن ڪان نقشبندي طريقي جي ٻين طريقن تي افضليت بابت سوال ڪيو هئائين، جنهن جي شيخ عبدالستار تصديق ڪئي هئي تہ منهنجو والد اڻين فرمائيندو هو ۽ اسان پاڻ انهيءَ طريقي ڏانهن مائل آهيون.

# 440- سيد حيدر حقاني بکري

عالم فاضل، عارف سيد حيدر حقاني لقب، سيد محمد مڪي رضوي جي اولاد مان هڪ وڏو صاحب ڪمال ٿي گذريو آهي.

سندس مقبرو روهڙي ۾ مشهور زيارت گاهہ آهي. مگر تحفة الڪرام ۾ لکي ٿو تہ بکر ۾ مقبرو آهيس. سندس لکڻ آهي تہ:

”سيد حيدر حقانی لقب درگاهش درون شهر محل اجابت زائر و سائر ست اولادش مذکور گردد“.

روهڙي ۾ جنهن موءِ مبارڪ جي زيارت ڪرائي ويندي آهي،تنهن بابت مشهور روايت آهي تہ ان جو ظهورو سيد حيدر حقاني جي هڪ خواب يا اندروني اشاري ڪانپوءِ ٿيو آهي.

محمد علي طالب تخلص موءِ مبارڪ جي ظاهر ٿيڻ جي واقعي تي هڪ فارسي نظم ۾ رسالو لکيو آهي، جنهن ۾ هو لکي ٿو تہ:

موءِ مبارڪ شيخ عبدالباقي بکري جي گهر ۾ ورثي طور پهتو هو مگر هو ان کي ظاهر نہ ڪندو هو سندس گهرواري وٽ هڪ تعويذ ۾ بند رکيو هوندو هو.

شيخ عبدالباقي صديقي بکري استنبول وڃي پهتو هو جتي هڪ بزرگ شيخ نجم الدين جي نياڻي سان سندس شادي ٿي، جنهن کي ڏاج ۾

سندس والد موءِ مبارڪ عطا ڪيو ۽ ان ڪان پوءِ هو پنهنجي بيبي سميت بکر اچي پهتو. ان کي ظاهر ڪرڻ کان پرهيز ڪندو رهيو.

گهڻي وقت کان پوءِ حيدر شاهہ حقاني کي اشارتاً اها ڳالهہ معلوم ٿي، جنهن عبدالباقي تي زور آندو تہ هو ان موءِ مبارڪ کي ظاهر ڪري.

طالب شاعر بکري ان واقعہ تي لکي ٿو تہ:

بود دران قلعه بكر بلند
قطب يقين مريد مهين ارجمند
شاه كه او حيدر حقانى ست
شيخ احد مصدر نورانى ست
مايه صد فيض ولى خدا
صاحب دين رهبر راه خدا
بود شريعت همه گفتار او
گشته طريقت همه كردار او
شيخ اجل عارف با الله خوان
قطب احمد عاشق الله خوان
سيد عالى شده رضوى لقب
بود ز آل شد فخر عرب
قلعه بكهر اگرش مسكن ست
در شهر لوهريش مدفن ست
قبه عاليش زيارت گه ست
در نظر ديده بصارت ده ست
نعمت عظمیٰ چو به بكهر رسيد
در دلش از غيب ندا در رسيد
آمد از درگه يزدان خطاب

هم ز شه احمد زينسان خطاب
کامده در شهر تو آثار فيض
شهر سراسر شده گلزار فيض
بنده باقی که بود هکهری
يا بر نزده چو بر و بگذری
زود خطابی برسان از منش
واقف از سر حقيقت کنش
تارفع پرده ز نور آورد
نعمت عظمیٰ بظهور آورد

هن نظم مان ظاهر آهي تہ سيد حيدر حقاني کي پيغمبر خدا صلي الله عليہ وسلم وٽان خطاب ٿيو تہ عبدالباقي بکري وٽ موءِ مبارڪ آهي. ان کي چئو تہ ان کي ظاهر ڪري اڳتي انهيءَ ڪتاب ۾ آهي تہ سيد صاحب جڏهن عبدالباقي وٽ پهتو تڏهن هن چيس تہ شرعي قاعدي موجب هڪ ماڻهوءَ جي شاهدي معتبر ناهي، تنهنڪري آئون قبول نہ ڪندس، ٻيو بہ ڪو شاهد هجي تہ پوءِ آئون وارمبارڪ ظاهر ڪندس.

ساڳي رسالي ۾ آهي تہ دربيلي جو مخدوم عبدالملڪ حج جي سفر تي ويل هو، ان کي انهيءَ سفر ۾ پيغمبر خدا ﷺ جو ارشاد ٿيو تہ بکر ۾ ميان عبدالباقي وٽ منهنجو وار مبارڪ آهي، ان کي وچي ظاهر ڪراءِ.

حج پڙهي مخدوم صاحب روانو ٿي اچي بکر ۾ پهتو ۽ پهريان اچي سيد حيدر حقاني سان ملاقي ٿيو. ان کان پوءِ ميان عبدالباقي وٽ لنگهي آيا ۽ کيس وار مبارڪ جي ظاهر ڪرڻ لاءِ چيائون، جنهن ڪيڏي ٻاهر آندو ۽ ان کان پوءِ هن جي زيارت ٿيڻ لڳي. جا اڄ تائين هلندي اچي ٿي.

اهو واقعو 952هہ جو آهي. ظهور نامہ موءِ مبارڪ ۾ فرمائي ٿو:

می رحمت آگهی از پاک نور
کا مده در سن کدا می ظهور

نه صد و پنجاه ز هجرت به بود
هم دو عدد سال بر انها فزود

اهو سال شاعر طالب بکري ڪتان هٿ ڪيو آهي، ان جو پتو ڪونہ پوي ٿو. صحيح آهي يا غلط ان جو ذمو مٽس آهي.

باقي شاهہ سيد حيدر حقاني جي وفات 1039هہ ۾ ٿي آهي، جا فقره "حامي شريعت" مان حاصل ٿئي ٿي.
1039هہ

ڪنهن شاعر هيٺيون قطعو بہ سندس تاريخ سال وفات تي لکيو آهي:

شاه حيدر که هست غوث زمان
هادی و فیض بخش عالمیان
سال معراج او خرد می جست
گفت دل "شکل مصطفیٰ ست" بدان
1039هہ

# 441- مخدوم عبدالرحمان ٺٽوي

مخدوم حاجي عبدالرحمان بن: مخدوم حاجي محمد هاشم ٺٽوي، صالح عالم فاضل، والد جو صالح فرزند، قرآن جو حافظ، وڏو عالم، صوفي، سندس ولادت 16 شوال 1131هہ ۾ ٿي آهي.

پنهنجي والد کان پوءِ سجاده نشيني جو ڪيس ئي شرف حاصل ٿيو. سندس والد جا مريد سنڌ کان ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ ۾ بہ پکڙيل هئا، جنهن ڪري هي بزرگ سنڌ کان ٻاهر مريدن جي هدايت ۽ تلقين لاءِ ويندو هو.

هڪ دفعي ڪاٺياواڙ جي علائقي جي ڪوتياڻي ڳوٺ ۾ پنهنجي معتقدن وٽ مقيم هو تہ اُتي 51 سالن جي ڄمار ۾ اجل جو قاصد اچي پهتو. 5 ربيع الاول 1182هہ ۾ هن دنيا فاني مان رحلت فرمائي ويو.

# 442- مخدوم عبداللطيف ٺٽوي

عالم فاضل محدث فقيهہ مخدوم عبداللطيف ولد حضرت مولانا مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ولادت 14 شعبان 1144هہ. پنهنجي والد بزرگ جي آغوش شفقت ۾ پرورش حاصل ڪيائين. قرآن جو حافظ، حديث جو وڏو عالم هو. فقہ ۾ يڪتاءِ روزگار هو. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ مدرسو سنڀالي ورتائين. روزانو ٺٽي جي مشهور مسجد جامع خسروي ۾ سڀ ڪنهن جمع جو پنهنجي والد بزرگ وانگي وعظ فرمائيندو هو ۽ عصر کان پوءِ درس حديث ڏيندو هو.

مير قانع، جو سندس همعصرن مان آهي، لکي ٿو تہ:

مخدوم عبداللطيف قائم مقام پدر، هر روز جمعہ در جامع مسجد خسروي مطابق قرارداد پدر مجلس وعظ نيک ميدارد و هر روز بوقت عصر در مسجد خويش، شغل درس حديث مي کند. و مدرسہ معروضہ را برپا ميدارد و در فضيلت اشهر انام ست. (تحفة الڪرام)

سندس شهرت جي هي حالت هئي جو وقت جا حاڪم مشڪل سوالن جو ڪانئس حل ڪرائيندا هئا. هڪ دفعي ڪلهوڙن جي راڄ ۾ مخدوم عبدالرحيم گروهڙي جي ڪن خيالن جي برخلاف حاڪمن وٽ دانهن وئي، جنهن تي ڪلهوڙي حاڪم مخدوم عبدالرحيم کي سمجهائڻ لاءِ خداآباد ۾ علمائن جو اجتماع سڏايو. جنهن جو سرڪردو مخدوم عبداللطيف صاحب هو.

مخدوم عبداللطيف بدعات جي رد ۽ حنفي مذهب جي نصرت ۾ ڏاڍو متشدد هو. هن علامہ مخدوم محمد معين ٺٽوي جي ڪتاب "دراسات اللبيب" جي رد ۾ هڪ وڏو عالمانہ ڪتاب "الذب الذباب" لکي پنهنجي علمي فضيلت جو ڏاڪو ويهاريو آهي ان کان سواءِ سندس ٻيا رسالا بہ تصنيف ٿيل آهن، ڇن مان هيٺين جا نالا معلوم ٿي سگهيا آهن: (2) حيات

العاشقين (3) الحجة البيضا علي مانع جوازالبناء عليٰ قبور المشائخ و العلماء (4) غايت المرام في تحقيق الحفر والد فن في الحرام (5) الشهاب الثاقب لرجم الڪاذب (6) فرائض الاسلام سنڌي پنهنجي والد بزرگ جي ڪتاب فرائض الاسلام عربي جو سنڌي ۾ ترجما ڪيا اٿس. هڪ مطول ۽ ٻيو مختصر آهي ۽ مختصر بمبئي ۾ ڇپيو هو.

مخدوم عبداللطيف 55 سالن جي ڄمار ۾ 17 ذي القعد 1189هہ ڌاري ۾ وفات ڪري ويو ۽ سندس قائم مقام مشهور بزرگ فرزند مخدوم محمد ابراهيم مڏئي وارو ٿيو جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو.

# 443- آخوند ٽارو بديٽي

فارسي زبان جو ڄاڻو ۽ انشا پرداز آخوند صاحبڏنو بديڻ ۾ ٿي گذريو آهي. هن جو نالو صالح آهي، مگر ماڻهن ۾ ٽارو جي نالي سان مشهور هو ۽ فارسي سيکارڻ ۾ مشهور هو. خاص طرح فارسي ۾ لکپڙه لاءِ هن وٽ شاگردن جو جهمگٽو رهندو هو.

سندس هڪ مجموعو خط اصلاح المتعلمين جي نالي سان يادگار آهي، جنهن جي منڍ ۾ لکي ٿو تہ:

ميگويد فقير پر تقصير تهارو (ٽارو) که نامش سواءِ اين عجمی از اول حروف مصراع اين ابيات پيدا و هويدا خواهد شد.

ص – صرف کردم در معاصی و جرائم روزگار

1- اشک ريزان ست چشم همچو اسک ابر زار

ل – لائق لطف لطيف انگه که از راه عطا

ع – حرف عفو خويش آرد پيش هر عيب خطا

هن مان سندس "صالح" نالو ظاهر ٿئي ٿو. ڪتاب جي ديباچہ ۾ لکيو اٿس تہ خطن جا ڪي مسودات منتشر ٿيل هئا. ڪن وفادار شاگردن ۽

چند معتقد ماڻهن جي چوڻ موجب گڏ ڪري سندن نالو اصلاح المتعلمين رکيم.

انهيءَ ڪتاب جو لکيل هڪ نسخو نظر مان گذريو جو 1244هجري جو دستخط قلمي نسخو هو. باقي آخوند ٺارو ڪهڙي زماني ۾ وفات فرمائي ان جو ڪو پتو ڪونہ پئجي سگهيو.

## دين محمد وفائي عفا الله عنہ

### يوم الجمعہ 9 شعبان المعظم 1367هہ

### مطابق 18 جون 1948ع

## تمت باالخير

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.